چونڊ سنڌي
ڪهاڻيون
(ڀاڱو ٢)

साहित्य

PARMANAND GHANSHYAMDAS
PRIVATE LIBRARY
Book No.........
BOMBAY-71.

چونڊ سنڌي ڪهاڻيون (ڀاڱو ٻيون)

PARMANAND GHANSHYAMDAS
PRIVATE LIBRARY
Book No.
BOMBAY-77

چونڊ سنڌي ڪهاڻيون

(١٩٧٨-١٩٤٧)

سمپادڪ

ڪرشن کٽواڻي
گنو سامتاڻي ۽
هريش واسواڻي

ساهتيه اڪاڊمي، نئي دهلي

Choonda Sindhi Kahaniyoon (Bhago - Biyo) :
(An anthology of Sindhi short stories after independence, 1947-78) compiled and edited by Krishin Khatwani, Guno Samtaney and Harish Vaswani, Sahitya Akademi, New Delhi. 1980

Price : **Rs. 15-00**

© **Sahitya Akademi, New Delhi**

First edition : 1980

Publisher :
Sahitya Akademi,
Rabindra Bhavan,
35, Ferozeshah Road,
New Delhi 110 001

Printer :
Sindhu Art Printers
12-c, Rusi Mehta Industrial Estate
41, Jairajbhai Lane,
R. S Nimbkar Marg,
Bombay 400 008

فهرست

ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ڪهاڻي

١. محمد ڳاڙيءَ وارو	رام پنجواڻي	١
٢. احسانمندي	گوبند مالهي	١١
٣. رعب	سگڻ آهوجا	٢٨
٤. منا ماڻهو... ڪتا سگهڙا	اي. جي. اتم	٤٣
٥. سنڌو	آنند گولاڻي	٥٣
٦. چنو ۽ مني	ڪيرت ٻاٻاڻي	٦٥
٧. داغ	پوپٽي هيراننداڻي	٧٦
٨. يادگيريون	ڪرشن کٽواڻي	٩١
٩. اڇا وار ڳاڙها ڳل	سندري اتمچنداڻي	١١٤
١٠. مرڪ ۽ ممتا	ڪلا پرڪاش	١٣١
١١. مان روئڻو آهيان	گوورڌن محبوباڻي	١٤٠
١٢. دستاويز	نارائڻ ڀارتي	١٥٤
١٣. هلندڙ بس مان ڪريل ماڻهو	موهن ڪلپنا	١٦١
١٤. ايمان	گنو سامتاڻي	١٧٧
١٥. ٻريا ۽ ڪرانتي	ڪي. ايس. ٻالاڻي	١٩٨

١٦. قرض جي درخواست — لعل پشپ — ٢٢٣
١٧. نه مرڻ جو ڏک — ايشور چندر — ٢٣٦
١٨. سنگمرمر ۽ ريشم جي ڪپهه — وشنو ڀاٽيا — ٢٥٥
١٩. نومبر جي آخري رات — آنند کيماڻي — ٢٦٥
٢٠. غوراب — شيام جئسنگهاڻي — ٢٧٦
٢١. سلسلو — هريش واسواڻي — ٢٨٧
ڪهاڻيڪارن جي واقفيت — ٣٠٠

'ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ڪهاڻي'

ڪهاڻي جيستائين ڪهاڻي آهي، ۽ جي اُن جي شروعات اوتري ئي پراڻي آهي، جيتري ڪ اِنسان جي، ۽ جي اَدبي صنف جي حيثيت ۾ اُها مغرب جي، البت هاڻوڪي ڏين آهي، گو قصي/ڪٿا جي روپ ۾ اُها اَڳوڻي شعر (شاهه) ۾ (ٻ) موجود آهي ۽ اَول کان ٿي هڪ لوڪ پريه چيز رهي آهي. اِهي، اُهي حقيقتون آهن جن کي سويڪار يا اَسويڪار ڪرڻ سان ڪو فرق ڪونه ٿو پوي- 'سنڌي' ڪهاڻيءَ لاءِ اِها ڪا خاطرخواهه پشت ڀومي ڪانهي، ان لاءِ.

پر سنڌي ڪهاڻيءَ کي پنهنجي جداگانه هستي آهي ۽ اُها ٻ پنهنجي هجڻ جو شديد اَحساس ڏياري، اهڙي. اِهو هڪ تواريخي حادثو آهي ته جڏهن سنڌي ڪهاڻيءَ پنهنجو حقيقي روپ اختيار ڪرڻ شروع ڪيو تڏهن جاتيءَ جي پڪوجودگيءَ ٿيڻ شروع ڪيو. ورهاڱي هڪ طرف جتي سنڌي اَدب ۽ ڪهاڻيءَ لاءِ هڪ زبردست وقتائتو تواريخي- سماجي حوالو ميسر ڪيو،

اُن آڳٽي ھلي اُن جي 'مخصوص' پس منظر جا امڪانات گھٽائي ڇڏيا. اِنڪري ورھاڱي ڪانپوءِ جي سنڌي ڪھاڻي پنھنجي ابتدائي حصي کي ڇڏي ڪن سماجي - تاريخي وارداتن سان سڌو ڳنڍيل ڪانھي. اِنڪري ئي ورھاڱي ڪانپوءِ جي سنڌي ڪھاڻيءَ جو جڏھن اڀياس ڪجي ٿو تہ اُن کي سنڌي جاتيءَ جي ڪن خاص حالتن جي پوروچوٽ ليکن ئي رکي سمجھڻ ڏکيو آھي. اُن ڪانپوءِ راشٽريہ ۽ اَنترراشٽريہ اَثر آھن، يا وچارڌارائون يا ڪلا آندولن آھن جن سنڌي ڪھاڻيڪارن جي ذھني ۽ ڪلاتمڪ سطح کي متاثر ڪيو آھي. اِھوئي سبب آھي تہ سنڌي ڪھاڻي (وديشي ٻولين کي پل ڇڏي بہ ڏجي) ۽ ٻين ھمعصر ڀارتي ٻولين جي ڪھاڻيءَ جي مختلف دورن ۾ ڪي ڀيد آھن.

اِھو مڃڻ پيل آھي تہ سنڌي ڪھاڻيءَ جو جنم 'ھُر مڪيءَ جا' يا 'اَدو عبدالرحمان' يا 'چمڙاپوش' جي آکاڻي يا ڪنھن ٻي ھڪ ڪھاڻيءَ مان ٿيو. دراَصل ڪھاڻيءَ جو جنم نہ وڪاس ٿيو آھي جو اڃا بہ جاري آھي ۽ ھر وڪاس جيان اِھو سلسليوار ۽ يڪسان ڪونھي، بلڪ ڪھاڻيءَ سان گڏ ڪھاڻيءَ جي وياکيا جو بہ وڪاس پئي ٿيندو رھيو آھي.

ورھاڱو. سنڌيءَ جاتيءَ جي اِتھاس ۾ ڪيتري

معنيٰ رکي ٿو اهو پوري طرح اڃا به اڳتي هلي واضح ٿيندو. في الحال، اُن سنڌي اَدب کي، سنڌين کي اَلڳ ڪرڻ ڪانپوءِ پڻ مختلف انيو-سٽيٽين ۾ ورڇي ڇڏيو. اهو عجب آهي ته ورهاڱي جو درد سنڌي جاتيءَ وڌ ۾ وڌ سٺو پر سرحد جي هِنَ پار يا هُن پار ورهاڱي جي واقعات تي ڪا شاهڪار ڪهاڻي سنڌي اَدب پيدا ڪري نه سگهيو آهي. ورهاڱي ڪانپوءِ جي سٽيٽين جو برابر سنڌي ڪهاڻيءَ تي گهرو اَثر پيو. جاتيءَ جي سطح تي هڪ هند پاڻ وڃائي ٻئي هند پاڻ لهڻ جي تضاد سان ڦهليل دنيوي مشڪلاتن ساهتڪارن لاءِ هڪ اهڙي فضا پيدا ڪئي جنهن ۾ اُنهن لاءِ ورهاڱي جي غلط جدول کي درست ڪرڻ ناممڪن ٿي پيو. اِنڪري ني شايد اُنهن تمام مسئلن جو حل هڪ اهڙي عالمگير وچار ڌارا ۾ ڏٺو ويو جنهن ۾ سنڌي جاتيءَ جي وقتائتي مسئلن جو حل به لڪل هئو. جيتوڻيڪ اُهي مسئلا طبقاتي جدوجهد جي سڌي گهيري ۾ نٿي آيا ته به سماجوادي سماج جي آسانتي تصوير ۽ عام کي اَپيل ڪندڙ اِنسان پرستيءَ جي هڪ جذبي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ اهڙو دؤر روان ڪيو جنهن تي ترقي پسندي غالب رهي. هڪ ڏهاڪي تائين سنڌي ڪهاڻيڪار جي تخليقن تي هڪ فلسفه حيات ڇانيل رهيو. ڪهاڻيءَ جي اوسر ۾ ڪلاتمڪ

سطح تي اُن جي فائدي ۽ ھاڃيءَ کي ڪٿڻ ڏکيو نہ آھي. اھو صحيح آھي تہ ان قسم جي لڳاو سنڌي ڪھاڻيڪارن ۾ پنھنجي وقت جي سماج شاستر لاءِ ھڪ سخت اُلڪو پيدا ڪيو، جو خود ۾ غلط ڪونہ ھئو پر خبر ناھي ڇو ڪو بہ سنڌي ڪھاڻيڪار اَديب جي حيثيت ۾ اھڙين فني - بلندين تي پھچي نہ سگھيو جو پنھنجي سماجي سڄاڳيءَ کي سنجيدہ ڪلا اَنيوتيءَ ۾ بدلي سگھي. گوبند پنجابيءَ جنھن ان دؤر ۾ اھڙيون اَنيڪ ڪھاڻيون لکيون ان ڪمزوريءَ جو وڏ ۾ وڏ شڪار ٿيو. مالھي، اُتم، ڪيرت ۽ سندري بہ ان کان آجو ڪين رھيا. جيتوڻيڪ بعضي موقعن تي انھن ليکڪن جو ايماندار ڪھاڻيڪار پنھنجي وشواس جي شيشن جي اندر رھي بہ ٻاھر ليئا پائيندو رھيو. اُتم (او ڇوري) ڪيرت (ڇنو مني) سندري (پوري) وغيرہ. آنند گولاڻي جيڪڏھن ان ڇاپا کان مڪت رھي سگھي ھا تہ شايد ان دؤر جو وڏ ۾ وڏ سمرٿ ڪھاڻيڪار ثابت ٿئي ھا. ڪردارن جي ٻاھرين حوالن جي پيتارٿتا نسبت وٽس ھڪ سچيت نگاھ ھئي. 'مان ٿئون جنم وٺندس' ۾ جيڪڏھن ھو آخر ۾ ڪوڪلي آشاواد ۾ نہ پوي ھا تہ اُھا ڪھاڻي اُن وقت جي 'عام' انسان جو ھڪ ايماندار ۽ دل پڄائيندڙ چٽ بڻجي پوي ھا.

اُن وقت جو ھڪ اَنتر پرواھ ھو سنڌيت جو جذبو.

ڪٺڻن جي زندگي. سنڌين جو دربدر ٿيڻ، پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي سگهه حاصل ڪرڻ لاءِ سؤمان پڙلو سنگهرش سڀ سچ هئو. شايد وقت جي گردش هيٺ سنڌي ڪهاڻيڪارن اُن کي سيلاب جو روپ ڏيئي ڇڏيو. اِنڪري صادق اَحساس جي صداقت ۽ هُنن شڪ گاڏئين ٻڌائي ڇڏي يا هو اُنکي ويساهه لائق نموني سان ڪلا ۾ ترجمو نه ڪري سگهيا. مڃيو ويو آهي ته اهو جذبو ناراڻ پارتيءَ جي 'دستاويز' يا 'ڪليم' ۽ ڪلا جي 'خانواهڻ' وغيره ڪهاڻين ۾ ڀرو اَثر نموني سان اُڀريو آهي. جيتوڻيڪ اَنيڪ موقعن تي اهڙين ڪهاڻين کي پڙهڻ بعد لڳو آهي ته جڻي ۽ ڪهاڻي سرس 'سنڌي' رهي آهي، اُتي وڏيڪ ڪهاڻي نه رهي سگهي آهي. ڪهاڻيڪار ۽ ڪهاڻيون ٻيا ۽ آهن، ذڪر لائق، ٻر آهي ليڪن ڪان پاهر نه آهن. (لوڪناٿ جو مثال وٺي سگهجي ٿو).

هڪ ۽ شخص ٻيا ۽ هئا جن مکيه پرواهه ۾ هڪ بيٺاريءَ جيان پنهنجي هستيءَ کي سنڀالي رکيو جيئن سگهن آهوجا يا ڪرشن کٽواڻي. سگهن نه وڏيڪ لکيو نه وڏيڪ زنده رهيو اِنڪري 'رعب' ڪهاڻيءَ جي باوجود هو پنهنجي اَلڳاو کي رعبدار نه ٻڌائي سگهيو ورنه صرف آس پاس نه ڏسي هيٺ مٿي ڏسڻ جي وٿس هڪ قوت هئي. ڪرشن کٽواڻيءَ هڪ پوري

منزل طيءِ ڪئي آهي. گيتا، 'ولدري' ۽ 'ٽنڊ جوڙ' اُن جا مکيه پڙاو آهن. ترقي پسندانه رخ جي سائي هيمنت روماني مزاج، مانسڪ پيچيدگين جي تلاش، جماليتي حظ ڪان وٺي نوس حقيقتن جي ٽڪراو تائين ڪرشن جو ڪهاڻيڪار رفته رفته پنهنجي سڃاڻپ کي آڪار ڏيندو رهيو آهي. ڪڏهن ائين لڳو آهي ته ڪرشن ترقي پسند ليکڪن کي انسان جو پيٽ ڏٺائي اُن جو مٿيون آدَ پنهنجي لاءِ محفوظ رکيو آهي. نتيجي طور ساليميت پنهنجي طرفن برابر ورڇيل رهي. (ساليميت ته خير، هونئن به هڪ همت آهي).

اُن ڪانسواءِ به ترقي پسند دور نسبت هينيون ڄاڻايون قابل غور آهن: پرچار ۽ نعري بازيءَ جي ڊڙ ۾ انسان جي 'شخص' جو چهرو ڪهاڻيءَ ۾ اڀري نه سگهيو. ڪهاڻيڪارن جي پهچ تلهي ليکي انسان جي مادي مسئلن ۽ اُن جي مجموعي ماپن تائين هئي. من جو ماياوي لوڪ (ڪن هلڪن اشارن کي ڇڏي) ڪهاڻين ۾ ذري گهٽ عدم پيدا هو. ڪهاڻيڪار پنهنجي مهتائن جي جيتري پونواري تي ڪئي اوتري آدم پوڳ يا آنيو جي نه. وشين جي چونڊ به هڪ تنگ دائري تائين محدود هئي. (ڪجهه مٿين سڀن ڪري) ڪردار نگاريءَ جي سطح 'آدو عبدالرحمان' جي حد اندر يا اُن جي آس پاس ئي رهي. ڪهاڻي

گهڻي ڀاڱي بيان ۽ گفتگو جي ٻن ٽٽون تي ٻڌل هوندي هئي. ماحول، نقاشي عبارتي تجربن، شبد ۽ ڀاو جي ويڃنا جهڙن عناصرن طرف ليکڪ جو ڌيان گهٽ هو. ۽ ڪهاڻيءَ جي رٿا منطقي نوعيت جي هوندي هئي.

باوجود ان جي ترقي پسند دؤر ۾ ڪهاڻي 'ورونهن' جي درجي کان مٿي کڄي چڪي هئي. ڪهاڻيءَ جي ٻولي نه صرف عام فهم ۽ سليس ٿي هئي پر هڪ اهڙي حقيقي ڇاپ ڪي ڪڻي ٻئي آئي جنهن مان هڪ جاليءَ جي تمدني وجود کي ڀانئِي سگهجي. ڪاٻ ڪهاڻي اِنڪري اوچي نٿي ٿي سگهي ڇاڪاڻ جو اُن ۾ ڪو اوچو آدرش ڏيکاريل آهي. اُها صرف اِنڪري ٿي اوچي/نيچي ٿي سگهي ٿي ته ڪلا رچنا جي روپ ۾ اُها ڪيتري اوچي/نيچي آهي. ترقي پسند دؤر جي وڏي شڪست انهيءَ ڪسوٽيءَ تي آهي.

'ڇهاءُ' کي ٺي ڪڙي ڪري ڇو ڳڻجي، هڪ مختلف موڙ جي آجيان ڪرڻ کان اڳ، 'ڪڪيءَ' يا 'نراشا' يا ڪرشن جي هڪ اَڌ ڪهاڻيءَ کي ڇو نه؟ (ٽنهي ڪهاڻين جي اُٽڪت ۾ ڪو خاص فرق ڪونهي سواءِ ان جي ته آنچل ڪهاڻيءَ ۾ ڪي قدر فلئش ٻئڪ استعمال ڪيو آهي.) ڇاڪاڻ ته اُهي ڪجهه عرصو اَڳ ڀوءِ لکيل هيون، ان لاءِ؟ اَڳ ڇيل آهي ته ڪوٻ وڪاس بلڪل سلسليوار ٿي نه سگهندو آهي.

ايندڙ مـوڙ جا سوٽـر کان ٻين کهاڻين ۾ به ڳولهي سگهجن ٿا. پر جڏهن هڪ ڪال کنڊ ۾ جيڪڏهن ڪو رجحان وڌيڪ اُڀري بيهي ٿو ته اُن لاءِ ڪن ڪارڻن جي تلاش لازمي آهي. موهن، لعل، گني، سنڌي ڪهاڻيءَ کي هڪ نئون مـوڙ ڏيڻ جي جيڪا ڀومڪا اَدا ڪئي آهي، اُن کي ڪن سببن جي ساڃي هيٺ ڏسي سگهجي ٿو. اَول ته سنڌي جاتيءَ جي قدري 'سيٽلمينٽ' ڪيترن وقتائتي سوالن جي شدت ختم ڪري ڇڏي. نئين زمين ۾ دنيوي سڦلتائن کان پوءِ سنڌي جنتا هتان جي مکيه پرواه جي مشغولين ۾ شرڪت شروع ڪئي. هڪ عرصي بعد هڪ نئين پيڙهي تيار ٿي جنهن جي من ۾ ورهاڱي جو درد هڪ جهوني ڦٽ جيان سڪي ويو، انڪري اُن لاءِ اَڳوڻن ليکڪن جي جذباتيت وڌيڪ ٿاهت ٿيڻ لڳي. سماجوادي سماج نسبت جيڪو جوش هئو اُهو سنڌين کي ڪا اَلگ ڏسا ڏيئي نه سگهيو. سنڌي ليکڪن جي سماجوادي روش جي باوجود سنڌي عوام وهنوارڪ زندگيءَ ۾ شاهوڪارشاهيءَ جي نزديڪ آيو ۽ اُن جي جيون شيليءَ جو حصو بڻجندو ويو. اُن ڪانسواءِ ڀارتي ۽ وديشي ٻولين جون ڌارائون هيون. منو وگيان، درشن ۽ سماج شاستر به چنتن جون نيون سمتون هيون. اُدوڳڪ سنسڪرتيءَ جي طرف مائل زندگيءَ جا دٻاو

هئا ۽ رسمي پيمانن جي ٽٽڻ جا شور هئا، جن سنڌي ليکڪن جو موهه ڀنگ ڪيو ۽ جنهن سوڳ نوڳ ۾ هو جي رهيا هئا اُهو صرف تصويري هئو. ٻاهريان تعلق برابر پر جنهن هنڌ سوڳ نوڳ جو صحيح آستان (لوڪيشن) تي سگهي ٿـو اُهو ڪهاڻيءَ ۾ عدم پيدا هئو. ان بعد ئي ڪهاڻيءَ ۾ 'شخص' جي ڳولها شروع ٿي ۽ ڪجهه اهڙو آيو جنهن کي شخصي سڏي سگهجي ۽ ڪهاڻيءَ ۾ فني امڪانات ڪَر موڙيا.

موهن، لعل ۽ گني جي ڪهاڻين جي روپ رچنا ۽ تاريخي اَهميت جي مشابهت راڄنيتي شاستر جي سماجي قـرار جي سڌانت سان ڪري سگهجي ٿي. جنهن ۾ هابس، لاڪ ۽ روسو راڄيه جي پيدائش جي ساڳي منزل تي پهچڻ لاءِ مختلف رستا مختلف مقصدن سان طيءِ ڪيا پر آخر ۾ پنهنجي اڇا جي خلاف پاڻکي هڪ ٻئي سان گڏ ٻاڌو ۽ جي پنهنجي نتيجن ۾ غلط هوندي به پنهنجي چنڊ چاڙ ۾ صحيح هئا. اهـو چوڻ صحيح نه آهي ته اهي ٽيئي ڪلاڪار هڪ ڌارا يا رخ جي نمايندگي ڪن ٿـا. گني ۽ موهن جون ڪهاڻيون بلڪل اُبتڙ قطبن تي آهـن. لعل جو ڌراتل به بلڪل اَلگ آهي. پـر انهن جي ڪوشش جا ڪي گڏيل اَثـر ضرور آيـا. ڪهاڻين اِنساني وجود جي زمين دوز پاڙن کي ڦولهڻ شروع ڪيو. اِنساني رشتن جي فارمولائي

سوشٽن جي اڳيان سوال جون نشانيون اُڀريون، ڪن اَڇوتن موضوعن کي سپرش ڪري ڪهاڻيءَ کي موضوعاتي وستار ڏنو ويو. مانسڪ پيچيدگين سان گڏ ڀوتڪ اختلافن کي سچائو ويو. ڪي ڪردار اُڀريا جن پنهنجي انفراديت جو اَنڀو ڪرايو. وڏي ڳالهه ته ڪهاڻي ڪلا جي درجي تي 'ڪٿا ليکن' جي ليول کان مٿي کڄي پهريون دفعو اُن تشريح جي ويجهو آئي جنهنکي صحيح معنيٰ ۾ ڇوٽي ڪهاڻي چئي سگهجي. اهو شايد اتفاق نه آهي ته سنڌيءَ ۾ ڪهاڻيءَ جي سنجيده تنقيد ان موڙ کان پوءِ ئي شروع ٿئي ٿي.

ڪلپنا جو سنڌي ڪهاڻي جي 'سنسڪار-مڪتي' ۾ وڏو هٿ آهي. جيتوڻيڪ اُهي خود زندگيءَ جي ڪٺور سچائين کان شروع ٿي ڪردارن جي آتم ونچنا تي ختم ٿيون ٿين. ڪلپنا جي خوبي اها نه آهي ته هو حقيقت جون حقيقي ڪهاڻيون (اَپوادن کي ڇڏي) لکي سگهيو آهي. هن جي خوبي صرف اها آهي ته هو صحيح ابتدائي نقطي کان شروع ڪري سگهي ٿو پر ڪن انتردوندن جي ڪري اُن جو صحيح نباهه ڪرڻ ۾ اَسمرٿ رهجي ٿو وڃي. ان هوندي به 'ڪلپنا' ڇاڪاڻ ته ڪنهن سنديش جو بار نٿو کڻي، شخص ۽ سماج جي بنيادي وروڌ کي پڪڙي ٿو، انساني پيڙا ۽ ايڪانت ۽ ٽوٽ جون ڪي استٿيون خلقي ٿو،

تجربن لاءِ تجربا نٿو ڪري، اظهار جي ٽڪاڻ ساڻ ڪٽي ٿو اچي، سنڌي ڪهاڻيءَ جي سفر ۾ قابل ذڪر حيثيت رکي ٿو ۽ ڪلپنا تائين پهچندي ڪهاڻيءَ جي ٻولي پنهنجي صرفي سلاست کان اڳيرو وڌي ڪن معنوي خيز گهراين ڏانهن مڙي ٿي. ان جي اُلٽو گهڻو سامتاڻي اهو ڪهاڻيڪار آهي جنهن سنڌي ڪهاڻيءَ جي 'سنسڪارشيلتا' ۾ حصو ورتو آهي. جيئن هميشه ٿيندو آهي. سنسڪارشيل انسان سهجتا ۽ سولتا سان لڙي هڪ وڏي سنجم ۽ ضبط ڪالپوءَ ٿي هڪ اَلڳاءُ پيدا ڪري سگهندو آهي. لڳين گني جي ڪهاڻين ۾ سياويڪتا جي جڳهه تي انساني منو جڳت جي ڪن آساڌارڻ سمتن ڏي ساوڌانيءَ سان ڪيل شبد رچاو ۾ جڪڙيو ويو آهي. اتهاس ۽ پرمپرا نسبت ڪن عقيدن جي برعڪس گني جون ڪهاڻيون لکيل آهن پر هن جي ڪهاڻين ۾ بنيادي اَحساس اعتقاد جي ڪوت ٻري طرح سان محسوس ٿئي ٿي. (گني جي ڪهاڻين ۾ ڪو به ڪردار ڪڏهن به سهج ورتي (انسٽنڪٽ) وارو وهنوار نٿو ڪري). ان وواد جي اَهميت ڪانه آهي ته گهڻو ڪلاسڪ يا رومانوي يا جديد ليکڪ آهي. مصيبت اها آهي ته گني جو ڪلاڪار سندس ڪهاڻيڪار مٿان حاوي آهي. هن جو ميلاپ ڪڏهن غلط ٿي ويو آهي. ورلي آثرانتا شبد چتر، سوکيم درشٽي، فڪر، اندرين

کي لوزائيندڙ منظرڪشي، سچيت شبد ٻوڌ ۽ تعميل (ايگزيڪيوشن) جي مهارت ظاهري طور خوبيون ٿي آهن. ڇا ائين ممڪن نہ آهي تہ ڪنهن لٽريچر ۾ ڪنهن ڪلاڪار کي اظهار لاءِ صحيح صنف نہ ملي سگهي؟ گني، سنڌي ڪهاڻيءَ کي 'پالشپ' ۽ **جينٽلمئن** چهرو ڏنو آهي جنهن جي باشعور هنرڻ جو ڀرم بہ ٿي سگهي ٿو. لعل پشپ هڪ اهڙو ڪلاڪار آهي جيڪو 'آلـم هتيا' ڪـانپوءِ جيئرو ٿيو آهي. هن سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ منوگيان آندو ۽ پـاڻ ٿي اُن کي اُن جي شڪنجي کان مڪت ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيو. ڇيتن اَڇيتن جي سايي هيٺ منوگياڪ پيچيدگين ڪانپوءِ هن ترس محسوس ڪري ورتو تہ ڪابہ ليڪ صحيح نہ آهي. اُن بعد هن پسگردائي ۾ اڇلايل ٻي ترتيب استعين جي ٻي ترتيب تهن سان وچڙجي پنهنجن ڪهاڻين کي نئون رخ ڏنو آهي. 'ٻريا ۽ ڪرانتي' جي ليکڪ ڪي. ايس. ٻالاڻيءَ کي تورين ڪهاڻين جي باوجود وشي جي چونڊ منوگياني ٻوجهہ، علامتي ٿاڇي ٻيڻي ۽ ڪامياب اڻت جي ڪري ڪيس موهن، لعل ۽ گني جي قطار ۾ بيهاري سگهجي ٿو.

ڪنهن بہ دؤر يـا وهڪري سان نہ جڙي لڳاتـار ڪهاڻيون لکڻ ڪري پنهنجي حيثيت جوڙڻ وارين ٻن ڪهاڻي ليکڪائن جو ذڪر بيجاءِ نہ ٿيندو. ڪلا پرڪاش

جي ڪهاڻين ۾ انساني من ۽ رشتن جي ڪن ڪومل تمدن کي متضاد جذباتيت جي 'شگر ڪوٽنگ' ڏيئي پيش ڪيو ويو آهي، جيڪي انسان جي ڪرُوڙا ڀاو کي اپيل ڪري سگهن. جيتوڻيڪ اهي گهڻو جيوت جي ڪن حقيقي سچاين کان وانجهيل ڪين آهن. ڀوڻي وڌيڪ حقيقت پرست آهي ۽ تمام سماجي ويوستائن جي نڪر ۾ استري ڪردارن جي مجبورين ۽ سنگهرشن کي هاڏوڪن حوالن سان اُڀاري ٿي ۾ ٽيڪنيڪ جي ۽ تخليقي تبديلين جي غير موجودگي سنڌس ڪهاڻين کي وقتائتو محسوس ڪرائڻ کان قاصر آهي.

١٩٦٠ کانپوءِ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ رچنا ۽ پرڀاشا جي نگاهه کان هڪ مڪمل ڪرانتي ٿي ٿئي. اَڄ جڏهنڪي اسين نئين ڪهاڻيءَ جي هلچل ڪري سگهون ٿا اُن جو ڪئنواس هڪ وسيع ۽ ڪامپليڪس ڌاڳي پيٽي مان جڙيو آهي. انسان اَڄ ٻن مهاڀاري لڙاين جي وناش ليلا، وگيان ۽ ٽيڪنالاجي جي فريبي وڪاس، سامراجي طاقتن جي عمل ۽ رد عمل، پيڙ ۽ زندگيءَ جي شهري ڳاهٽ، نظام ۽ بندوبستن جي ڦهلجندڙ ساين، ماديت ۽ دنيوي سکن جي ڇل ڪپٽ، واپاري منوورتيءَ جي هر انساني ڪريا تي مضبوط پڪڙ، اختياريءَ ۽ طاقت لاءِ اَنڌي جد و جهد وغيره سان مقابل آهي ۽

نتيجا آهن: انسان جي انفراديت ۽ آسمتا جي مرليو، تمام پراڻن انساني قدرن جي بيسودگي، مجموعي - ماڻهن جي ويرتا ڊپ، شنڪا ۽ غير حفاظت سان گرفت سنبنڌن جو ڇار، بيگانگي، اوشواس، آرٿ هينتا، سنسڪار ورود وغيره جا ڀاو ۽ اهو سڀ ڪجهه ڪلا ۽ ادب ۾ روايتي فارمس جي اسوڪار، ادبي صنفن جي ثنائيت جي ڀڃڪڙي، ٻوليءَ جي پراڻي اصطلاح جي اسمرٿتا، سماج ودروهي ليکڪي مدرائن، نانڪ ڀاو جي سماپتي، رومانيت ۽ جذباتيت جي نرسڪار، انبسوڌ چيتنا پرواهه ۽ غير منطقي لکڻين ۾ ظاهر ٿو ٿئي. انهن تبديلين جو منبع انترراشٽري آهي. ان قسم جا تواريخي دٻاوَ هڪ نه ٻئي روپ ۾ هرهنڌ سرگرم آهن. سنڌي ليکڪن جي ڪڪائين جهوڻيءَ لاءِ نه آزاديءَ ڪانپوءِ جي مروه ڀنگ جي چٽڪ ئي ڪافي هئي. آدرش، ايمان، وعدي، رٿا ۽ نعرن جي نقاب هيٺان ٻڌجندڙ پرشنا چار، لوٽ کسوٽ، مجبورين، ڪمنائون ٻل ٻل چڀندڙ، ٿيندڙ جيون جو ساڪيا ڪار، انهن جي اک ۽ اندر کي انمٽ ڪرڻ جو واهڙ ٻڌيو ۽ اسان وٽ هڪ علحدي ڪهاڻيءَ جي شروعات ٿي جنهن کي 'نئين'، 'جديد' ۽ 'اڪهاڻي' جا اسم سنجيده ۽ طنزيه نوع ۾ ڏنا ويا. انهن اسمن جي فرق لي نه ڪڏهن ڪڏهن وچار ٿيو آهي پر ان دور جون ڪهاڻيون

هڪ ٻئي کان متفرق نه آهن.

ايشورچندر، وشنو ڀاٽيه، لعل پشپ (پوين ڪهاڻين مان) آنند ڪيماڻي، شيام جيسنگهاڻي، ڪي ڪهاڻيءَ کي اها ڏسا ڏيڻ جو شرف ڏنو ويندو آهي. ٻهان آواز ٽيل بمباردمينٽ ڪالپوءِ وجود جا جيڪي حصا ڇڙ وڇڙ ٿيا آهن، هو ليکڪ پنهنجي مزاج ۽ پوکيل انيوليءَ کي آذار بڻائيندي اُن جا اَلڳ اَلڳ ٽڪرا چونڊيا آهن. تنهن وڏن ٻي مزي تفصيلن سان گهڙيل، مثال ڪلاس جي ٻي بنياد هستيءَ جي بنياد تي ايشور جون ڪهاڻيون بيٺيون آهن. جتي جڙ چيزن (ٻگهارن، فرنيچر درن درين دروازن يا پليٽفارمس) جيتن انسان جي رشتن، قدرن، سکن کي چپ چاپ ڪاٽي پنهنجي چيتنا ۽ انسان جي جڙتا ثابت ڪئي آهي. اهڙيون داخلائون ايشور جي ڪهاڻين ۾ آهن. رليءَ جي اليءَ کان پيڙس وشنو ڀيڙ جي شور شرابي جو ٻي مقصد لانگهائو آهي جنهن گند جي ڍير مان ڪجهه ڳولهي جيئندڙ انسان جي خواهش جي صحت ڏيکاري آهي. سنتوش جي جڳهه تي سهوليت لاءِ ڀٽڪشان ڀاڻ مارڀندڙ شخص تي لعل لاءِ خال ني خال آهي. آنند، استري پرش جي سنبندن جو پوسٽ مارٽم ڪري اهو محسوس ڪرايو آهي ته سڀ کان فضول ۽ غلط چيز اهو ڪرنگهو آهي جنهن تي بادڙيءَ کي اڃا به ڀيهاريو ويو آهي. ڪيس

ڳولهي مرئين لائين ختم ٿيندڙ انساني ڪوملتا ۽ رومان
جون ٻه رنگ تصويرون شيام جي ڪهاڻين ۾ آهن.
انهن سان گڏ آهي هيري شيوڪاڻيءَ جو 'هڪ ٻيءَ
جو پورٽريٽ' برجموهن جو 'پيچ'، موهن ديپ جي 'پرائي
عورت' پريم پرڪاش جو 'ولين'، گوردن تنواڻيءَ جو
'غلام' ۽ وڌيڪ ورون ۽ اَنيڪ اختلاف ...

هڪ نقطو ٻيو به ڪهاڻيءَ جي شناخت جو. اَڄ
ڪهاڻي رسمي آرٽ ۾ خير ڪا ڪهاڻي آهي، ڪٿا ۽
آکاڻي نه بلڪل نه آهي. ٻوليءَ جي سادگي ۽ سلاست
غائب آهي. اُهيءَ جي جڳهه تي حالات جي موافق
هڪ کهرو ۽ ڳاڙهو (امپيور) شبد ڀنڊار ۽ گرامر جو
ترسڪار آهي. ڪردار خلقڻ جي موهه کان ڪناري ڪشي
آهي. هڪ سنواٽي شروعات، وچ ۽ پڇاڙيءَ جي جڳهه
تي مونجهارو اَفراتفري ۽ بدانتظامي آهي ۽ آهن (علامتون)
لغزشون، بيان جي جڳهه تي سنڪيت ۽ ماحول جي
چٽسالي. رنگين ۽ اَثردار تقريربازيءَ جي جڳهه تي مختصر
رواجي ٻه اَرٿوان گفتگو يا اُن جي به غير موجودگي.
ڪي تز لڪيون تشبيهون ۽ سمتيليون ۽ اُهي سرحدون
جتي صنفن جا ويڇا ٻاٽ ۾ رچي ويندا آهن.

ان دؤر جون مريادائون به ڪو هرويرو لڪل نه
آهن. سڀ کان وڏي خامي آهي هر ليکڪ جي
محدودگي، جا ڪيس پنهنجن تاهيل دائرن کان مٿي ڪڍڻ

کان روکي ٿي. لڳاتار نئون ڏيندو رهڻ يا نئون لکندو
رهڻ کي نوان ليکڪ به نباهي نه سگهيا آهن. ٻهڻجو
ڏهاڪي، سنڌن ئي حدبندي ڪري ٿو. علاوه، جديد
جو جارگن، تجربائي موه، مبهم رومانيت، آلڪارٽا،
ايڪسٽا ۽ آلي واد. ليکڪ جي آخرين منزل شايد
اهائي آهي ته هو روايت خلاف بغاوت ڪندي هڪ
روايت پيدا ڪري ۽ وري خود هڪ روايت جو شڪار
بڻجي.

ها، هڪ لحاظ کان سنڌي ڪهاڻيءَ مڪمل چڪر
ختم ڪيو آهي. شروعاتي نقطي کان اَڄ اُها بلڪل
مختلف نقطي تي آهي. پر ١٩٦٠ کانپوءِ جي دور ۾ به
اَڄ هڪ تازگي ۽ نون گرائونڊس جي ضرورت محسوس
ٿي رهي آهي. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ اَڃا به نئين
دور جي هن وقت درڪار آهي. ڪي آواز به بلند ٿيا
آهن. ڪي نوان نالا به آهن- نامديو، ليرت چانڊواڻي،
لکمي کلاڻي، پر تازي دور جهڙي ڪا فضا نظر نٿي
اچي.

هن پل سنڌي ڪهاڻي هڪ بحران (ڪرائيسس)
جو در کڙڪائي رهي آهي.

هريش واسواڻي

محمد گاڏيءَ وارو

رام پنجواڻي

ورهاڱو ٿي ڪونه ويو هو، پر ٿيڻ جي چڪو هو. سنڌ جا هندو مايوس هئا، مسلمان گد گد. ورهاڱي جي فيصلي مومنن جو حوصلو وڌائي ڇڏيو هو ۽ هو پاڻکي ورهاڱي کان اڳ، ئي سنڌ جو مالڪ سمجهڻ لڳا هئا. اميد تي انسان ٽڪي ٿو، هندن کي اها اميد هئي ته سنڌي هندو سنڌ ۾ ئي رهندا، پر هنن جو رعب ساڳيو نه رهندو. لڏ پلاڻ جو خيال ته خواب ۾ به ڪونه هو. اميد سان گڏ هلڪو هراس هندن جي دلين ۾ هو. مسلم اڳواڻن دلاسا گهڻيئي ٿي ڏنا پر هنن جي تقريرن ۽ بيانن مان بدليل مورليءَ جا پڙون پئي پيا. وايو منڊل ۾ ڇڪ هئي ۽ هندن جي دلين ۾ اڻ وڻي دٻ ٿي رهيو ته متان ڪو فساد ٿي پوي. انگريز اڃا ملڪ ۾ هئا تنهنڪري ٿورو گهڻو ڏڍ هو ته هروڀرو پوليءَ کانه ٿيندي، پر وقت اهڙو هو جو انگريز سرڪار جي به دلچسپي کانه رهي هئي تنهنڪري گمان اهو هو ته جيڪڏهن ڪا ڇڪتاڻ ٿي پئي ته هو دليو

داخل ڪونه ڏيندا.

ڊسمبر جو مهينو هو، سيءَ شروع ٿي ويا هئا. شام جو وقت هو، ڪراچي ڪلب انيڪسيءَ ۾ منهنجي دوست نهچلداس پارٽي ڪئي هئي. پاڻ اڳ ۾ ئي بندوبست ڏسڻ لاءِ ڪلب ڏانهن روانو ٿي چڪو هو ۽ مون لاءِ ٽانگو ڇڏي ويو هو. ٧ بجي شام جو گاڏي ڪاٽي ۾ هوس ۽ خيال ڪيم ته اتان ڪنهن وڪٽوريا ۾ چڙهي وڃي ڪلب ۾ پهچان. دل هٿڪي، اڪيلي وڃڻ کان مَن گهبرايو، پر وڃڻو به ضرور هو. اڃا پٺي دل مَن هنيم ته هڪ گاڏيءَ واري ڇاڇي لهجي ۾ چيو "ديوان، ڪهڙي خيال ۾ آهين؟ ڪيڏانهن وڃڻو آهي؟" مون کان ڇرڪ نڪري ويو. پاڻ سنڀالي، آواز کي پختو ڪندي چيم، "ڪار لاءِ ترسيو بيٺو آهيان، پر الاجي ڇو ڪانه پهتي آهي!" گاڏيءَ واري چيو "چڙهه گاڏيءَ ۾ ديوان ته موٽر کان اڳ پهچايانءِ." سنڌيءَ ۾ ٿي ڳالهايائين ۽ ڳالهائڻ ۾ پنهنجائي محسوس ٿي. مان سندس گاڏيءَ ۾ چڙهي ويٺس.

شهر کان نڪري ٻاهر ٿياسين. ڇهبوڪ مان ٽڪاءَ ڪيندي، گاڏيءَ وارو گهوڙي سان ڳالهائڻ لڳو. پچڪار ڏيئي چيائين "آرام ڀڪي! ديوان کي موٽر جي موج وٺاءِ. الاجي ديوان ڪڏهن گاڏيءَ ۾ چڙهيو آهيئي، وري نه چڙهندءِ." شهر کان ٻاهر شام جي اَنڌاري ۾

ڀاهي اُڪر مونکي ڪوڻ وٺيا. دليل اُٿيو "انهن ڇو ٿو
ڇوي ته ديوان وري نه چڙهندءِ؟" اِليءَ آواز ڪن
تي پيو "دپ نه ڪر، ڪوئي نه روڪيندءِ. ڏرليءَ ٽان
پيو ڪڙ، آسمان ۾ اُڏام. زمين جا گهٽا شوق ورتائين،
هاڻي بهشت جو سير ڪرائيندس." بهشت جو سير!
دل لڏي ويئي. سوچيم ته ڪا مدي ته من ۾ ڪاڻ
اُٿس! اوچتو ئي اوچتو گاڏي بيٺي. گاڏي بيٺي يا
منهنجي دل بيٺي؟ گاڏيءَ وارو گاڏيءَ ٽان هيٺ لهڻ
لڳو. ڀڻ ڀڻ ڪيائين پر سمجهه ۾ ڪجهه نه آيو. مون
سمجهيو ته هو مونتي حملو ڪندو، جيڪي اُٿم سو
ڦريندو ۽ مونکي ماري ڪنهن پاسي ڦٽو ڪري هليو
ويندو. واڪ سان چوندا آهيون ته موت جي پرواه
ڪانهي، پر جڏهن موت اوڏو ايندو آهي ۽ سمجهبو
آهي ته حياتي ختم ٿي ٿئي، تڏهن لڱ ڪانڊارجي
ويندا آهن، سڀڪو مان بجليءَ جي لهر لنگهي ويندي
آهي ۽ رت ڄمي ويندو آهي. اهڙي وقت بدن ته نستو
ٿي ويندو پر دماغ به ٿمجي ويندو آهي. گاڏيءَ واري
هيٺ لهي چيو "ديوان! جهٽ ٿو پهچايانءِ." ڏٺم ته
هٿ ۾ سوئو اٿس. سوئو ڏسي وِتو به سيءُ وٺي ويو.
اندر جو اندر ۾ سائينءَ کي ڏيائڻ لڳس. ايتري ۾ هڪ
موٽر اچي اُتان لنگهي پر مجال نه ٿيم جو ڪٽي آواز
ڪريان. آواز ڪري به نه سڏ ڪريان! عجب ڪائڻ

لڳس جڏهن ڏٺم ته گاڏيءَ وارو گهوڙي جي طرف ويو ۽ مونڏانهن ڪونه آيو گهڙي سال کان به وڌيڪ لڳي. پر ساهه سامت ۾ آيو جڏهن گاڏيءَ واري چيو ”ٽنگ ٽٽي پيو هو، حال نه ڏنيو مانس. دير ته ڪانه ٿي؟“ منهنجي وات مان تمام مهين ڀڙڪو نڪتو ”نه.“ گاڏي هلڻ لڳي، منهنجي اکين مان نير جي ڌارا وهي هلي. گاڏيءَ وارو وري به گهوڙي سان ڳالهيون ڪندو هليو ۽ مان پنهنجيءَ ۾ ٻوڙو هوس. خبر تڏهن پيم جڏهن اچي ڪلب وٽ پهتس. گاڏيءَ مان لهي ڪيسي مان پئسا ڪڍندي، مون پڇيو ”گهڻو ڏيان؟“ گاڏيءَ واري منهنجي منهن ۾ نهاري چيو ”تنهنجي اکين ۾ آنسو؟ ڪا غلطي ٿي ڇا بابا؟“ مونکي لڄ اچي وئي. ڳوڙها اگهيا هئم ته ڪي شايد اڃا به رهجي ويا هئا. مون کلڻ جي ڪوشش ڪندي چيو ”نه نه ميان، مڙئي خير آهي. ڇو گهڻو ڏيانءِ؟“ تمام قرب واري آواز ۾ چيائين ”ديوان! هتان ڏينهن ۾ پنج روپيا به وٺندا آهيون. سرڪاري ڀاڙو آهي ڏيڍ روپيو ته آءٌ توکان ڪوڏي به ڪانه وٺندس.“ حيرانيءَ مان پڇيم ”ڇو؟“ صدق سان جواب ڏنائين، ”ديوان، مان سلاهٽو آهيان. گهڻا ڏينهن ٿيا نه تون اسان جي سلاهٽن واري پاڙي ۾ راڳ، ڪرڻ آيو هئين. مان اتي حاضر هوس. مونکي تنهنجو راڳ وڻيو. خاص ڪري هو بادشاهه ظفر وارو ڪلام تمام

گھڻو پسند پيو. انھيءَ وقت انجام ڪيو ھوم تہ ڪنھن ڏينھن ھيءُ ديوان منھنجي گاڏيءَ ۾ چڙھندو تہ ڀاڙو نہ وٺندوساس. الله اھو ڏينھن ڪيو آھي جو مون غريب جي گاڏيءَ ۾ چڙھيو آھين. مان پئسا نہ وٺندس." ڏاڍو زور ڪيومانس پر ھن پئسا نہ وٺي نہ ورتا. گاڏيءَ واري وڃڻ کان اڳ، چيو، "ديوان، وري جڏھن اسانجي ڀاڙي ۾ راڳ، ڪرڻ اچين، تڏھن پڇجانءِ محمد گاڏيءَ وارو آھي؟ مونکي ياد ڪندين تہ منھنجو مان ٿي پوندو." گاڏيءَ وارو ھليو ويو پر اندر ۾ پشيماني رھجي ويئي. اھڙي قرباني، سچي، مسڪين محمد جي سچائيءَ ۾ شڪ آندو ھوم! جو مونکي پنھنجي گاڏيءَ ۾ چاڙھي گڏ گڏ ٿيو ھو، تنھن ۾ گمان آندو ھوم! بدگمانيءَ تي لڄ اچي ويئي، پنھنجي ڪمزوريءَ تي شرم اچي ويو.

وري جڏھن سلاھٽن جي ڪوٽ تي ويس، تڏھن محمد کي برابر ياد ڪيم. مثل محفل ۾ محمد جو نالو پڪاريم. محمد بہ پريان بيٺو ھو. سڏ ڏيندي چيائين، "حاڪم حاضر آھيان." مون چيو، "ٻڌ ڪلام ظفر بادشاھ جو." خوشيءَ واري آواز ۾ چيائين، "قربان وڃانءِ، ٻڌاءِ." ڪلام پورو ڪري چيم "محمد گاڏيءَ وارو مھرباني ڪري سٽيج تي اچي." آواز آيو "آيس." ايشوءَ ۽ ايسر پڇيو، "ڪوئي سٺو راڳيندڙ آھي ڇا؟"

مون چيو، "موسيقيءَ جو مشتاق آهي." وڪڙ ڏيئي ٻاهران ئي ٻاهران محمد اچي اسان ڀيڙو ٿيو. مون پنهنجو هار لاهي هن جي ڳچيءَ ۾ وڌو. تاڙين جو ٺهڪو مچي ويو. محمد چيو، "ديوان، وڏي عزت ڪري ڇڏيءِ مسڪين جي." مون سچي وارتا ڪري سڀني کي ٻڌائي. پنهنجي ڪمزوريءَ وارو حصو ڪونه ٻڌايومانس، باقي محمد جي اُدارتا ۽ قرب جو ذڪر پوري طرح ڪيم. حاضرين هن جي مرحبا ڪئي. محمد منهنجي پيرن ۾ نمي پيو. پل ۾ اُٿاريومانس. مئڪروفون ۾ منهن وجهي، ڀريل آواز ۾ چيائين، "لائق آهن ديوان جا جو مون مسڪين جو ايڏو مان ڪيو اٿس. اسان لئي هن جا ايڏا اَحسان جو بنا اُجوري اچي اَسانجون دليون خوش ڪري، پوءِ مون ڪيس هڪ دفعو گاڏيءَ ۾ چاڙهيو ته ڪهڙي وڏي ڳالهه ٿي؟ مان انجام ٿو ڪريان ته هن ڪان پوءِ جڏهن به هيءُ محبوب منهنجي گاڏيءَ ۾ چڙهندو تڏهن ڀاڙو ڪونه وٺندوسانس." زور سان ٻاڪر پائيندي چيائين، "نوڪر آهيان تنهنجو ديوان، آزمائي ڏس." نظارو دل ڀڄائيندڙ هو. هن ۽ منهنجي اکين ۾ ته پاڻي هو پر ڏسندڙن به پنهنجون اکيون اُگهيون. پڙ ۾ وهاري وري راڳ ڪيوسون. واهه جو مزو لڳو.

ورهاڱو ٿي ويو، لڏپلاڻ شروع ٿي. مان اَڃا

ڪراچيءَ ۾ رهيو پيو هوس. ٦ جنوري ١٩٤٨ جو ڏينهن هو، مان ١١ بجي صبوح جو ڪاليج مان گهر ٿي آيس. بندر روڊ لتاڙي آرٽلري ميدان تي پهتس ته هڪ گاڏي اچي منهنجي پاسان بيٺي. مٿي نهاريم ته محمد کي ڏٺم. گنڀير آواز ۾ محمد چيو، "چڙهه گاڏيءَ ۾. اَڄ ڪٿي تو پنڌ وڃين؟" مون حيرانيءَ مان پڇيو، "ڇا ٿيو آهي؟" محمد عجب مان پڇيو، "خبر ڪانهه اٿيئي؟ ديوان، قتلام ٿي ويو آهي، گوندن قرمار ڪئي آهي. تنهنجي گهر ويجهو ته خونريزي ٿي آهي!" مان گاڏيءَ ۾ چڙهي پيس. واٽ تي هشام ماڻهن جا ڏٺم جن کي پوليس ڇڙوڇڙ ٿي ڪيو. ڪراچيءَ ۾ اهڙي روئداد ٿي چڪي هئي ۽ مان بي خبر هوس! گهر پهتس ته محمد چيو، "ديوان، اجها ملٽري پهتي، تون ٻاهر نه نڪرج جيڪڏهن مارشل لا جاري ٿيو ۽ ڪرفيو لڳو ته مان تو وٽ اچي رهندس ۽ تنهنجي درباني ڪندس."

ڪرفيو لڳو، ڏينهن ٻه شهر ۾ راڪاس گهمي ويو. مونکي محمد جي گهرج ڪانه پيئي. سڪي ڊرائيور اَسان وٽ رهيو پيو هو ۽ پيو ڏي ڏيندو هو. هؤ مؤ ٽري، حالتن تي ملٽريءَ قبضو ڪيو ته وري پڇ پڇان شروع ٿي. جيڪي هر حالت ۾ سنڌ ۾ رهڻ لاءِ پڪ پچائي رهيا هئا سي ٻه نڪرڻ لاءِ آتا ٿيا. محمد صبح شام گاڏي وٺي ايندو هو ۽ جيڏانهن وڃڻو هوندو هو،

تيڏانهن وٽي هلڻ لاءِ حاضر هوندو هو. هڪ ڏينهن گاڏيءَ ۾ ويٺو ساڻس ته پڇيائين، "ديوان، تون به ويندين؟" مون پڇيو، "تنهنجي ڪهڙي مرضي آهي." هن يڪدم چيو، "وڃڻو ئي پوندءِ. ديوان ڏاڍا آيا آهن، تن ۾ ديد ڪونهي." مون چيو، "جيئن سائينءَ جي مرضي!" محمد چيو، "ديوان! وڃڻ جو فيصلو ڪرين ته مونکي ٻڌائج." مون ڇرڪ ڪري چيو، "هلندين مونسان هندستان؟" ڏاڍو ساهه کڻي چيائين، "تو جهڙي محبوب جي هٿي گهرج ناهي ته مون مسڪين مسلمان جو اُتي ڪهڙو قدر ٿيندو؟ مان هندستان ڪونه هلندس پر توکي حد تائين ڇڏي ضرور ايندس." سوال ڪيائين "ديوان، جهاز ۾ ويندين يا هوائي جهاز ۾؟" مون سامان جو خيال ڪندي چيو، "جهاز ۾." هن چيو، "ڪياماڙي تائين هن مسڪين جي گاڏيءَ ۾ چڙهي هلج، اُماڻي ايندو سانءِ ته وڏو آٿت ايندو."

اهو وقت به آيو. محمد برابر مونکي ڪياماڙيءَ تائين وٽي آيو. سامان لاهي، سلام ڪندي چيائين، "جتي هير لتي خير. الله وڏي حياتي ڏيندءِ." منهنجي هٿ ۾ هڪ سهڻو چندن جو لڪڻ هو سو کيس آڇيندي چيم، "هيءَ منهنجي نشاني پاڻ وٽ رکج. هن جي سوهاڻ کي منهنجي يادگيري سمجهج." لڪڻ وٺي سنگهيائين. اکيون ڀوري چيائين، "ڪڏهن

بہ توکي نہ وساريندس، پر ديوان هڪ عرض آهي،" مون چيو، "چئُو محمد." محمد چيو، "جڏهن هندستان پهچين ۽ مسلمانن جا ظلم ياد اچنئي تڏهن محمد کي ياد ڪجانءِ. ديوان، سڀ انسان هڪ جهڙا نہ آهن، سڀ مسلمان برا نہ آهن." مون کيس ڀاڪر پائي چيو، "محمد منهنجا ڀاءُ، تون ڪهڙو نہ نيڪ انسان آهين! الله توکي خوش رکندو." شينهن جهڙو مڙس سڏڪا ڀري روئڻ لڳو. مان بہ پاڻ روڪي نہ سگهيس.

بندر تي ٻيا بہ دوست آيا هئا. سڀني سان الوداع ڪري جهاز تي چڙهيس. ڪنڌي تي سامهون بيٺو هو پر منهنجي ڌنڌليل اکين ۾ محمد مسڪين جي صورت سمايل هئي. غريب پر بي غرض، مسڪين پر مذهب کان مٿي، مسلمان پر انسان! اکين آڏو محمد جي صورت ۽ ڪنن ۾ سندس آواز "ديوان، سڀ مسلمان هڪ جهڙا نہ آهن، سڀ مسلمان برا نہ آهن!"

جهاز هليو. ٻيا دوست اڳيئي روانا ٿي چڪا هئا پر محمد بيٺو هو. هٿ وارو رومال لوڏيم، هن منهنجو ڏنل لڪڻ مٿي ڪري لوڏيو. اندر مان آواز آيو:

تم ضبط کي دنيا ميري برباد نہ کرنا
مين ياد ڀي آئون تو مجهي ياد نہ کرنا
راتون کو ڪڀي تم ميري نيندين نہ اڙانا

آنکون سي ڪهي تم ميري آنسو نہ چُرانا
ٻولي سي ڪهي تم ميري سپنون ۾ نہ آنا
برباد هون برباد کو برباد نہ کرنا
مٽن ياد ڀي آئون تو مجهي ياد نہ کرنا

١٥ سال گذري چڪا آهن. سنڌ جي ياد ايندي آهي. سنڌ وارا سنگتي بہ ياد ايندا آهن، پر سڀني کان گهڻو ياد ايندو آهي مسڪين محمد. محمد ياد آهي. ڏاڍو ياد ايندو آهي. عجب وري اهو آهي تہ ڪيترا هت هندستان وارا بہ ياد نہ ايندا آهن، پر هي نماڻو نسوارڻي پار هيڏو پري آهي تہ بہ ور وو ڪري ياد ايندو آهي. پيار ۾ پسند ڪهڙو؟ محبت اڳيان مفاصلو ڪهڙو؟ شاه صاحب برابر چيو آهي:

ڪي اوڏا ئي ڏور، ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين
ڪي سيڙجن نہ ڪڏهن، ڪي نہ وسرن مور
جتي منهن ڪنديءَ پور، تتي دوست وراڪو دل سين.

آحسانمندي

گوبند مالهي

ڪونڳومل دادو ضلعي جي ميهڙ تعلقي ٽوڙي ڳوٺ جو رهاڪو هو. جوان هو، يار ويس هو ۽ چلتو پرزو هو. هندو هجڻ ڪري هندن سان نه هن جا گهرا ناتا هئا ئي. پر ڳوٺ ۽ آسپاس جي مسلمانن سان به چڱي ڏيٺ ويٺ هيس. ڳوٺ جي وڏيري جانمحمد جو لنگوٽيو يار هو، ڳوٺ کان ست ميل پري رهندڙ زميندار علي مراد جو پيالي پاڻي هو. ١٩٤٦ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ ڌرم سنڪٽ ۾ اچي ويو. جانمحمد ۽ علي مراد ٻئي نامينيشن پيپر ڀري آيا. ۽ ٻنهي ڪونڳومل کان مدد گهري.

ڪونڳومل علي مراد جو ساٿ ڏنو. هڪ ته علي مراد لڳ ڀڳ سندس همعمر هو ٻيو ته هو مسلم ليگ جي جهنڊي هيٺ نه ڪڙو هو. درحقيقت جانمحمد به مسلم ليگي ناليءَ ۾ هو. ڪٽرپڻي ۽ فرقيپرستيءَ سان ظاهر ظهور ناتو ٽازو جوڙيو هئائين سو به گهڻو ٽڻو سرڪاري مرڪزن ۾ هلندي پڄنديءَ حاصل ڪرڻ لاءِ. ٽوڙيءَ جي هندن

سان هن جو ڀائپيءَ جو ناتو قائم ٿي هو. ڪونگومل هن کان اڳ ڪي ويو ۽ ڪليو ڪلايو ڳوٺ جي مسلمانن کي علي مراد کي ووٽ ڪرڻ لاءِ چوندو رهيو. پوءِ به علي مراد ڪونگومل جي هٽ ٻاهر روز چؤپاز راند ڏسڻ لاءِ ايندو هو ۽ ويهندو به ڪونگومل جي پوسان دڪان جي ڪاٺ واري تختي تي هو. ٻنهي ڌرين مان هن ڪونگومل کي علي مراد جي ورڪ ڪرڻ لاءِ نه وڃايو.

چونڊون ٿيون ۽ جن ڳاڙهن گهٽين مسلمان ليگي اميدوارن کي شڪست ڏني تن ۾ علي مراد به هو. علي مراد چونڊجڻ بعد سڌو ڪونگومل وٽ آيو. هن کي پيار پريو ڀاڪر پائي چيائين، "يار ڪونگو، ڪٿيو ڳاڙهن گهٽين ووٽن تان آئم. جي تون جفاڪشي نه ڪرين ها ته پڪ ٿي پڪ هارائي وهان ها. مان تنهنجو تهدل شڪرگذار آهيان."

ڪونگومل چيو، "علي، مون ته يار توسان ياري نباهي، شڪرگذاري ڇا جي."

علي مراد هن کي هٿ سان پڪڙي چيو، "ڪونگو، لهه هيٺ. دڪان تنهنجو پاڻ پاڻهي سنڀاليندو. هلي تا بنگلي تي محفل ڪريون. سڀاڻي عام محفل ٿيندي، جنهن ۾ منهنجا گهڻگهرا شريڪ ٿيندا. اڄ تنهنجي، منهنجي ۽ اڌي جي خاص محفل ٿيندي."

سيارو هو، سو علي مراد گهٽي تان وسڪيءَ جون ٻه، برانڊيءَ جون به ٻوتلون ورتيون ۽ پنهنجي سينگاريل

۽ گهوڙي ٻگيءَ ۾ ڪونگومل کي ساڻ چاڙهي پنهنجي بنگلي تي آندو. علي مراد جي وڏي ڀاءُ حميد خان ڪونگومل جو هونءَ کان به وڌيڪ آءُ ڀاءُ ڪيو.

ٽيئي يار ورانڊي ۾ موڙهن تي ويهي پڪل مرغيون کائيندا رهيا، دارونءَ جا دنگ پيئندا رهيا ۽ هٿ شٿ به هڻندا رهيا. اوچتو حميد خان علي مراد کي چيو، "قاضين جي ڳوٺ جي آسپاس واري زمين ڇو ڪين ڪونگومل کي ڏيون؟"

ڪونگومل چيو، "زمين ٻمين مونکي ڪانه ٿي گهرجي. مون ته ياري نباهي آهي عليءَ سان."

حميد خان کلي چيو، "يار، اَسين به توکي زمين ياريءَ ۾ ٿا ڏيون، سو به آني پائي ڪوڏ ٿا ڏيونءِ. هونءَ به اسين آباد ڪونه ڪندا آهيون، مقاطعي تي ڏيندا آهيون. هاڻ يا عمر مقاطعو تنهنجو."

علي مراد چيو، "يار، منهنجي ياريءَ جو قسم اَٿيئي. پيا اسان مان ڪمائي ٿا وڃن، تون ڪمائيندين ته وڌيڪ خوشي ٿيندي. اَدي جي ڳالهه مڃ ڪٽي."

ڪونگومل محفل برخواست ٿيڻ تائين آناڪاني ڪندو رهيو.

ڳوٺ ۾ جڏهين ڀاءُ ۽ ڀين ماڻهن سان ڳالهه ڪيائين ته سڀ چوڻ لڳس، "هوءُ پاڻهي ٿا توکي آڇ ڪن. آڇ به اُها، جا ڪنهن نه ڪنهن کي هونءَ به ڪندا

آهن. فصل لهڻ تي هنن جو حق ڪين ڏج. احسان ٻورو. ٻيو ڇا؟

خود ٽوڙيءَ جي وڏيري جانمحمد بہ اها صلاح ڏنس، "ڪونگو، ٻڌ تہ ڪري سونهري موقعو هٿان نہ وڃاءِ. تنهنجو ڪل خرچ ايندو ڏهہ ٻارنهن هزار، اُپت ۾ تنهنجي حصي ۾ اَن ايندو ٽيهن هزارن جو. تون بہ چار ڏينهن ٻڌ تہ ڪٽي نہ. مقاطعو وري هٿ اچي ويندو قاضيءَ عطا الله کي. حميد ۽ علي تنهنجي آسري زمين غيرآباد تہ نہ رکي ويهندا."

۽ اُن ڏينهن شام جو علي مراد بہ اچي سهڙيو. قاضي عطا الله بہ گڏ هوس. قاضيءَ چيو، "ڪونگومل، زمين تون ڪٽي نہ ڀل ڪڻ. مان ڪنهن ٻيءَ زمين جو مقاطعو وڃي ڪٽيندس. پر يار، فيصلو ڪر تہ طبي. زمين کيڙڻ جو اچي وقت ٿيو آهي."

ڪونگومل جي اوطاق تي ڪاڻ ٻيهڻ جي دوران ۾ وري ٿوري گهڙي زمين جي مقاطعي جي ڳالهہ نڪتي.

قاضيءَ چيو، "ڪونگومل، شڪر ڪي اِئون نہ هڻ. سال جي اندر رڳجي پوندين. مان ان زمين مان چاليهہ هزار ڪمائيندو آهيان."

۽ ڪونگومل بہ نيت ڇٽي تي ڏنو، "چڱو يار، هيترو ٽا ڇٽو، هيترن ڏينهن کان. هڪ سال مان بہ تو مقاطعو ڪٽي ڏسان."

علي مراد چيو، "پوءِ دڪان وسري ويندءِ."

ڪونگومل ڪلي چيو، "دڪان ڪوڙ وساريندس. هيڪاري پيو ٻه کوليندس ۽ ننڍي ياءُ کي وهاريندس."

قاضيءَ پڇيو، "پوکيندين ڇا؟"

ڪونگومل منجهي پيو. پوءِ چيائين، "يار، اها صلاح ٻه اوهان ئي ڏيو."

صلاح علي مراد ڏني. چيائين، "همت ٻڌين ۽ جيڪب آباد مان رسٽن مشين خريد ڪري اچين ته ڪپهه جو فصل هٽي سگهين ٿو. فصل اهو لهندو جو تون مان ٻٽي ٻرئجي پونداسين."

ڪونگومل ٻه ته ڪٽي هم نه ٿم. ٻٽي ڏينهن چڙهي پيو ريل گاڏيءَ ۾. هفتي بعد رسٽن مشين جي بلٽي کيسي ۾ وجهي اچي ٽڙيءَ پيرو ٽيو. مشين پاڻ جيڪب آباد اسٽيشن تي بڪ ڪري آيو هو، ۽ پندرنهن ڏينهن ٽبري ويا، مجال جو مشين اچي نڪري.

قاضيءَ چيس، "ڪونگومل، پهرين تو فيصلي ڪرڻ ۾ دير ڪئي، هاڻ ريلوي وارا اينگهه ٿا ڪن، ڦٽين پوکڻ جو وقت نڪري ويندو. الله توهار ڪري جوئر پوک. نه ته اُن جي مهل به ٽري ويندءِ."

ڪونگومل ٻه صلاح مڃي فورن زمين جو قبضو ورتو. ڇا جي لکپڙهه ڇا جي پول. دوست جي زبان تي مقاطعدار ٻڌجي ويو. هاري هٿ ڪيائين. ڪين پج ڏنائين،

تقاوي ڏيارائين. پنهنجي سر به محنت ۽ لاڳت ۾ ڪا ڪسر باقي نه ڇڏيائين. ۽ فصل به اهڙو ٿيو جو ڪيا بات. جنهن ٿي ڏٺو تنهنجو ٿي واس ڦاٽو. هرڪنهن ٿي چيو، "ڪونگومل سچ پچ ڀاڳن وارو آهي." ڪونگومل جي ڀاڳ جو اڃا فيصلو ٿيڻو هو. ان وچ سوگهاريءَ سنڌڙيءَ جو ڀاڳ، ڦٽي پيو. پاڪستان ٿي نه ٿيو، لڏ پلاڻ به شروع ٿي ويئي. هڪ طرف هو تعصب، ٻئي طرف هو هراس. انهن وچ ڪا پل ٺهي نه سگهي. پوءِ ڪونگومل ثابت قدم رهيو. هونءَ به مڙس هو مانجهي. پار ويس ۽ رهائي رساڻي وارو به ڏاڍو هو. مسلمان زميندارن سان ٺهي نه، مسلمان آفيسرن سان به ڇڱي گهرائي هيس. مقاطعدار ٿي وڃڻ بعد ته مختيارڪار، ڊپٽي ڪليڪٽر ڏانهين ٿوري عرصي ۾ هلندي پڄندي جوڙي ورتي هئائين. ٿوڙيءَ مان هندو لڏيندا رهيا، خود ڪونگومل جي برادريءَ وارا به گهڻا سرحد پار هليا ويا. پوءِ به ڪونگومل ٿوڙيءَ ۾ ويٺو رهيو. ڀائرن کي به ٿوسائي وهاريائين، ائين چئي، "مجال آهي ڪنهنجي جو اسانجو وار ونگو ڪري."

ڪنهن کي واقعي مجال نه ٿي ڪو ڪونگومل ۽ هن جي ڀائرن جو وار ونگو ڪري مگر هن جي حق ڦٻائڻ بابت سندس پٺت منصوبو سٽجڻ لڳو. قاضي هونءَ به ڪونگومل کي مقاطعي ملڻ جي حق ۾ نه هو،

اَلبت دل ئي دل ۾ زميندار پاڻ ڪونگومل جي اَحسان لاهڻ لاءِ جڏهن هڪ قسم جو ضد ٻڌي بيٺا تڏهن قاضيءَ دل جو سور دل ۾ پي ٻاهران هيڪاري هڻن کان وڌيڪ ڪونگومل تي زور آندو مقاطعو ڪرڻ لاءِ. ائين به ٿي سگهيو ٿي ته قاضي جو زميندار پاڻن کان وڌيڪ پڙهيل ڳڙهيل هو، ڦرندڙ حالتن جو نتيجو پرکيندي ئي سوچي سگهيو هجي ۽ ان بابت اڳواٽ ئي عين موقعي تي عملي قدم به طيءِ ڪري سگهيو هجي. ڪيئن به هو؛ ٻاهر جوئر جو ڪيت هوا ۾ لهرائي رهيو هو، قاضيءَ جي دل اندر دغا جو دود دکي رهيو هو.

هن ڀيرڻ وڏي زميندار حميد خان سان سس پس ڪئي، "ڪونگومل جا مٽ مائٽ هليا ويا آهن؛ گهڻو وقت ست ڪونگومل ۽ هن جا پاڻ به نه سهندا. اڄهو ٿا پاڙت پٽن ..."

حميد خان هوشيارو قاضيءَ جهڙو ويل ڪونه هو. لڪي آواز ۾ پڇيائين، "مطلب ڇا آهيئي؟"

قاضي ڀيرڻ سهميو، پوءِ همٿ ٻڌي چيائين، "پوتار، پاڪستان ٿي ويو آهي، زمين مان جيڪا اپت ٿيندي سا پاڪستان ۾ ئي رهندي. ۽ رهڻ ڪپي به ..."

"تنهنجو مطلب آهي ڪونگومل جو حق ڦٻائجي، سائنس دغا ڪجي؟"

قاضيءَ چپ مٿين چپ تي ڦيري ۽ چيو، "سائين،

مان ته بس هڪ ڳالهه ٿو چوان ۽ پاڪستان جي پنهنجي
پاڪستان ۾ رهڻ کپي. پاڪستان نئين جمهوريت آهي،
ان کي پيسي جي ضرورت پوندي."

"ڳالهه ڪين ڪل!"

پوءِ به حميد خان پاڪستان "صدقي" قاضيءَ جي
وڪڙ ۾ اچي ويو.

قاضيءَ علي مراد سان ڳالهه ٻئي نموني ڇوري.
چيائين، "علي، مسلم ليگ ۾ پورتي ٿيءُ. اڳي پوءِ
وزير بڻجي پوندين."

"وزير!"

علي مراد جي دل ڌڙڪي. پر ڳالهه اهڙي سولي
نه سمجهيائين. چيائين، "پر جي مسلم ليگ تي وڏيرو
جانمحمد قابض آهي. هو..."

قاضيءَ ڏٺو، تير نشاني تي لڳو آهي. اُن ۾ ڪٽي
چيائين، "هو چونڊن ۾ توکان هارائڻ جو ساڙ مذهب
۽ جماعت جي نالي ضرور وساريندو. البت تون منهنجي
هڪ ڳالهه مڃي ته معاملو تهائين آسان ٿي ويندو."

علي مراد اُتساهه مان چيو، "ڇا؟"

قاضيءَ ٺهه پهه چيو، "ڪولگومل کي فصل کسان
ڏي جواب."

علي مراد کي ڇوڻ ٿي چاهيو. قاضيءَ بنا دير
وري ڇوڻ شروع ڪيو، "جانمحمد جو جيڪو ٽولي

غصو آهي، تنهن کان وڏيڪ هن جو ڏمر آهي ڪونگومل تي.“

عليءَ ۾ انسانيت اڃا سلامت هئي. چيائين، ”ڪونگومل منهنجو دوست آهي. هن سان...“

چالاڪ قاضيءَ هن جي ڪمزور رڳ پڪڙي. چيائين، ”پوءِ يار تون ڄاڻ. يا پنهنجي ذاتي مفاد کي ڪڙهه يا دوستيءَ کي.“ اتيئي چيائين، ”پر تنهنجي دوستي ڪونگومل سان گهڻا ڏينهن هلندي؟ ۽ اها ڪهڙي دوستي آهي؟ هو ترسيو ٿي ان لاءِ آهي ته فصل ڪٽي پارت پڄي وڃي. ۽ پاڪستان مان پيدا ڪيل پيسا وڃي پارت ۾ لڳائي.“

علي مراد جي انسانيت پوساڻجڻ لڳي. ۽ ستت اها مري ويئي.

قاضيءَ جي دل ڪڳيون هڻڻ لڳي.

علي مراد جي خاصخيليءَ وڃي ڪونگومل کي چتايو، ”تنهنجي خلاف گهاٽ گهڙجي رهيا آهن.“

ڪونگومل کي اعتبار ئي نه آيو. نه ساڳيءَ ٿالهيءَ مان کائيندڙ ۽ ساڳي جام مان پيئندڙ لنگوٽيا يار ساڻن دغا ڪندا. خاص ڪري جڏهن مٿن سندن احسان هو ۽ مقاطعو به سندن ئي زوربار هيٺ ڪنيو هئائين. قاضيءَ ۾ وشواس اڳ به ڪونه هوس پر زمين جا مالڪ ته سندس سڄڻ ئي هئا نه.

لابارو پيو، ڳاهه ڳاهيو، وائر تي ۽ اَن جا ڍوڙ لڳي ويا. ڪونگومل جو اندازو هو ته اَن گهٽ ۾ گهٽ چاليهه نه ته پنجٽيهه هزار ضرور ڪندو. پاڻ مشين، ٻج تقاوي ۽ ٻئي خرچ ٻلي اٽڪل چوڏانهن هزار سيڙايا هئائين. مقاطعي جي دستور موجب کيس ٽيويهه چوويهه هزار پڙ پوندا. هو دل ئي دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيو. علي مراد جي خاصخيليءَ جي ڳالهه ٻڌڻ به دل سان نه لڳي هئس. ۽ اڳين ڪا ڏيکاري به جو نه ڏني ته کيس هو ڏس خير ئي نظر آيو.

هو لنگهي ويو زميندار پاڻن وٽ. هنن جي آءُ آدر ۾ رلي به فرق نظر نه آيس. ساڳيا ئي ڪباب، ساڳيو ئي شراب. ڪانئيندي پيئندي چيائين، "يارو، مالڪ جي مهر سان منهنجا لايا سجايا ٿيا آهن. اَڃو ته سياڻي ئي ٻٽي ڪيون."

علي ءَ وڏي پاءُ کي اک ڀڳي.

حميد خان چيو، "يار، ڪهڙي لڪڙ آهي؟"

ڪونگومل چيو، "مولڪي لڪڙ آهي. منهنجا مٽ مائٽ ٻهراڻ لڏي چڪا آهن. منهنجا پاڻ بسترا گول ڪري منهنجي لاءِ ترسيا ويٺا آهن. ۽ مان هن فصل سانگي ويٺو آهيان."

علي مراد جي زبان مان گويا قاضيءَ ٻوليو، "يار، فصل وڍڻي هليو وڃين، اِها ڳالهه ٺهي ڪين ٿي.

توکي هت ڪهڙو ڏک سور آهي؟"

ڪونگومل هاڻ ڳالھ سمجھڻ لڳو هو. چيائين، "سماجي جيون ۾ نہ کپي نہ؟ منهنجا سنبنڌي سڀ هليا ويا. مان هت رهندس تہ اڏارو اڏارو ٻيو لڳندس."

حميد خان چيو، "فصل سانگي رهيو آهين نہ؟ چڱو اِهو فصل اِتي ٻيو هوندو. نہ نبيرو ٿيندو، نہ تون ويندين. يار، اَسين نٿا چاهيون تہ تون ڪو وڃين."

ڪونگومل جا ٿاڪ لڳي ويا. اَهڙي اَڻڪلي مگر روڪڙي جواب جي هن اُميد نہ رکي هئي. هن چوڻ چاهيو، "مان رهان يا نہ رهان- اِها منهنجي مرضي. فصل جو فيصلو تہ مقاطعي جي دستور موجب ٿيڻ کپي." پر چيائين، "مهرباني ڪريو، فصل جو نبيرو ڪريو."

مگر حيوانيت جي رنگ ۾ رڱيل زميندار پائون وٽان 'مهرباني' پر ڪري اُڏامي وئي هئي. هو تہ بس انين سمجھي وينا هئا تہ اَسين ڏاڍا آهيون، ڳابا آهيون.

اَن ڏيـري ۾ ٻـيو رهيو. ڪونگومل بس اَن کي ڏسندو رهيو. اَنبار اَن جي هن جون اَکيون ٿڏيون نٿي ڪيون، هـن جي تن من کي آگ تي لڳائي. پائون چيس، ٻچر چڏ. جتي جايون زميون، ڏاڍا ڏاڙي چڏي ٿا هلون نٿي هـن اَن صدقي رات ڏيهن جو جوکو کٽي چو رهون."

ڪونگومل ڀوءِ ۾ نہ مڙيو. هُو ڀيهڙ لنگهي ويو هڪ واقفڪار وڪيل پرسرام وٽ. سڀ حقيقتون ٻڌايائينس. پرسرام چيس، "ڀاٽي تـو ولـوڙين، ڪونگومل! راڄ مسلمانن جو آهي، عملدار ۽ حاڪم سڀ مومن ڀائي آهن. تعصب جي باهہ ٻري رهي آهي. هندو تہ مٿو لڪائي رهن يا لڏين ۽ تون هليو آهين ڪڪر ۾ ڪلو هڻڻ."

ڪونگومل منجهي پيو، ڀهريون دفعو.

۽ موئنجهاري ۾ غلطان ڪورٽ مان نڪري رهيو هو جو پٺيان سڏ ٿيس، "ڀائي ڪونگومل!"

ڪونگومل منهن ورائي ڏٺو- انسپيڪٽر عطا الله نڪريون وکون کڻي ڏانهس اچي رهيو هو. هو سندس گهڻو واقف هو، ڪنهن وقت ٿرڙيءَ ۾ سب انسپيڪٽر هو. اوچتو پوليس زيادتي ڪندي آهيءَ ۾ آنڪيو هو. ڪونگومل اُن وقت جي هندو ڪمانيءَ وٽ اُثر هلائي ڪيس بچائي ورتو هو، سسپينڊ ٿيڻ کان. ڪونگومل جي من ۾ اُميد جو ترورو جاڳيو. پر اُهو اُليٽي دٻائي ڇڏيائين، "آهي تہ نيٺ بہ مسلمان نہ."

اِن وچ ۾ عطا الله سندس هٿ پڪڙي اُساه سان لوڏائي رهيو هو.

عطا الله چيو، "ڪونگومل! ڪيئن اچڻ ٿيو آهي ڪچهري ۾؟"

ڪونگومل ڪن ساعت منجهي پيو- چوان، نہ چوان.

نيت فيصلو ڪيائين، ”ڇوڪ ۾ منهنجو ڪي ويندو؟“

۽ ڪورٽ ٻاهر ٻيٺي ئي عطا الله کي ڀيرائتي کاڻي ڪري ڀڄايائين.

عطا الله چيو، ”ڀائي ڪونگومل، سڀ آڱريون هڪ سريون ڪونه ٿينديون آهن. سڀ مسلمان به خراب نه آهن. مان ته وري تنهنجي اَحسان جي ٻار هيٺ دٻيل آهيان. هيترا سال موقعي جي تاڙ ۾ رهيو آهيان ته تنهنجي اَحسان جي ڪا جوڳي موٽ ڏيان. خدا تعاليٰ وڙ ڪري موقعو بڻايو آهي ته اهو ڇڏيندس ڪونه. تو سيڙايل پيسا ۽ پنهنجو حصو مونکان لهڻو- وڌ ۾ وڌ هفتي جي اَندر.“

ڪونگومل کي پورو آٿت نه مليو؛ چيائين، ”علي مراد اسيمبلي ميمبر آهي.“

”پوءِ ڇا ٿي پيو، ڪونگومل!“ عطا الله ٿڌائين اُتساهه سان چيو، ”لٽر سان ڇڪر پوندو آهي. اَسان پوليسي آدمين کي سؤ طريقا آهن ڪنهن ٿسينگ جي ٽڪ مان ور لاهڻ جا. مون پوليسي زور آزمائڻ ڇڏي ڏنو هو، اَڳي ڏٺل تڪليف ڪاٽپوءِ. پر تنهنجي صدقي، انصاف جي خاطر هڪ دفعو اهو آزمائيندس. ۽ آزمائيندس به ائين جو زميندار ڀائر توکي حق به ڏيندا ۽ تنهنجي اَڳيان نڪ به رڳڙيندا.“

هن ڪڇ ۾ جهليل فائيل مان هڪ ڪورو ڪاغذ

ڪيڏي ڪونگومل ڏانهن وڌايو. ڪيسي مان فائونٽين پين ڪڍي، کولي هن جي هٿ ۾ ڏنائين ۽ چيائين، ”هٿ دستخط ڪر ۽ چپ چاپ ڊرڙيءَ هليو وڃ. اُتي مونسان گڏجڻ جو ڪنهن سان به ذڪر نه ڪج. هفتي اندر سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو.“

ڪونگومل صحيح ته ڪئي، پر ڊرڙيءَ تائين پڇتائيندو آيو. عطا الله تي پل مهندجو احسان هجي، کهڙي خاطري آهي ته دين پاڻيءَ جو مٽ گهرو ٿيندو. احسان ته علي مراد تي به آهي. پر ڪيائين ڇا؟ فائدو ته ڪڏ پيو، مُور مڃهي پيو آهي، مان هلڻ هارو. عطا الله کي اڳي پوءِ علي مراد سان ڪم آهي، علي مراد ڇڏي ته نه ڏيندس. عطا الله علي مراد جي وڪڙ ۾ اچي ويندو. مان اَئلو وڏيڪ پوهي ۾ اچي ويندس. ويس سگهن کي، پر ڪن به ڪپائي اچي گهر ڀيڙو ٿيو آهيان.

پوءِ به گدگ پوڙ ڪري ڊرڙيءَ ۾ رهي پيو.

ٻه ڏينهن بعد وڏيري جانمحمد جو خاصخيلي آيو. چيائين، ”ميهڙ مان انسپيڪٽر عطا الله آيو آهي. توکي پيو سڏياري.“

ڪونگومل وڏيري جي اوطاق تي پهتو. درشيه ڏسي دنگ رهجي ويو.

علي مراد پٽڪو عطا الله جي پيرن تي رکي ٻاڏائي رهيو هو، ”جهن ڇولدين، لٽن ڪندس. خدا جي

واسطي وارنٽ تان هٿ ڪڻ."

عطا الله ڪونگومل کي موڙي تي ويهڻ جو اشارو ڪيو ۽ چيو، "علي مراد توکي ٻانور آهي اسيمبلي ميمبر هجڻ جو، تنهنجي ڀاءُ کي ٻانور آهي وڏي زميندار هجڻ جو، قاضيءَ کي ٻانور آهي ديندار هجڻ جو. مان تہ معمولي پوليس وارو آهيان. ڪورٽ جي حڪم جي تعميل ڪري رهيو آهيان..."

وڏيري جانمحمد چيو، "عطا الله، اسين سڀ دين ڀائي آهيون..."

عطا الله گرجي چيو، "چپ ڪر، جانمحمد! نہ تہ سرڪاري عملدار جي فرض ادائيءَ ۾ آڏو اچڻ جي تهمت هيٺ توکي بہ ڪيپي ڪندس اندر."

ڪمرو سڄو پوليس وارن سان ڀريل هو- ٻن کان مٿي بندوقون ڪڇ ۾ جهلي بيٺا هئا.

وڏيري جانمحمد جي منهن تي هيڊ هارجي ويئي.

عطا الله تکي آواز ۾ وري چيو، "دين تہ اوهانکي چوي تہ ڪنهنجو حق ماريو؟ ٻڌايو- اسلام تہ اوهانکي چوي تہ غير مسلمانن کي ڦريو، ماريو ۽ ڀڄايو؟ جواب ڇو نہ ٿا ڏيو."

حميد خان همت ٻڌي چيو، "ڪونگومل، تون پنهنجيءَ درخواست تان هٿ ڪڻ. جئين چوندين، تئين ڪنداسين. هينئر جو هينئر."

ڪونگومل هڪو ٻڪو ٿي هيڏانهن هوڏانهن نهاري رهيو هو. هن کي سڌ ئي ڪانه هئي ته سندس دستخط مٿان ڪهڙي درخواست ڪيل هئي؟

عطا الله چيو، "ڪونگومل! درخواست ڪان هٿ ڪڍڻ چاهيندين ته به ڪڍي نه سگهندين. اُلٽو ڪوڙيءَ درخواست ڪرڻ جي جرم ۾ ڦٽڪجي ويندين."

ڪونگومل اکيون ڦاڙي هن ڏانهن ڏسندو رهيو.

عطا الله فلڪ سان چيو، "علي مراد، هينئر جو هينئر ويهن هزارن جو بندوبست ڪري سگهين ٿو؟"

حميد خان رڙ ڪري چيو، "ويهه هزار! ڪٿان آڻينداسين؟"

علي مراد چيو، "پر ڪونگومل خرچ ئي ڪيو آهي ڇهه ست هزار."

عطا الله چيو، "ستن هزارن واري رسٽن مشين ڇا هو ڀارت ڏانهن ڪڍي ويندو؟ ڪڍي وڃي سگهندو سهين؟ ڇهه هزار فائدو به نه لهڻائين. سڄي ڳالهه جي هڪ ڳالهه، ويهه هزار ڏيو يا لاڪپ ۾ هلو. ضامن جو فيصلو ميهڙ ۾ ٿيندو. اڄ ڇنڇر آهي. پرينهن کان اڳ، ضامن ڪڍڻ جو آسرو نه رکجو."

علي مراد، قاضيءَ، جانمحمد ۽ حميد خان عطا الله کان موڪل وٺي پرڀرو وڃي سس پس ڪئي. ڏهن منٽن بعد جانمحمد چيو، "ڏهه هزار اڄ رات تائين ڏبا. باقي

رقم لاءِ مان ضامن آهيان. هفتي اندر ڀرپائي ڇڏبا."

عطا الله چيو، "مان ته هفتو هٿ وٺيو آهيان. دارون ۽ مرغين جو خرچ اوهان ڀلي." هن جو نوع اڃا به مذاق نه ٿيو.

هفتي اندر ڪونگومل کي ويهه هزار ملي ويا.

ڪونگومل عطا الله کي چيو، "لک ٿورا توهانجا."

عطا الله چيو، "ٿورو نه مون اڃا پورو لاٿو ڪونهي. پر جيڪڏهن توهانجي دل چوي ته پارت پر انهن ڇنڇ، 'مسلمانن ۾ ايمان وارا آهن، احسان ياد رکندڙ آهن.'"

سچ پچ ڪونگومل هيٺرن سالن بعد به چوندو رهندو آهي، "انسانيت صرف هندن جي هڪ هٿي ڪانهي. مسلمانن ۾ به ..."

(هيءَ سچي ڪهاڻي آهي ۽ سچ پچ ان معتبر شخص جي واتان ٻڌل آهي، جنهن سان ٿي گذري آهي.)

رعب

سگڻ آهوجا

سنان جي ڪوٺيءَ کان ٻاهر نڪري، خوشيرام رنڌڻي ۾ ويٺل گيانيءَ کي چيو، "ٻڌ ته، سوئٽر جو ڦر آئيندو ڀڳو ڪيئن؟"

گيانيءَ بنان ڪنڌ مٿي ڪرڻ جي، آٽي جي چاڙهي ۾ دال وجهندي چيو، "قميص ڪليءَ ۾، پتلون پيٽيءَ ۾ پيئي آهي."

خوشيرام چڙ مان چيو، "مونسان منهن موڙائهن ڪري ڳالهاءِ! سمجهه ته مون قميص به پاتي ۽ پتلون به پاتي، هاڻي سيٽر ڪيئن ڪيان؟"

گيانيءَ ڪنڌ مٿي ڪرڻ بنان ئي چيو، "ڪالهه وانگر اڄ به سومي ماءُ وٽان آئيندو آڻي ٿي ڏيانڙو؛ ڪپڙا ته پايو!"

ڪپڙا پٽي ته ڪين ٿا وڃن، مان ٿو پڇان، ڇا توکي غصو نٿو اچي پنهنجي پٽ تي؟ هي ٽيون آئيندو ڀڳو آٿائين ٻن مهينن ۾!"

گيانيءَ ٿلهڪو ويلڻ بند ڪيو ۽ خوشيرام ڏانهن

گهوريندي چيائين، "ڇهه ڏينهن ته ٿي ويا آهن جو هن آئينو پڳو آهي، اڇا توهان ڪيس مار به نه نٿا ڏيو! مون ته ٻڌهن ئي ٻه ٽي ويلڙ ٽڪا ڪرايس، توهانجي خبر نه آهي ته اَلائي ڪڏهن سزا ڏيندئوس."

"هي تنهنجو جواب آهي! ماءُ ٿي، پٽ کي مار ڏيڻ جي سفارش ٿي ڪرين؟"

لٿي ٿي پيل قلڪي جي ڪناري تاهيندي گيانيءَ جواب ڏنو، "جيستائين لٺون نه آئيندو نه آيو آهي تيستائين ته هو اُن سيءَ ۾ پيو ڳوري ته اڄهو ٿي سزا ملي!" قلڪي جو پاسو بدلائي ۽ مڙس سان اَکيون اَکين ۾ ملائي هن وڌيڪ چيو، "سپ نه ماريندو آهي ايترو، جيترو سپ جو سراپ. سزا ڏيوس، ته هڪ ڪائي، هن روز روز جي ڏڪ ڏڪ کان ته ڇُٽي پوي."

خوشيرام ڪمر سان پڌل ٽوال جي ڳنڍ ڇوڙي وري نئين سر ٻڌي ۽ پوءِ گيانيءَ جي منهن ۾ ڇتائي نهاريندي چيائين، "توکي شايد خبر نه آهي ته مان هن دفعي ڪيس کا نئين سزا ڏيڻ تي سوچي رهيو آهيان." ۽ هلڪي آهه ڀري وڌيڪ چيائين، "پر ڇهن ڏينهن ۾ به ڪا اَهڙي نئين سزا سوچي نه سگهيو آهيان، جنهن سبب هو اَهڙين حرڪتن کان بنهه باز اچي."

گيانيءَ ذرا جوش ۾ چيو، "ٻارن کي سزا ڏيڻ لاءِ ڇهه ڇهه ڏينهن سوچيندا ٿا وتو. ڪڏهن کي ڇهه

مٽ پنهنجن ٻارن کي پيار ڪرڻ لاءِ ٻه سوچيو اٿئي؟”

“ضرور ئي ڪهڙو آهي؛ تون ڪين ايترو نه پيار ڪرين ٿي جو منهنجي پيار جي ڪسر ٻه پوري ڪري ٿي ڇڏين.”

پوءِ ۾ پيل ٻلي جي ٻاٽيءَ مان هٿ ڦوٽندي گيانيءَ چيو، “ماءُ جو پيار نه فقط ماءُ جو ٿي رهندو؛ منجهانئس ٻيءَ جي پيار جي ڪهڙي ٻوءِ ايندي؟”

خوشيرام هلڪي کل کلندي وراڻيو، “تون شايد سچ ٿي چوين.”

گيانيءَ اُٿندي ۽ زور سان ٻاٽيءَ وارا هٿ ڇنڊيندي چيو، “بس، رڳو سچ ٿي چوان؟”

خوشيرام وري ٻه هلڪي کل کلي چيو، “اَڄ رڳو سچ ٿوروئي ٿي چوين. اَڄ، مونکان ٻه سچ چوائي ڇڪنديئن.”

گياني هڪ گهڻو انتظار سان خوشيرام جي مشڪندڙ منهن ڏانهن نهارڻ لڳي. خوشيرام پنهنجا ٻئي هٿ ٻڌا ڪري، هن جي ٻنهي ڪلهن تي رکيا ۽ سندس نگاهن سان پنهنجون نگاهون ملائيندي، سرگوشيءَ جي لهجي ۾ چيائين، “توکي اَڄ هڪڙي راز واري ڳالهه ٿو ٻڌايان. پر اها ٻارن کي نه ٻڌائج. ٻڌ، مان اَڌ رات جو ننڊ مان اُٿي ڪين پيار ڪندو آهيان. ٻنهي ٻچن جا فوٽا مان ڪيسي ۾ کڻي گهمندو آهيان.”

گياني ۽ هڪ اونهو ساهه ڇڏي اکيون هيٺ ڪري چيو، "ڀڳوان توهانکي ان ڀلائي ۽ جا ڀاڙا ڏيندو!" ۽ اَڳيان وڌي آڱوٺي سان هٿ اُگهندي هن چيو، "پر وري به انهي ۽ کي پيار نه ڇڏبو! جن کي توهين پيار ڪريو ٿا تن کي نه خبر ئي ڪانه ٿي پوي."

"تون ماءُ جي پيار ۾ ئي پوري رهه، توکي پيءُ جي پيار جي ڪهڙي خبر!"

گياني ۽ هڪ سرد آهه ڀري ۽ هن جي اَڳيان سراڪو پاتي، سومي ماءُ وٽان آئيندو آٽو لاءِ در ڏانهن وڌي. خوشيرام به لپڪي، سراڪو پاتي، سندس ڪلهن کي پنهنجي هٿن سان هلڪو زور ڏيئي چيو، "اَڄ تون مونکي ڏاڍو وڻين ٿي!"

سندس هٿن کي زوردار جهٽڪي سان هٽائي، گياني گهر کان ٻاهر هلي ويئي.

ٽي چار ڏينهن ٻيا به گذري ويا پر شيام کي ڪا مار نه ملي. اهي ٽي چار ڏينهن، شيام رات جو اهو سوچي سمهندو هو ته ڪيئن صبح جو ننڊ مان اُٿاري مار ڏني ويندي. پر جڏهن ننڊ مان اُٿاري مار ڪين ٿي ڏني ويئي، تڏهن پنهنجي وڏي ڀاءُ رام سان گڏجي اسڪول اُسهڻ کان اَڳ، گهر ۾ ڪلاڪ اَڌ جيڪو سنيوڙ ۾ لڳندو هئس، تنهن جي منٽ منٽ ۾، هو تصور ئي تصور ۾، خوب مار کائي وٺندو هو. ليڪن،

جيسيتائين هو گهر ۾ هوندو هو تيسيتائين سندس مار کائڻ جو اهو تصور بلڪل ڌنڌلو هوندو هو؛ مار کائڻ جو سندس تصور اسڪول ۾ وڃي ئي چٽو ٿيندو هو، جتي ٽيئي ماستر صاحب جي پياري بڪواس جي اوٽ ۾، هن کي پيءُ وٽان ملندڙ مار تي سوچڻ جو به وقت ملي ويندو هو.

ٽي چار گهرو گهرو سوچيندڙ، من-ميريون سانجهيون ۽ پڻ راتيون آيون ۽ شيام کي بنا مار کائڻ جي گذري ويون. ۽ ان بعد، هڪ صبح جو، خود ئي سويرو جاڳي، شيام بستري مان ٽپ ڏيئي، اٿي پيءُ جي سامهون وڃي کيس چيو، "تون مونکي مار ڇو نه ٿو ڏين، پيلا؟"

خوشيرام کان ڇرڪ نڪري ويو. هن سامهون بيٺل اٺين سالين جي ڇوڪري، جنهن کيس 'توهان' بجاء 'تون' سڏيو هو، ڏانهن گهوريندي کيس سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي. هي گڏ جيڏو ڇوڪرو جو شايد سندس ئي پٽ هو، ڇٽي ڇا رهيو هو؟

شيام کي ٽڪ نڪاءُ تي وٺي. خوشيرام اکيون شوخ ڪري ٽڪ کائيندڙ پنهنجي پٽ جي ماءُ ڏانهن نهاريو.

گيانيءَ پرئل گلي سان چيو، "آيا ڳؤ، توهانکي پيار به ماءُ وٽان ئي نصيب ٿيندو نه مار به!" انين چئي

هوءَ ٻه روئي ويٺي ۽ شيام سان گڏ رام کي ٻه گهليندي رنڌڻي ۾ وٺي ويٺي.

خوشيرام نوڪريءَ لاءِ اُسهڻ جي وقت تائين سڀ ڪجهه صبر ۾ ڏسندو ڪندو رهيو.

ساڳيءَ سانجهيءَ جو نوڪريءَ کان موٽندي، هو نئون آئينو خريد ڪندو آيو، جو اچي هن گهر جي ڀت ۾ لڳل ڪوڪي ۾ لٽڪائي ڇڏيو.

ڪلاڪ بعد هن ڏٺو ته شيام سندس ڀر ۾ ٻاسيرو بيهي، ڏاڍي هٿ ۾ نئون آئينو جهلي، ساڄي هٿ ۾ جهليل ڦٽوڻي سان سنڌ ڪڍي رهيو آهي. خوشيرام ڏٺو اَٽڪڏٺو ڪري روئي ڪاٺ ۾ مڙو ٿي ويو. اوچتو شيام جي هٿ مان آئينو ڇڏائجي وڃي پٽ پيو. رام، گياني ۽ خوشيرام ٽنهي ڇرڪ ڀري پٽ ۾ نهارڻ ٻجاءِ، شيام جي ڇهري ۾ گهوُريو. آئينو ڀڳو ڪين هو. شيام آئينو پٽ مان کڻي ورتو ۽ اُن کي اُٿلائي پٿلائي ڏسڻ بعد هـو اُهو کڻي ٻـاهر هلڻ لڳو. گهر جي دروازي وٽ بيهي، هـن دروازي کان ٻاهر چائنٽ وٽ آئيني کي وٺي سٽيو. آئينو ڇيهون ڇيهون ٿي ويو.

هڪ اُڏامندڙ نظر سان گيانيءَ ۽ پڻ رام در وٽ منهن ۾ سونڊ ٻائي بيٺل شيام ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ پيڙهيندڙ انتظار جي اَحساس سان خوشيرام ڏانهن نهاريائون. خوشيرام منهن مان پاٽيءَ جو گلاس ڪڍي، رام ڏانهن

ٿهارينديءَ ٿهر سان چيو، "ٽڪر ميڙي ڪٺي ڪنڌ پاسي گند ۾ ڦٽا ڪر، جيئن ڪنهن کي لڳن نه."

رام حڪم جي بجا آوري ڪئي.

آرام سان روٽي کائي رهڻ بعد خوشيرام منهن ۾ سونڦ پائي ٻيٺل شيام جي پيءُ مان لنگهي گهر کان ٻاهر نڪري ويو ۽ رات جو دير سان گهر موٽيو.

خوشيرام جي گهر کان ٻاهر نڪرڻ بعد، گيانيءَ شيام کي اچي پـاٻوهه سان چيو، "ٻلي، هرو ڀرو نقصان ڇو ڪيئه؟"

شيام روئي ويٺو ۽ روئندي چيائين، "پوءِ ٻلا دادا مونکي مار ڇو ڪين تو ڏني؟ گهڻن ڏينهن کان پوءِ ڏيندو نه گهڻي مار ڏيندو نه؟"

"ڇڙيا، اڳيون آئيندو تو جيڪو ٻڪو آهي، تنهن لاءِ دادهن توکي ڪا سزا نه ڏيندو. ڏٺي هجيس ها ته ڪڏهوڪو ڏيئي ڇڪيئي ها."

"تون ڪوڙ ٿي ڳالهائين. اَن ڏينهن جو تو چيس ته سزا ڏينس نه هن نه چيئه ته 'مان ڪنهن نئين سزا لاءِ سوچي رهيو آهيان!' ڇا ته مون ۽ رام دريءَ ٻاهران ٻيهي ٻڌو ئي ڪين؟"

"چڱو ٻلا، جڏهن دادهن توکي اڳئين آئيندي پڇڻ جي سزا ڏيندو، تڏهن رام ۽ مان توکي ڇڏائيندا سين. هاڻي ته سزا کائڻ جو خيال لاهي ڇڏ!"

"توهين ڇڏائيندا، اهو سوچي ته هي آئينو توهانجي سامهون پيم."

"چڱو، ٻلي؛ هاڻي جيڪو ٿئه سو ٿئه، ٻيو ته پڇجانءِ!"

"ٻيو آئينو ته پڄڻ جو انجام تڏهن ڪندس جڏهن تون انجام ڪندينءَ ته مونکي دادا جي ڀر ۾ اَڪيلو نه ڇڏيندينءَ. دادا گهر ۾ اچي مس ته تون منهنجي ڀرسان هججانءِ. ۽ هوُ مار ڏئي ته تون يڪدم ڇڏائجانءِ-يڪدم."

"انجام! انجام! چڱو هاڻي هل اَندر ته اَج مان توکي هڪ سٺي ڇوڪري جي ڳالهه ٿي ٻڌايان."

پو شيام کي پلنگ تي ڀر ۾ سمهاري، گيانيءَ جڏهن ڪهاڻي شروع ڪئي، "هڪڙو هو سٺو ڇوڪرو." ته شيام سُٺي ئي سُٺي وچ ۾ ڪٽي ڇڏيس، "پاپي! توکي سٺن سٺن ڇوڪرن جون ڪهاڻيون ته گهڻيئي اينديون آهن. ڇا توکي ڪا اَهڙي ڪهاڻي نه ايندي آهي جنهن ۾ سٺو سٺو دادا هجي؟"

ماءُ جي روئڻ روئڻ ولوڙجي ويئي. هن هٿ وڌائي پٽ جي واس تي رکيو ۽ ڪيس ڳراهڙي پائي، پاڻ به سمهي پيئي. اُن بعد گياني ڪهاڻي ڪٿڻ بجاءِ دل ئي دل ۾ روئندي رهي ۽ شيام پهريائين سٺي سٺي دادا واري ڪهاڻي ٻڌڻ جي انتظار ۾ رهيو، پوءِ پنهنجي

ننڍڙي دماغ سان خود ئي اُهڙي ڪنهن ڪهاڻيءَ جي تلاش ۾ لڳي پيو ۽ آهستي آهستي جاڳڻ - جڳت جا سنڌا ٽپي خوابن جي دنيا ۾ پهچي ويو.

گذريل هفتي مار کائڻ جي ڏپ سبب، شيام هلڪي کان هلڪي کڙڪي تي جاڳي پوندو هو. اَڄ به اَڌ رات جو پاڙي ۾ ڪجهه گوڙ ٿيڻ سبب جاڳي پيو. جڏهن هن ڏٺو ته سندس ماءُ به چوري پُري جاڳڻ واري آهي، تڏهن هن اکيون بند ڪري، ڪن سولا ڪري ڇڏيا. آهستي آهستي شيام جي ڪنڌ هيٺان ٻانهن ڪڍي، گياني پلنگ تان اُٿي ويٺي. کليل دريءَ مان ٻاهر ماڻهن جي آوازن ۽ ڳالهائڻ سان گيانيءَ کي معلوم ٿيو ته ڪي شرابي پاڻ ۾ وڙهي رهيا آهن.

"ڪلياڻ ۾ متا شرابي وڃن ٿا وڌندا،" گيانيءَ پاڻ کان پاڻ کي چيو ۽ ليٽي پيئي.

ستي ئي ستي دل ئي دل ۾، ننڍڙي شيام ماءُ جي ان راءِ کي ٽيڪو ڏنو.

سندن گهر پرسان لنگهندي، هڪڙي ماڻهوءَ پنهنجي همراه کي چيو، "... نشي ۾ مار جي خبر ٿوروئي پوندي آهي..."

شيام جي دماغ ۾ ڪا ڳالهه چمڪي اُٿي. پنجن ستن منٽن جي سوچڻ بعد هو ان نتيجي تي پهچي ويو ته پيءُ جي مار کان بچڻ جو سٺي ۾ سٺو نمونو آهي شراب

ٻي نشي ۾ اچڻ. پوءِ نہ ڇڏائڻ لاءِ ماڻهو جو پير ۾ هڻڻ بہ ضروري نہ آهي.

سو هو سوچڻ لڳو، اسانجي گهر جي سامهون جيڪو وڻ آهي، وڻ جي سامهون جيڪو دڪان آهي، اُن دڪان جي پٺيان جيڪو گهر آهي، تنهنجي پٺيان جيڪو مينهن جو واڙو آهي، تنهنجي هڪ ڪنڊ ۾، مينهن جي ڪوڙ پٺيان مولو بوتلون پوريندو آهي. سندس ڌيءَ گنگا ڪيس اُتان بوتلون ڪڍندي ڏٺو آهي. دادا بہ ڪانگس بہ بوتلون گهرايون هيون، بمبئيءَ جي مهمانن کي پيارڻ لاءِ. ٻي رهٽي بوتل ۽ ٽي رهٽي بوتل پٽي چپائين. ٽي رهٽي بوتل سٺي، ٻي رهٽي بوتل خراب ... صبح جو جڏهن بسترو ڇڏي اُٿندس تڏهن اهو صبح آرتوار جو صبح هوندو؛ مار کائڻ لاءِ. وري ايڏو وڏو ڏينهن هفتي کانپوءِ ٽي ايندو ... پاپي پيسا ڪٿي رکندي آهي سا تہ مولکي خبر آهي.

شيام اکيون بند هوندي ئي پاسو ورائي ماءُ کي زور سان ياڪي پاتي. آرتوار جو صبح. شيام بسترو ڇڏي، اَڌ ڪلاڪ اندر ڏندڻ پاڻي ۽ ناشتو ڪري ورتو ۽ پوءِ پلنگ جي هڪ ڪنڊ تي پيت کي ٽيڪ ڏيئي، سليٽ ۽ قلم پير ۾ رکي، ڪتاب ۾ منهن وجهي ويهي رهيو. سندس اِن بدليل روپ کي ڏسي سندس ماءُ، پاءُ ۽ ڀيءُ اَلڳ، اَلڳ، طور منهن پاسي ڪري مشڪيو ۽

دل ئي دل ۾ سرها ٿيا. پر شيام رڪي چور نگاهن
سان پٺ ۾ ٽنگيل اَلارم جي سُئين کي ڏٺي جا ڇهيو ۽
ڪڏهن ٽيون اَٺ وڄائين. ڪيس خبر هئي ته ميٺهن
هجي، واچ هجي، ڏهن سالن کان ٺاهيل پنهنجي نيم
اَنوسار پوري اَٺين بجي اخبار ڪڇ ۾ دٻائي، ٻيڙي
دکائي، گهر کان ٻاهر جو نڪرندو ته وري ڏهين بجي
کان اَڳ ڪاڪي ڀورومل وٽان ڪين موٽندو.

خوشيرام اخبار ۾ شايع ٿيندڙ سنهيون ٿلهيون خبرون
ويندي اشتهارن سوڌو، سڀ پڙهندو هو. جنهن پيڙهيءَ
تي هو ڪاڳريءَ جو ڪم ڪندو هو اُتي هن جي ڀڳتي
۽ سياسي ڄاڻ جي ڌاڪ ويٺل هئي. پر رڳو مختيارڪار
ڪاڪي ڀورومل وٽ، آرتوار ڏينهن جا پڙهيل بزرگن
جي چوڪڙي گڏبي هئي، تنهنجي اَڳيان پنهنجي ڄاڻ
ڏيکاري سرخرو ٿيڻ لاءِ هو جنسي تڙپندو هو.

پوڻين اَٺين بجي رام ڪتابن جو ٿيلهو ڪڇي ماروت
وٽ وڃي پڙهڻ لاءِ گهر ڇڏيو ۽ پوڻين اَٺين بجي خوشيرام
'هندواسي' بغل ۾ دٻائي، ٻيڙي دکائي ۽ مشڪندڙ
چهري سان ڪنڌ هيٺ ڪري پڙهندڙ شيام تي نظر
اُڇلي، گهر کان ٻاهر نڪري ويو.

شيام ٽپو ڏئي چور قدمن سان هلي، اچي ٽيٺ
وراڻي ته ماڻهس ڇا ٿي ڪري. هوءَ گهر کان ٻاهر
پڻئين در جي دکائيءَ تي مَلڻ لاءِ برتڻ رکي چڪي

هئي ۽ هاڻي وهڻ لاءِ رانڊڪي مان صندلي کڻي وڃي رهي هئي.

شيام ڪمري ۾ موٽي اچي پٽ ۾ ٽنگيل هڪ خالي ڳوڻي هيٺ لاهي، ويڙهي، پلنگ تي رکي ۽ اُن بعد وري ماءُ کي ڏسڻ ويو ته پرتڻ ملڻ شروع ڪيا اٿس يا اَچا نه. خاطري ڪري هن موٽي اچي پٽ ۾ ٽنگيل ڪوڪي مان ڪنجين جو ڇڳو ڪڍيو ۽ پيتي کولي ٽي ريبا ڪڍي، تالو بند ڪري وري چابيون ساڳئي هنڌ اچي رکيون.

ڪوٺن جي ڳوڻ پٺيان شراب جي بوتل لڪائيندي، شيام دل ئي دل ۾ ٻاڙڪي چيو: پيئسان بي سمجهه، مونکي ڇونڊو آهي ته تون هل، مان ته بوتل کڻي اچان! مونکي به اٽڪل سجهي آئي، چيومانس ته دادا چيو آهي ته اَهڙي نموني کڻي اچي ڪوٺن جي ڳوڻ پٺيان رکجانءِ جيئن لنهنجي پاپيءَ کي خبر نه پوي.

پاندا ملي رانڊڪي ۾ رکڻ بعد، گياني اچي ڏٺو ته شيام اچا جيئن جو ليئن ڪتاب پڙهڻ ۾ مشغول آهي. هوءِ ڏاڍو خوش ٿي ۽ مشڪي شيام کي چيائين، "مان وڃان ٿي سنان ڪرڻ، رانڊڪي ۾ ڪتو ٻتو گهسي نه اچي، خيال رکج."

گياني هوديءَ ۾ وڃي اَندران ڪڙو ڏنو. جلد ئي شيام پلنگ جڏي اٿي ڪڙو ٿيو. هوُ پيءُ جي ڪوٽ

جي کيسي مان واچ ڪڍي رنڌڻي ۾ گهسي ويو.

جلد ئي گيانيءَ هوديءَ مان رڙ ڪئي، "شيام، هي حمام دستي سان ڇا پيو ڪٽين؟"

"ٻابي، ڪجهه نه آهي. ڪارا مرچ آهن."

"پر ٻلي، توکي ڪهڙي پئي آهي ڪارا مرچ ڪٽڻ جي؟" ائين چئي ظاهري ته هوءَ چپ ٿي وئي، پر من ئي من ۾ سوچڻ لڳي: آخر ته ٻار آهي؛ ڀلي ٿوري من ماني ڪري وٺي. پڙهي پڙهي ٿورو ورچڻي پيو هوندو. پر چوڻي کي راند ڪرڻ لاءِ سجهيو ۾ ڇا آهي؟ ڪارا مرچ ڪٽڻ! ڪارا مرچ؟ ڪارا مرچ ٻاٽوت آهن ڪٿي؟ ڪارن مرچن کي خلاص ٿئي چار پنج ڏينهن ٿي ويا، روز پئي سنيران، اَج ٿي وٺي اَچان... ماءُ جي دل ۾ هڪ مبهم اَنديشو پيدا ٿيو. ڪيس اَنگوڇو هينئي هو، ٻاقي بدن کي ٻوڻي ويڙهي، هن هوديءَ جو ڪڙو کوليو.

گيانيءَ جڏهن هوديءَ جو دروازو کوليو ته ڀڄندڙ شيام جي ٻنهي هٿن ۾ جهليل شراب جي ٻوتل سندس اَکين اڳيان چمڪي، سندس نگاهن ۾ اَٽڪي پئي. هڪدم ڪن نامعلوم اَنديشن سندس من کي ڀيڙي ورتو. اُن ڀيڙا وچان هوءَ حمام دستي ڏانهن نه وڌي، شيام ڏانهن ڊڪي. شيام ٻوتل جو ٻوچ کولي ٻوتل جو منهن پنهنجي وات ۾ مس وڌو ته ماڻس اچي هڪ هٿ

سندس ڪرائيءَ ۾ وڌو ۽ ٻئي هٿ سان ٻوتل منهن مان ڪڍي هٿن مان ٻه ڪسي ورتائينس.

ٻوتل هڪ پاسي رکي هن شيام کي ٻه چار چماٽون وهائي ڪڍيون ۽ سهڪندي چيائين، "موڙڪ، تون آهين گهٽو گڏ جيڏو، جو شراب جي ٻوتل، سو به ٻنان پاٽيءَ جي چاڙهڻ هليو آهين؟ اِهي ارڪان تو ۾ وڌا ڪنهن؟ تو ٻوتل ڪٿان آندي؟"

"تنهنجي پيٽيءَ مان ٿي رپيا ڪڍي، چوري ڪري، مولي ڪان ٻوتل وٺي آيس - دادا جي نالي. حمام دستي سان مون دادا جي واچ کڻي آهي - ١٥٠ رپئي واري. هاڻي ته دادا مار ضرور ڏيندو ۽ مونتي مار جو اَثر نه ٿئي تنهن لاءِ مان شراب جي ٻوتل ..." شيام شوخيءَ مان يڪساهي اِها به ڪجهه چوي ها، پر ماڻس کيس غصي مان کڻي، ويچارا ڏيندي چيو، "مونتي مار جو اَثر نه ٿئي!" ۽ سندس پٺيءَ تي ڪجهه عدد چنبا وهائيندي، سهڪندي ۽ چوندي رهي، "مان به ته ڏسان ته مار جو اَثر ڪيئن نٿو ٿئيئي. مٺا، هيڏڙي ئي هيڏا مڪر ڪرڻ هليو آهين! تنهنجي مڪر جو علاج ئي مار آهي. هاڻي جو هاڻي دادهن کي ماڻهو موڪلي تنهنجي اِها جنڙي ٿي ڪيايان!"

شيام کي ماءُ هٿان مار کائيندو ڏسي، پاڙي جا ٻه ٻار سندس در وٽ اَچي جمع ٿيا هئا. گيانيءَ رڙ

ڪري چيو، "آڙي ڪمار، رميش، وڃو ڪاڪي ڀيرومل جي گهران شيام جي پيءُ کي سڏي وٺي اچو! وڃو، جلدي وڃو!"

شيام هن مهل تائين چپ چاپ ۽ هڪ قسم جي ڏڪڻيءَ سان سڀ ڪجهه ڏسي، سهي رهيو هو. ڪمار ۽ رميش کي ڊوڙندو ويندو ڏسي سندس پير پرا ٿي ويا. سندس تصور ۾ پنهنجي پيءُ جي نهايت پيلائتي ٿي ويل شڪل جا خط-خال اڀري آيا. ڪانئس هڪ سنهي چيخ نڪري وئي. اوچتو هن هڪ زوردار جهٽڪي سان پنهنجي ٻانهن ماءُ جي هٿ مان ڇڏائي ورتي ۽ اچانڪ ڊڪي گهر کان ٻاهر نڪري ويو. گهر کان ٻاهر ٿي هڪ دفعو ته گهر يا ماءُ ڏانهن نهارڻ بنان، هن وٺي اسٽيشن طرف ڊوڙ پاتي.

اهو ڏينهن، اها رات ۽ اُن بعد ڪيترائي ڏينهن خوشيرام ۽ سندس پاڙي جا ماڻهو شيام کي ڳوليندا رهيا — ۽ اَڄ شيام کي گهر کان ڀڳي پنج سال گذري چڪا آهن.

مٺا ماڻهو ... کٽا سنگترا

اي. جي. اُتم

هوڪو ٻُڌم. دل ھرکجي وئي. اُٿي در لاٿم. برسات جي بوندن سان گڏ گھورڙيءَ جي لفظن جي لڙي پڻ اَندر گھڙي آئي:

"پائو، اَڄ ناگپوري سنگترا آندا اَٿم. باقي ٻه ٽي داڻا آهن. سستا ڏيندو سانو! ڪلياڻيءَ گھر وڃڻو اَٿم."

"اَڙي اِهي ته تون ٻاڻ به کائي سگھندين ٿي."

"سائين، اَسين ائين ڪريون ته ٻئي ڏينهن ڏيوالو ڪڍون. هن مهانگائيءَ ۾ ٻچڙن لاءِ اهي ٻه ٽڪا به ڇو نه ڪمائي وٺجن."

هو اَڪثر ڪري ڪو نه ڪو ميوو کڻي ايندو ٿي هو ۽ ائين يڪساهي ۾ مشين وانگر لفظن جا ٻوزا ڳڻيندو چوندو ويندو هو، "فلاڻو ميوو خاص لوهان لاءِ آندو اَٿم. باقي ٻه چار ٽنگ آهن. سستا ڏيندو سانو. جلدي گھر وڃڻو اَٿم."

۽ مان به مشين وانگر ٿي جڙ لکيه ڪلام دهرائيندو هوس:

"ضرورت ڪانهي. سستا ڏيندين ته ڪٺي وٺندس. پر خراب ته ڪونهن، ڪٽا ته ڪونهن؟"

اَج ٻه اهو پنهنجو تڪيه ڪلام دهرايم.

ڪلي چيائين، "ديوان، ناگپوري سنگترا ٻه ڪي ڪٽا ٿيندا آهن ڇا؟ ڪاڏي مڪياري" چوندي چوندي هڪ سنگترو چلڻ تي لڳو، پر تمام آهستي، شايد ميوي جي وڪري سان گڏ مدوگيان جو ٻه ڪو ماهر تي لڳو. سو سندس فلڪ تي وشواس ڪري سنگترو چلڻ تي زور نه رکيو مانس ۽ سنگترا ڪٺي ورتامانس. پر ته ٻه اَلاجي ڪيئن چئي ويٺس، "پاڻو، اَج وقت اُئي اَهڙو آهي، جو سڀ ڪجهه کٽو کٽو ٿي پيو آهي!..."

"هه... هه... اَدل سچ ٿا چئو" ڪلندو چوندو ٽڪڙو ٽڪڙو هليو ويو.

مان هن کي ڏسندو ئي رهيس. ٻاهر هن کي تي ڏٺم، پر اَندر ۾ ڪنهن ٻئي کي پئي ڏٺم. من ۾ هُرڻ لڳو ته مون جيڪو گفتو هن کي چيو، سو منهنجو پنهنجو ته ڪونه هو. پرائو هو. پر ان ۾ مون لاءِ جا پنهنجائي سمائل هئي، سا وسري نٿي وسري. سنگترا ته ميز تي پيا رهيا پر منهنجي من ۾ يادگيرين جا سنگترا هڪ هڪ ڦار ٿي چلجندا ويا..."

اُن ڏينهن ناگپور اسٽيشن تي ريل جو انتظار ڪري رهيو هوس. آفيس جي ڪم سانگي آيو هوس ۽ اُهو

پورو ڪري موٽي رهيو هوس. بينچ تي ڪنڌ وٺي ويٺس ئي مس ته هڪ جوان جوڙو ۽ هڪ ٻالڪ ٻه اچي پرسان ويٺا. بي‌جان بينچ ۾ جڻ ساهه پئجي ويو، ويرانيءَ ۾ ڪسمساهٽ ٿي ويئي. هاڻي آسانجهي ويٺي، اُن هند گهوڙن جي واڪو واڪاڻ شروع ٿي ويئي. هو طرح طرح جي هوڪن سان هرڪائڻ لڳا. نٿهڻ اُس ۾ اُسات گهٽائڻ لاءِ ڪٽي سنگترو ورتم ته هن ٻالڪ ٻه ڪيٽو ڪيو. سندس ماءُ گهڻو ئي نٽائڻ چاهيو پر ٻار ڪٿي ٿو مڙي. مجبور ٿي ٻالڪ کي سنگترو وٺي ئي ڏنائين. ٻالڪ جيترو ئي خوشيءَ ۾ پرجي سنگترو ڇليو، اوترو ئي هڪ ڦار چکي، ڪجهي اُٿيو. ماءُ کي اهو موٽائي ڏنائين ۽ چيائين، "ممي، هي ڪٽو ئي ڪٽو آهي، وٺ، مولکي ٻيو وٺي ڏي."

"منا، حرام جا پئسا آيا آهن ڇا، جو ٻيو وٺي ڏيانءِ؟ ڪائي ڇڏ، ٿڙيءَ ۾ اَٽڪي ڪونه پوندءِ."

پر ٻار پنهنجي آڙي تي.

منهنجو سنگترو ته مٺو لڪتو هو. مون اُهو ڪٽي هن ٻالڪ ڏانهن وڌايو ۽ مرڪي هن کي اُهو وٺڻ لاءِ آڌرائڻ لڳس. پر، هن خود دار ان ڏانهن اَک کڻي ٻه نه نهاريو. اُلٽو ڪجهڻ بند ڪري هڪدم گنڀير ٿي ويو. پنجن ڇهن سالن جي هيڏڙي ننڍڙي ٻالڪ جي خود داري ڏسي دنگ رهجي ويس. مگر دل ئي دل ۾

آن ٿي خوش به ٿيس. اِنڪري سنگتري لاءِ زور ڀري
هن جي خود داريءَ ۾ ونءُ وجهڻ نه چاهيم.

ٻالڪ جي ماءُ، سنگتري جي ڦار پنهنجي پٽيءَ کي
ڏني. ليڪن هن اها نه ورتي. مونتي هن جي انڪار،
ٻالڪ جي اِنڪار جي اُبتڙ ئي اَثر پيدا ڪيو. اِنساني
من به ڪهڙو نه عجيب آهي، جو هڪ جي اِنڪار تي
اُهو ٻلهار پئي ويو ته ٻئي جي اِنڪار تي وڇون وڇون
پئي ٿيو.

آن ئي جڏهن گهڻو ٿي سوچيم، تڏهن ئي من لاءِ موهه
ٿي وڌيم، جنهن هنن ٻن جڻن جي اِنڪار کي پرکڻ لاءِ
پوري تڪ تور ڪئي هئي ۽ اِنصاف پسند رد-عمل
ظاهر ڪيو هو. مان شايد اڃا به منهن ڦيري سوچيندو
رهان ها جو ٻڌم، "هي ڪهڙو وقت آيو آهي، جو
سڀڪجهه ڪٿو ڪٿو ٿي پيو آهي. پنهنجا مٺا ماڻهو به ڪٿا
ٿي پيا آهن؟"

منهنجو منهن اَزخود هن سندريءَ ڏانهن ڦري ويو،
جنهن جي فيلسوفاڻي مک تي غم جا ڪارونڀار ڪڪر
ڪاهي آيا هئا. هڪ ڪن نه جڻ موت جهڙي ماٺ لڳي
وئي. ٻالڪ ماءُ جي گوڏي تي ئي ليٽي پيو ۽ ٻيءَ
جڻن جو تڏهن ويڻو هو. جڻ هن جو پنهنجن ماڻهن سان
به ڪو سنبنڌ ئي ڪونه هو.

هوءَ مون لاءِ هڪ اَجنبي عورت هئي، پوءِ به

سندس گفتو مونکي ڪيترو نہ ڄاتل سڃاتل ٿي لڳو، ڪيتري نہ پنهنجائيءَ جي پڪار سان ٻُڌو ٿي لڳو. منهنجي هن جي باري ۾ دلچسپي وڌڻ لڳي. جيتوڻيڪ ظاهري طرح اُهڙي ڏيکاري نہ ڏنم. ان ڏيکاري نہ ڏيڻ ۾ ئي ڀلائي هئي ڇو جو هتي سڀڪجهہ لڪڇپ ۾ ئي گوارا لڳندو آهي. اَکين بدران ڪنن کان ڪم ورتو ويندو آهي. مان چپ ماري ٻڌڻ جي انتظار ۾ رهيس.

وري بہ هن سندريءَ ئي سڳو سوريو - "هڪ ڦار بہ نہ ڪائيندا؟ ڇا ڳالهائيندا بہ ڪونہ! رنا آهيو؟ سنگترو ڪٽي نہ کائو پر ڪجهہ ڳالهايو تہ سهين. توهانجي ئي تہ ڳالهہ رکيم. هاڻي تہ بس وڃان ئي ٿي! ڪين سمجهو ٿا تہ ريل اچڻ تي گهر موٽي هلنديس..." ۽ التجا ڀري آواز، هن جو مڙد گلو گهٽي ڇڏيو.

هن سنگترو ڪٽي ڦٽو ڪيو. مون محسوس ڪيو تہ هن سنگترو نہ ڦٽو ڪيو هو، پر پنهنجو ٻاٽڪي لڳايل تالو لاهي ڦٽو ڪيو هو تہ بہ هن مرد ڪجهہ نہ ڪڇيو هو.

وري بہ ڪجهہ وقت خاموشي طاري ٿي وئي. جاندار بينچ بدلجي، بيجان ٿي وئو هو. مگر منهنجي من جي مات روپي لهرن ۾ اُلٽو ڪنهن پٿر اُڇليو هو. سوين سوال سڙاڪا پائڻ لڳا. ڇا پتيءَ جي پتنيءَ سان اَڻبڻت آهي؟ پر اُن جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟ ڇا هيءَ استري هنکي سدائين لاءِ ڇڏي ٿي وڃي يا هو هنکي

سدائين لاءِ ڪيئن ٿو ڇڏي؟ پر هيءَ ويچاري اڪيلي ڪيڏانهن ٿي وڃي؟ هيڏيءَ سندر استريءَ جو نرادر هي پوش ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟ مونکي لڳو، هو اهو ئي راجا دشينت هو، جو پنهنجي پريتما ۽ پتنيءَ شڪنتلا کي سڃاڻڻ کان انڪار ڪري، گهر کان لوڏي رهيو هو. هاءِ! هيءَ اڄ جي شڪنتلا ڪٿي ڪٿي وڃي ٿڪندي ڦرندي؟

مان انهن سوالن جي ساگر ۾ اڃا به غوطا کائي رهيو هوس، جو وري به اهو ئي سريلو سوز ڀريو آواز ٻڌم - "ڇا ٿئي ها جي توهين به مونسان گڏ پيڪي هلو ها. هينئن نڪتو وڃڻ سان خود ماڻهن جي به نظرن ۾ ڪري پئبو آهي جنهن پيڪي گهر جي پرواهه نه ڪري، توهان سان فخر سان هلي آئي هئس، اڄ ان گهر ۾ ٻي ماڻهو ٿي ڪيئن وهندي هوندس، ڪڏهن سوچيو به اٿو؟ ڇا منهنجو پيار، ايترو جلد ڪٿو ٿي پوندو آهي؟ مون نه ڪڏهن سپني ۾ به نه سوچيو هو نه مان توهان لاءِ ايتري ڪٺي ٿي پونديس، جو هن ٻن ٽن سالن ۾ ڇهه اٺ دفعا ڪٽ پٽ ڪري پيڪي گهر ري ڪوٺيو مهمان ٿي وڃڻو پوندو ۽ ري ڪوٺيو گهر واپس موٽي اچڻو پوندو. هاڻي اهو سڀ سهڻ لاءِ گهڻي ڏاڍي سوڙهي آهي ... هيڏي جيئڻ کان ته موت ..."

هن جي دل ٻرجي آئي هئي، جڻ اُپ آب اوتڻ

لاءِ آتو هو. هوءَ ظاهري تہ سانت ٿي لڳي، پر اندران ئي اندران ڄڻ سڏڪا ٿي ڀريائين. جنسي ورلاپ ٿي ڪيائين.

منهنجي دل عارضي طور خوشيءَ سان ڀرجي ويئي تہ هوءَ شڪنتلا جيئن سدائين لاءِ دشينت وٽان لوڏجي نٿي نڪري، پر ٿوري وقت لاءِ پيڪي گهر ٿي وڃي. ليڪن تڏهن بہ سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ هن جو پيار ايترو جلد ڪٿو ڪيئن ٿيو هو ۽ هو جوان مرد گل جهڙي ڳڀرو کان، ٿوروئي وقت سهين، جدا ڪيئن ٿو رهي سگهي؟

مرد جي مات ڏسي مونکي منيان پئي لڳي. هو اسانجي وچ ۾ ڦيرو ويٺو هو، اڪري سندس ڇهري جا پاڪو بہ ڍانپي نٿي سگهيس. سندس پٺي تہ ڦيرا وچان پروتجي ويئي هئي. شايد اُن ڦيرا کي لڪائڻ لاءِ ئي هن هر گهڙي منهن ڦيري ٿي ڇڏيو. ڪڏهن آڱرين کي ٿي مهٽيائين، ڄڻ مَن جي ڀُونڪمپ کي دٻائڻ لاءِ هٿ پير ٿي هڻيائين. ڪڏهن ڪڏهن منهن هٿن سان ڪٽي ٿي ڍڪيائين، ڄڻ ڪنهن زلزلي ۾ پنهنجي زبُون ٿيل گهر ئي سوچيندي هجي.

۽ هو ڏانهن هُو ويٺو هو چپ چاپ، پٿر جو پتلو بڻيو. منهنجو شڪ تهائين پڪو ٿيڻ لڳو تہ هن مرد ضرور ڪنهن ٻيءَ ويڳس تي هرڪ هاريو آهي. هاڻي پنهنجي پٺيءَ مان پلاند آجا ڪرائڻ لاءِ ئي هيءَ اَٽڪل ڪئي

آٿس، جيئن ٻيڪي گهر وڃي وڃي بيزار ٿي، هو ۽ ڪيس ڇڏي وڃي. اَڄ جي نئين زماني جا هي نرالا نمونا ڏسي، مونکي لچوس پئي لڳو ته ڪيئن نه سڀ ڪجهه گونگ ٻوڙ ۾، گهٽ ٻُوساٽ ۾، اَصل شمشان جي شانتيءَ ۾ ٿي ٿو گذري.

هي سڀ نظارو منهنجي من ۾ طوفان مچائڻ لڳو- طوفان جنهن ۾ صبر ۽ موم جون ڀاڙون ٽٽجي وينديون آهن ۽ ڇٽجي ويندو آهي هڪ قهري ٻج نفرت جو، جيڪا سڀ سنڌا ۽ سنٻنڌ ساڙي رک ڪري ڇڏيندي آهي. منهنجو هٿ رڪجي رڪجي، ٻيڙجي ٻيڙجي اٿيو ٿي هن ٻتلي کي ڌونڌاڙڻ لاءِ...... ته هڪ نيڊڙي آواز منهنجي اَندر ۾ ڀس ڪيو- "تنهنجا هي ڪهڙا مائٽ لڳن جن سان همدردي ۽ نفرت ٿو ڪرين؟"

"ڇا همدردي ۽ نفرت لاءِ رت ماس جو رشتو ئي ضروري آهي؟ انسانيت جو ناتو ڪافي ڪونهي."

منهنجي من ۾ وڙهه شروع ٿي ويئي.

"هه...... هه...... انسانيت...... انسانيت ته ڪڏهن کو مري ويئي آهي. نه ته هڪ معصوم، هڪ مٺي سنگتري لاءِ سهڪندو رهي ۽ هن جي جيجل ڏسندي رهي. هڪ ٻتڙي، پيار لاءِ ٻاڏائيندي رهي ۽ ٻتي، ٻتر جي ٻتلي جئن سانئي وٺو رهي!"

"ضرور ڪا مجبوري اَٿن!"

"ها، ها، من جي مجبوري!"

"نہ، نہ، ......"

منهنجي مـن جي ويڙهہ جاري ٿي هئي، جو هن سندريءَ جي داٿهن ٻڌم، جڏھن ڪو ٻہ ڦاٿو هو. "اڇا ٻہ نہ ڳالهايو، اَصل نہ ڪڇجو، ڇا گونگا ٻڌا وانگر چپ ساڌي اَٿو؟ ٻر هن ڪان نہ ڪوڙيءَ جو ٻہ ڊڪ ٽٽو نہ ٿيو هو. توهان اَڳيان هڪ اِنسان پيو ٻاڏائي نہ ٻہ توهان جو پنجو ٻہ لٿو پڇي ...... ٻر سمجهي ڇڏجو، هي پيرو پيڪي گهر منهنجو آخرين پيرو ٿيندو. هن ڪاٻوءِ ڏکيو سکيو، هتي ٿي گذر ڪيو...... ۽ يڪدم ٿڌي ٿي فيلسوفاڻي اَنداز ۾ چيائين، "هاءِ! ڪهڙو وقت آهي، منا ماڻهو ٻہ ڪتا سنگترا ٿي پيا آهن......" چوندي چوندي ڦٿڪي پيئي...

۽ تڏهن مون ڏٺو نہ هن سندريءَ جي ڳلن تان لڙڪ اُگهڻ لاءِ وڌيا هن مرد جا هٿ. ۽ ساڻ ساڻ ٻڌم- "اَڙي پڳلي، تون سمجهين ٿي نہ پيڪي گهر گهڙي گهڙي ٻي ماني ٿي وڃڻ، رڳو توکي ٿي خراب ٿو لڳي ۽ دکي ٿو ڪري؟ مونکي ان موٽاجي ڏيکارڻ تي ڇا خوشي ٿيندي هوندي؟ هنن پنجن ڇهن سالن جي ننڍي عرصي ۾، گهٽيون نوڪريون بدلائيون پيئون آهن ۽ گهٽا مهنا سُڪو پُڪو پگهار آندو اَٿم؟ اُف، حياتي ڪيڏي نہ ڪٺن آهي! ۽ مان توکي ۽ هن اَبهم

ڪي هڪ ڏينهن ٻه ٻڪ ۾ پاهه ڀيندو ڏسي لٿو سگهان...“
۽ مان وڌيڪ ڪجهه ٻڌان ۽ ٻڌي وڌيڪ تپوس ڪان، اُن ٻڌوان ڏٺم ته هڪ نازڪ هٿ پنهنجو خوشبودار رومال، هن مرد جي آنسن سان تر اکڙين اڳيان ڪٽي جهليو. پٿر موم بڻجي ويو هو. پٿر ۽ موم جو اِهو ميلاپ ڏسندو ني رهان ۽ وهسندو ئي رهان، اَهڙو سوڀاڳيه نه ملندم، جو منهنجي دل اچي ويٺي! مان ٽڪڙو ٽڪڙو وڃي ان ۾ چڙهيس ۽ جيستائين ڏسي سگهيس تي تيستائين ڏسندو رهيس هن خوددار ٻالڪ، هن فيلسوف عورت، هن لڙڪ لاڙيندڙ مرد کي......

سنڌو

آنند گولاڻي

هوءَ جڏهن هڪ ڇوڪريءَ جي پرسان ويٺي ته هن دل جو بار هلڪو ٿيس. وري جو ڇوڪريءَ مرڪندي چيس، "تون جو نالو ڇا" ته ٽهڪ ڪري ويس. ڇوڪري مرهٽياڻي هئي، جا ساڻس سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. مرهٽياڻيءَ مرڪي انگريزيءَ ۾ چيس، "منهنجي سنڌي غلط آهي؟"

"تنهنجو نالو ڇا آهي." هن صحيح سنڌيءَ ۾ وراڻيو.

"تنهنجو نالو ڇا آهي؟" مرهٽياڻيءَ جهٽ سوال ڪيو.

"منهنجو نالو گوداوري آهي." گودا جواب ڏنو.

"گوداوري؟" موهن عجب وچان آهستي چيو، "اها ندي جا مهاراشٽرا مان وهندي آهي، جا هندستان جي پنجن پوتر ندين مان هڪ آهي."

"تنهنجو نالو ڇا آهي؟" گودا سوال ڪيو.

"سنڌو." موهن جواب ڏنو.

"سنڌو." گوڊا ڀولل دل سان چيو، "اها ندي جا سنڌ مان وهندي آهي، جا سيني ٻولو نديں ڪان ٻه ٻولو آهي."

"آچ ته اسالو بدلايون." سنڌوء خوش ٿي چيو، "تون سنڌو ٿي، مان گوداوري ٿيان."

"عجب جي ڳالهه آهي" گوڊا اُتساه وچان چيو، "اسانجي ڪڪين ڪي گنگا، جمنا، ڪرشنا ۽ گوداوري ڪري سڏيو ويندو آهي پر مٿن سنڌو نالو نه رکيو ويندو آهي. رواجي طرح گنگا ۽ جمنا نديں ڪان اسانکي پنهنجي سنڌوندي وڌيڪ وڻڻ کپي."

"اسان وٽ سنڌو نالو اهڙو ئي رواجي آهي، جهڙو گنگا ۽ جمنا." سنڌوء ساڌارڻ نموني ۾ چيو.

سنڌوء ۽ گوڊا جي ساهيڙپ ڏينهون ڏينهن پختي ٿيندي وئي. ٻنهي کي دفتر جو ڪم گڏجي ڪرڻو پوندو هو، جنهن کي انگريزيء ۾ Comparing (پيئڻ) ڪري چيو ويندو آهي. گوڊا پڙهندي هئي ته سنڌو پيئيندي هئي. سنڌو پڙهندي هئي ته گوڊا پيئيندي هئي. دفتر جو ڪم ڪندي ڪندي هو زمانې جون اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪنديون رهنديون هيون. سنڌوء کي خاص طرح کل ايندي هئي، جڏهن گوڊا پڙهندي "اسڪول، اسٽيل، اسٽيشن" اکر اُچاريندي هئي. سنڌو گوڊا کي سيکارڻ جي ڪوشش ڪندي هئي.

هٿي ته "سڪول، سٽيل ۽ سٽيشن" جو ڪيئن اُچار ڪجي. نيٺ گوڊا کي چوڻو پوندو هو ته "اِسڪول" اُچار ئي صحيح آهي ڇو جو آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ به "اِسٽيل" اُچاريو ويندو آهي."

سنڌوءَ کي سنڌڻ لي خنده زني ڪندي ڏاڍو مزو ايندو هو. چي، "سنڌي زالون جيڪي به گاڏيءَ ۾ ڏٺيون اٿم، سي وڏ واليريون لڳيون اٿم. پوسان ويٺل ڇوڪرين يا زالن سان ڳالهائڻ کانسواءِ رهي نه سگهنديون آهن. جي ڪو ٻيو وجهه نه ملندن ته هڪ سوال ته ضرور پڇنديون: ڪيتري ٽيشن آهي؟"

گوڊا جواب ڏيندي هئي، "بمبئيءَ ۾ نيون آهن نه؟ جڏهن سکي ويندين تڏهن هرڪنهن کي سبق سيکاريندين. اسانجون ٻليون ڏاڍيون چالاڪ آهن."

سنڌي جوان زالن ۽ ڇوڪرين جي باري ۾ سنڌو گوڊا کان پڇندي هئي، "توهان ۾ لپ اِسٽڪ لڳائڻ جو ايڏو رواج ڇو آهي؟"

"ڪجهه وقت کانپوءِ توهان ۾ به اچي ويندو."

"ٿورڙي لڳائڻ، مان به سمجهي سگهان ٿي، پر توهان نه ٻارهن تيرهن پيرا لڳائي ويچارن نازڪ چپن جو برو حال ڪري ڇڏيو آهي."

"جي حسين آهن، اُهي وڌيڪ حسين ٿيڻ چاهين ٿيون. جي سانوريون آهن، سي حسين ٿيڻ چاهين ٿيون."

"جي حسين آهن، سي سانوريون ٿيو پون. جيڪي ڪاريون آهن، سي ڪاريون-ڳاڙهيون ٿيو پون." سنڌوءَ چيو، "تون چپن تي سرخي لڳائين."

"ڪو ضرور آهي ڇا؟" گوڏا شرمائجي ويئي.

"ڇاڪاڻ جو هر ڪا سنڌڻ سرخي لڳائيندي آهي."

"ڇا سرخي نه لڳائڻ ڪري مان سنڌڻ نه ٿي لڳان."

"تون ته مرهٽڻ لڳندي آهين." سنڌوءَ فخر سان چيو، "ڏهو گلن جي ويڻي پاءِ ته پڪي مرهٽڻ ٿي پوين."

هڪ ڀيري چيائينس، "ويچاري ڪملا مٽي کي ڏاڍو ٿي ڪنهي."

"جُون هوندس." گوڏا ڪملا ڏي ڏٺو جا اُن وقت ٻه مٿو ڪنهي رهي هئي.

"ويچاري سدائين نه ڪندي هوندي."

"سدائين ضرور ڪندي هوندي، پر وار نه پسائيندي هوندي."

"وار ڪترائڻ مان اهو ته مزو ملي نه؟"

"هر ڪنهن جا خيال پنهنجا پنهنجا آهن. منهنجي خيال ۾ وار استريءَ جي سونهن آهن."

"منهنجا وار ايڏا وڏا نه آهن." سنڌوءَ ٿڌو ساهه کنيو، "نه نه اسان جي ذات ۾ بدصورت ناري، جنهن جا وار وڏا هوندا آهن، سا ڀاڻڪي خوبصورت سمجهڻ لڳندي آهي."

انهيءَ ڏينهن هڪ سنڌي ڇوڪريءَ جو ڪارڊ ٻنهي جي ميز تي پيو هو. سنڌوءَ خوش ٿي چيو، "ويچاريءَ جو مسين مسين ڀاڳ، کليو آهي. گهٽ ۾ گهٽ ٣٥ ورهين جي ته ٿيندي."

"اهو مرض توهان ۾ به هوندو؟"

"ڪي ته ضرور رهجي وينديون ۽ ڪي ننڍي عمر ۾ پرڻجيون، پر اسان وٽ ٣٥ کان ٤٠ ورهين جي ڪنوارين جو تعداد توهان کان گهڻو گهڻو گهٽ آهي. جي توهان ۽ اسان جي ذاتين جي آدمشماري وٺبي ته اسين توهان کان ويهوڻا ضرور ٿينداسين، پر وڏيءَ عمر جي ڪنوارين جو تعداد، ٻنهي ذاتين ۾ لڳ ڀڳ ساڳيو آهي."

"اسان ۾ ڇوڪري پرڻائڻ ته گهٽ ۾ گهٽ پنج هزار ڏوڪڙ ڏين."

"پنج هزار؟" سنڌوءَ رڙ ڪئي.

"اهو به گهٽ ۾ گهٽ، جي ڇوڪرو غريب ۽ مٿڙوڪ پاس آهي ته! جي مٿڙوڪ پاس ۽ پيسي وارو آهي ته ڏهه هزار وٺندو."

"ڏهه هزار." سنڌوءَ جون اکيون ڦاٽي ويون.

"باپ ڙي باپ."

"جي ڪو غريب گريجوئيٽ آهي ته اٺ يا ڏهه هزار بنان ڪنهن تڪليف جي ملندس. پر جي پيسي

وارو آھي تہ ١٥ ھزارن تائين ٽڪ ھڻندو. ڊاڪٽر، انجنيئر، وڏا آفيسر ويھہ ٻـا ٻجويھہ ھزار ٻڌا ڪنھن شومائڻ جي گھرندا آھن.

"پيڻ." سنڌوءَ مٺي کي ھلڪو ٽڪ ھنيو، "منھنجو تہ مٿو ٿو ڦري. پر ھن سنڌي ڇوڪريءَ..." ھن ڪارڊ کنيو، "مس ريٽا رگھوملاڻيءَ گھٽا ھزار پيڻا رکيا ھوندا؟"

"چون ٿا تہ اَٺ ھزار ۽ اَن ڪانسواءِ ڪپڙو لٽو."

"لٽو ڪپڙو وري ڪھڙي بلا آھي؟"

"اَٺ ھزار فقط روڪ."

"نقدم شيو؟" سنڌوءَ اَٺ آنا ٻئونءَ مان ڪڍي ڏيکاريس.

"اِن ڪانسواءِ ڪپڙو لٽو وغيره بہ ملندس."

"مطلب تہ بابل جو گھر ٻھاري ڪڍي ويندي."

"چڱيءَ طرح" گوتا ھلڪو ٽھڪ ڏنو، "اھڙو تہ ٻھارو پائيندي جو ڪن ڪچرو بہ ڪڍندي ويندي."

"پر گھوٽ تہ سچ پچ راجا ٿي ھوندس."

"ڪلارڪ راجا."

"ويچاريءَ کي شاديءَ کانپوءِ اُڏھن نوڪري بہ ڪرڻي پوندي؟"

"ضرور" گوتا ڪاوڙجي وراڻي، "شادي ڪرڻ گھرجي يا نہ؟"

"توکي شاديءَ کان نفرت آهي؟" سندوءَ ڪلهي وٽ ڇهنبڙي پاتس.

"هن نموني جي شاديءَ کان ضرور نفرت آهي."

"اسان ۾ نه هزار ٻن ۾ ڪم تمام." سندوءَ جڻ نه دلجاءِ ڏنس، "مونکي پاڻ عجب لڳو جڏهن ٻاڌم ڇوي پيو نه جي شاهوڪار ٽيٽو آهي نه سنڌي ڇوڪريءَ سان شادي ڪجي."

"ڪيس ڀائي به نه ملندي."

"چڱو ٿيو جو ڇتايئه. اَج ٿي وڃي ٿي آگاهه ڪيائس." سندوءَ لڪڙ ۾ چيو. "سنڌين سان هٿ انڪاڻ نيڪ نه آهي."

دفتر ۾ هڪ سنڌي ڪلارڪ اهڙي نموني ۾ اُٿندو ويهندو ۽ هلندو چلندو هو، جڻ نه فلمي دنيا ۾ اُٿي ويهي يا هلي چلي رهيو آهي.

سندوءَ گوڏا کي چيو، "شري فلماڻي نه ڏاڍو شاهوڪار پيو لڳي."

"تو غور سان جاچيو آهي. اُتس ڪل به ٻش شرٽون ۽ ٻي سوٽ، جي پيو بدلائيندو آهي."

"ڏاڍو نرماڪ آهي شري فلماڻي."

"ڪماري گول گپاڻي به انهن ٿي ڪندي آهي،" گوڏا راز ٻڌايس، "پاڻ ۾ چار پيئر آهن، چار ساڙهيون اُٿن. روز روز ٻي ساڙهي پائيندي آهي نه؟"

"برابر." سنڌوءَ اکيون مهٽيندي چيو، "سنڊبل به ٻيو هوندو اٿس. واچ به ٻي هوندي اٿس. ڪن جا جهومڪ به روز روز ٻيا. اِتري قدر جو اُس جي ڪاريءَ عينڪ جو فريم به ساڙهيءَ جي رنگ سان مشابهت ڪندڙ هوندو اٿس."

"جي چار نه ته اٺ وڳا هوندن." گوڏا گول ڪپاٽيءَ ڏانهن ڏٺو، "هرڪنهن وڳي سان سڀ شيون شامل آهن. وڳو مٽجي ته سڀ چيزون ڦري وڃن."

"ٻو..." سنڌوءَ هٻڪندي چيو، "ڪوٺيءَ ۾ ٻانس؟ هرڪنهن پيرڻ جو پگهر ٻيو ٻيو. اسين ته سادي ساڙهي ۽ ڪوٺي به روز روز ڌئنديون آهيون."

"اسين اُچي ساڙهي پائي پائي، ٻانسيوي ڪري، ٻوءِ ڏوئڻ ڏيئديون آهيون. اسانجيون ساڙهيون ماڻهن جيون اکيون چرخ ڪنديون آهن. توهين سادڙيون لڳنديون آهيو."

شري فلماڻي سخت ليس جي بيماريءَ جو شڪار ٿي پيو. ڇڪون ڏيندو رهيو، ڏيندو رهيو. سنڌوءَ رڙ ڪري چيس، "فلماڻي! ڪمري کان ٻاهر وڃي، دالان ۾ ڇڪون ڏي. اسانکي به بيمار ڪندين ڇا؟"

گوڏا کي هوريان چيائين، "مون اهو محسوس ڪيو آهي ته سنڌين ۾ ليس جي بيماري وڌي رهي آهي."

"دماغي ڪمزوري وڌي رهي آهي نه؟" گوڏا

جواب ڏنو.

فلماڻيءَ "آن ... چيئن" ڪندي چيو، "ڪامگانونڪر نه سنڌين پنيان هٿ ڌوئي ويٺي آهي. هيءَ هونئن جي مالين جو نتيجو آهي، باقي دماغ سؤ في صدي سالم آهي."

"گهر ٻار ڪونه اٿيئي؟" سنڌوءَ عجب وچان پڇيو.

"امان ابو جبلپور رهندا آهن."

"جبلپور به ڪو گهٽ شهر ڪونهي." سنڌوءَ چيس، "اتي وڃي نوڪري ڪر نه؟"

"نوڪري هتي ملي آهي." فلماڻيءَ نڪ صاف ڪندي چيو، "پر هتي وري گهر نٿو ملي جو ابي امان کي وٺي اچان. جبلپور ۾ وري نوڪرين جو ڏڪار آهي. انڪري گولگپن ۽ ڀڄين تي گذارو ڪرڻو ٿو پوي."

"مون ڏٺو آهي ته توهين گولگپن ۽ ڀڄين جا ڏاڍا شائق آهيو. فوٽ پاٿ تي ويهي گولگپا ۽ ڀڄيا ڳڙڪائيندا ويندا آهيو. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي ته توهانجون استريون جهڙيون گولگپا ۽ توهين جهڙا پٽاٽا ڀڄيا."

فلماڻي "آن ... چيئن." ڪندي کلڻ لڳو. گوڏا به ٻاڻ کي کلڻ کان روڪي نه سگهي. فلماڻيءَ جڏهن ڇڪون ڏيئي بس ڪيون، تڏهن چيائين، "پر اسان

غريبن جي چڱاين ڏانهن به نظر ڪرڻ؟"

"توهان ۾ صرف هڪ چڱائي آهي سا سڀ برايون ڍڪي ڇڏي."

"ڪهڙي؟" فلماڻيءَ ۽ گوڏا هڪ ٻئي وقت چيو.

"Adaptbility (موافقت)" سنڌوءَ هٿ ڀروچن ۾ اڇليو، "پاڻ کي نين حالتن سان اُنهن ٺهڪائي ويندا، جڏهن ته ڪجهه ٽيو ٽي ڪينهي. سنڌ وارو زميندار، هتي ڪلارڪ يا مزور ٿي ڪري به ڪم پيو هلائي. سنڌ وارو گهوڙيو، هتي چڱو خاصو واپاري ٿي پيو آهي. توهين ته جڏهن بمبئيءَ جا اصلوڪا رهاڪو پيا لڳو. گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ رهيا پيا آهيو. منهنجيءَ چال ۾ به سنڌي رهيا پيا آهن. گجرات ۾ گجراتي ته تامل ناڊ ۾ تاملي."

"پر اُنڪري اسانجي سنڌيت کي ناس ٿيڻ جو خطرو آهي." گوڏا هراس وچان چيو.

"ڪن ٻين ۾ سنڌيت جذب ڪري رهيا آهيو؟" سنڌوءَ سوال ڪيو، "جي توهين هتي مرهٽي سکيا آهيو ته اسان مان به ڪن ٽورن کي سنڌي ايندي آهي. هتي اسان وٽ توهانجي سنڌي ۽ سنڌيت سلامت رهندي."

فلماڻيءَ ڪاري عينڪ پائيندي چيو، "انهيءَ خاطريءَ لاءِ شڪريه. هو ڏانهن هندستاني قومي ترائي

مان سنڌ جو لفظ ڪڍڻ لاءِ ڪي سچڻ ڪوشش ڪري رهيا آهن.”

“قومي ترانيءَ مان سنڌ لفظ ڪڍيو وڃي يا نه وڃي، پر موهنجي نالن مان سنڌو نالو ڪڏهن به وڃڻ جو نه آهي. موهنجا اڳي به نياڻين جو نالو سنڌو رکندا هئا، هاڻي به رکن ٿا ۽ هن ڪالپوءِ به رکندا ايندا. مان سنڌو آهيان. ڇا مان سنڌي نه آهيان؟”

فلماڻي جهٽ ڏيئي ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو. هن هڪ ڪنڊ ۾ لڪي ٻنهي اکين جي ڪنارن مان نڪرندڙ چار آنسون رومال سان اُگهي ورتا.

گوداوريءَ چيو، “نالي ۾ ئي نه جادو آهي. جڏهن مون سنڌو اکر ٻڌو نه جهٽ پٽ هڪ مهان ٻوڙ ندي منهنجيءَ ڪلپنا ۾ آئي. اها ندي تنهنجين اکين ۾ سمائي پيئي آهي. مون ائين محسوس ڪيو جڻ نه سنڌ ۾ ويٺي آهيان، ڇو جو سنڌو منهنجي پرسان ويٺي آهي. عجيب ڳالهه آهي. مان سنڌ کان هزارين ميل پري هوندي به سنڌ ۾ ئي ويٺي آهيان. صرف هڪ اکر ٻڌڻ ڪري.”

“توهين ڀليل آهيو” سنڌوءَ ڌيرج سان چيو، “جو سمجهو ٿا نه اَسانکي سنڌ ياد نه آهي. سنڌوءَ ۾ سنڌ سمايل آهي. جڏهن موهنجا نياڻين کي سنڌو ڪري سڏين ٿا نه اَزخود هوُ سنڌ کي به ياد ڪن ٿا. هوُ تسليم

ڪن ٿا ته سنڌ سنڌين جي ڀاڻي آهي.“

گوداوريءَ جو من ڀرجي آيو. سنڌو مرڪي رهي هئي. ٻاهرين ليکڪ ته فلماڻيءَ کي ليس تڪليف ڏيئي رهيو هو، پر من پرچڻ ڪري هوءَ تڪ صاف ڪرڻ لاءِ لاچار ٿي رهيو هو...

”نئين دنيا“

جنوري ١٩٥٨

چنڊُ ۽ مڻي

کيرت ٻاٻاڻي

گيان دعوت نامو هٿ ۾ جهلي، هيٺ مٿي ڦيرائي اُن کي گهوُري ڏٺو ۽ پوءِ سونهري اکرن ۾ لکيل دعوت نامي کي غور سان پڙهيو. سيٺ هريرام کيس اِهو دعوت نامو شاديءَ جي محفل ۾ شامل ٿيڻ لاءِ عنايت فرمايو هو. گيان جي نظر وچ تي لکيل ٽِلهن لفظن تي وڃي پيئي. جن مان صاف ظاهر هو ته چنڊُ جي شادي مڻيءَ سان ٿيڻي هئي.

چهري تي هڪ ڪڙي مشڪ ڦهلائي، راز ڀريئي نوع ۾ سوچيائين - واهه! چنڊُ ۽ مڻي. نالا ته دلڪش آهن! ڀلا راجائي ٻار آهن، چنڊُ ۽ مڻي ڇو نه لکائين. ڪٿي منو ۽ مڻي لکائين، تڏهن به پيا سونهندا. سچ ڪين چيو اٿن، "جنهنجي گنديءَ ۾ داڻا، تنهنجا ڇريا به سياڻا!" وري کيس پيو خيال ٿري آيو، "شادي!" هن جي دل کي سخت ٺيس پهتي. سندس چهري تي اُداسائيءَ جو ڪڪر مڙي آيو. هو اڪيلو سر هو. هو جوان هو. هو دل جا سڀ ارمان دل ۾ سانڍيو ويٺو هو. ڪيترا

پيرا سندس دل ۾ اهڙا امنگ اڀرڻ لڳا هئا ته هو هن ڪائنات ۾ اڪيلائيءَ کي دور ڪري، ڪنهن کي پنهنجو بڻائي هن بي سواد ۽ بي رنگ زندگيءَ کي رونقدار، رنگين ۽ سلونو بڻائي، اداسائي ۽ آواره-گرديءَ کي تڙي ڪڍي ۽ گهرو جيون جو مزو ۽ آنند ماڻي. هن چاهيو ٿي ته، هو ڪنهن کي پنهنجو ڪري پڪاري ۽ ڪو کيس جيءَ کان مٺو ڪري سمجهي، هو ڪنهن جي پيار ۽ آسائش ۾ مگن ۽ مست ٿي وڃي. هو ڪنهن جي لاءِ جيون ۾ ڏک ۽ مصيبتون سهڻ ۾ لطف حاصل ڪري، هر روز ڪنهن کي ڏسندي جيون جي موج محسوس ڪري. پر — اها 'پر' تمام وڏي هئي.

هو دنيا ۾ اڪيلو هو. ننڍي هوندي ئي مائٽ کيس ڇڏي ڇورو ڪري ويا هئا. هن جو ننڍپڻ کهڙن ڪشالن هيٺ ڪٽيو هو، تنهنجي ڄاڻ صرف کيس ئي هئي. ڌڪا ٺاپا کائي، پٽي سٽي هو وڏو ٿيو هو. هن جيون ۾ ڀانت ڀانت جا تجربا ڪيا هئا ۽ قسمين قسمين ماڻهن جو آزمودو پرايو هو. هن جيئڻ لاءِ سڀ حيلا وسيلا هلايا هئا ۽ مڙس ٿي منهن ڏنو هو. هن وقت ٿي دل-سوز اوڇنگارون ڏنيون هيون ته وقت ٿي زوردار ٽهڪ ڏنا هئا. وقت ٿي ڪي ڏينهن بکون ڪڍيون هيون ته ڪي ڏينهن جيءَ پوري ڪاڌو هئائين. ڪڏهن کيس اداسائي گهيري ويئي هئي ته ڪڏهن هو مستيءَ

جي خمار هيٺ جهومندو هو. سڀ لڪ لڳڻي، هو اڇي پنهنجن پيرن تي بيٺو هو. هيٺئين ڪن مهنن کان هو سيٺ هرڀرام وٽ نوڪريءَ ۾ بيٺو هو. هو سيٺ جي گدام جي سنڀال ڪندو هو ۽ مال پهچائيندو هو. گهڻي تعليم نہ حاصل ڪري سگهيو هو پر ٻہ چار درجا ضرور پڙهيو هو، جنهنڪري ٿورا انگ اکر ايندا هئس، ۽ پنهنجو ڪم ڪيئي وٺندو هو. رهندو گدام ۾ هو ۽ پگهار؟ پگهار چند چانديءَ جون ٽڪريون جي سندس پيٽ گذران لاءِ مس پوريون پونديون هيون. اهڙي حالت ۾ شادي ڪنهن سان ۽ ڪيئن ڪري؟ ڪهڙو نينگر-پيءُ پنهنجي ڪنيا ڪيئي ڏيندو؟ ڪن وٽ سڱ، هلايو هئائين تہ جواب مليو هوس تہ اهڙي لفنگ ۽ آواري کي ڪير ڌيءُ ڪيئي ڏيندو؟ ڪن چڱن مڙسن آڇ ڪئي هئس تہ جيڪڏهن ڪجهہ پيسو ڏوڪڙ ۽ جڳهہ جڙي هجيس تہ ڪٿي پرڻائجيس، باقي ڇوڪري گدام ۾ رهائڻ لاءِ تہ ڪين ڪيئي ڏبي! ڳالهہ بلڪل واجبي هئي. آخر پليءَ جو ڪنب تہ ڪين هو جو گدام ۾ رهي گذارو ڪري سگهندو. گيان کي ايتري موڙي ڪٿي جو بمبئي جهڙي شهر ۾ جڳهہ ٽڪري هٿ ڪري سگهي، سو تہ هو ٻہ جڻن کان پير گهڙڻ. گيان اهڙي وقت چوندو هو، "رک مولي تي، اميدون اسان ٻہ نہ وڃايون آهن. هڻن ٻانهن ۾ ٻل آهي تہ ڪڏهن

سائين آسانجي ٻه سٽائي ڪندو ۽ قسمت کلندي ته ونڍي آسان وٽ ڊوڙندي ايندي."

هن کي اوچتو ياد آيو، "مار! هيءَ ته آءٌ مکڻ جون ماڙيون اڏي ويس ۽ هيءَ شاديءَ جو ڪارڊ ته هٿ ۾ ئي رهجي ويو!!" هن سوچيو شاديءَ تي ضرور وڃڻو پوندو، پوءِ ڀلي ٻين جي شادي ڏسي دل ۾ وڍ پون ۽ حسرتن جي دنيا لٽجندي رهي - ۽ اڄ ته سيٺ صاحب وٽان دعوت نامو آهي، تنهنڪري ڪهڙي حالت هيٺ به وڃڻو ضرور پوندو. هن کي ويچار آيو ته اهڙي شيءِ ۽ وڏي موقعي تي هو ڇا پائي وڃي. وٽس قيمتي يا ڪيمخاب جا ڪپڙا ته هئا ئي ڪونه. سو خيال ڪيائين ته عزت بچائڻ لاءِ کاڌيءَ جو وڳو موقعي جي شان پٽاندڙ ٿيندو. سيٺ صاحب به ته نج ۽ صفيد کاڌيءَ جي پوشاڪ پهريندو آهي، پوءِ ڀلي ڪئمبلاڪ موٽر ۾ چڙهندو هجي. الما ته شڌ کاڌيءَ سان اوڀيل هوندي اٿس نه! گيان لوهي پيٽيءَ مان شڌ کاڌيءَ جو وڳو ڪڍي اوڍيو. مٿان جواهر جئڪيٽ پاتائين ۽ پوءِ پاڻ کي هڪ اڌ دفعو آرسيءَ ۾ ڏسي ٻاهر نڪتو.

... ...

هو ٽڪيٽ خريدي اچي لوڪل گاڏيءَ ۾ ويٺو. هن جي ويچار ڌارا وري به ڇڙوُ ۽ مني جي شادي خانه آبادي ڏانهن ڊوڙي ويئي. هن دل ۾ سوچيو اڄ

چنڊ ۽ مٽيءَ جون سالن کان سانديل من جون مرادون ۽ دل جون تمنائون پوريون ٿينديون ۽ هو هڪ ٻئي کي پائي خوشيءَ جي عالم ۾ جهومندا. هو رنگين حياتيءَ جي آغوش ۾ لپٽجي ويندا. هو هڪ ٻئي سان کلي دل سان پيار ونڊيندا، ۽ ايندڙ حياتيءَ جو سونو سنسار اَڏيندا. اَڄوڪو ڏينهن هنن جي حياتيءَ جو اَمولڪ ڏينهن ٿيندو. اَڄ هو گهوٽ راجا ۽ ڪنوار راڻي بڻجي ويدي تي ويهندا ۽ حياتي ڀر پريت نباهڻ جو پرڻ ڪندا. هو اَڄ شرمائبا ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري ويهندا. پر نه، اَڄڪلهه نئون زمانو اچي ويو آهي. ڇوڪرا نه ڪنڌ هيٺ ڪري ڪونه ٿا ويهن پر ڇوڪريون به سس کنيو ٿيون ويهن. اهو چڱو ئي ٿيو آهي. نينگر جو ڪنڌ گوڏن تائين نميل ڪو نهي ٿو ڇا؟ ويچاريءَ جي ڇيلهه ئي ڇڄي ٿيو پوي ۽ مٿان ٿونٽ جيڏو گهونگهٽ ڇڪي وهڻ سان ته انسان عجيب جانور پيو لڳي. انهيءَ ۾ وري ڪهڙو حياءُ اچي ڦاٿو آهي! منهنجي شادي تي ته مان به پنهنجي ڪنوار جو منهن کولائي وهندس. سندس دل ۾ هلڪي ڪتڪتائي ۽ وڄندڙ بجليءَ جهڙي لهر ڊوڙي وئي. سمجهيائين ته ڪنهن سندس ڳالهه سمجهي ورتي آهي. سو شڪجي ۽ شرمائجي ويو. پر جلدي ڪيس ويچار آيو ته هو ته صرف سوچي رهيو هو ۽ اهڙو احساس اڀندي ئي هو پاڻ تي مرڪي ويٺو.

وري ڪيس ويچار آيو: ٻر منهنجي شادي ٿيندي ڪيئن؟ ڇنو منيءَ جي شادي ته، ٿي وئي. ڪين الاهي رپيا ملندا. سيٺ هوترام لکاپتي آهي. اهڙي ٺهڙي سان سڱ، ڪونه ڳنڍيو هوندائين. لک ته اوس مليو هوندس ۽ تنهن سان گڏ ڪا موٽر ڪو بنگلو ڪو باغ بغيچو! شاهوڪارن لاءِ لک ته، مٽيءَ جون ٻه ٽي لپون آهن. مون وٽ جيڪر هڪ اڌ هزار هجي ته شادي اوس ٿي وڃي. ڪنهن نه ڪنهن غريب ٻيءَ جي جيڪر دل سرڪي پوي. پوءِ لفنگائيءَ جا لقب هڪ طرف لهي وڃن ۽ خيالي ٻئي پاسي لهي پوي. شڪل ۽ ڊول ۾ آءُ ٻه ته گهٽ ڪين آهيان. رڳو نقدم شيو جي مهرباني ٿئي. ٻر اهي هڪ اڌ هزار اچن ڪٿان؟ سيٺ ڪان ٻه ٽي سؤ اڌارا وٺي هڪ ننڍي ڏنڍي ڪي لڳان. سال اڌ جي اندر هزار اڌ ته واهه جو نهي پوندو. پوءِ هڪڙو ننڍو دڪان ڪندان. پوءِ اميد اٿم ته سال ٻن ۾ ٻه چار هزار نهي پوندا ۽ پوءِ؟ پوءِ پيسي واري جا سالا ڪوڙ! سندس نظر سامهون ويٺل شخص تي پيئي جو ڏانهس نهاري هلڪي لمولي مشڪي رهيو هو. گيان لڄي ٿي ويو. سوچيائين ته هن سندس دل جو راز سمجهي ورتو آهي. گاڏي ٻه اچي مقرر اسٽيشن تي بيٺي ۽ هو ٽپو ڏئي هيٺ لٿو.

... ...

سيٺ هريرام کي بنگلو پنهنجو هو. محفل ۽ شادماني جو رنگ باغيچي ۾ رچايو ويو هو. رنگبرنگي گلن، ڦوڪڻن ۽ جهالرين سان حاطي کي خوب سجايو ويو هو. موٽرن جو ڪٽڪ ٻاهر گهٽيءَ ۾ قطارن ۾ بيٺو هو. ڦاٽڪ وٽ شهاڻي ٻلگ سان ٺٺڻ وارا ڳائي رهيا هوا، "گهر گهر ۾ ديوالي هئي. ميري گهر ۾ اندڀرا." ايوان ۾ ميزون ۽ ڪرسيون سجاوٽ سان رکيون ويون هيون، جن تي مهمان براجمان هئا. هن شان سامهون گيان لڄي ٿي رهيو هو. ڇا نائلان جون ڪوٽيون ۽ جارجيٽ جون ٻادلي ۽ ستارن سان چمڪندڙ ساڙهيون! ڇا پيڪيدار شارڪ اسڪن، پامپيز ۽ پڪ پڪ جا شاهاڻا سوٽ! ڇا ڪريم، پائوڊر لپسٽڪ ۽ عطر جون هٻڪارون! ڇا گلابي ڳلن، ڪجل سان ڀريل اکين، لال چپن ۽ اَڌ اُگهاڙين ڇاتين جي رونق! ڇا ناز سان هلڻ چپٽيءَ ۾ نڙو شيءِ جهلي، نازڪ نموني ڪائڻ، گلاس جي ڪنن کي چپن سان لڳائڻ کان بچائڻ ۽ هر هر ٻٽونءَ مان پائوڊر جي دٻلي ڪڍي منهن کي ٿڦڻ! ڇا اکين کي مٽڪائڻ ۽ چپ پڪوڙي اندر ئي اندر ۾ ٽهڪ ڏيڻ، هٿ هٿ ۾ ملائي شرمائجڻ ۽ ساڙهيءَ جي استريءَ کي بچائڻ لاءِ ڪرسيءَ جي ڪني تي وهڻ!

گيان منجهي پيو ته هو هاڻي ڇا ڪري! هو پاڻ کي ٽڇ ۽ ڪين جهڙو محسوس ڪرڻ لڳو. هڪ دل چيس

نہ ھڻيان پير ڪري. ھو اٿين نہ ٺيڪ نہ ٿيندو. ٻڌو ھو ڪا ويھر نہ دروازي تي بيٺو رھيو. آخر ششدر ۽ پريشان حال ۾ ھڪ پاسي ڪنڊ ۾ پيل خالي ميز جي ڀرسان ڪرسيءَ تي ويھي پُور پچائڻ لڳو.

ڪاڄ چالو ٿي ويو ھو. ڪاڌي جا ھڪڙا ڪورس ٿي پورا ٿيا نہ ٻيا ٿي آيا. ديسي ڪاڌي جا نمونا بہ ھئا تہ وديسي ڪاڌي جا بہ. ڪانٽن سان ٻين ۽ ٻارن "وٽ وٽ" پئي ڪئي. باقي نوجوانن اٿين پئي ڪاڌو جھٽ نڙيءَ مان ھيٺ لٿن ٿي نہ ٿي.

گيان جي دل درد محسوس ڪرڻ لڳي. شاديءَ جو ھيءُ شان ۽ دٻدٻو ڪيس ڪانڊ تي آيو. ھن سوچيو: ھڪ طرف ھيڏن ٿو ناٽو اوتجي ۽ ٻئي طرف مون جھڙن جي دنيا اُجڙ آھي. جي ڪن کي لٽڻ لاءِ آھي نہ ٻين کي جيئڻ لاءِ نہ ھجي! دل جون تمنائون پوريون ڪرڻ لاءِ نہ ھجي! انساني حياتي گذارڻ لاءِ نہ ھجي! گھر ٻار ٺاھڻ لاءِ نہ ھجي! ھو سوچيندو ويو...

پاسيري ويٺل گيان تي ڪاڌي ورھائيندڙن مان بہ ڪنھن جي نظر ڪانہ ٿي پيئي. يا شايد ھن کدر-پوش، ڪنڊ ۾ ويٺل شخص کي ٻيئون پڻ ڪنھن مھمان جو ڊرائيور سمجھي، نظر انداز ٿي ڪري ڇڏيو. ڀلا ڪنھن کي ڪيئن خبر پوي تہ لکپتي سيٺ ھريرام جي گدام جون ڪنجيون سنڀاليندڙ ڀائي گيانچند ھن ڪنڊ ۾

تنهائيءَ ۾ ويهي پنهنجي حياتيءَ تي ڀوُر ڀڃائي هيو آهي. گيان پنهنجي ويچارن ۾ ايترو غلطان هو ۽ دل جي اَندر ايتري پيڙا هئس جو بيٺون جو وٽس نه اچڻ ئي کيس وڌيڪ پسند هو. جيڪڏهن ڪو کيس اچي پليٽ جي آڇ به ڪري ها ته سندس دل کي ايتري چوٽ پهچي ها جو هو شايد هنن کي گهٽ وڌ ڳالهائي وجهي ها. هو بلڪل خاموش ويٺو رهيو ۽ هر چيز کي جاچيندو رهيو، پر سندس جئڪيٽ جي هيٺان دل جي اندر هڪ خوفناڪ طوفان اُٿندو رهيو.

... ...

آهستي آهستي ڪاڌي جا دؤر خلاص ٿيندا ويا. مهمان ڪاڌي مان واندا ٿي گپون شپون هڻڻ لڳا ۽ وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳا. مهمان هاڻي ڪنهن خاص ڳالهه جو انتظار ڪرڻ لڳا. گيان کي هاڻي وڃي ياد پيو ته مار! مهمانن ڪاڌي مان ته خوب وٽ ڪيا، پر گهوٽ ڪنوار ڪٿي! گهوٽ ڪنوار جو ته پتو ئي ڪونه ٿي پيو.

هن سوچيو: هيل تائين ته سڀني کي گهوٽ ڪنوار کان وڌيڪ ڪاڌي جو خيال هو. هاڻي وڏيون اوڳرايون ڏيئي هو به گهوٽ ڪنوار جو انتظار ڪري رهيا آهن.

ايتري ۾ سيٺ هرڀرام پنهنجي سادي سفيد کاڌيءَ جي لباس ۾ اُٿي کڙو ٿيو ۽ معزز مهمانن کي هٿ جوڙي پرڻام ڪري چوڻ لڳو:

“ميري پياري سڄڻو، آهڪو خبر هوندي ...”

ڀرسان وينل هڪ ٻڍڙيءَ رڙ ڪري چيو: “ٻچا هري، هنديءَ ۾ نه ڳالهايو، ڪجهه سنڌيءَ ۾ چئو.”

هريرام ٻڍڙيءَ ڏانهن منهن ڪري هٿ جوڙي نميو ۽ پوءِ شروع ڪيائين، “پيارا پاڙا ۽ ڀيڻون! توهانکي ڌنواد آهي جو هن مسڪين جي غريب خاني ۾ چرڻ گهمايا اٿو. هن شيوڪ جي نه هميشه اها اڇا هوندي آهي ته توهان جهڙا سڄڻ وري پيا هن غريب خاني ۾ پير گهمائين. ڏاو سڀ ڀڳوان جو آهي. اهو ديالات شڪتيوان آهي جو هن شيوڪ کان پيو سڀ ڪجهه ڪرائي. مرڻو اڳي پوءِ آهي. پوءِ سنسار ۾ نيڪي ڇو نه ڇڏي وڃجي. هٿ قبو ڪنهن کي آڏائي ڪونه وٺو آهي. مايا اَڇڻي وڃڻي چوڻ نه توهان جهڙن پريتوانن جي شيوا ڪري سڄائي ڪجي.

“هاڻي سيٺي سڄڻ پرساد ورتايو آهي ۽ سيٺي کي گهوٽ ـ ڪنوار جو انتظار هوندو. گهوٽ ڪنوار جا سات سگڻ پيا ٿين. برهمڻ ديوتا سائـن ۾ رڌل هـو ۽ هاڻي مان سيٺي سڄڻ کي هٿ ٻڌي وينتي ڪندس نه سيٺاڻي انـدر هال ۾ هلي گهوٽ ڪنوار جو درشن ڪن ۽ پنهنجي ڪومل وچن سان هنن تي آسيس ورکائين.

سيٺاڻي مهمان هال ۾ اندر ڪاهي ويا. گيان پڻ

أنـاولو تي هال جي طرف لڪڙي وک وڌائي ويـو ۽
گهوٽ ڪنوار جي صورت ڏسي. سيٺ هريرام هال
جي وچـم پيل سينگاريل صندل جو پردو هٽائي چيو:
"سڄڻو، هي آهن چنڊُ ۽ منِي، منهنجي لنيڙي پٽ
ديويندر جا گڏو ۽ گڏي، جن جي شادي خانہ-آبادي
اَڄ رچائي وئي آهي، جنهن جي خوشيءَ ۾ توهان
پائرن وڏا پير پـري اسانکي پنهنجو درشن ڏيڻ جي
ڪرپا ڪئي آهي."

داغ

پوپٽي هيراننداڻي

منهنجون اکيون بند هيون. ڪنهن غيبي طاقت منهنجي من ۾ ڪجهه پٽڪيو. منهنجون اکيون کلي پيئون.

نرس اچي رهي هئي. ساڄي هٿ سان دروازي وارو پردو پري ڪري هوءَ اندر گهڙي. سندس ٻانهن تي ٽوال سان سوگهيءَ ريت ويڙهيل ٻالڪ ليٽيل هو جنهن جو ننڍڙو مٿو ٽونٽ وٽ ٽهيل آرام واري جڳهه تي رکيل هو. هوءَ سڌي ڪنڌي هلي منهنجي پلنگ جي اوڏو پهچي آئي. مان جرڪ اٿي اکيان وڌي ويس ۽ ڏاڍي اڪير مان وڃي ڪائنس ٻيٻي ورتم... ته... نرس اڳيان وڌي آئي ۽ ٻيٻي منهنجي ڀرسان اچي رکيائين. هڪ نگاهه ٻيٻيءَ تي وجهي هن مونڏانهن نهاريو ۽ مشڪڻ لڳي. مان ڀلا ڪيئن نه مشڪان؟ منهنجي نه سڄي وجود ئي مشڪي ڏنو. نرس چيو:

Cute, very cute! Pug nosed sweet little angel!

۽ هوءَ هلي وئي.

مون ڀاسو ورايو. هيءَ پوري منهنجي پيٽ مان نڪري آئي آهي؟ اَندر ٿي اَندر سڄي تهي وئي؟ ننڍڙيون اکيون ... سنهڙيون پيرون ... اڙي ڀنڀڙيون ٻ اَٿس؟ ۽ هيڏيون ڏگهيون!

هن پنهنجو ٻچڙو وات کولي اُٻاسي ڏني ... منهنجي دل ڪلي ڏنو.

مون ساڄي ٻانهن سندس بدن (ننڍڙو ٻچڙو ئي ته هو) هيٺان ورائي ۽ کيس پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳايم...

آنند جي گنگا گرگاٽ ڪري منهنجي من مان وهڻ لڳي ... منهنجي رڳ، رڳ ۾ خوشيءَ جي لهر تيزيءَ سان ڊوڙڻ لڳي ...

مونکي پنهنجي سوڙ جو سور ته صفا وسري ويو. هن مدر ۽ ڪومل جيو کي پنهنجي سيني سان لڳائڻ جي عيوض ٻالڪ پيدا ڪرڻ وارو سور ته ڇا- مان ان کان ٻه وڌيڪ ڪائي تڪليف خوشيءَ سان سهي وڃان ها.

ٻيءَ پنهنجون اکيون کوليون. سندس منهن ۾ چرپر آئي ۽ سندس هيٺيون چپ ٿڙڪڻ لڳو... ائين جيئن صبح جي هير ۾ پپر جي پن جو هيٺيون حصو ڏڏندو آهي ... پٽ پٽ پٽ ... پٽ پٽ پٽ ... هن جون اکيون بند ٿي ويون ۽ پوءِ آواز آيو، اوُ... هان... اوُ... هان ...

مون پنهنجو منهن هن جي ڳل جي ويجهو آندو. تمام هلڪيءَ ريت سندس ڳل تي پنهنجا چپ رکيم. اُهڙي نرم جهڙي گلاب جي پنکڙي! پر ڪهڙي نه مٺي آهي! مکڻ جي گڏي آهي يا کنڊ جي پوري؟ هيءَ کپه ۽ ريشم جي ملاوت مان نه ڪين ٺهي آهي؟

هن مان جيڪا بيبي پائوڊر جي سرهاڻ اچي رهي هئي سا منهنجي نڪ مان لنگهي منهنجي دل ۾ گهڙي وئي ۽ منهنجي دل سڄي جي سڄي خوشيءَ جي گلال سان رڱجي لال ٿي پيئي.

مون سندس نوڙ چميو. هن اکيون کوليون ۽ تارا ڦيرائڻ لڳي. سندس سڄو بدن ڪر موڙڻ لڳو ۽ هوءَ سنهڙو مٺڙو آواز ڪرڻ لڳي، ڪُون ... هون ... ڪُون ... هون ...

منهنجي دل ۾ ڪتڪتائي ٿيڻ لڳي. هيءَ منهنجي آهي ... منهنجي دل جو ٽُڪر ... منهنجي زندگيءَ جو چراغ ... منهنجي ناري هردي جي اَڻ پورائي کي پوري ان جي ڪاڻ لاهڻ وارو اَنش ...

مون سندس پيڙهل هٿ کوليو ۽ اُن تي پنهنجون اکيون رکي ڇڏيم. هڪ عجيب تسڪين... هڪ عجيب راحت ملي رهي هئي مونکي ...

هيءَ منهنجي راحت آهي ... مون هن کي ڄاهيو آهي ... منهنجي دل ڦدي پيٽي تي پيئي جڻ ...

مون سندس مٿي تي پنهنجو هٿ رکيو. او ... هه هيءَ ته ٻچڙ سان ڀيٽي ساهه کڻي؟ هي ڀڳوان! تنهنجا لک شڪرانا! هن کي تاهڻ ۾ تو منهنجي مدد ڪئي يا مون تنهنجي ... ڪيئن به هجي ... تنهنجي وڏي مهرباني ...

پردو ڏڏيو. ٻي نرس اندر آئي. هن ڇيو ته ٻيٻيءَ کي پنهنجو کير پيار ... هنئبدل قيرائي هن منهنجي پلنگ جو مٿيون حصو مٿي ڪيو ۽ ٻيٻي کڻي منهنجي گود ۾ رکيائين. هوءَ منهنجي پير ۾ ولهي رهي ... ٻيٻيءَ جي ڳل تي ٽپڪي هٽي هن ڪيس جاڳايو.

ننڍڙو واس منهنجي ڇاتيءَ کي پڪڙڻ لڳو ... منهنجي من ۾ ترنگون اٿيون ... نه اهي لهرون هيون ... لهرون به نه ... اهي ته وڏيون ويرون هيون. سالن کان ٽرڪندڙ مان هوديءَ ۾ اٿندڙ ممتا جون ويرون ...

مان هڪ ٽانءُ بڻجي پيس ... ممتا جي صاف ۽ اوجل جل سان ڪناري تائين ڀريل هڪ ٽانءُ ... هڪ گهڙت (دلو) ... ٽانءُ اونڌو ٿي پيو هو ۽ ممتا هارجڻ لڳي هئي ...

ٻيٻي وري سمهي ٿي پيئي ... اسان ڪيس ور ور ڪري پئي جاڳايو. نرس ڇيو هاڻي پاسو بدلاءِ. هن ٻيٻيءَ کي قيرائي ٻئي پاسي ليٽايو. اوچتو منهنجي نظر ٻيٻيءَ جي ساڄي ٻانهن تي پيئي. اتي داغ هو ...

مستطيل آڪار وارو گهاٽي ناسي رنگ جو داغ !

منهنجو هٿ ڀڳهرجي ويو ... مان ٻٻيءَ کي کڻي پياري نه سگهيس ... منهنجي هٿ ۾ ڄڻ سگهه ئي نه هئي ... هٿ ۾ ئي ڇو، منهنجو سڄو بدن ستو ٿي پيو هو ...

نرس عجب مان مونڏانهن نهاريو. مون چيو، "مان ٿڪجي پئي آهيان ..."

ٻٻي سمهي پئي هئي ... نرس کيس کڻي وئي.

منهنجو پتي ڪلڪتي ويل هو. کيس تار ملي ته پهچندو آيو. ٻٻيءَ کي هنج ۾ کڻي هو ٽهڪ ڏيڻ لڳو. سال ٿيا. هن مونسان کلڻ ڇڏي ڏنو هو. ٻئي ڪنهن سان کلندو هو ۽ مان سامهون اچي ويندي هيس ته سندس کل انهين بند ٿي ويندي هئي جئين ڪنهن سئچ کي دٻائڻ سان بتي وسامي ويندي آهي.

ٻٻي کيو پئندي ته هو سندس Crib مٿان وڃي بيهندو هو ۽ جهنجهٽو وڄائي سُر ۾ ڳائيندو هو، "جهڻ ... جهڻ جهڻ ... جهڻ ... جهڻ جهڻ ..."

ڪڏهين ٻٻيءَ جي چپن تي آڱر رکندو ته ڪڏهين پنهنجا چپ ٻاهر ڪڍندو هو ۽ پوءِ ڪندو هو، گل گل گل .. گل گل گل ...

ٻٻي اَسان ٻنهي جي وچ ۾ ليٽي پئي هئي. هن پنهنجي ٻانهن وڌائي منهنجي ڳلي ۾ وڌي ۽ چيائين،

“ٻيٻيءَ جو نالو رکون ٿا ’ملن‘. هيءَ آئي آهي تہ اسين ٻئي ملي ويا آهيون ... ٻہ ڇو، ٽيئي ملي ويا آهيون پاڻ ۾ ...

منهنجو ساهہ منجهڻ لڳو. ڪنگهڻ جو بهانو ڪري مان ٿورو پري سرڪي ويس ۽ پاسو ورائي ڇڏيم. منهنجي نظر هن جي نظر سان ملڻ کان ڇرڪڻ لڳي ...

هڪ ڏينهن ٻيٻيءَ کي سنان ڪرائي، ڪيس ٽوال تي رکي اگهيم. پوءِ مٿانئس پائوڊر ڇڙڪائڻ لڳيس. پيٽ تي ۽ پٺيءَ تي ... ٽنگن تي ۽ ٻانهن تي ...

مون سندس ساڄي ٻانهن ڪنڌي ۽ داغ مٿان پائوڊر وجهڻ لڳيس ...

“ڇوري! برٿ مارڪ (Birth Mark) کي پائوڊر سان ڪيئن مٿائي سگهندينءَ؟” هن پٺيان ايندي چيو.

مونکان ڇرڪ نڪري ويو! پائوڊر جو ڊبو منهنجي هٿ مان ڪري پيو ...

هو ٻيٻيءَ جي پرسان ليٽي پيو هو. ٻيٻي جاڳي تہ هن جي پيٽ تي پنهنجو مٿو رکي هن جون ننڍڙيون ٻانهون پنهنجي گلي ۾ وڌائين ... ۽ پوءِ ڪنڌ ٿورو مٿي کڻي هو هن جي ٻانهن واري داغ کي چتائي ڏسڻ لڳو.

مان اٿي ٻئي ڪمري ۾ هلي ويس. مونکي ڊپ لڳي رهيو هو تہ مٿان منهنجي دل جي تيز ڌڙڪڻ جو آواز هو ٻڌي نہ وٺي!

مان ٻئي ڪمري ۾ آيس ته هو ٻه ٻيبيءَ کي کڻي آئي آهـو. منهنجي ڌڙڪڻ جڻ بيهي وئي گهڙيءَ پل لاءِ!

هو مونڏانهن گهور ڪري نهارڻ لڳو. مونکي لڳو جڻ هن جي نهار تيز ٽارچ آهي جنهنجي روشنيءَ ۾ هو مونـ۾ ڪجهه ڳولهي رهيو هو. مـون منهن ٻئي پاسي ڪري ڇڏيو. هو کلڻ لڳو...

رات جو مونکي ننڊ نه آئي. سڄي رات پاسا ورائيندي رهيس.

خبر ناهي ڪيڏي مهل مونکي جهونٽو آيو. اوچتو منهنجي اک کلي پيئي... ڏسان ته هو منهنجي پـر ۾ آهي ئي ڪونه. اٿي ٻتي ٻـاريم. ٻيبيءَ جي Crib خالي پيئي هئي! ڊپ جي طوفان سان منهنجو مـن گهيرجي ويو.

منهنجي ٽنگن مان سـت موڪلائي ويو ۽ مان زمين تي ئي ويهي رهيس... مون رڙ ڪرڻ ٿي چاهي پـر منهنجي زبان مان ڪو به آواز ڪين نڪتو...

مان هوش ڪوهي ويٺي هيس پـر منهنجي اکيان نظارو بلڪل صاف هو...

ڏک گهٽ سال ٿيو...

دهليءَ کان بمبئي وڃي رهي هيس. منهنجي ڀيڻ

جي بيمار هئڻ جي تار آئي هئي.

ڪيس آفيس ۾ ضروري ڪم هو. اسٽيشن تي منهنجو ڏير ڏيراڻي ڇڏڻ آيا هئا.

زناني سيڪنڊ ڪلاس گاڏي ۾ ٻه زالون ويٺيون هيون. پڇڻ تي معلوم ٿيو ته ٻئي بمبئي تائين هلڻيون ڪونهن. وچ تي ئي لهي وڃڻيون هيون. منهنجي ڏير چيو، "مرداني گاڏي ۾ هلي ويهه. اتي هڪڙا ٻيا لهندا ته ٻيا پيا چڙهندا. پنج ڇهه ڄڻا ته هوندا ئي هوندا. پوءِ ڊپ ڪهڙو؟ وري به مان ڪنهن کي پارت ڪري ٿو ڇڏيان."

مان گاڏيءَ ۾ چڙهيس. ڪوليءَ سامان رکيو. منهنجي ڏيراڻيءَ جي هڪ ساهيڙي اچي لنگهي. ٻنهي ساهيڙين ڳالهايو.

ڪوليءَ ٽنڪ مٿي رکي ۽ ٿيلهو ان جي مٿان رکيو.

"ڏيراڻيءَ کي گهڻا ٻار آهن؟"

"ڪٿي؟ ويچاريءَ کي ٻار ڪٿي آهي؟ ڏهه سال ٿيا اٿس شادي ڪئي... آپريشن ڪرائڻ... ڏس پتا پڇائڻ.. سوڻ سات ڪرڻ... پر ڀاڳ ۾ ئي ڪونهيس."

ساهيڙيس ڪليو ۽ آهستي چيائين، "سنڌ هوندي ته ڄڻيندي وري ٿوڙ..."

منهنجي ڏيراڻيءَ منهن هوڏانهن ڪري شرارت وچان اکيون مٽڪائي کلي ڏنو. (هن کي چار ٻار هئا).

مون ٻڌو به ۽ ڏٺو به. مٿين ڇپ کي ڇڪ پائي مون ڳوڙها ڳيهي ڇڏيا. تڏهين به هڪ قطرو وهي آيو... اُتي مٿي رکيل ٻئگ کي سڌو ڪري رکڻ جو بهانو ڪيم.

هنن منهنجي من روپي گهر ۾ طعني روپي چڻنگاري اُڇلي ڇڏي هئي. من جلڻ لڳو ته دونهون منهن تائين هلي آيو. اهو دونهون ڪيئن ڏيکاريان؟ مان مشڪل لڳيس. ٽرين ٽڙي ۽ مان زور زور سان هٿ لوڏڻ لڳيس. ٻه جيئن ئي ڏير ڏيراڻي اکين کان پري ٿيا مان سڏڪي پيس! اکڙين مان جو پاڻي ڇلڪيو سو اصل بس ئي نه ڪري!

ٽرين اچا پليٽفارم تي لنگهي رهي هئي. منهنجو منهن دريءَ کان ٻاهر هو. ڪيترن ماڻهن ڏٺو. هنن سمجهيو هوندو ته ڪنهنجي وڇڙڻ ڪري روئي رهي آهيان. هنن کي ڪهڙي خبر ته مان اَڻ پوري عورت آهيان ۽ پنهنجي ڪاڻ ٿي روئي رهي آهيان! منهنجي دل جڻ هڪ ٻرندڙ ڪاٺي هئي... اڳيان منهن وٽ جلي ۽ ڇرڪي رهي هئي... ٽمڪي ۽ سمي رهي هئي...

جڏهين هياءُ ڪجهه هلڪو ٿيو تڏهين منهن اَندر ڪيم. ڳاڙهين اَکين ڪري مونکي لڄ اچي رهي هئي. ڪنهن به ڪونه مونڏانهن نهاريو پوءِ به مان انهن سمجهي

رهي هيس ۽ سڀ منهنجون لال اکيون ڏسي رهيا آهن.
مان باٿ روم ۾ هلي وئس.

موٽي اچي پنهنجي جڳهه تي ويٺيس. سامهون ٻه ماڻهو ويٺا هئا. هڪ ٽنگون مٿي ڪري، ٽيڪ ڏيئي ويٺو هو، ٽورو ڏسي، اکيون بند ڪري ٿي ڇڏيائين. ٻيو جنهنکي منهنجو ڏيڍ منهنجي پارت ڪري ويو هو، اخبار پڙهي رهيو هو. مان ويٺيس ۽ هن اخبار تان منهن هٽائي مونکي ڏٺو. وري اخبار پڙهڻ ۾ لڳي ويو. مان ڪيس جاچڻ ۾ لڳي ويس.

ست سالن کان ڪنهن به حالت ۾ ننڍو نه هوندو... اکيون ننڍڙيون پر ڪهڙيون نه تيز اٿس! سوٽ ته سٺو پيو اٿس... اڇا ٽاءِ به مئچ پاتي اٿس؟ ڪاري ڪمپليٽ سوٽ ۽ اڇي خميس تي اڇي ڪاري پٽاپٽي ٽاءِ... مٿي جو اڳيون اڌ صفا لسو... حيدرآباد جي ٽڪريءَ جهڙو... ۽ پويون اڌ... ڪچا پڪا ڇڙا اڇا ڪارا وار... نڪ ننڍو پر ڇهنبدار...

پر به مان ڪيس ڇو ويٺي جاچيان؟ نه... ائين ئي ٿي ڇوان. اکيون، نڪ ۽ وات ننڍڙا ۽ نفيس اٿس، جيڪر زال کي اهڙا روش وڌيڪ سٺا لڳن... هي مرد نه پر زال هجي ها ته ڪيئن لڳي ها؟

مون چپن ئي چپن ۾ هلڪو ٽهڪ ڏنو. هن مونڏانهن هڪ تيز نظر اڇلي... اوهه... اکيون اٿس يا ڪي

ڳالهائيندڙ ڇهبوڙ آهن!

هڪ ڪن لاءِ منهنجي پٺيءَ جي ڪنڌي ۾ ڊپ جي هڪ هلڪي لرزش پيدا ٿي. ۽ آئيني ۾ منهنجي ڏيڍائيءَ جي ٿلوليءَ ڀري نگاهه، سنڌس ساهيڙيءَ جو طعنو ياد آيم... هڪ نوڪدار سوئو منهنجي سيني ۾ چڀيو ۽ مونکي درد ٿيڻ لڳو... مونکان هڪ ڊگهو ۽ گهرو ساهه کڄي ويو!

هن شخص وري اخبار تان منهن هٽايو. هن دفعي هن جي نگاهه ۾ همدرديءَ جو ڀاو هو. هُو مونکي ڇتائي ڏسڻ لڳو...

مان پنهنجي خيالن ۾ کوهجي ويس... ٻار ڪونهي اِنڪري منهنجو گهوٽ مونکي پيار ئي نه ٿو ڪري... هر گهڙيءَ چوي "گهر ۾ ڇا ويهي ڪريان؟... ڪمايان ڪنهنجي لاءِ؟... نهيو اَڄ آفيس ۾ نه ٿو وڃان... آخر پنيان ڪير وٺو آهي جنهنجي لاءِ پيو ڳهان؟...

۽ هن اَنگريز ڊاڪٽر کان جاچايم ته هن ته چيو ته خرابي ڪاٻه ڪانهي. اوهين تمام گهڻي چاهنا ٿا ڪريو اِنڪري ٻه ڪڏهين ڪڏهين ائين ٿيندو آهي...

هن شخص هٿ وڌايو. اَنگور آڇيندي چيائين... "Please"...

مون هڪ ڳڙي کنئي ۽ چيم Thank you ... مان راس جو ٽرين ۾ ڪجهه کان ئي کين... ۽ انگور؟

اهو نه گهر ۾ ڪانئو آهي... ٻوٽن ۾ مان ٻاهريون گند ڇڻ
... ڦڪوڙا ڏڪوڙا ڪائيندي آهيان ...

پر هيءَ ڪيڏي مهل ڪپڙا مٽائي آيو؟ کير جهڙا اڇا ڏوتل ڪپڙا ... آڏني جو چولو ۽ پٽيٽي جي پتلون ... آگريون به ڏگهيون سنهيون اٿس ... پر منهن تمام ننڍڙو اٿس ... اُن ۾ وري گهنج جو اٿس سو ڇتائي نهارجي ... نه باندر پيو لڳي .. باندر خود نه نه باندر جو ياءُ ٿي سهين ...

مولڪي مزو اچي رهيو هو ... هُو پيو شخص مٽي هند وڃائي وڃي سمهيو. هيءَ مئگيزن ڪڍي پڙهڻ لڳو. مئگيزن ۽ ڪتابن سان ٿيلهي پوري ڪيٽي هيائين...

مان به جيڪر مٽي وڃي سمهان... خالي پيو آهي بوٿ. هيٺن پرائي مرد جي سامهون ڪيٽن سمهبو؟ پر چڙهان ڪيٽن؟ هيڏو مٽي منهنجي ٽنگ ڪڇندي؟ ... نه ... هيءَ ڪلندو...

مون بسترو کوليو ۽ هيٺ ٿي وڇايم. ڪجهه وقت دريءَ کان ٻاهر نهاريم... ۽ پوءِ چادر سان پاڻ ڍڪي پاسو ورائي سمهي پيس...

مون محسوس ڪيو ته منهنجي پڪيل بدن تي ڪنهن جون اکيون گهمي رهيون آهن. پر مولڪي ڌپ ڪين ٿيو. گهڻو ڪري مردن جي اها عادت ٿيندي آهي- سپه ٻٽجڻ جو رخ اختيار ڪري ڪي اکين جي

ڪنڌن سان ڳنڍيا آهن نه ڪي مٿاڇرو ... پر نهاريندا ضرور آهن ...

ڊپ نه ڪين ٿيم پر لڄ البت آيم پئي. گاڏي ۾ گهٽيئي ماڻهو هئا ... سامهون مٿئين بوٽ تي پڻ هڪ ماڻهو هو ... هي به نه اُسيس، نه تي لڳو ... وڏي ڳالهه جوان به ڪين هو ... (هاڻي جوان ۽ پيري بابت اڳوڻو ويٺل خيال صفا بدلي ڇڏيو اٿم).

چادر اندران گهڙيءَ ٽنگ پئي ڪنهيم نه. گهڙيءَ ٻانهن ... ٻنڌ ئي نه پئي آئي ... منهنجي حياتي به ڪهڙي آهي؟ ڀلا ڪهڙي ڪم جي؟ خالي نه آهيان ... تڏهين نه منهنجو گهوٽ مونسان ڪلهي به نٿو ڳالهائي ... ڏيراڻي ... مونکان ئي ننڍي ... پاڻ نه ٿوري ڪري ٿي پر سندس ساهيڙي به منهنجو مذاق ٿي اڏائي! زندگي ڪيتري نه ڪوڙي آهي! فقط هڪ ٻار ... ڏس ساوڻيءَ کي ڇهه ٻار آهن ... هن کي پنج ۽ مونکي ڪٿي هڪڙو هجي ها... ڀگوان هيئن پاسخاطري ڇو ڪندو آهي؟ ڪين حساب ڪتاب رکڻ ڪين ٿو اچيس ...

شايد اک لڳي ئي ويئي. ڀانيان ٿي رات جو پوئون پهر هو ... دريءَ کان هلڪي هير لڳڻ شروع ٿي هئي ... ٿڌڪار به هئي ... مون چادر ڪڍي ڪلها ٿي ڍڪيا ... اڃا ڪافي انڌيرو هو ... جيئن

چادر کنيم نہ ڏنم هوُ منهنجي پيرانديءَ کان وٺو هو !

هن ڏٺو نہ مان جاڳي آهيان ... منهنجي پير تي پنهنجو هٿ رکيائين ... مون پنهنجو ساهہ روڪي ڇڏيو ... خيال آيو نہ لت هڻي پري ٽڪي ڇڏيانس ...

مون ۾ ويٺل شيطان جاڳي پيو ... سنڌي تي نہ آهيان ! پوءِ ... مان پسيني سان ٻُڙ ٿي ويس ...

هوُ چادر لاهي پري ڪرڻ لڳو. منهنجي دل ڌڙڪڻ لڳي ... ٽڪڙو ٽڪڙو ساهہ کڄڻ لڳو ...

هو منهنجي مٿان جهڪيو ... مون ڪو بہ ورود نہ ڪيو !

گاڏي پليٽفارم تي بيٺي ... اسٽيشن جي روشني گاڏي اَندر آئي ... سامهون مٿين برٿ تي ماڻهو ڪونہ هو ... گاڏي ۾ صرف ٽي ڄڻا هئاسين ... هوُ، مان ... ۽ پريان ... گهڻو پريان ... هڪ ٻيون ننڊ ۾ ستل ...

هوُ پنهنجي جڳهہ تي سمهيو پيو هو. صبح جي روشني ڦهلجي رهي هئي ... هن ڏائي ٻانهن ڪنڌ جي هيٺان رکي هئي ۽ ساڄي ٻانهن منهن مٿان ورائي رکي هئائين ... اُن تي هڪ داغ هو ... مستطيل آڪار وارو گهاٽي ناسي رنگ جو داغ ...

... ...

"هي ڇا؟ ڪري پيئي آهين يا ٻاٽمرادو پٽ تي ويهي رهي آهين ؟"

هو ٻيبيءَ کي هنج ۾ کڻي اَندر گهڙيو ۽ کلڻ لڳو...
مان پاڻ سنڀالي اُٿيس ۽ ڏانهس وڌيس ...
”ڪنگهيائين پئي سو ٻاهر کڻي ويوسانس ... ڇيم
معان ماڻس جي لعب ڦٽي پوي ...“
ٻيبي هن جي هنج ۾ ئي هئي! مون ٻانهون ڦهلائي
کڻي ٻنهي کي ڀاڪر پاتو!

يادگيريون

ڪرشن کٽواڻي

جڏهن جڏهن اَڪيلائي گهيرو وجهندي آهي ته من دل جي بستيءَ جي اُن حصي ۾ چڪر ڪاٽڻ لڳندو آهي جتي ڪنڊهر ئي ڪنڊهر آهن ۽ اُهي ڪنڊهر سوين ڪهاڻيون ٻڌائڻ لڳندا آهن، ڪهاڻيون جي دماغ جي پٽيءَ تان ڪڏهوڪو ميسارجي ويئون آهن.

هي رهاڻيون به اَلي ئي ٻڌل آهن. اِنهن ۾ ڪيتري حقيقت آهي، ڪيترو تصور، اهو ڇيد ڪرڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي.

پهريون ڏينهن

ڪاليج ۾ پهريون ڏينهن عجيب نموني گذرندو آهي. مان ٻاهران آيو هوس. رات جو دير سان اسٽيشن جي ويٽنگ روم ۾ سمهيو هوس ۽ سڄي رات ڪاليج جي زندگيءَ بابت خواب ڏسندو رهيو هوس. هڪ وڏي در

مان سياڻي طلسم اندر ٻيو پائيندس، اندر ڇا ڏسندس خبر نہ هئم.

صبح جو سويل هاسٽل ۾ پهتس. هڪ گجراتي ڇوڪرو ڪاليج جي ٻسڪوڊائي ۽ جدا جدا ڊپارٽمينٽس مان گهمائي آيو. آفيس وٽ ڇڏي هوءُ هليو ويو. آفيس ۾ ڦي ڀريم، فارمن تي صحيون ڪيم ۽ ٻيو به دستوري، غير دستوري ڪم ٿيو.

ڇوڪرين ڏسڻ سڀ عجيب لڳندو آهي نئين شهر ۾. سوچيم نئين ڪوار ڇوڪرين ڏسڻ ساهوري ڪيئن محسوس ڪندي هوندي. ٻہ ٻاهريون اکيون، هڪ اندريون اک. انهن ٽنهي اکين مان هوءَ هرهڪ شيءِ کي جاچيندي هوندي، دل جي ڪانٽي ۾ توريندي هوندي، پوءِ مرڪي، شڪجي، ڪجھ ياڻ وٽ رکندي هوندي ڪجھ اُڇلي ڇڏيندي هوندي.

نئين ماڻهوءَ پهنجي ڇوڪرين ٻار کي گود ۾ کڻي ڇا ڇا نہ سوچيندي هوندي. عجب ڪائيندي هوندي نہ هيٽرو ٻار سندس ڪک مان ڪيئن لڪتو.

۽ مان هر شيءِ ڏي نهاري عجب کائي رهيو هوس. هرهڪ شيءِ کي ڇتائي ڏسي رهيو هوس. هر ٻوٽي کي، هر ساڻي يا سڪل وڻ کي، رستي تان لنگهندڙن کي، هاسٽل جي پٽين ۽ انهن تي لڳل پينٽنگس کي.

سوچيم، هنن پٽين، رستن، وڻن ٻوٽن، دور کان ايندڙ ڇوڪرن ڇوڪرين جي آوازن سيني سان هيءَ ٿورين ملاقات سدا ياد رهندي. ڪڏهن به دل جي پٽيءَ تان نه ميسارجندي.

انڪل ٽي مهنا پوءِ.

واني ۽ مان هڪ وڻ جي ڇانوَ ۾ ويٺا هئاسين. اهو پيريڊ آسان ٻنهي لاءِ فري هو. هوءَ ڏکڻ هندستان مان آئي هئي. مان ڪانٽس دکن بابت پڇي رهيو هوس. ڌرتيءَ تي آڱر سان نقشو ڪڍي هوءَ مونکي منهنجي سوالن جا جواب ڏيئي رهي هئي. ڪيرالا جا back-waters، نيلگري ٽڪريون، الهندي گهاٽن جي وچ ۾ سندس ننڍڙو ڳوٺ.

۽ اوچتو پڇيائين، "توهانجو گهر ڪراچيءَ ۾ آهي؟"

"ها."

"توهانجو پيءُ لئنڊ لارڊ آهي؟"

"ها."

"توکي هڪ ڀاءُ ٽي ڀينر آهن؟"

"ها."

"توهانجو ساهت ۾ گهڻو چاهه آهي؟"

"ها، پر توکي هنن سڀني ڳالهين جي ڪيئن خبر پيئي؟"

"تنهنجو ڪاليج ۾ پهريون ڏينهن."
"مون مطلب ڪونه سمجهيو."

"تنهنجو ڪاليج ۾ پهريون ڏينهن، منهنجو به ڪاليج ۾ پهريون ڏينهن هو. جنهن وقت تون آفيس ۾ پرنسپال سان ڳالهائي رهيو هئين ته مان به اُتي حاضر هيس. ڇا تو مونکي ڪونه ڏٺو.
مان عجب ۾ وانيءَ ڏانهن نهاري رهيو هوس.

منهنجو ڪاليج ۾ پهريون ڏينهن! ڇا مون سڀ ڏٺو هو؟
۽ واني، هڪ ڇوڪري مون ڏانهن نهاري مرڪي رهي هئي. هوءَ تويءَ سان ڏکڻ هندستان جي نقشي کي ڊاهڻ لڳي.
"هاڻي تون پنهنجي ديس بابت ڪجهه ٻڌاءِ."

نوميتا

نوميتا نالو دل تي اُڪريل نه آهي، پر ڪڏهين ڪڏهين هوءَ ياد ايندي آهي.
اسان جي ڪلاس جي پهرين پڪ نڪ هئي. اسين گهڻا ڄڻا نه هئاسين. اٺ ڏهه ڇوڪرا، ست اٺ ڇوڪريون ۽ هڪ پروفيسر. ڪاليج کان ڪجهه ميل پري هڪ

ندي هئي، جنهن مٿان لوهه جي هڪ ڏکي پل هئي. اها پار ڪري اسين ٻرئين طرف وڃي رهيا هئاسين. پل جي وچ ۾، پل جي ڳاڙهين شيشن کي جهلي مان دور ڦهليل ٻيٽن ڏانهن نهاري رهيو هوس. نوميتا اچي ڀر ۾ بيٺي.

"ڇا ڏسي رهيو آهين؟"

"ڪيڏي نه سندر جڳهه آهي."

"هيٺ پاڻيءَ ڏي نهار."

"هوا پاڻيءَ سان راند ڪري رهي آهي. ٻئي شايد نوجوان آهن، ۽ سامهون ڪڇيءَ جا وڻ به هوا سان ناچ ڪندي مٺا گيت ڳائي رهيا آهن.

"مونکي اهو آواز ڏاڍو وڻندو آهي. مان جڏهين به قدرت جو ڪو آواز ٻڌندي آهيان ته ڳائڻ لئي دل ٿيندي اٿم."

نوميتا قد جي ڏکي هئي. سدائين ٻنيان چوٽو ڪيل، شايد وار لنبا هئس جن کي لڪائڻ جو اهو هڪ نمونو هو. چپ ڪجهه ٿلها، سدا لرزندڙ، مٿئين چپ مٿان مڇن جي هلڪي ريکا. اکين تي عينڪ، آواز وڻندڙ، جهنجهٽي جيان مٺو.

"تون راڳ، ڳائيندي آهين؟ مونکي راڳ، ڏاڍا وڻندا آهن."

"سچ!" هن مونکي چوٽيءَ کان پيرن تائين جاچيندي مرڪي ڏنو.

ڪاڏي وقت ٽوميتا رسگولا ورهائيندي منهنجي ٿالهه ۾ هڪ بدران ٻه رسگولا وجهي وئي. پاسي ۾ ويٺل ڇوڪرن مان ڪنهن چلائي چيو، "پاسخاطري."

ٽوميتا ٿورو سهمجي وئي. پوءِ ڪنڌ کي لوڏو ڏيئي ڌيري آواز ۾ چيائين، "مون پنهنجو حصو هن کي ڏنو. منهنجي مرضي."

منهنجو منهن ڳاڙهو ٿي ويو هو.

اهو سڄو سال ٽوميتا مونکي ساٿ ڏنو. مان اڪيلو رستي تان لنگهندو هوس ته هوءَ ساهيڙين جو ساٿ ڇڏي مون سان گڏ هلڻ لڳندي هئي. عجيب غريب ڳالهيون ڪندي هئي. ڪڏهين ته هڪ ڳالهه تي ٽڪاءُ نه ڪائيندي هئي. جيئن ڀونئرو هڪ گل بعد ٻئي گل مٿان ڦيرا پائيندو آهي، تيئن هوءَ به هڪ ڳالهه کي اڌ ۾ ڇڏي ٻيءَ ڳالهه کي ڪٽيندي هئي. وري ٻي ڳالهه کي ڇڏي ٽين ڳالهه ڪٽيندي هئي. ڪڏهين ڇوڪرين جي هاسٽل بابت ڳالهه ڪندي هئي ته منهنجي ويجهو آيل سيٽي ڇوڪرين جون گلائون ڪندي هئي. مان سندس ڳالهيون ٻڌي تنگ ٿيندو هوس ته ٻه منٽ ماٺ رهندي هئي، پوءِ ڪجهه موجي گيت ڳائڻ شروع ڪندي هئي. گيت پورو ڪري ٻه منٽ سانت رهندي

۽ وري سندس ڳالهيون شروع ڪندي.

سال پورو ٿيو. امتحان به ٿي ويا. موڪلون شروع ٿيون. سڀ شاگرد گهر وڃڻ لڳا. نوميتا چيو، ”مان توکي خط لکنديس. ضرور جواب ڏجانءِ. وڏو خط لکجانءِ.“ مون انجام ڪيو. پر نه نوميتا جو خط آيو نه مون جواب ڏنو. ٻئي ٽرم ۾ نوميتا ڪاليج نه آئي. ٻڌم سندس شادي ٿي وئي.

ٻه سال گذري ويا.

گرانڊ سينيما ۾ 'چارلي چئپلن' جي هڪ فلم ڏسندي، انٽرويل ۾ ڏٺم ته صرف ٻه ٽي ڪرسيون پري نوميتا ويٺي هئي. پورو سينگاريل هو سندس بدن. سندس ڀر ۾ هڪ جوان ويٺو هو جو به مرداڻي نموني پورو سينگاريل هو. مان نوميتا ڏانهن نهاري رهيو هوس جو اوچتو هن مون ڏانهن نهاريو. اسانجون اکيون مليون. هن ڇرڪ ڀريو. مون ڪرسيءَ تان اٿڻ چاهيو. مونکي اٿندو ڏسي هن منهن ڦيري ڇڏيو.

هال مان نڪرڻ وقت اسين بلڪل پريشان لڳاسين. مان سندس چوٽيءَ ڏانهن نهاري رهيو هوس جنهن ۾ نقلي هيرن جڙت هڪ پن لڳل هئي. سندس بدن مان پائوڊر جي هلڪي خوشبوءِ اچي رهي هئي.

ڀيڙ ٻاهر پهتي. اسين به. هوءَ مڙس سان گڏ ساڄي طرف وئي، مان دوستن سان گڏ ڏائي طرف.

دل جو در

مونکي سنندا ۾ سندس ڇڙواڳي، اَڙٻِٽو ۽ بيپرواهي ئي وڻندا هئا. شڪل جي گوري نه، وار ٻاب، بدن ڏاڍو سڊول، ساڙهي سدائين والنٽيئر ڇوڪرين جيان ڇيلهه ڇوڌاري پائل، اکين تي عينڪ. هن ۾ ڪجهه هو جو ٻين ڇوڪرين ۾ مون نه ڏٺو هو.

سندس ڇپن تي راڳن جون لڪون اُنين هونديون هيون، جيئن ساوڻيءَ جي ٻادلن ۾ برسات. ڪن ۾ به لڪون ڳائيندي هئي، ڪن ۾ سانت تي ويندي هئي. ڪيس ڇٽبو هو ته راڳ، ٻڌاءِ ته ڪوشش ڪندي به ڳائي نه سگهندي هئي. ۽ موڊ ۾ ايندي هئي ته رستي تي هلندي هلندي اوچتو ڳائڻ شروع ڪندي هئي ڄڻ رستو نه پر جهنگل جو اجڙ ٻيڙو هو.

سندس هلڻ به عجيب هو. اڪيلي هوندي ته ڪڏهن به سهج سڀاءَ نه هلندي. ٻه ٻه قدم گڏ ڪٽي ٽپا ڏيندي ويندي، ڄڻ ته نوڙيءَ راند ڪري رهي آهي. ساڄي ڏائي ڪڏهين ڪونه نهاريندي، ڄڻ دنيا جي ٻين انسانن سان سندس ڪو واسطو نه آهي. هڪ سندس دل، ٻي قدرت ۽ اُن جي سونهن.

مان ڄاڻهس ڇڪجي ويو هوس. ڇوڪريون چونديون هيون هوءَ ٽي ٽي چار چار ڏينهن سنان نه ڪندي آهي.

چوندئون هيون سندس ٻدن ۾ مٽي جمي پيئي هوندي آهي. شايد سچ به هجي. پر ھن کي پرواهه نه هئي. هوءَ مرڪندي مرڪندي اوچتو کلي ڏيندي هئي جيئن بهار ۾ اوچتو ٿڌڙي هير لڳندي آهي. هلندي هلندي هوءَ نچڻ لڳندي هئي ۽ جڏهين من گل جيان ٽڙڻ لڳندو هوس ته گيت ڳائڻ لڳندي هئي.

مان ڏانهس ڇڪجي ويو هوس.

پر ڪوشش بعد به مان سندس ويجهو پهچي نه سگهيس. پر مان لڳندي هئي ته سندس اکيون آڪاس ۾ هونديون هيون. قسمت سان ڪڏهين اکيون چار ٿينديون هيون ته مرڪي ڏيندي هئي، پر مان ڪجهه چوان ٿي چوان ان کان اڳ، هوءَ دور پهچي ويندي هئي. سندس سڄو بدن نانگ جيان ٽپ ڏيندو مونکان دور هليو ويندو هو ۽ مون وٽ باقي بچندي هئي مٽي مرڪ جي ياد.

شايد انين ٿي سال گذري ويا ها. نه مان سندس جي ويجهو اچان هان نه هوءَ وارن کي منهنجي ڪلهي تي ڦهلائي مٺي نند ڪري ها. پر ڪڏهين ڪڏهين دنيا ۾ اهڙا واقعا ٿيندا رهندا آهن جن کي هيٺي انسان نصيب جو بي معني نالو ڏنو آهي.

اسين ستن ڏينهن لاءِ اوڙيسا جي سير تي ويا هئاسين. هاڻي ياد نه آهي ته ڪهڙو شهر هو. شهر کان ٻاهر

ڪنڊهر هئا. ڪاري ڏاڙهي ۽ بدل دوربيني منهنجي ڳلي مان لٽڪي رهي هئي. پٿرن تي چڙهندي مان پراڻن مندرن تي چڱو مٿي چڙهي ويو هوس ۽ دوربيني اکين تي رکي دور نهاري رهيو هوس. اوچتو محسوس ڪيم، ڪير پٿر تي پير رکي مٿي چڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. پر هو پيري سندس جتي گهسڪي ٿي وئي. ويجهو وڃي ڏٺم سنندا هئي.

ٻين ٻـو ولهي، هڪ هٿ سان پڪڙي ٻيو هٿ مون هيٺ وڌايو. سنندا منهنجي هٿ کي پڪڙي مٿي چڙهي آئي. ساڙهي ڇنڊي جيئن چوڌاري نهاريائين تيئن سندس وات مان هڪ عجب ڀري رڙ نڪري وئي، "هيڏو سٺو نظارو!"

واقعي تمام سندر نظارو هو. سامهون هڪ ننڍي ور وڪڙ کائيندڙ سنهي ندي هئي، جنهن جي ٻنهي ڪنارن تي دور تائين ساوا چراگاهه هئا، جتي چوپايو مال چري رهيو هو. باقي چوطرف ٿوهيل هئا ڪنڊهر. ها، ڪنڊهر جي انسان جي فانيءَ پڻي جي ياد ڏياريندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن بيحد خوبصورت ٻڌجي سوين ڪهاڻيون ٻڌائيندا آهن.

"دوربيني ڏي."

هوءَ چوطرف نهاريندي رهي ۽ سندس مک مان ساراهه

جا لفظ ڇڻڪندا رهيا، "ڏاڍي شاندار جڳهه ڳولهي آهي تو پنهنجي لاءِ."

"تون به هتي وڃي سگهين ٿي."

هوءَ منهنجي لڳولڳ هڪ پٿر تي وڃي رهي ۽ مونڏانهن نهاري مرڪڻ لڳي. سندس باب وار سندس منهن تي لڏڻ لڳا.

گهڻو ئي وقت گذري ويو. سنندا راڳ ڳايو هو. مرڪي هئي. گهڻيئي ڳالهيون ڪيون هئاسين، ها، گهڻي دير ٿي ويئي هئي.

سڄاڳ ٿيو هوس مان. "ڏاڍي دير ٿي ويئي آهي، شايد سج جلد لهي."

سنندا به سڄاڳ ٿي. هن مرڪي ڪنڌ کي لوڏو ڏنو ۽ هٿ مونڏانهن وڌايو.

سندس لاءِ منهنجي سهاري بنا لهڻ سچ پچ ڏاڍو ڏکيو هو.

اسين هيٺ لٿاسين. ٻيا سيئي شاگرد هليا ويا هئا. صرف اسين ٻه اڪيلا رهجي ويا هئاسين. ڊاڪ بنگلو، جتي اسين رهيل هئاسين، ٻه ٽي ميل پري هو.

سنندا چيو، "اڄ ته ٿڪ پيا هون."

مون چيو، "تون هن ريشمي ساڙهيءَ ۾ ۽ تنهنجي پيرن ۾ ڪڙيءَ وارو چمپل."

"مان چمپل هٿ ۾ ٿي کڻان."

سهڪندي سهڪندي اسين رستي جي پر ۾ هڪ وڏي پٿر تي ويهي رهياسين. سنندا پنهجي چمپل کي پٽ ۾ ڦٽو ڪري چيو، "ڇي، مان هارائي ويس."

مون چيو، "تو هارايو ڪٿي. ٻئي گڏ ته پهتاسين."
"ڏٺين نه مون هارايو. مون کي توکان ڪٽڻ کپندو هو."
سندس سنجيده چهرو ڏسي مون کي کل اچي وئي. سنندا اڃا به وڌيڪ گنڀير ٿجي چيو، "سڀاڻي وري به شرط لڳائينداسين. مان ضرور کٽنديس."

مون چيو، "تون تمام ٿڪي پيئي آهين. هن پٿر تي ويهي رهه."
هوءَ پٿر تي ويٺي ۽ ان بعد ليٽي پيئي. سج لهي ويو هو. پر آڪاس اڃان ٻاڙيءَ جيان ليلو هو. سنندا چپن ۾ ڪو گيت گنگنائي رهي هئي، مان سندس چالي، سندس سندر ڪاڏي، مضبوط ڪلهن ۽ لڏندڙ ٻيرن ڏانهن نهاري رهيو هوس. هوءَ آڪاس ڏانهن نهاري رهي هئي.

ان بعد ٽي ڏينهن ٻيا به آئي هئاسين.
ان عرصي ۾ سنندا ۽ مان هڪ ٻئي جي تمام ويجهو آياسين. سڄو ڏينهن اسين گڏ هوندا هئاسين. رات جو ڪئمپ فائر ۾ به هڪ ٻئي جي پر ۾ ويهندا هئاسين. ننڍين ننڍين ڳالهين تي ٽهڪ ڏئي کلندا هئاسين. شرط ته اسان وري ڪا لڳائي ڪانه، پر اسين سدا گڏ

هليا سين، اڳيان هنيان نہ. اِها شرط جي ڳالهہ سندا وساري ڇڏي.

اسين ڪاليج واپس وري رهيا هئاسين. ٽوپن ۾ چڱي رش هئي. اسانجي گاڏي ۾ ايتري جڳهہ ڪانہ هئي جو سڀ سمهي سگهن. سندا منهنجي پير ۾ اچي چيو، "مونکي بہ ڏاڍي ننڊ ٿي اچي."

۽ هوءَ جڳهہ ٺاهي، وار منهنجي ڪلهن تي ڦهلائي ليٽي پيئي. ڪن ۾ ٿي ڪيس ننڊ اچي ويئي. سندس هڪ هٿ منهنجي هٿ مٿان هو، سندس ڇاتي منهنجي ٻنيءَ تي ليٽيل هئي ۽ هيٺ مٿي ٿي رهي هئي.

اُن رات منهنجو بدن ۽ آتما گڏجي هڪ ٿي ويا. ۽ انهن چيو، "زندگي ۽ موت ڪڏهين گڏجي هڪ ٿيڻجي ويندا آهن. ننڊ بہ هڪ موت آهي ليڪن اهڙو موت جنهن مان زندگي هر هر دري ڪولي لياڪا پائيندي آهي. هيءَ لنبي زندگي، زندگيءَ جي ڪن ڏنڏلين، مرڪندڙ ڪمن تان قربان ڪجي تہ اها قرباني گهٽي تہ نہ ڇئبي. اِهو سودو مهانگو نہ ليکبو. فائدي وارو ئي آهي."

اگر اِها رات ڪڏهن ختم نہ ٿئي ها ۽ سندا جي گرم سواسن ڪي مان موت سان ڇُهندو رهان ها...

رات گذري ويئي هئي. ڏينهن آيو هو. ڇہ ٽي مهنا گذري ويا ان واقعي بعد. سندا ۽ مان دوست آهيون

پر هوءَ جڏهين به منهنجي ڀر ۾ ايندي آهي ته مان منجهس دوستيءَ کان ڪجهه وڌيڪ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان، پر ڪٿي به نه پائيندو آهيان اُن کي. نه سندس بدن ۾، نه سندس آتما ۾.
هوءَ کلندي آهي، مرڪندي آهي، مونکي راڳ، ٻڌائيندي آهي ۽ هٿ هٿ ۾ به ڏيندي آهي. پر جڏهن مان سندس اکين ۾ اکيون وجهڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان ته هوءَ مونڏانهن اهڙين عجب ۾ نهاريندي آهي، ڄڻ مونکي سڃاڻي ئي ڪونه. ڪڏهن ڪڏهن سندس اهڙا نهار ڏسي مان ڊڄي ويندو آهيان. پر ڪن ۾ هوءَ کلمک بڻجي مٺيون ڳالهيون ڪرڻ لڳندي آهي.

ڏگها وار

بنارس ۾ اسان اسٽيشن جي ويٽنگ روم کي ئي پنهنجو هوٽل بڻايو هو. صبوح جو ويٽنگ روم ۾ سمان پاڻي ڪري سامان ڪلوڪ روم ۾ رکي گهمڻ نڪرندا هئاسين ۽ رات جو اسٽيشن تي شنٽنگ لاءِ بيٺل گاڏن مان به ئي فرسٽ يا سيڪنڊ گاڏا ڳولهي اُتي وڃي سمهندا هئاسين.
وڪيشن ۾ اسين گهمڻ نڪتا هئاسين اُٺ نو ڄڻا.

ٺلهي ليکي ڇوڪريون ڇوڪرا هڪ جيترا هئاسين. مهنو ونڪيشن هئي. سوچيو هوسين جن کي گهر وڃڻو هوندو اهي گهمندا ڦرندا گهر ويندا، جنکي ونڪيشن هاسٽل ۾ گهارڻي هوندي اهي گهمي ڦري ڪاليج واپس ورندا.

اونده ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ ڳولهيندا اسين ان گاڏي وٽ پهتاسين، جنهن مان اندران ڳالهائڻ جو آواز اچي رهيو هو. آواز سڃاڻي اسان سڏ ڪيو ۽ اندران جواب پائي اندر گهڙياسين. امرتا ۽ مان.

ان ڏينهن شام جو سڄي ڏينهن جي گهمڻ بعد جڏهن اسين اسٽيشن تي واپس ورياسين ته امرتا مونڏي نهاريندي مرڪي چيو هو، "اڄ الائي ڇو آئيسڪريم کائڻ تي دل ٿي آهي."

امرتا پنجابي ڇوڪري آهي. گلابي رنگ، رشٽ پشٽ بدن، مضبوط گول ڇاتيون، گول ڳلها، ڪڪا وار، ڪجهه شيريون اکيون ۽ جنجي بک ظاهر ڪندڙ ڪجهه ٿلهيرا چپ.

اسان اسٽيشن تي آئيسڪريم لاءِ پڇا ڪئي، نه ملي، مون رڪشا واري کي سڏ ڪيو. امرتا کي چيم، "توکي اڄ آئيسڪريم کارائيندس. هل شهر هلون."

ڏيڍ ڪلاڪ کان مٿي اسين رڪشا ۾ گهمياسين. سياري جا شروعاتي ڏينهن هئا. رڪشا وارو ڪيترن هوٽلن ۾ وٺي هليو. ڪو آئيسڪريم بدران آئيسڪريم سوڍا جي پيو آڇ ڪري، ڪو مرڪي پيو چوي، "هن سيزن ۾ هتي آئيسڪريم وڪامي ئي ڪانه."

مان امرتا جي ڪلهي تي هٿ رکي پيو چوان، "امرتا هل ته هيٺي هنڌ هلون."

مان نراس نه ٿيو هوس، پر امرتا ٿڪجي پيئي هئي. سندس مضبوط بدن اشانت ٿيڻ لڳو هو. اُٻاسي ڏيندي چيائين، "هل واپس اسٽيشن تي هلون."

اندر گاڏي ۾ ويهڻ مان کين ٽارچ ٻاري آسانيءَ رستو ڏيکاريو. جيئن ئي اسين اندر گهڙياسين ته سڀ ٽهڪ ڏيندي کلڻ لڳا.

"توهانجي ئي ڳالهه هلي رهي هئي." هڪ ڇوڪريءَ کلندي مونکي چيو.

"ڇو، مون ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟"

"ڏوهه ڪونه ڪيو اٿيئي. سوڀ حاصل ڪئي اٿيئي." کين ڇوڪريءَ چيو.

جواب هڪ ٻيءَ ڇوڪريءَ ڏنو، "رات جيا اسانجي گاڏي ۾ سمهي هئي، هوءَ ننڊ ۾ توکي ياد

ڪري رهي هئي.”

مون ڪلندي چيو، ”هاڻ ڇرچا ڇڏيو. اَجايو ڇو ٽا ويچاريءَ کي بدنام ڪريو.”

هڪ ٻيءَ ڇوڪريءَ چيو، ”نه، ڇرچو نه آهي. حقيقت آهي. جيڪڏهن ثابتي کپيئي ته اڄ رات پر واري گاڏي ۾ وڃي سمهه جتي هوءَ سمهيل آهي.”

پر مونکي وشواس نه آيو. سڀ ڇوڪريون جيا کي ڇيڙائينديون هيون، سندس منهن تي نه، پر پٺ. قد جي ڪجهه بندري، ڪجهه ٿلهيري ۽ سانوري. سندس خاص نشاني هئي سندس وار. ڇوڪريون چونديون هيون ته اهي وار ڏاڻ وقت وار پٽ تي رکي هوءَ صابڻ هڻندي آهي. وارن جو چوٽو ڪندي هئي ته ننڍو منڪو ٻڌجي پوندو هو ۽ ٻه چوٽيون ڪندي هئي ته چوٽيون سندس مُون ٽائين پهچنديون هيون. سندس سڀاءُ ڪجهه عجيب هو. ڇوڪرن کان ائين پاسو ڪندي هئي جڻ اهي اَڇوت آهن، جن جي ويجهو اچڻ سان هوءَ پرشٽ ٿي ويندي. ٻن ٽن ڇوڪرين کي ڇڏي ٻين سان ته گهٽو رستو نه هوس. انهن ڇوڪرين کي ته خاص ڏڪاريندي هئي جي ڇوڪرن سان گهٽو لهه وچڙ ۾ هونديون هيون. اسان لاءِ اِها ته هڪ پولي هئي ته هوءَ اسان سان گهمڻ ڪيئن آئي آهي. شايد انڪري جو هاسٽل ۾ رهندي وڏيڪ ٻور

ٿي ها ۽ اسانجي سنگ ۾ سندس هڪ گهري ساهيڙي ڀي آئي هئي.

امرتا مون ڏانهن مُڙي کلندي چيو، "لوڪي ڀي شايد هاڻي ننڊ ڪان اٿندي. اسين ڀي پاڻي سمهون ٿا."

مون زور سان هڪ مڪ سندس پٺيءَ تي هڻي چيو، "تون چيڙائڻ ڪڏهن ڪان سکينءَ؟"

امرتا پٺيءَ کي مهٽيندي کلي سڏڪا ڀريندي چيو، "ڪارائتي آئيسڪريم ڀي نه، مٿان وري هيءَ مڪون..."

اها رات ڀي گذري ويئي ۽ ٻي رات ڀي.

اسين چڙ وچڙ ٿياسين الله آباد ۾. مون الله آباد ۾ ڪجهه هندي ڪويتائن جا ڪتاب خريد ڪيا هئا. هڪ ڪتاب تي هڪ چيني ڪويتا جو انگريزي انواد لکي امرتا کي ڏنم ۽ ٻئي هڪ ڪتاب تي ٽئگور مان هڪ بيت لکي سريندر ڪور کي ڏنم. هوءَ ٻئي پنجاب ويون. ٻين ڀي ڪن شاگردن موڪلايو.

مان ۽ ٻه ٻي شاگرد هاسٽل واپس ورياسين.

هاسٽل ۾ موٽڻ سان ئي موسمي مدي جو بخار ٿي پيو. ونڪيشن جو وقت، هاسٽل جي ٻسگرداٽيءَ ۾

بلڪل اڪيلائي. اهڙي اڪيلائي جا گهڻي مينهن پوڻ بعد اوچتو چپ چاپ وارو ماحول ۾ اُس نڪرڻ سان محسوس ڪبي آهي. جڏهن هوا ۽ قدرت جي هر ڪا شيءِ جاڳيل پر ليٽيل هوندي آهي.

اسپتال هاسٽل کان چڱو پري هئي. ۽ اسپتال بعد دور ڦهليل پيون هيون، ميدان هئا. مان دريءَ مان انهن پٽن ڏانهن نهاريندو رهندو هوس ۽ الائي ڇا ڇا سوچيندو رهندو هوس. شام جو دوست گڏجڻ ايندا هئا. ٻه ڪلاڪ ويهي هليا ويندا هئا. انهن سان هڪ ٻه دفعو جيا ٻه آئي هئي. هڪ ڏينهن صبوح جو ڇوڪرين جي هاسٽل جي نوڪرياڻي هارلڪس جو شيشو کڻي آئي. چيائين، ”جيا پيڻ موڪليو آهي.“ بيمارن کي هاسٽل مان اهڙيون سوکڙيون سڀڪو موڪليندو هو، پر مونکي عجب لڳو، ڇاڪاڻ ته جنگ جي زماني ۾ هارلڪس ملڻ ڏکيو ٿي پيو هو. مون بازار مان گهرائڻ لاءِ ڪنهن کي چيو هو، پر نه ملي سگهيو هو.

پر هاڻ جيا موڪليو هو. ٻئي دفعي جڏهن جيا آئي ته مون سندس ٿورا مڃيا.

ٽورن ڏينهن بعد هارلڪس جو ٻيو شيشو آيو ۽ ان سان گڏ آيو هڪ چانديءَ جو چمچو. جيا چمچو ڇو موڪليو آهي، مونکي سمجهه ۾ نه آيو. پر وٺي رکيم ۽ ڪم آڻڻ لڳس.

ڊاڪٽر آئن وٽان جي موڪل ڏني هئي. مان آرام ڪرسيءَ ورانڊي ۾ رکائي اُتي ويٺو ها ۽ ٻيئين ڏانهن نهاريندو هوس يا ڪو ڪتاب پڙهندو رهندو هوس. منهنجي پلنگ جي پاسي واري دري ورتي ڪتابن ۽ اخبارن سان سٿجي ويئي هئي.

هڪ ڏينهن صبح جو ڪرسيءَ تي ويٺو ڪنهن آرٽ مخزن ۾ مورتون ڏسي رهيو هوس ته پوسٽ مئن هڪ لفافو ڏيئي ويو. لفافي تي هٿ اکر ڏسي عجب لڳم جو اهي سڄاڻپ ۾ ڪونه ٿي آيا. ۽ عجب ته خط لوڪل هو ۽ ان تي موڪلڻ واري جو نالو به لکيل ڪونه هو.

مون خط کولي پڙهيو.

خط پڙهندو ويس ۽ عجب ۾ پوندو ويس. جنهن ڳالهه جو مون ڪڏهن خيال به نه ڪيو هو، اها ٿي گذري هئي.

پورو ياد نه اٿم، پر خط ڪجهه هيئن هو:

'پيارل،

نبڊ ڪاله ٿي اچي. سڄيون راتيون پاسا ورائيندي جاڳان ٿي. منهنجي دل جي حالت ڏسي مان ڊڄي ويندي آهيان. مجبور ٿي خط لکي رهي آهيان.

مان توکي پيار ڪيان ٿي. تنهنجي سنگ ۾ اچڻ سان مون يڪدم توکي پيار ڪرڻ شروع ڪيو. ڪيترا

دفعا خيال آيو ته سان اڪيلائيءَ ۾ ويهي ڪجهه ڳالهيون ڪيان، پر موقعو نه مليو. ۽ توکي نه خبر آهي مان شرميلي آهيان.

دل جهڙي ٽٽي رهي آهي. ائين پيو لڳي ته تو بنا مان جي نه سگهنديس. اگر تنهنجو دلداريءَ ڀريو خط نه آيو ته هڪ جاڻ منهنجي زندگي برباد ٿي ويندي. جيئڻ بي مطلب ۽ بي سود ٿي ويندو ... ۽ ... ۽ شايد مان آپگهات به ڪري وجهان.

جيا.'

خط پڙهي مان ڪيتري دير سُن سانت ۾ ويٺو رهيس. پاسي ۾ اسڪول لي ڪجهه مخزنون پيون هيون ۽ دور چراگاهن ۾ ڪجهه ڍڳيون گايون چري رهيون هيون. مخزن جا منهنجي گوڏي تي رکيل هئي ان جي کليل پني تي وينس جي ننگي سنگيجو Statue جا فوٽا ڇپيل هئا. ڪيتري سونهن هئي گريڪ آرٽ جي سندر نموني ۾. مان گريڪ آرٽ جي هن ننگن بدن کي پيار ڪرڻ لڳو هوس. صحت، سندرتا، تازگي سندن بدن مان ليا ڪا پائيندا آهن. اهڙو ئي بدن هر انسان جو هجي، جنهن ۾ ڪڏهن بيماري نه اچي سگهي. ۽ هڪ ڏينهن اهو هڏ ۽ ماس جو بدن مري نه پٿر بڻجي پوي. اَمر بڻجي وڃي.

مون وري مخزن پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي پر

پڙهي نہ سگهيس. ڪجهہ سوچيندو رهيس ۽ دور آڪاس ۾ رلندڙ بادلن ڏانهن نهاريندو رهيس.

رات جو دير تائين مونکي ننڊ نہ آئي، پر الائي ڇو هيءُ خط منهنجي دل کي ڇُهي نہ سگهيو هو. جڻ ڪنهن دل کي ڦٽو هنيو هو، پر ڦٽ کي ڇهڻ نہ ڏئي، اِنڪري ڏک ڪاڻي دل سهمجي، وري ٻهادر ٿِجي ويئي هئي، ڇهڻ نہ لڳڻ ڪري دل مان رت ڪونہ وهيو هو.

صبح جو ٻين ڪن خطن سان گڏ مون ان خط کي ٻہ ڦاڙي ڦٽو ڪيو.

ٻہ ٽي هفتا گذري ويا. هڪ ڏينهن ڊانسنگ روم ۾ مانيءَ لاءِ ويندي اوچتو جيا سامهون گڏجي ويئي. مونکي سامهون ڏسي هن ڇرڪ ڀريو. ۽ يڪدم پاسو ڪري بيٺي. پوءِ گهوڙا پريل نگاهون مونتي اُڇلي هوءَ لڪڙي ٻئي طرف هلي ويئي.

ماني کائيندي مان سوچڻ لڳس تہ مون ڪهڙو ڏوهہ ڪيو هو. پر اهڙو ڪو بہ ڏوهہ منهنجي خيال ۾ نہ آيو.

ٻہ ٽي ڏينهن پوءِ.

چوڪرين جي ڪاليج جي ڪاري نوڪرياڻي منهنجي ڪمري وٽ آئي.

”جيا پيرڻ ڇيو آهي ته اهو چمچو واپس ڏيو.“

مان ڪمري مان اهو چمچو ڪڍي آيس ۽ اچي نوڪرياڻيءَ کي ڏنم.

هوءَ وڃڻ لڳي. مونکي ائين لڳو ته جڏهن هوءَ وڃي رهي هئي ته سندس چپن تي ڪا اَڻ چٽي مرڪ هئي، جنهن کي هوءَ دٻائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي.

مان ڪمري ۾ واپس موٽي آيس ۽ ان اَڌوري بحث ۾ وري ٻاڻ وجائي ويٺس ته تاج محل پيار جي نشاني آهي يا بادشاهي شان جي.

١٩٦٥ —

اچا وار، ڳاڙها گل

سندري آلمچنداڻي

هن لاءِ ڪيو ني ڇا هوم؟ فقط سندس گيو م پنهنجي اوولٽين جي دني مان هڪ ڇمڇو ڪٽي ملايو هوم. پنهنجيون وڏيون اکيون مٿي ڪڻي ڪيڏا شڪرانا مڃي ورنائين. سوچيم پنهنجي ڪڪيءَ کي ته صبح جو کير ۾ بيدو ملائي ڏيان، رات جو اوولٽين يا بورن ونا ڏيانس ۽ هن ته ڪڏهين شڪرانا ڪين مڃيا آهن!

ڪائينچ ٻاهران جيڪو منهنجو باغ آهي، ان مان ڳاڙهو ڳاجيون ٻئي اچي سوپ ٿاهي پيارپومانس ته چئيس ونت لڏي لڏي ٿي منهنجي ڪڪيءَ کي چوي، ”ڏاڍي ڀاڳن واري آهين، جو ههڙو ٻابا مليو اٿيئي. هن موڙو ڏيئي چيو، ”رڳو ڪاڏي جي ني ته خبر لهي ٿو، کهڙا ڏينهن ٿيا آهن جو چوانس پيئي ته ٻه چار ٽڪلان جون ساڙهيون ولي ڏي.“

گوليءَ چپ ني آڱر رکي چيس، ”اينريون ساڙهيون پيلا ڇا ڪندينءَ، آڳـم ني ڇا گهٽ ڪپڙا اٿيئي؟ ؟ هن پهاڙيءَ ني سنڌي گهر ته لمام ٿورا آهن، پوءِ اوچا

ڪپڙا ڪٽي پائي ويندينءَ؟"

مونکي سندس اَدا ڏسي ڪل اچي وئي. رات جو چئي سمهي، "بابا صبح جو سوير اُٿارجو، اسين ٻئي سکيون، هتي جا سڀ پيچرا ۽ اوچايون ڏسنديونسين."

صبح جو اڇا سنڌ مس ڪيم ته هوءَ ٽپ ڏيئي اُٿي. ڪڪي ته پاسو ورائي سوڙ ڇڪي ڇوٽ لڳي، "سکي، تون ئي وڃي ٿي اَچ، مونکي ته ننڊ پيئي اچي."

گوپي سائي پڙي پائي، ننڍڙا ٽپ ڏيندي، ڳاڙهي ربين مٿي ۾ لهرائيندي، مونکان ٻه اَڳيرو ٿي وئي ۽ جڻ سڀ رستا اَڳيم ئي سڃاتل هئس. گل ڇڻ بيٺي ته مان ٻه لڪڻ جي آڌار تي ٽڪرو ٽڪرو پهاڙي لاهيءَ وارو وڪڙ ڦري ويس. جان ڪٺي ٿيان نهاريان ته هيءَ ڊيل ٽلندي ٽمڪندي، ڳاڙها ڳاڙها گل وارن ۾ وجهندي پيئي اچي. صبح جي لال ڪرڻن ۾ سندس گلن سان سينگاريل مکڙيءَ تي الاجي ڪهڙو نوراني نُور پسيم! سندس ٻالاتڻ سان ڌوتل منهن، ماڪ سان اُجاريل پڻن کان ئي وڌيڪ پوتر پئي لڳو. چيم، "اوٽو ڀهن ورهين جي ته لڳين ئي نٿي. پڙهي پڙهي پيلي اهڙي ٿي وئي آهين، جهڙو سورج مکيءَ جو گل. مهنو ڪن پنهنجي ساهيڙيءَ وٽ رهه ته ڏسج ڪهڙو ڳاڙهو گل ڪري ٿو موٽايان توکي."

هن وري ٻه اهي ئي وڏيون اکيون ڪڍي، منهنجي

منهن ۾ نهاري ائين ڏٺو، ڄڻ لسڪين ٿي گهورائين،
"سچ؟"

مون ڪنڌ لوڏي هائو ڪئي.

ٻه هفتا گذري ويا. ان ڏينهن صبح جو ٻهاريءَ لاءِ هيٺ لهندي چيائين، "بابا، هاڻي ته مون چڱوئي پاڻ پڙهيو آهي. امتحان جا ٿڪ ٿي لهي ويا آهن. سوچيان پيئي، سياڻي ٿي مونکي گاڏيءَ ۾ چاڙهي ڇڏيو ته امّيءَ وٽ هلي وڃان."

ڌڌڪو جو آيو! ڀانيان پيو، منهنجي هن ٻهاريءَ جون سڀ وڻواهون، سڀ گس، ۽ دل جون سڀ اڪيليون واديون، جيڪي هن جي اچڻ سان ٻرجي پيئون هيون، سي سڀ سياڻي ٿي سڃيون ٿي وينديون.

ڏاڍي مهانڻ واري نموني چيم، "مان ته وڃڻ ڏيندوسانءِ گوهي، مونکي پنهنجو فرض پالڻ ڏي" ۽ من جا ڀاو ڪجهه ظاهر ڪندي چيم، "ڇا ٻڌايانءِ گوهي، توکي ته مان ايڏو ٿو گهران جو ڀانيان پل به نه پري ٿيان."

"وينديس ته بس تون ٿي ڏينهن ۾ ڀلائي وهندا. مون جهڙيون توهانجي ڪڪيءَ جون گهڻيئي ساهيڙيون هتي رهي وينديون هونديون."

"تو ڏاهن اهڙو ڪچو سمجهيو آهي مونکي. تنهن

سواءِ ڪڪيءَ جون ساهيڙيون ٻل گهٽيءَ گهميون آهن هن پهاڙيءَ تان، پر تو جهڙي ڪا بہ نہ..." مون سندس چوٽيءَ کي هيٺ ڇڪي، سندس منهن مٿي ڪٽي، انهن وڏين اکين ۾ پنهنجو عڪس ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي.

هوءَ اُلٽو تاڙي وڄائي چوڻ لڳي، "پو بابا! هيءَ پني تہ ڏسو! هن ڪس تان تہ اَسين اَڳي ڪڏهين ڪين لنگهيا آهيون..." سندس وڏيون اونهيون اکيون بيل جي ڪٽيل گل جيان عجب کان ڦاٽل هيون. مان اها پنن سان ڍڪيل پني ڏسان، ڪين هن جي مڪڙي جي پن گول دڙن اندر پٽاريل اونهو عميق ڏسان. ڪلي چيم، "پني ڏاڍي اونهي آهي."

"نہ بابا بلڪل تانگهي آهي."

"اها تہ تنهنجي عادت آهي. مان چوان هن سڙڪ تان هلون، تون پيءَ ڏي اشارو ڪرين. مان چوان، اَڄ پهاڙين تي مٿي هلنداسين، تون چوين اَڄ هيٺ ماڙوين ۾ گلن جي رونق ڏسڻ تي دل آهي. سو مان توکي هاڻي پوريءَ طرح سمجهي ويو آهيان."

"نہ اها ڳالهہ ناهي بابا، پني ضرور تانگهي آهي، نہ تہ هيترا گل، پن ڪيئن ڍڪي رکن ها؟ پاڻي زمين کان ٿورو ئي مٿي آهي..."

"مون توبهہ ڪئي."

”سچ ٿي چوان.“ هن وري بہ عميق جون ٻئي ڏرڙ-ون مونڌي ڪري ۽ مرڪي جهيڻي آواز ۾ چيو، ”واقعي ڀڳل ٺڪريون آهن، نہ نہ مونکي اهڙي بدبوء ڪانہ ٿي اچي ها.“

”بدبوء نہ ڪانهي، گلن ٻوٽن جي خوشبوء چئہ.“

”هاڻي وري توهين منهنجي اٺڙ وڃڻ.“

”توبهہ...“

ڪيترو آنند ٿو هن سان توبهہ ڪرڻ ۾!

ٽيون هفتو گذري ويو. گويي ڪاڏي خوراڪ جي ڪوشش ۽ پهاڙيءَ جي ٿڌيءَ صحتمند هوا سان واقعي گلاب ٿي پيئي هئي پهاڙيءَ جي هڪ چوٽيءَ تان سج جو اڀرڻ وارو نظارو ڏسڻ باقي رهيل هو. ٽارن ٻئي ٿي ڪڪي، مان ۽ گويي گهران اڪيلا هئاسين. چوٽيءَ تائين پهچندي اونده جو عالم پار ڪري چڪاسين. ڪڪي ٽماس مان چانهہ ڪڍي پيئڻ ويٺي، ۽ گويي اڳتي ۽ اڳتي وڃي رهي هئي. سج جي هلڪن ڪرڻن ۽ ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل گويي... هڪ حسين خواب... اڳتي وڌي رهي هئي ۽ سانس گڏ ڪيس ان نوراني جلوي ۾ اچا بہ گهڻو وقت ڏسي سگهڻ جي منهنجي تمنا اچا بہ وڌڻ پرانگهن سان ڏکي رهي هئي.

دل ۾ چيم، ”ڪاش هوءَ هنتي لهاري، منهنجي هن ننڍڙي من ۾ جو سچ اڀري رهيو هو، انجي شروعات

کي ٻه ڳوليون لڳيون ... او... سنڀال سنڀال..." بس هڪ قدم ٻي نه هو. مون ٻک وجهي ڪيس بچائي ورتو. عرش تي اُڏامندڙ پري زمين کان بي خبر، هڪ ڪن ۾ ٿي شايد ڪنهن اوڙاهه ۾ ڪري پوي ها. مگر هاءِ! هي ڇا ٿي ويو. ڪيس اوڙاهه کان بچائيندي جو سندس ڪومل سريرُ هٿن ۾ کنيم ته ائين محسوس ڪيم، ڄڻ مان خود ڪنهن اوڙاهه ۾ ڪري پيس... ٻپ سندس اَکين ۾ ڦهليل هو. هڪ نظر هيٺ ترائيءَ ڏانهن اُڇلي، اهي ٻه وڏيون ليئن واريون ڏوربينيون، مون طرف ڪري ٿي چوي، "ڪيڏي نه منهنجي سنڀال ٿا لهو بابا!"

'بابا! بابا!!' منهنجي اَندر ۾ جيڪي ٻه اونهيون واديون ويڙهيل هيون، تن ۾ سندس انهيءَ اکر کي ور ور ڪري گونجندو ٻڌم. ليڪن ان اکر جو فقط پڙاڏو ٿي ايندو ٿي رهيو. چاهيندي به منهنجي اندر جو ڪڪيءَ جو پيءُ ويٺو هو، سو ڪيس "ڌيءُ" سڏي جواب نه ڏيئي سگهيو.

ڪڪي گرم چانهه پي، اوورڪوٽ جو ڪالر مٿي ڪري، فوُ... فوُ... ڪري رهي هئي. وٽس اچي چيم، "تنهنجي سکي، اَڄ نئين ڄائي آهي." ڪيڏو موهه هو ڪڪيءَ جو ٻه منجهس. ائين اچي ڪيس چنبڙي جڻ ننڍڙو ٻار پنهنجي ماءُ کي لپٽجي پوي.

منهنجي من جا ڀاو گوپيءَ لاءِ ڇا ڪجهه محسوس ڪري رهيا هئا، سو ٻڌائڻ ڪٺن آهي. هاءِ ڪيس ”ڏيءَ“ سڏڻ جي ڪوشش، من-ساگر جي سطح تي لهندي ٻوڙندي هاڪاري سمان هئي. منهنجي اونهي عميق ۾ جو گوڙ متو هو، ماندائڻ پيئي هئي، تنهن ڪان بي خبر هوءَ مٿي ۽ مٿي ترندي ٿي رهي.

موٽي رهيا هئاسين، جو هن پڇيو هو ۽ ڪيترائي ڀيرا پڇيائين، ”توهين مات ڇو آهيو؟“

”مات ڪٿي آهيان!“ پر هنکي اُن تي وشواس نه ٿي آيو. من-ساگر جي مٿان منهنجي رڳ-رڳ اندر ولوڙو ڪٿي وڌو هو. ائين پئي سمجهيم، ڪنهن اڪيلي اڪيلي جبل جي لاهين چاڙهين تي هوءَ ”بابا“ ”بابا“ ڪيو پيئي پڪاري ۽ مان سڏ ٻڌندي به ڪيس ڏسي نٿو سگهان. ساري ڪائنات منهنجي سمت ورهين جي ماضيءَ ڪي ڪيو منهنجي اکيان ٻنيان وراڪا ڏيو پيئي ڦري. آبشار جو وهيو پئي، اُن جي جهر جهر ۾ هڪ قسم جي ٽنوليءَ واري ڪل ڪل پئي ٻڌڻ ۾ آئي. جيءَ ونجڻ لڳو. پر دور تائين پکڙيل سنسان ماٿريءَ منجهان ٻن آوازن جا پڙاڏا اڀرندا ٿي رهيا- ”بابا- گوپي...“
”بابا- گوپي...“

ان ڏينهن گهر موٽي، خبر ناهي ڇو ڪجهه دير، پنهنجي ٽن آرسين واري ڊريسنگ ٽيبل وٽ پنهنجي

وهِس. مٿي جا اَڇا وار، آبشار جي ڪلڪل وانگر ٽٽوليءَ پوري ڪل ڪلي، آرسيءَ مان مونکي چيڙائڻ لڳا. مگر، منهن ۾ اَڇا ۽ ڳاڙهو خون ڊوڙي رهيو هو. سگريٽ جي ٻچڙيءَ کي پير هيٺان چيٿاريندي ڪل اڇي ويم. پر ڪنڌ مٿي کڻندي ئي لڳم، آرسيءَ منجهه ڪلنڊڙ اِنسان وٽ، اُن ڪل جي هيٺان بي انت آنسن جو درياءُ ڇوليون ماري رهيو هو. ٻه ننڍڙا شبنم جا قطرا ڳلن تي ڪري پيا. مونکان ڇرڪ نڪري ويو، ٽڏهن ڇا عمر ۽ اِنسان کي ٻيهو ڪري نٿي سگهي. نه ته پلا هي ٻال ٻريمي جيان تڙق ڇا لاءِ ۽ وڏي ڳالهه ته اکين مان آنسوُ!! پنهنجو پاڻ تي ڪل تي آئي. مگر کهڙيون اهي ٻه ٽوارون هيون ٽڪل سوير جي مياڻ الدر، جنکي جاءِ نه پيئي ملي سگهي. منهنجي ڇهري ٽي هي دک جون ريکائون!! دک کي نه مون ڪوري ڦٽو ڪيو هو. هن پهاڙي ملڪ ۾ ٽي ٽي جڳهيون خريد ڪري چڪو هوس ۽ ٽين جڳهه خريد ڪرڻ مهل ائين سمجهيو هوم پنهنجي پتنيءَ سيتا جي گذاري وڃڻ جو دک ٻه بلڪل ٽي منجي چڪو آهي. ڪوئي شايد ڪلي – "پئسو ۽ پوليم ٻه اَلڳ چيزون. پوءِ هڪ جي وڃڻ تي ٻيو ڪيئن ٽو انجي جڳهه پوري سگهي!" ليڪن پئسو ڪمائڻ ۾ جا محنت ڪرڻي پيئي هئم، سا شايد سيتا کي خوش رکڻ ۾ ٻه نه ڪرڻي پوندي هئي ۽ خوش هئا منهنجا

چارئي ٻار جن مان ٽي ته پري پري بورڊنگ واسي بڻجي چڪا هئا. هڪڙي ڪڪي تي منهنجي سار سنڀال لاءِ رهيل هئي ۽ ڏک مونکان پري ڀڄي چڪو هو. اڄ اوچتو آسمان جي ڪهڙيءَ ڪنڊ ۾ ڪٺا ٿيل بادل، طوفانن تي ڪٿي آيا هئا؟ آرسيءَ ڪان هٽڻو ئي پيو. ڪوچ جي نرم ڇهاءَ ۾ من جي روڳ، کان رهائي ڳولڻ لڳس.

”ڪيترو ڳوليو اٿم توهان کي،“ رڙو رڙ ڪندي گوپي اندر گهڙي آئي. ”شام جو تي ته وڃڻي آهيان. ڀاڙيءَ جو پيرو ته توهان سان گڏجي روٽي کائي وڃان.“

هاءِ رام! دل جي مشڪ کي ڄڻ ڪنهن ٻال وانگر ٽل ڏني. اڇلجي ڇيم، ”تون ڪيئن وينديئن! اڄ ايون ڳالهيون نه ڪر؟ ٻار آهين ڇا؟“

هن آرسيءَ ۾ نهاري مرڪي ڏنو. شايد ٻهريون تي پيرو ڪيس احساس ٿيو هو ته هوءَ سچ پچ هاڻ ٻار نه هئي. نه ته سندس ڳلن اندران لالي نه چمڪي ها ۽ اکين جا ڇپر ايڏا ڀاري نه بڻجن ها. هوءَ ”جلدي اچو“ چوندي ٻاهر وئي. ڪاڏي جي ٽيبل تي ويٺو مان سوچي رهيو هوس، آخر ڇا ڪجهه کڻي آئي هئي هيءَ نينگر. بس گهر تي پرچي پيو هو. مونکي پڪي طرح ياد آهي، سيتا جي جيئري به ڪڏهين گهر هن طرح ڀريل نظر نه آيو هوم. هن جو ڏوهه به نه هو. هوءَ

وڏي گهر جي ٻليل، هر وقت، منهنجي ننڍي گهر ۾ گهٽتايون ڏسي ڏسي پيٽي خار کائيندي هئي. جوانيءَ ۾ ئي ڪئين نمانون ساڻيدي هلي ويئي. "ڇو بابا؟ اَڄ پاڄي کائڻ لاءِ زور ننا ڪريو. وري نه ڪوئي ايڏو زور ڪري ڪارائڻ وارو ڪونه ملندو."

"هان هان..." ڪندي پاٽڪي خيالن کان آزاد ڪري گوهيءَ جي پاڄيءَ واري پليٽ ني پوري ڇڏيم. هوءَ ڪلڻ لڳي، "ايتري؟ مون نه رڳو لوهالڪي ڇپ ڏسڻ ٺي چاهيو، پلا هميشه جو ڳالهائيندا رهندا آهيو، سو مولڪي نه هيو پنجي ويئي آهي. پر اَلا اَلا! هولدال ونڻ نه وسري ويو. هند ڇا ۾ پڌنديس؟"

سندس هٿ ڇڏڻ ۽ سهڻن ڏندن جي قطار سان هيئنٿين ڇپ کي پڪڙڻ ۾ ڪنهن اڇي ڪڄيءَ پرڙي سمنڊ جي لهر جي هلچل پئي نظر آئي.

ڇيم، "جلدي کاڻي وٺ. هولدال ٻزار مان وٺي ٿا اچون."

هن پهاڙي علائقي ۾ ٽاڪ منجهند جي وقت بهار جي سندر صبح جهڙي ٽڪار هوندي آهي. پوءِ به پهاڙي سڙڪون اهڙيون ٺي سڃيون هونديون آهن، جهڙيون ڪنهن شهر ۾ ٽاڪ منجهند جي وقت رهنديون آهن. هولدال وٺي موٽي رهيا هئاسين. سڃي سڙڪ- گلن ڇانئين، وڻن مان ڇٽيل پن، هٿ هٿ اُڏي رهيا هئا.

ڏاڍي پاسي آسمان بادلن سان ڀريو ٿي ويو. اسين بنگلي طرف مٿي ھلندا ٿي آياسين.

"ڪلھ کان وٺي توھانکي ماٺ ماٺ ڏٺو اٿم."

گوپيءَ جي ھن آواز ڇرڪائي ڇڏيو. ھوءَ رستي طرف جھڪيل ھڪ ٽاريءَ مان ڳاڙھو گل ڇني رھي ھئي. اُمنگ ۾ اچي ٻانھون ڦھلائي، ڪيس گلي لائي چيم، "تون جا وڃين ٿي."

گوپيءَ پاڻ ڪين ڇڏايو، پر ھيٺيون ڪومل ڳالھيون ڪنڌڙ ڇوڪري بلڪل سنڌي ڪانيءَ جيان سخت ڪيئن ٿي پئي، سمجھ ۾ ئي نہ آيو. بلڪل ئي سپاٽ لھجي ۾ مونکي آھستي ھٿ سان پري ڪري چيائين، "ھو گل نہ پايان" ۽ چوٽيءَ ۾ گل وجھندي، مونکان اڳتي نڪري ويئي. من کي سمجھائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس. ڪجھ ڪونہ ٿيو ھو، پر الاجي اندر ئي اندر ڪٿي ھڪ شڪست جو احساس اُڀري رھيو ھو. اڳتي وڌي چيم، "مون توکي پنھنجي پارڙي سمجھي پاڪر پاتو گوپي!"

گوپيءَ کلي چيو، "مون بہ ائين ئي تہ سمجھيو." پر منھنجين نڪيين لفظن کان سندس ڇپن مٿان ڦھليل کل جو اُچانڪ ڦٽي وڃڻ، لڪي نہ سگھيو. ڇا سچ ھو، ڇا ڪوڙ ھو، ڪير چئي سگھندو؟ ڪوڙ سچ، ھڪ ٻئي ۾ ائين مليو پيو ھو، جھڙو نڊي پاڻيءَ ۾ مٽو

شربت. اندر ويڪ وڃ وڌو. شربت ڪونهي، فقط پاڻي آهي. نومل جل ۾ پريل آهي هڪ لالسا. ماڻ جاڻي واڻي پنڌي هلڻ لڳس.

روز نه پنڌي گڏجي هليا هئاسين. اڄ هڪ ڪن ۾ ڪهڙو جهيڙو ٿي گذريو هو؟

اوچتو هوءَ بيهي رهي. سندس اکيان پهچي پڇيم، "بيهي ڇو رهيينءَ؟"

"توهان لاءِ."

'توهان لاءِ؟' بس گويءَ جي انهن ڳالهين ئي ماريو هوم. منهنجا پار هيڏا وڏا ٿي چڪا آهن، پر ڪنهن به منهنجي موهه جي ان طرح موٽ ڏني ئي ڪين هئي. ڪوئي ان طرح مون لاءِ ڪين ترسيو هوندو. هي سڀ ڇا ٿي رهيو هو؟ جيڪو انسان جي من کي راحت ڏيڻ جو هنر گويءَ وٽ هو، سو ڇا منهنجا پار ڪنهن به اسڪول ۾ نه پڙهي سگهندا؟ دل چيو پڇانس، "ايڏو گيان ڪٿان سکيينءَ، ننڍڙي گوپي!" پر ان کان اڳ ئي هوءَ زمين ۾ نظرون کپائي چوندي هلي، "حد کان وڌيڪ موهه چڱو ناهي!"

مونکي ائين لڳو، ڄڻ هلندي هلندي ڪنهن ٿڏي سان ٽڪر لڳي ويو هو. ٿڏو رڪ جو هو، لوهه جو هو يا ماڳهين ڪپهه جو هو، مگر ڏاڍو زوردار ئي لڳو هو.

"تڏهن تو ۾ حد کان وڌيڪ موهه رکيو هو مون؟" مگر ڪير ڇوي اهي اکر؟ ۽ ڇوي به ڪيئن؟ اکرن اندر جا سچائي هئي، انهيءَ ڪلهه کان ولي ڇا جيءَ نه ورتيو هو منهنجو؟

۽ مٿي بنگلي تي پهچي ڏٺوسين، ڪڪي چانهه دان کي ٽي ڪوزيءَ سان بند ڪري ميز تي چانهه رکي، پاڻ گم ٿي ويٺي هئي ۽ ٽي ڪوزيءَ اڳيان پيو هو هڪ خط. گوپيءَ لڪڙو لڪڙو لفافو ڦاڙي خط پڙهي ورتو ۽ ڪرسي ۾ پڙڪي پيئي. مان ڪوپ ۾ چانهه لاهيندي رڪجي ويس. "ڇا ٿيو، ڇا ٿيو؟"

گوپيءَ جي اکين ۾ آنسو ڇلڪي آيا. رومال ڪڍي سندس اکيون اگهي ورتم.

"الا جي ڇو توکي رئندو ڏسي، منهنجو من به پڙجي ٿو اچي گوپي." ۽ منهنجين اکين مان سچ پچ ٿي ڳوڙها ٽمڻ لڳا.

هن وڏيون وڏيون گول گول پاڻيءَ سان ڇلڪندڙ اکيون کڻي چيو، "اميءَ کي منهنجي وڏي ڀيڻ شانتيءَ جي بيماريءَ جي تار آئي آهي ۽ هوءَ اوڏانهن رواني به ٿي چڪي آهي."

سندس مٿي تي هٿ رکي چيم، "ڇڱو جو ڇني پوري وقت تي پهچي ويئي. هرڪنهن ڳالهه ۾ ڀلو ٿي آهي."

"شانتيءَ جي بيماريءَ ۾ ڪهڙو ڦيرو آهي؟" هوءَ ڏسڪي پيئي ۽ زور زور سان سڏڪا ڀري روئڻ لڳي. ڀر واري ڪمري مان ڪڪي هڪ جاسوسي ناول جي وچ ۾ آڱر وجهي اکيون ڦاڙي ڀڄندي آئي، "ڇا ٿي ويو ٽوڪي!" چوندي اچي گوپيءَ جي ڀر واري ڪرسيءَ تي ويٺي.

مان ڏک کان وياڪل وڃي دريءَ وٽ بيٺس. اڀ هاڻي سڄو ئي ڪارو ٿي ويو هو. ڌيري ڌيري وسڻ به لڳو هو. اوچتو هوا تيز ٿيڻ لڳي. مون دري بند ڪري شيشي تي ڳل رکي ڇڏيو. هوا تيز ٿيندي ويئي ۽ وسڪاري ۾ به تيزي ايندي ويئي. شيشو ڌنڌلو ٿي ويو ۽ بند ٿي ويو هيٺ پري تائين ڦهليل جبلن ۽ ماڙين جو نظارو. مان وري به ساڳئي هنڌ هليو آيس، جتي گوپي ۽ ڪڪي ويٺيون هيون. گوپي هاڻ ماٺ هئي. ڪڪي ڏکو ساهه کڻي ناول پڙهڻ هلي ويئي. خبر ناهي ڪهڙي ڪارڻ ڪڪيءَ پنهنجي ساهيڙيءَ کي ان طرح مونکي سونپي ڏنو هو، جڻ هن گهر ۾ قدم رکڻ سان سندس ڏک سک ۾ خبرچار لهڻ جي سڄي جوابداري مونتي رکيل هئي. سندس ڀر واريءَ ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. اوچتو پنهنجو ڪنڌ ڪٺي ڪرسيءَ جي ٻانهن تي رکيائين ۽ وري ڏسڪڻ لڳي، "شانتيءَ جي بيمار ٿيڻ ۾ ڪهڙو

ڀلو آهي؟“

مون ڪيس ٻانهن جي وڪڙ ۾ آڻي ٿورو زور ڏنو. هينئر مَن پوريءَ طرح قابوءَ کان وڃي چڪو هو؛ ڪنڌ هيٺ ڪري سندس وارن کي...

ڪيس ڇاڻ پيئي پيا ۽ سو نٿو چئي سگهان. مگر هوءَ آهستي کسڪي وڃي دريءَ وٽ بيٺي. مونکي لڳو منهنجو سارو بدن ڪنهن گرمائش سبب جلي رهيو هو.

”توهانجون اکيون ڇو ڳاڙهيون ٿي ويئون آهن؟“ سامهون دروازي مان ايندي ڪڪيءَ سوال ڪيو. سندس هٿ ۾ ڪنيءَ ڌوتل ڪپڙن جي ٻڳي هئي. تڏهين هوءَ ٻئي ڪمري ۾ ڌوٻيءَ کان ڪپڙا وٺي رهي هئي؟ الاجي ڇو اهو ڀرم ٿيو هوم ۽ پنهنجي سڪيءَ جي جوابداري هوءَ مونکي ئي سونپي ويئي هئي. مگر ڀرم تيزاب جو ڪم ڪري ڏيکاريو هو. من پنهنجي اسٿتيءَ کان ڪري چڪو هو، زبان هري اوم اچاري رهي هئي، اکين جي ٻند پلڪن اندر ڦري رهيا هئا گوٻيءَ سان کيل سٽر. ڪڏهن هوءَ سهو ڪيچ ۾ ڪٽي ٻڪي رهي هئي، ڪڏهين سائي فراڪ سان وڻين منجهه لڪي ٻچي رهي هئي، ”ڪٿي آهيان ٻابا؟“

”ٻابا... ٻابا... ٻابا“ اهو ٻابا اَڪرني ته هو جو

ٻوريءَ طرح ڏٺي نٿي پائي سگهيو منهنجي من اندر...
مون رنڊڪي ۾ وڃي ڪڪيءَ کي چيو، "تنهنجي ساهيڙيون تمام غريب آهي نه؟"
"ها، غريب ته آهي ئي."
"سندس ماءُ ڪٿان آڻيندا ڏيتي ليتي، جو کيس شادي ڪرائيندا؟"
"انڪري ئي ته اسانجي وچولي طبقي جون ڪيتريون ڇوڪريون ڪنواريون رهجيو وڃن."
"مون ئي چيو، هوءَ پل هميشه لاءِ اسان وٽ رهي پيئي هجي. توکي به وندر ٿيندي..."
"ائين ته ماڻس هاڻو آهي، ڪنهن غريب ڇوڪري سان ئي شادي ڪرائي ڇڏيندس." ڇوندي ڇوندي ڪڪيءَ کان هڪ آيو ساهه کڄي ويو.
مان رنڊڪي جي دروازي کان ٻاهر نڪري رهيو هوس، جو ڏٺم سامهون بيني هٿي ميڪا... نه گوپي...
سندس رتل ڳاڙهيون اکيون ٻاهه وسائي رهيون هيون. هڪ عجيب اوشواس جي ديوار کڙي هئي هتي ۽ اتي وڏيون اکين ۾، جنهن جي ٻنيان ڏڪاڻجي ڪري پيئي هئي ساري البيلائي ۽ احسان. مان پنهنجي ويڪل اکڙين مٿان ڇپر ڪيرائي پنهنجي ڪمري ڏانهن هلڻ لڳس ۽ ويندي ٻڌم، هوءَ ڪڪيءَ کي چئي رهي هئي ۽ ڏاڍي کڙي ڪندي چئي رهي هئي، "بابا نه

موڪل نه ڏيندو، مگر مان صبح جو ستين بجي واري گاڏيءَ ۾ روانو ٿي وينديس. منهنجي ڀيڻ شانتي ڪا گهٽ ٻري نه آهي ڪين. ڇهن ڪلاڪن جي مسافري ئي نه آهي ... تون ٺيڪ ٿي چوندي آهين، تنهنجو بابا نه رشي آهي!...“

منهنجي من ۾ ڄڻ ڪهاڙيءَ جو ڌڪ لڳو... رشي؟

مرڪ ۽ ممتا

ڪلا پرڪاش

هيءَ ممتا - مورتي منهنجي اڳيان بيجان بيٺي آهي. پاڻ بيجان آهي پر ممتا کي جاندار بڻائي ويٺي آهي. زندگي ڏيئي، نئين زندگي پيدا ڪندڙ، هن ناريءَ ڏانهن نهاريندي منهنجي اکين ۾ آنسو ڀرجي ٿا اچن. سندس هرهڪ ڳالهه ياد ٿي اچيم. شايد ڪجهه وسريو نه اٿم.

رات، رات پاليءَ لي آيس. چڪر ڏيندي سندس بستري وٽ وياسين. ڏينهن واريءَ نرس چيو، "هنکي اڄ تڪليف آهي. شايد رات جو ني ويم ٿي وڃيس."

"هان،" مون خوشيءَ مان سندس هٿ پڪڙي ورتو. پوءِ هن جي زرد چهري ڏانهن نهاري مشڪي چيم، "ٻن ٽن ڪلاڪن جي دير آهي. ٻڌاءِ، ڪڪو کپيئي ڪين ڪڪي؟" تڪليف سبب سندس چهرو پگهر ۾ شل ٿي ويو هو، ته به منهنجو سوال ٻڌي مرڪي ڏنائين. مون وري چيومانس، "ٻڌاءِ ؟"

اکين ۾ شرم ڀرجي آيس. شايد اهو پهريون ٻار هوس،

اِنڪري. مون ميز تان گھنڊڙي کڻي کيس ڏيندي چيو، "جڏھن گھڻي تڪليف ٿيئي، تڏھن ھيءَ زور زور سان وڄائج." مونکان گھنڊڙي وٺي، پنھنجي وھاڻي ھيٺ رکي ھوءَ مرڪندي رھي. مان وري پنھنجي ڪم کي لڳيس.

رات جو اٽڪل ٽين بجي ڪن گھنڊڙي وڄايائين. مان ڊوڙي ويس. بستري تان اُٿندي، وھاڻي جي ساڄي پاسي رکيل ٻه ٽي گلاب جا گل کنيائين. مون کيس ٻانھن سان سھارو ڏنو. پڇيو مانس، "ھي گل ڊليوري روم ۾ ڪٿي ھلندينءَ؟"

چيائين، "توکي ٿي ڏيان، سسٽر."

گلن سان ڪيترو نه پيار ھوس! منھنجي ساڻس واقفيت به انھن گلن ذريعي ٿي ھئي. ھيٺ 'آئوٽ ڊور پيشنٽس ڊپارٽمينٽ' ۾ روز سٽي ھٽائڻ ايندي ھئي. مان نه سمجھيان ته ھن کي ڪڏھن سور سبب دانھن ڪئي. ٻين زالن وانگر منھنجو وقت به ڪڏھن ڪين وڃايائين. اِنڪري ھوءَ جڏھن دروازي مان اندر گھڙندي ھئي، تڏھن مان کلي ڪيڪاريندي ھئي سانس. ھڪ ڏينھن ھڪ گلاب جو گل ڏيندي چيائين، "بنا سڃاڻپ جي روز ھھڙيءَ مٺڙيءَ مرڪ سان آجيان ٿي ڪرين، سو ان شڪر ادائيءَ لاءِ ھي گل ٿي ڏيانءِ، قبول ڪندينءَ؟"

مون خوش ٿي چيومانس، ”ضرور.“

هن وارڊ ۾ گذريل هفتي کان رهيل هئي. سندس پتي چندر روز سندس لاءِ گل آڻيندو هو. ٻهرائين ڏينهن مان ڏينهن جي ڊيوٽيءَ تي هئس. مونکي سڏي پنهنجي پتيءَ سان واقفيت ڪرايائين. منهنجو نالو ٻڌائي چيائينس، ”هيءَ ڏاڍي مٺي مرڪ مرڪندي آهي.“

انهيءَ ڏينهن ڇهين ٻجي، وڃڻ مهل، چندر مون وٽ اچي چيو، ”ڪو خوف خطرو ته ڪونهي، سسٽر؟“

مون چيومانس، ”اصل نه. ٿوري ڪمزور آهي، اِنڪري ته اَول رهايو اٿوَنس. سيون وغيره هٽائيندي ته ٺيڪ ٿي پوندي.“

ڊليوري روم جي ٻاهران نهايت سهڻن ۽ تندرست ٻارن جون تصويرون ٽنگيل آهن. چندر جون نگاهون اُنهن تي وڃي اٽڪيون. ٿورسي ۽ هٽڪي چيائين، ”مونکي ٿلها ۽ تندرست ٻار وڻندا آهن. اَهڙا ٻار، جن کي ڌڪو ڏجي ته نه روئن.“ ڏٺم ته چوڻ کي ته ويچارو چئي ويو پر پوءِ مڙهوني ڪجهه لڄ اچي ويس.

اَلا... هوءُ هينئر اچڻ ۾ هوندو. ڪيئن اهڙي بد خبر ٻڌائڻ لاءِ مان ٿي ڇو ڊيوٽيءَ تي آهيان؟ ايترو ساهس مون ۾ ڪٿان اچي سگهندو جو مان کيس اِهو ٻڌايان ته سندس پتني هينئر جيئري نه آهي.

اڃا هينئر ٿي نه هئي. ٽن ڪلاڪن اَندر هي ڇا

ئي گذريو! مان ٻارھن سال ھن ئي اسپتال ۾ نوڪري ڪري چڪي آھيان. مون انيڪ موت پنھنجي اکين اڳيان ڏٺا آھن. پوءِ ھن جي موت تي اڄ مان ڇو پنھنجي وس کان ٻاھر نڪري ويئي آھيان؟ منھنجو شايد ھن سان گھاٽو پيار ٿي ويو ھو. اکين اڳيان اڃا ٻه رات وارو نظارو ڦري رھيو آھي. ٻيو ڪجھه ڏسڻ ۾ ئي نٿو اچي.

ڇٽين ٻجي کان ھن نھايت ڪڙي دانھن ڪئي. مون ويجھو وڃي پڇومانس، "ڇو؟ گھٻراءِ نه. ڇا ٿو ٿئي؟"

درد وچان ھنڪان ھڪ سڏڪو نڪري ويو. چيائين "مونکي نٿا ٻڌائن ڇا ٿو ٿئي، سسٽر. مان ڪجھه ٻڌائي نٿي سگھان."

سندس ان آواز ۾ ڪيڏي نه پيڙا ڀريل ھئي!

مون ڪن رکي، سندس ٻار جي حالت جاچي. حالت ڪجھه بگڙيل نظر آيم. مون وارڊ بواءِ کي موڪلي ڊاڪٽرياڻي ڪماري شاھ کي سندس ڪوارٽر مان گھرائي ورتو. ڊاڪٽرياڻي ڪيس پنڌرھن منٽ جاچي پيشانيءَ ۾ گھنج وجھي چيو، "ڊليوري ٺھيڪ ٿي ويندي. پر ماءُ جي دل ڪمزور اٿس جو ان کي خطرو آھي."

مون پر واري وارڊ مان ٻه نرسون گھرائي ورتيون. ٻيءَ جو پنجين ٻجي ٽائين، ھن جي پيڙا وڌندي

وئي. آخر پاڻ کي روڪي نه سگهي ۽ اڇي روئڻ ۾ ڇٽڪي. مون دلداري ڏيندي چيومانس، "ائين نه ڪر."

منهنجي همٿ کي زور ڏيندي چيائين، "مونکي خود لڄ ٿي اچي سسٽر، جو مان روئان ٿي. پر مان ڇا ڪريان؟ الائي ڇا ٿو ٿئيم."

سندس اهو بيوسيءَ ڀريو آواز روئاريندڙ هو. سندس 'سسٽر' چوڻ جي نموني ۾ به پنهنجائي هئي. هن جو دک مون لاءِ اَسهه ٿي ويو.

ڊاڪٽرياڻي شاهه مونکي اچي چيو، "هنکي آڪسيجن ڏيو." پوءِ سندس بلڊ پريشر ڏسي، مونکي ڪوٺي چيائين، "حالت بگڙجي رهي آهي."

اهو ته مون به ڏٺو پئي. ڪيس آڪسيجن ڏني وئي. پندرهن منٽن بعد سٽي به پئي هڻيمانس. ڪماري شاهه سندس بلڊ پريشر پئي ڏٺو. هوڏانهن هن جو روئڻ ڪڙو ٿيندو ويو. ڊاڪٽر شاهه پنهنجو وڌيڪ وقت وڃائڻ بنا، هن کان ڪاغذ تي صحيح ورتي ۽ پنهنجو ڪم شروع ڪيو. ڏهن پندرهن منٽن ۾ ويم ٿي ويو.

ٻار 'اوئان اوئان' ڪئي ۽ هن جي ڦڪن چپن تي مرڪ ڊوڙي وئي. ممتا کي اَمر ڪندڙ مرڪ! ٻار جي 'اوئان اوئان' مان ڪيس ڇا مليو، ڪيترو مليو، اهڙي ڪٿ فقط هڪ ماءُ ئي ڪري سگهي ٿي.

پاڻ ٻرڪي وئي. سندس نبض ٻڏي ٿي وئي.

مان جنهن مهل ڪيس ڇوٽين سئي هڻي رهي هئس، تنهن مهل موالڙ تي پڇي، "سسٽر، ٻيبيءَ جي تور ڪيتري آهي؟" مون پريل دل سان چيومانس، "پنج پائونڊ."

هن پنهنجون اکيون بند ڪري ڌيمي آواز ۾ چيو، "تون چندر کي چئج ڇهه پائونڊ تور اٿس."

منهنجو هردو چوُر چوُر ٿي ويو. زوري مرڪي چيم، "ها ها، خيال نه ڪر. مان ست پائونڊ چونديس سانس."

هن اکيون کولي مشڪي چيو، "تون ڏاڍي سٺي آهين، سسٽر."

هي هو ڇا؟ سندس نبض ٻڏي ٿي رهي هئي. ان هوندي به هوءَ ڪيئن ٿي ڳالهائي سگهي! ڪيئن ٿي مرڪي سگهي! اسين سڀ ملول منهن ۽ بي آرام دليون کڻي هڪ ٻئي ڏانهن ڏسي رهيون هيونسين. ڪيس بچائڻ جي سخت ڪوشش ٿي رهي هئي. موت ٻڪندو ڏانهنس اچي رهيو هو. اسين زندگيءَ کي موت کان بچائڻ جي پٺن ۾ هيواسين، پر جيڪا پاڻ زندگيءَ ۽ موت جي ڇڪتاڻ ۾ هئي، تنهن کي ڪابه لڪ ڪانه هئي. موت نه سندس اکين جي چمڪ کسي ٿي سگهيو ۽ نه چپن جي مرڪ. هن هڪ زندگي نرماڻ ڪئي هئي ۽ موت کي شڪست ڏني هئي.

ڪِن لاءِ دل ۾ آيم ته ڪيس ٻڌايان ته هوءَ شايد ڪن

گهڙين جي ني مهمان آهي، پر سندس اکين ۾ جيڪي سندر سپنا پرجي آيا هئا، سي ڪسڻ جي شڪتي مون ۾ اچي ڪٿان؟

ماڻ به 'ماءُ' آهيان. مونکي سڌ آهي ته هن اُن گهڙيءَ کهڙا سپنا ٿي ڏٺا. منهنجيءَ ڪکيءَ ڪسم جو جنم پڻ هن ني ڪمري ۾ ٿيو هو. سندس جنم کان ١٥ ڏينهن کن اڳي، مان اسپتال جي سالياني جلسي تي آئي هئس. اُني سٽن سالن جي هڪ ننڍڙيءَ ٻالڪا هڪ دلڪش نرتيه ڪيو هو. ڪسم جي 'اوٺان اوٺان' ٻڌي مون سوچيو هو ته مان ڪيس اهڙي نرتيه جي سکيا لاءِ موڪليندي هئس. منهنجين اکين اڳيان اسپتال جي ان جلسي جو اسٽيج ڦري ويو. ڏٺم ته اُني منهنجي ڪسم ناچ ڪري رهي آهي. سٽن سالن جو سپنو مون پنجن منٽن ۾ پالي ورتو هو!

مونکي پڪ آهي ته اُن وقت هوءَ به اهڙن ني سپنن ۾ ڪوهجي ويئي هئي. گهر ۾ ٻار لاءِ فراڪ نـاهي رکي آئي هوندي. ڪيس ڪٿي سمهارڻ جـو خـيال ڪيو هئائين، کهڙو ڪيـر پيئارڻ جو ويچار ڪيو هئائين، اِهو سوچيو هئائين. شايد اِهو به سوچيو هوندائين تـ ڪيس کهڙي اسڪول ۾ وهاريندي...

سـپ ڪـان وڌيڪ ڪتڪتائي ڪيس ان وقت ٿي هوندي، جڏهن سوچيو هوندائين ته شام جو چندر ايندو،

ٻار کي ھنج ۾ کڻندو، پيار ڪندو ۽ کيس چيڙي ڪائنس پڇندو، 'تور گھڻي اٿس؟' هوءَ ڪوڙ ڳالھائي فلڪ سان چوندي، "ڇھ پائونڊ." چندر چوندس، "ھل ڪوڙي." ۽ هوءَ چوندس، "نٿو اعتبار اَچيئي ته ڪري سسٽر کان پڇو."

هوءَ اُن وقت اھڙن ئي مٺن ۽ مٺن سپنن ۾ ڪوهيل هئي. جڏھن سندس ٻچڙ جي ٿوري به اُميد نہ رهي، تڏهن مون پڇيومانس، "تنهنجي گھر جي آسپاس فون آهي؟"

"ها، آهي. تون چندر کي فون ڪندينءَ، سسٽر؟"

مون دل جهلي چيو، "ها. فون ڪري گھرايانس ٿي."

هوءَ ٿڪي پيئي. ڪائنس فون نمبر پڇي مان ٻاهر هلي ويس. موٽي اچي ڏٺم تہ هن جو بيجان سرير پيو هو!

منهنجين اَکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا. ٿورو اَڳ جنهن ڳالهايو پئي، سا هئي ڪٿي؟

مون سندس ڦڪي، پيلي ڇھري ڏانھن نھاريو. سندس بي حس چپن تي اڃا بہ مرڪ کيلي رهي هئي. سندس اها ليانيندڙ مرڪ چڻ چئي رهي هئي:

"مان اَڃا قائم آهيان. مان ممتا آهيان. مونکي ڪير ماري نٿو سگھي. مان جڳن کان کيليندي اچان.

منهنجيءَ اَمرتا کي ڪير ڇني نٿو سگهي."

مون سوچيو: سچ آهي. نشڪام پريم صرف ماءُ ئي ڪندي آهي. پيار کي پيار ڪندي فقط ماءُ ئي پنهنجي هستي، پنهنجو وجود وساري ٿي سگهي.

مون چوڌاري نهاريو! هوءَ جيڪي گل ڪٽي هن ڪمري ۾ گهڙي هئي، سي پنکڙيون پنکڙيون ٿيا پٽ ۾ پيا هئا. اهي مرجهايل گلن جون پنکڙيون ميڙي، مون وڃي سندس ڪکي جي ننڍڙن، پنکڙن هٿن ۾ ڏنيون ۽ سندس پيشاني چمي چيو، "تنهنجيءَ اَمرُ کي سخت تڪليف هوندي ۽ روئڻ ۾ لڄ ايندي هئي. کيس مرڪڻ بيحد پيارو هو. تون سندس باقي نشاني آهين. سڄي عمر مرڪندو رهج."

مان رُئڻو آهيان

گوورڌن محبوباڻي

گهر وارا چوندا آهن – مان رُئڻو آهيان، پاڙيسري چوندا آهن – مان رُئڻو آهيان ۽ مان به قبول ٿو ڪريان ته مان رُئڻو آهيان. رُئڻو آهيان، ڇاڪاڻ ته مان اڀاڳو آهيان. ٻالپڻ ۾ ماءُ مري وئم. پيءُ جي پيار کان به محروم رهيس. ڀاڀيءَ برابر پالي نپائي وڏو ڪيو پر ونس 'ماءُ واري دل' ڪانه هئي. پيٽي ڏڍيون ڏيندي هئي. مان سندس سامهون ته ڪڇندو ئي ڪونه هوس پر ڪنهن ڪنڊ ۾ وڃي سڏڪندو هوس، سڏڪا ڀريندو هوس، ڳوڙها ڳاڙيندو هوس.

ڀاڀي چوندي هئي ته مان رُئڻو آهيان. هاڻ به چوندي آهي ته مان رُئڻو آهيان. مان به قبول ٿو ڪريان ته مان رُئڻو آهيان. اڄ هيئنر به روئندو روئندو موٽيو آهيان ۽ ڪل ڪانهي ته ڪيستائين روئندو رهندس. روئندو رهندس، ڇو ته مان اڀاڳو آهيان. ٻالپڻ ۾ ئي ماءُ مري وئم ۽ هاڻ جوانيءَ ۾ پنهنجي 'ننڍڙي ماءُ' به وڃائي ويٺو آهيان. ننڍڙي ماءُ؟ ها، هوءَ منهنجي ننڍڙي ماءُ هئي!

هن جو نالو هو 'نرملا'. اٽڪل ٻارهن سال اڳ، هڪ ڏينهن، مان جڏهن ڪاليج مان موٽيس ته هن کي پنهنجي گهر ٻاهران روئندو ڏٺم. ستن اٺن سالن جي اٻوجهه ٻالڪي - گهگهري ڦاٽل، وار اَڻپوڇا ۽ اَڻ سنواريل، چڳون چيڙهه چيڙهه، چهرو داغ داغ ۽ هٿ پير ڌڌڙ ئي ڌڌڙ. هوءَ گم سم روئي رهي هئي. منهنجي دل ڀرجي آئي. مون پرچائڻ لاءِ کيس ڳراٽڙي پاتي. منهنجو سنيهه پائي، هوءَ سڏڪا ڀرڻ لڳي. مون کيس ڇڪي ڇاتيءَ لاتو، سندس ميرو منهن چميو، سندس ڳوڙها اُگهيا ۽ کيس گهر وٺي آيس.

ٻاپيءَ مونکي ٻڌايو ته هوءَ ڇوري ڇني هئي. نه ماءُ هيس، نه پيءُ. اَسانجي گهر پرسان ئي پنهنجي ماسيءَ وٽ رهندي هئي. ماسي، جا کيس پيڙيندي هئي، پٽيندي هئي ۽ ماريندي هئي. ماسي، جا کيس اَسر جو اُٿاري گهر جي چاڪري ڪرائيندي هئي. هوءَ سڄي گهر ۾ ٻهاري پائيندي هئي، گهاگهر ڪڇي پر واري نل تان پاڻي ڀريندي هئي، ماسيءَ جي ٻارن جا غليظ ڪپڙا ۽ چيڙيون ڌوئيندي هئي، ڪاڌي پيتي لاءِ باهه ٻاريندي هئي، جوٺا ٻاسڻ مليندي هئي ۽ آخر رکو سُکو کائي اسڪول ويندي هئي. اسڪول ۾ ماسترياڻي به مٿس ڏمرجي هئي. چوندي هئي: 'اَصل موڳي مٽر آهي. دماغ بلڪل کوکلو اَٿس. ڪجهه به نٿي سمجهي.

وري ٽوروني ڪٽي ڇوڙس ۽ ميڪ-ميڪ ٿي ڪري. گدلي ڇوري! نه وار نـاهي نه گهگهري بدلائي. جهڙي ڀوت! نه هوش اٿس نه افعال... ويچاري نرملا! گهر ۾ ماسيءَ جي مار کائيندي هئي ۽ اسڪول ۾ ماستياڻيءَ جي.

مان اهڙي دؤر مان گذريو هوس، انڪري موکي هن سان بيحد همدردي هئي. هن به منهنجي سنيهه جي ساه ۾ سک پـالو. اَسين ٻئي رلي ملي هڪ ٿي وياسين. هاڻي روز شام جو هوءَ منهنجو انتظار ڪندي هئي. موکي ڏسي ڊوڙي ايندي هئي. منهنجي هٿ مان ڪتاب وٺي، موکي ٻانهن کان ڇڪيندي هئي. گهر پهچي مان بوٽ لاهيندو هوس ته هوءَ پـاڻيءَ جو لوٽـو کڻي ايندي هئي. هٿ منهن ڌوئيندو هوس تـه پاڻيءَ کان روٽيءَ جي ٿـالهي وٺي ايندي هئي. روٽي کائي، مان کيس ٻنهي ٻانهن کان جهلي ڦيري پارائيندو هوس. هـوءَ پيارا ٽهڪ ڏيندي هئي. منهنجي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي لٽڪي پوندي هئي. مان سندس وارن لي پيار مان هٿڙا ڦيريندو هوس، سندس صوفن جهڙا ڳل چميندو هوس ۽ آخر کيس مان ڪا نه ڪا شيءِ ڪڍي کيس ڏيندو هوس. ڪڏهن ڪٽمٽڙو، ڪڏهن ٻسڪوٽ، ڪڏهن ريوڙيون.

... اهو سنيهه جو سلو پوسالين ۾ ڦٽو. وسڪارا ٿيندا

رهيا، سلو وڌندو رهيو. ڪڪر وسي وسي ونڙجي ويا، سلو وڌندو رهيو. سيارو آيو، سلو وڌندو رهيو. ڏينهن ننڍا، راتيون وڏيون ٿيون. سلو وڌندو رهيو. گل ٽڙيا، وڻن ٻور جهليو، سلو وڌندو رهيو... ۽ هڪ ڏينهن بمبئيءَ مان چاچي جي چٺي مليم ته مونکي بمبئيءَ جي ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا ملي ٿئي.

مون اجمير ڇڏي بمبئيءَ جي شرط ورتي، پاپيءَ کي ڇڏي چاچيءَ جي شرط ورتي ۽ نرملا کي وساري ڪتابن جي ڍير ۾ گم ٿي ويس. ايم. بي. بي. ايس پاس ڪرڻ لاءِ پنج سال ڪافي آهن، پر مون ست سال لڳايا. اها ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي. آخر ته ڊاڪٽر ٿيڻ لاءِ دماغ گهرجي، محنت گهرجي... ۽ محنت منهنجو سرير جهوري وڌو. پڇاڙيءَ جي سال ۾ اَڪثر عليل رهيس. امتحان هلندي بيمار ٿي پيس پر تڏهن به پيپر سٺا ڪيم. سوچيم: 'شايد بمبئي جي هوا پاڻ نٿي پوي، ذرا اجمير مان هوا بدلائي اچان.'

اجمير پهتس ته پاپي منهنجو ڏٻرو سرير ۽ زرد چهرو ڏسي ڏڪي ويئي. اُن ڏينهن ۾ بخار هوم، سو بستري ۾ آرام ڪرڻ لاءِ تاڪيد ڪيائين پر دل نه مڃيو. اجمير جي دوستن کي ڏٺي ڏينهن ٿي ويا هئا، سو شهر ۾ چڪر ڏيڻ لاءِ سنبريس. مونکي ويندو ڏسي، پاپيءَ رڙورڙ مچائي ڏني: "ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ بخار جا ٻت

ٻيا ٻوٽي ۽ هليو آهين گشت تي! اندر وڃي سمهي پؤ، نه ته شام جو پاڻهين ڪي ڇٺي چنڊ ڪيڏائيندي سانءِ!" پر هاڻ مونکي ٻاپيءَ جي دڙڪن جو ڀؤ ڪونه هو. آخر ته ڊاڪٽر ٽيڪ وارو هوس! ڪيس هٿو اُٺبڏو ڪري مان ٻاهر وڃڻ لڳس. مگر ڪمپائونڊ جي لوهي ڦاٽڪ وٽ پهچي منهنجا قدم اَزخود روڪجي ويا. سامهون نرملا بيٺي هئي!

"ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ هل واپس!"

اهو عرض هو يا حڪم، مان ڪو به فيصلو ڪري نه سگهيس. مندپل نانگ وانگر، هڪ ٽڪ نرملا ڏي نهاريندو رهيس. لنبا چلڪندا وار، ڳاڙهين ربين سان سجايل ٻه چوٽيون، ليمي جي ڦاڪن جهڙيون موڪريون اکيون، پيرل رت رتولا ڳل، سنهڙا سرخ چپ ۽ سڊول سرير. هوءَ هاڻ اٺن سالن جي نه، پر پندرهن سالن جي هئي، نه ته سندس منهن تي اهائي معصوميت جهلڪي رهي هئي ۽ دل ۾ اهائي اڪير. هن پيار مان منهنجي ٻانهن جهلي چيو، "اندر هل!" مان چپ چاپ اتان موٽڻ لڳس، گويا مونتي جادو ٿي ويو هو. ٻاپيءَ وٽ پهچي نرملا کلي ڏنو: "ڏس ٻاپي، پڪڙي وٺي آئي آهيانس!" ٻاپيءَ جواب ۾ صرف مرڪيو. مان اچي بستري تي ليٽيس. نرملا منهنجي مٿي کان ويهي پنهنجو هٿ منهنجي نرڙ تي گهمايو.

اهو ٽڏو وڌندڙ ڇهاءُ، منهنجي نس نس ۾ ڦهلجي ويو. ڪل ڪالهي، مونکي ڪيڏيءَ مهل ننڊ اچي ويئي.

پاپيءَ کي جنهن ڳالهه جو انديشو هو، سا سچ ثابت ٿي. ڏينهون پوءِ منهنجي صحت بگڙجندي ويئي. ٽي ڊاڪٽر به آيا. هڪ چيو- 'کهني مليريا آهي'، ٻئي چيو- 'مدو آهي' ۽ ٽئين 'خون جي ڪميءَ' جي شڪايت ڪئي. ڪمزوريءَ ۽ بخار جي شدت سبب مان اَڪثر نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ رهندو هوس ۽ جڏهن جڏهن اَکيون کوليندو هوس تڏهن نرملا کي ڀر ۾ ٻائيندو هوس. مان گهٻرائجي چوندو هوس، "نرملا، تنهنجي ماسي غصي ٿيندي، تون گهر وڃ." هوءَ ٻهانو ٻڻائيندي هئي، "غصي ڇو ٿيندي؟ اَڃا هاڻ ته آئي آهيان!" مان محسوس ڪندو هوس ته هوءَ ڪوڙ ڳالهائي رهي آهي ۽ ٻر جي ضد ڪندو هوس ته هوءَ روئي ڏيندي هئي. عجيب ڇوڪري هئي نرملا! منهنجي بيماريءَ جي عرصي ۾ ماسيءَ جون ملامتون سهي به هن هر طرح سان منهنجي شيوا ڪئي ۽ بيماريءَ بعد به ڪيس منهنجو اونو رهندو هو.

هڪ ڏينهن ڦنداري ڏاڙهونءَ جو اَڌ اَٽي مونکي ڏنائين. مون حيرت مان پڇيو، "هيءُ ڏاڙهون ڪٿان آندءِ؟"

"ماسڙ جئپور کان آيو آهي، اُن ڏنم."

"نه تون ڪاڻو نه!"

"نه تون ڪاڻو!"

"ڇو؟"

"تو ڪاڻو، سو مون ڪاڻو." ... ۽ ڏاڙهونءَ جا داڻا ڪيري هوءَ مونکي کارائڻ لڳي. منھنجي دل ڀرجي آئي. مون کيس ڀاڪر ۾ ڀريو، سندس ڳل چمي چيو، "نرملا، تون ڪھڙي نه سٺي آهين!"

هوءَ ڪجهه پل لاءِ سانت رهي. پوءِ ڌيمي آواز ۾ چيائين، "هڪ ڳالهه چوانءِ؟"

"چؤ."

"تون اڳتي منھنجا ڳل نه چمندو ڪر."

"ڇو؟"

"مان وڏي ٿي ويئي آهيان!"

مونکي ڄڻ ڪنهن زور سان ڌڪو ڏنو. ڏاڙهونءَ جا داڻا منھنجي هٿن مان ڪري پيا. چهرو زرد ٿي ويو. اکيون جهڪي ويون. منھنجي پريشاني ڏسي هوءَ به گهٻرائجي ويئي. منھنجون ٻانهون پڪڙي چيائين، "هيءَ ڇا، چريو آهين ڇا؟ تون نه الائي ڇا جو ڇا پيو سمجهين!" ائين چئي هوءَ منھنجو منهن چمي، کلڻ لڳي.

مون محسوس ڪيو ته نرملا سچ پچ وڏي ٿي ويئي هئي. وڏي - منھنجيءَ عمر کان گھڻو وڏي. گويا

هوءَ منهنجي عمر جي هئي ۽ مان ستن اٺن سالن جو ٻار! اسانجو وهنوار ٻه هاڻ الٽو ٿي چڪو هو. اڳي، مان نرملا کي سنڀاليندو هوس، سهارو ڏيندو هوس، هاڻ هوءَ مونکي سنڀاليندي ۽ سهارو ڏيندي هئي. اڳي، مان کيس نول کارائيندو هوس ۽ هاڻ هوءَ مونکي کارائيندي هئي.

هڪ ڏينهن سندس گهر پلاءُ پڪو. هوءَ پنهنجو حصو مون لاءِ کڻي آئي. مون پڇيو، "اڄ وري ڇا آندو اٿئي؟"

"پلاءُ."

"تون کاءُ!"

"نه، تون کاءُ!"

"ڇو؟"

"مان ڪمزور ٿورڙي آهيان! تون کاءُ، توکي طاقت ڏيندو."

"طاقت ڏيندو يا پيٽ ۾ ٻار ڪندو؟ مان نه کائيندس."

"زوريءَ کارائينديسانءِ!" هوءَ ڳٽيون ٺاهي منهنجي وات ۾ وجهڻ لڳي. کائيندي کائيندي مون پڇيو، "نرملا، تون منهنجي ڇا ٿين؟"

"تون ٿي کڻي ٻڌاءِ نه مان تنهنجي ڇا ٿيان؟" هن کلي وراڻيو.

"ٻڌايانءِ؟"

"ها، ٻڌاءِ."

"تون منهنجي ... ننڍڙي ماءُ آهين!"

"هشت ... چريو!" ۽ هن منهنجي ڳل تي هلڪي ٿڦڙ وهائي ڪڍي.

مان ايم. بي. بي. ايس ۾ پاس ٿيس ۽ اجمير جي ريلوي اسپتال ۾ نوڪري به ملي‌م. هوڏانهن نرملا جو مڱڻو ٿيو، شادي ٿي ۽ اجمير ڇڏي دهليءَ هلي وئي. ٻن مهينن بعد مان ساڻس ملڻ لاءِ دهليءَ ويس. هوءَ بيحد خوش هئي. مون ڏٺو ته هن جون اکيون مرڪي رهيون هيون، چپ مرڪي رهيا هئا، سرير جو انگ انگ مرڪي رهيو هو. اَڌ ٽڙيل مکڙي هاڻ گل بڻجي چڪي هئي. ڏاڍيءَ اُڪير مان هن مونکان حال احوال ورتو. شام ٿي ته مون چيو، "نرملا، هل ته انڊيا گيٽ تان گهمي اچون."

"نه ڙي! اَمي موڪل ئي ڪانه ڏيندي."

"ڇو؟"

"هوءَ پراڻن خيالن جي آهي."

"ته مان گوبند کي ٿو چوان."

"هوُ ته ماءُ جو مريد آهي. ماتا کي پرماتما ڪري سمجهندو آهي."

مان ڪرسي سيري وجهي ٻالڪنيءَ ۾ ويٺس. نرملا

ٻه منهنجي پرسان اچي بيٺي. ڪا مهل اسين ٻئي چپ رهياسين. آخر نرملا آهستي چيو، "ٻڌين ٿو، مون تنهنجي لاءِ ڪنوار ڳولهي آهي!" هوءَ پر واريءَ ٻالڪنيءَ ڏي نهاري مرڪڻ لڳي.

مون ڪنڌ ورائي ڏٺو ته اتي هڪ سنهڙي، سهڻي جوان ڇوڪري وار سنواري رهي هئي. نرملا ۽ مون تي نظر پوندي ئي هوءَ اندر هلي وئي.

"ڏٺءِ، ڇوڪري ڏسي ڪيئن ڀڄي وئي. ويچاري مائٽيلي ماءُ جي ستايل آهي. شادي ٿيندءِس ته مون وانگر سکي ٿي پوندي. ماڻس به مونسان ڪيترا دفعا ڳالهه ڇوري آهي.

"نالو ڇا اٿس؟"

"سندري."

"نالو ته سهڻو اٿس!"

"۽ پاڻ؟"

"پاڻ به سهڻي آهي."

"پوءِ... ماڻس کي پڪ ڏيان؟"

"نه."

"ڇو؟... منهنجو چوڻ به موٽائيندين؟"

"تون ڪير آهين؟"

"تنهنجي ننڍڙي ماءُ!" اسين ٻئي کلڻ لڳاسين.

دهليءَ مان موٽڻ وقت نرملا وري سندريءَ جي

ڳالهه ڇيڙي. مون چيو، "چڱو، اجمير پهچي توکي پنهنجي فيصلي کان واقف ڪندس." پر ڇهن سالن تائين مون ان بابت ڪو به فيصلو نه ڪيو. ان عرصي بعد جڏهن مان وري دهليءَ ويس ته نرملا جي شڪل ڏسي ڏڪي ويس. هوءَ ڳوري ڪنڌا ٿي وئي هئي. لنبا چلڪڻا وار ڇڻي ويا هئس. اکيون اندر پيهجي ويون هئس ۽ ڳلن جا هڏا ٻاهر نڪري آيا هئس! هوءَ ٻارن جيان مونکي چنبڙي روئڻ لڳي. مان سمجهي ويس ته سندس سک جا ڏينهن پورا ٿي چڪا هئا. هاڻ هوءَ وري دکن جي دؤر مان لنگهي رهي هئي. سس جي سهڻ ۽ ڇڙٻن کان سواءِ، هن تي هڪ ٻي مصيبت به نازل ٿي هئي. گذريل ڇهن سالن ۾ ٽي دفعا هن جو حمل ضايع (abortion) ٿيو هو. هن جي ممتا مَٽي دل ٽڪرا ٽڪرا ٿي چڪي هئي. سندر سڄو صدمن سبب جهڪي جهري پيو هو. ان ڏينهن ئي مان گوبند کي ساڻ ڪري ڪيس هڪ ليڊي ڊاڪٽر وٽ وٺي ويس. تپاس بعد اسان ٻنهي جي ساڳي راءِ بيٺي. مون نرملا کي سمجهايو، "هن ڪاپوءَ وڌيڪ ڳرڀ تنهن لاءِ موت برابر ٿيندو." مون گوبند کان به انجام ورتو ته هو نرملا جي زندگيءَ صدقي پرهيز ڪندو. ٻنهي ڳالهه جي گنڀيرتا محسوس ڪئي. ٻنهي مونهنجي روبرو قسم کاڌو، پر ...

ستن اٺن مهينن بعد ئي مونکي گوبند جي تار ملي. مان ننهن کان چوٽيءَ تائين پگهرجي ويس. ان رات ئي دهليءَ روانو ٿيس. نرملا جي گهر مساڻ جهڙي سانت لڳي پيئي هئي. گوبند ڊاڪٽر سان گڏ اسپتال ويو هو. ٻالڪنيءَ ۾ نرملا جي سس ويٺي هئي. مونکي ڏسي هن منهن ڦيري ڇڏيو. مان چپ چاپ آڳنڊ ۽ ٻه ڪمرا لتاڙي ٽئين ڪمري ۾ پهتس. نرملا مرڻينگ حالت ۾ کٽ تي پيئي هئي. وسامندڙ نظرن سان هن مونڏانهن نهاريو. مون هن جا ڏڪندڙ هٿ پنهنجن هٿن ۾ جهلي چيو، "نرملا، تو هيءَ ڇا ڪيو؟"

نرملا چپ چاپ روئڻ لڳي. مون سندس وارن ۾ پنهنجون آڱريون ڦيري چيو، "مون نه توکي چتاءُ ڏنو هو... پوءِ به..."

"بس، لاچاري..."

"لاچاري؟" مون البت جوش مان ورجايو، "هيءُ سڀ گوبند جي نادانيءَ جو نتيجو آهي!"

نرملا پنهنجو ڪمزور هٿ منهنجي وات تي رکي چيو، "هن کي ڏوهه نه ڏي. ڏوهه منهنجو ئي آهي."

"تنهنجو؟... ڇا، ڄاڻندي ڪندي به تو پاڻ کي موت جي منهن ۾ اڇليو!"

"ڇا ڪريان؟ مون لاءِ ٻنهي طرف موت هو. اُمي پراڻن خيالن جي؛ سندس اڪيلي پٽ کي اولاد نه ٿيڻ

سان خاندان جي ختم ٿيڻ جو پاپ ٿي سر تي پيس. آئندي وهندي پيئي ٽوڪيندي هئي- 'ڇوڪرن لاءِ ڪي ڇوڪريون ڪٽيون؟ مان گهر ۾ ٻي ڪنهن آڻيندس!' سندريءَ جي ماءُ به پيئي ڪن ڀريندي هيس."

"پر گوبند ته توسان هو؟"

نرملا جي اکين ۾ وري پاڻي ڀرجي آيو. ٻڏندڙ آواز ۾ چيائين، "منهنجو چوڻ مڃي هن ڪان ڪنارو ته ڪيم پر ڪيس گويا وڃائي ويٺيس. ٽورن ٽي ڏينهن ۾ هن جو ارواح مونتان ڪجهي ويو. اَڪثر مونکان دور دور رهندو هو. گهڻو وقت ته سندريءَ جي گهر ۾ گذاريندو هو. ٻه ٽي دفعا هن سان سئنيما ۾ ڏسڻ ويس. مان سهي نه سگهندي هيس. هڪ ڏينهن گهر ۾ وڏو مهڻ متو. سندريءَ ماءُ جي هشيءَ تي، اَميءَ مونکي گهٽ وڌ ڳالهايو... طلاق جي ڌمڪي به ڏنائين..."

"طلاق؟... ۽ گوبند ڇا چيو؟"

"ٽوڪي ٻڌايو ته هوم ته هو ماءُ جو مريد آهي. ماتا کي پرماتما ڪري سمجهندو آهي. طلاق بعد مان ڪيڏانهن وينديس- اهو سوچي، ان رات مان بستري تي ليٽندي ڦٿڪندي رهيس. اَميءَ کي پوٽو گهربو هو ۽ منهنجي پتيءَ کي پيار- هر طرح جو پيار. منهنجي جيءَ ۾ اَلائي ڪهڙو جولان جاڳيو. سوچيم: 'ٻنهي طرف موت آهي، ڇو نه قسمت آزمائي ڏسان؟'... آڌيءَ رات جو

مان هن جي ڪمري ۾ هلي ويس. هن گهٽي ئي منع ڪئي، پر ... پر مون نه مڃيو ...“ نرملا جا ڪمزور چپ ڏڪڻ لڳا، آواز بند ٿي ويو، نبض ڍري ٿي وئي ۽ هٿ پير ٿڌا ٿي ويا.

نرملا مري وئي پر الائي ڇو منهنجي اک آلي به نه ٿي. ارٿيءَ کڻڻ وقت سڀئي ڪوڙا سچا يار به ڪنڌيا پر مون هڪ لڙڪ به نه هاريو. شمشان-ڀوميءَ ۾ گوبند زار زار رنو پر مون هڪ سڏڪو به نه ڀريو ...

رات جو مان پنهنجي ننڍڙي بئگ کڻي اجمير موٽڻ لاءِ تيار ٿيس. ڏاڪڻ لهي رهيو هوس ته پنيان سندريءَ ماءُ جو آواز ٻڌم: گوبند ماءُ! پوءِ ڪڏهن ٿي مصري ونين؟“

”مئي، آهستي ڳالهاءِ! ذرا هن کي وڃڻ نه ڏي!“

منهنجن پيرن کي ڄڻ ڪانء لڳو. ڏاهه ڏاهه ڪري اکين مان آنسن جو درياهه اٿلي پيو ... اهو سيلاب اڃا بند نه ٿيو آهي.

گهر وارا چوندا آهن – مان روئڻو آهيان، پاڙيسري چوندا آهن – مان روئڻو آهيان، منهنجا سڀ دوست چوندا آهن – مان روئڻو آهيان ۽ مان به قبول ٿو ڪريان نه ... ●

(آگسٽ ١٩٥٧ع)

دستاويز

نارائڻ ڀارتي

منگهن مل ٻٺوڪ جي ٻاهرين ورانڊي ۾ ٻيل ڪٽ تي ويٺي سنڌ مان ڪٺي آيل دستاويزن، رسيدن، ٻنڌڻن جي هڙ کولي، هڪ هڪ ڪري ٿي ڏٺو. هرهڪ جي مٿان مٿاڇري نظر وجهندي رکي رکي ڇپن ۾ ڪجهه پڙ پڙ ڪندو ٿي ويو ڪڏهن ٿڌو شوڪارو ٿي ڀريائين ۽ ڪڏهن نراڙ تي هٿ رکندي "آه قسمت! نه نه..." ڇٽي ڪي دستاويز هڪ پاسي ڪري رکندو ٿي ويو، ۽ ڪي انهن کان جدا ڪري ٻيءَ ٿهيءَ ۾ پئي رکيائين. ٻه ٽي ڏينهن اڳ هن کي ڪليمس آفيس جو نوٽيس مليو هو، "تنهنجي حاضري ڏهين تاريخ صبوح جو ٻارهين ٻجي ڪئمپ ٻئي جي آفيس ۾ رکي وئي آهي. پوري وقت تي پنهنجن دستاويزن ۽ انهن جي نقلن ۽ ٻين ڪاغذن پٽن، لکيل ثابتين ۽ شاهدن سميت اچي حاضر ٿيو، غير حاضريءَ جي حالت ۾ هڪ طرفو فيصلو ڪيو ويندو."

منگهن مل زمين جو ڪليم ڀريو هو ۽ جاين جو ٻه.

ليڪن هيءَ حاضري ڄاڻ واري ڪليم جي هيس. انهن جي لکيل ثابتي ڪٺي وڃڻ لاءِ ئي منگهن مل ڄاڻ جا دستاويز ڦولهي رهيو هو. هڪ هڪ دستاويز ڪري پڙهندي ڄاڻ وارا دستاويز جدا ڪري ٿي رکيائين.

هڪ دستاويز مٿان سرسري نظر وجهندي، پڙهندي هن جي اکيان فلم جي تصوير جيان ان جاءِ جو نقشو ڦري ويو. سندس واڙي واري جاءِ، چاڪين جي پاڙي ۾ هئي. ان جي پرسان سومر چاڪي رهندو هو. هو چندن مل جي ٻني ڪيڙيندو هو. سندس ٻلال رکڻ واري جاءِ ڪڏ پرسان هوندي هئي. اهڙيءَ طرح هڪڙي جاءِ، ٻي جاءِ، ٽين جاءِ... ڪي دستاويز ڏهن سالن جا جهونا هئا ته ڪي ويهن جا ته ڪي وري ٽيهن چاليهن ورهين کان به مٿي هئا. ڪي ڄاڻون هن جي سانڀر کان به اڳي جون ورتل هيون، ته ڪن جي آڏاوت سندس سانڀر ۾ ئي ٿي هئي. صديق ڏڪڻ سندس جاءِ ۾ ئي ويهي ڊر ڊرڻون ڪيون؛ ٻيو آڏاوت ۾ گهربل سامان ڏنهيو هو؛ هو ڪيس "ڀالو" چئي چيڙائيندو هو. اهو هن کي چڱيءَ طرح ياد هو. دستاويز ڏسندي اهڙيون انيڪ ڪهاڻيون هن جي من ۾ اٿيون. هن هڪ هڪ ڪري ڪيترا دستاويز ڏٺا. ڏسندي ڏسندي هن جون نظرون ڪن اکرن تي ڄمي ٻيهي رهيون، "رسول بخش پٽ نبي بخش مگريو، وٺل ڳوٺ ميرل" هن جون

نگاهون وري اڳتي وڌيون ۽ هي پڙهڻ لڳو.

"اقرار ٿو ڪريان ۽ لکي ٿو ڏيان، ساڻ رضا خوشيءَ پنهنجي، مان رسول بخش پٽ نبي بخش، ذات مگريو، ڪم کيتي ڪرڻ، عمر ٣٠ سال، وهنل ڳوٺ ميرل، تعلقہ قنبر ضلع لاڙڪاڻو، هڪ جاءِ سڪني ڳوٺ ميرل، تعلقہ قنبر ضلع لاڙڪاڻو. جنهن ۾ ٽي ڪوٺيون هڪ صفحو ۽ نم جو وڻ آهي.

حد اوڀر ۾ مدرسو، جنهن ۾ مسلمانن جا ڇوڪرا پڙهندا آهن، ٣٣ فوٽ. حد اولهہ ۾ جاءِ علي حسن گرماڻيءَ جي ٣٣ فوٽ. حد اُتر عام سير ٢١ فوٽ. ڏکڻ جاءِ خيرل جي ٢١ فوٽ ٻاهريون در اُتر پاسي ۽ ڪوٺين جي ڪڏ جي پاڻيءَ جي نيڪال جا رستا عام سير ۾. مٿين جاءِ ذڪر ڪيل سيٺي حق واسطن سميت روپين ٻن سون منجهہ، سيٺ منگهن مل، ولد سيٺ ڪوڙومل، ذات هندو لوهاڻو، عمر ٣٥ سال، ڪم دوڪانداري، رهندڙ ميرل، کي قطعي وڪرو ڪري ڏنم."

منگهن مل اڳتي وڌيڪ پڙهي ڪين سگهيو. هن جو هيانءُ ڀرجي آيو. هن جي اکيان رسول بخش جي جاءِ ۽ سندس زال ۽ ننڍڙي پٽ جو چٽو ڪينچجي آيو، جنهن کي رسول بخش ڪڍهن ٻڌيءَ لي وني ويندو هو، جو سندس دڪان وٽان لنگهندي ٻاليءَ ٻوليءَ ۾ چوندو هوس، "ٻولار، موکي پنهنجو ڏنار نہ

ڪندين؟ مان تنهنجون ٻڪيون چاريندس ۽ پوءِ هولگار ڏيئي زبان سان خيالي ٻڪيون هڪليندو هو ۽ ڊوڙي هليو ويندو هو ۽ منگهن مل به ٻارن ڪٽڻ وقت هن جي لاءِ ٽـوپو ڪٽي ڪڍي رسول بخش کي ڏيندي چوندو هو، "هي پنهنجي رمضان جو اَٽيئي."

انهن ڳالهين جي دل تي ٿري اچڻ تي هن جي چپن تي مشڪ ڪيڏڻ لڳي. پاڪستان ٺهڻ کان ١٣، ١٤ مهنا اَڳــ، هڪ ڏينهن صبوح جو پهرين پهر ۾ رسول بخش وٽس آيو هو ۽ چيائين، "مجبوري پڄ ڪپي، نه ته پڇي سگهي ويندي ۽ مون مسڪين جي پيڙي ٻڏي ويندي. مهرباني ڪري پڄ داڻا نه ڏيو؟"

منگهن مل ان تي شوخ ٿي چيو هوس، "ميان، ٻه سؤ ڪن توڏانهن اَڳيئي رهيل آهن. اڃان اهيئي ڪونه پهچايا اٿيئي. وري پڻ لاءِ آيو آهين. مون وٽ خيرات نه ڪانه ٿي هلي. مون مان ڪجهه ڪونه ورندءِ، وڃي ٻئي ڪنهن کي ڏس." اهين چئي منگهن مل چلم جو نڙ رکندي گهيتلي ۾ پـير وجهي اُٿي هلڻ لڳو ته رسول بخش در جي چائنٺ تان اُٿي پٽڪو لاهي سندس پيرن تي رکندي چيو هوس، "پوٽار، هـن دفعي اِهو ٿورو ڪريو. پوءِ جئن چوندا تئن ڪندس. مون وٽ اهو نپڙ ڪولهي جو ڪٽي گروي رکان. جوءِ جي ڳڇيءَ ۾ ٻه جيڪا شاديءَ واري ڏري هئي اها ٻه تنهن ڏينهن

جيسو واڻئي وٽ رکي آيو آهيان. ڪپڙو ڪپندو هو، اُگهاڙو نه رهي ڪونه سگهيو. اَئي لٽي کان ڪو سوالدي؟"

"چڱو ميان چڱو، هاڻي آيو آهين، ته نه موٽائبو. پر بابي کان وٺي ٻيءِ ٻئي ڪٿي اَڻيئي. اسان وٽ نه ايندين ته ٻيو ڪيڏانهن ويندين؟ تنهنجو اسانجو نه قربائتو رستو آهي. ٻيو وقت نه وقت جهڙو، ٻوين لئي ڪهڙو پروسو، پوءِ ڇو وهي ڪورٽن جا در ڏسون. اِڪري پنجاه روپيه هاڻي وٽ ۽ ڏيڍ سؤ اڳيون، سي ٿيا ٻه سؤ. ٻن سون ۾ ڪٽي گهر واري جاءِ لکي ڏي."

انهن ڇڻي منگهن مل ڪٽي مات ڪئي. رسول بخش ڏٺو ۽ ٻجهي ويو.

"پوتار، باقي وڃي اها جاءِ بچي آهي، اها به..."

منگهن مل کيس اڌ ۾ ڪٽيندي چيو، "ميان اها توکان ڪير ٿو کسي، تون جيئن وينو آهين تيئن ئي وينو هج. جڏهن خدا توکي داڻا ڪٽا ڏئي ته پوءِ ليکو ورائي جاءِ جو مالڪ ٿج. هاڻي به نه جاءِ تنهنجي ئي حوالي آهي. وينو رهج، منهنجو توسان زباني موٽ جو واعدو آهي. باقي نموني طور ٻه روپيه مهنو ڏج، هون نه جيڪر اهي ٻه نه وٺان پر پنهنجن ۾ ٻه نه رهڻو آهي؟ پوءِ اهيئي واڻيا چوندا ته ڏٺئه سائين منگهن رسولي کي...... تون پاڻ سمجهو ۽ زماني جو ماڻهو آهين."

اڄ هو انهين ئي جاءِ جو دستاويز لکيو ويو. منگهن مل دستاويز ڏسندي اهي سڀ ڳالهيون ياد ڪري رهيو هو. هو سوچڻ لڳو، ”هاڻي رسولو ڪٿي هوندو؟ ڀلا مونکي ياد ڪندو هوندو... ؟“

پر هڪ ڳالهه جنهن هن کي صدمو رسايو، اها هيءَ ته جيڪڏهن هي اهو دستاويز ڪليم آفيس ۾ ڏيکاريندو ۽ هن کي ان جا پئسا مليا ته پوءِ ضرور پاڪستان سرڪار رسولي کان جاءِ ڦري نيلام ڪري پئسا وصول ڪندي ۽ پوءِ رسولو ڪٿي رهندو؟ منگهن مل ويچاري رهيو هو ته رسول بخش هن سان ڪيترو نه وهيو. پاڙيءَ تائين به جڏهن ٻين مسلمانن جي نيت ۾ ڦيرو آيو، تڏهن به هو پنهنجي ايمانداريءَ تي قائم هو. ڳوٺ جو وڏيرو ڦري پيو. ايتري قدر جو سيٺي کي چيائين ته واڻين کي به ٽپڙ کڻڻ نه ڏيو. اهي مومن جا آهن. پر ان هوندي به رسول بخش راتو واهه سامان کڻائي ڪيس لاڙڪاڻي ۾ پهچائي ڏنو. نه فقط ايترو پر حيدرآباد تائين به ساڻ آيو هوس ۽ ڪيس گاڏيءَ ۾ چاڙهي پوءِ موٽيو هو. ويچاري پاڙو پتو به نه ورتو هو. ڪيترو نه زور پريو ماس. چي: ”نه مجبوري ته، سچي حياتي توهان مان ئي ڪاڏو اُٿون. هيءَ ته اسانجو فرض آهي. قرآن به نه اهائي سکيا ٿو ڏئي ته پاڙي پنهنجي وارن سان پاڻيءَ ۾ هلو.“

۽ مان هن جي جاءِ ڪسيان؟ ان ويچار هن کي صدمو رسايو. هن کي رسول بخش جي ياد ايندي، سنڌ جي يادگيري ايندي آکين ۾ پاڻي اچي ويو. ڳوڙها ٽپ ٽپ ڪري وهي، آڳيان رکيل دستاويز مٿان ڦٽي مس جي آکرن کي ڇڙوڇڙ ڪرڻ لڳا.

هلندڙ بس مان ڪريل ماڻهو

موهن ڪلپنا

ٽئڪسي جڏهن اُتاهين بعد وڌيڪ اُتاهين تان هلڻ لڳي تڏهن مون ٽئڪسي ڊرائيور کان، جنهن گذريل ويهن سالن کان هردوار جي ايراضيءَ ۾ ٽئڪسي هلائي هئي، ”پڇيو، اَسانجا ديوتائون جبلن تي ڇو رهندا آهن؟“

هو گذريل اَڌ ڪلاڪ کان ملڪ جي موجوده حالتن ۽ قدرن جي ڪرڻ تي ڳالهائيندو رهيو هو. اَچانڪ منهنجو سوال ٻڌي هو ٿورو سوچ ۾ پئجي ويو ۽ پوءِ مشڪي چيائين، ”بابوجي، جڏهن ديوتائن کي خبر پئي ته ڪلجڳ اچي رهيو آهي، تڏهن ڊپ وچان هو جبلن ڏانهن ڀڄي ويا. سوچيائون: جن کي مڃتا هوندي، اُهي تڪليفون وٺي به اسانجو درشن ڪرڻ ايندا.“

مان ها ها ڪري کلڻ لڳس.

هن پڇيو، ”پر بابوجي، اوهان چيو، اوهين نه پرڀوءَ کي نٿا مڃيو، پوءِ اوهان ڇو ٿا هردوار وڃو؟“

چيم، "دوست، روي بابوءَ چيو آهي: مان پنهنجي پيءُ سان انڪري پيار ڪري سگهان ٿو، ڇو جو هن مونکي اهو حق ڏنو آهي ته مان هن جي وجود کان منڪر ٿيان."

هاڻ هو کلڻ لڳو. هن جي کل منهنجي ناستڪپڻي کي اُگهاڙو ڪري ڇڏيو. مان الور سميلن مان ٿي جڏهن دهليءَ پهتس تڏهن سوچيم ته بمبئي موٽڻ کان اڳ، هردوار ۾ گنگا جو روپ ڏسي اچان. لڳم ته ٽنگون ٻانهون ڏسڻ ۾ نه ايندڙ لوڙهن سان جڪڙيون پيون آهن ۽ ڪير مونکي زبردستيءَ اُتاهين ڏانهن ڇڪي رهيو آهي. شايد اها سنسڪارن جي ڇڪ هئي جنهن مونکي هردوار ۾ گنگا جو روپ ڏسڻ لاءِ ظاهري متوالو ڪري ڇڏيو.

گنگا جو هڪ روپ مون ڪانپور ۾ ڏٺو هو، جڏهن لکنؤ سميلن مان آگري ڏانهن ڪانپور معرفت ياترا ڪئي هئم. گنگا ۾ پرواهه نه هو ۽ پاڻيءَ ۾ لاش پيل هئا ۽ وچ ۾ پٿارن تي ڳجهون قطارن ۾ پنهنجا پَرَ ۽ چنبا کولي ويٺيون هيون. گنگا جو اهو روپ ڏسي گهٻرائجي ويو هوس ۽ مون جڏهن آگري ۾ تاج ۽ اُن جي پس منظر ۾ جمنا ڏٺي ته ڪانپور جي گنگا واريون پر ۽ چنبا کولي ويٺل ڳجهون منهنجي تصور جي آڪاس ۾ اُجاگر ٿي اُٿيون ۽ مونکي ڊسمبر جي

چالبوڪيءَ ۾ اهو تاج ڪنهن پڙيانگ شخصيت جو اَچي ڪپڙي ۾ ويڙهيل لاش لڳو.

اُن رات بعد، ڪيترين راتين مون پاڻسان جفاڪشي ڪئي ته ڪانپور جي گنگا جو اهو ڀيانڪ روپ منهنجي ذهن جي پٽيءَ تان ميسارجي وڃي. ان بعد مون گنگا تي ڪيترائي ڪوتائون پڙهيون، جي منهنجي ذهن ۾ ڪانپوري ڳجهين جو ڪاچ ٽيندڙيون ويون. تڏهن شايد پنهنجو ذهني مزاج سڌارڻ لاءِ مان هردوار ڏانهن روانو ٿي ويس. روي بابوءَ جي ڪوتا هڪ ملمع هئي، هڪ ناسٽڪ ڪان پڇيل صحيح سوال جو غلط جواب.

پر هردوار ۾ جتي ٿڌ سبب ماڻهن جي ڀيڙ گم هئي، گنگا جو روپ ڏسي مان اَچرج ۾ پئجي ويس. ساڄي پاسي ڪان پل ۽ کاٻي، ڪجهه اَڳيرو هر-ڪي-پؤڙي. پل جي پاسي ڪان ئي رايل هوٽيل هئي جتي مون هڪ ڪمرو اَڳواٽ بوڪ ڪرايو هو. مزور ته سامان کڻي اڳيان وڌي ويو مگر مان گهٽيءَ جي ڇيڙي وٽ روڪجي ويس ۽ جتان ئي مون هردوار ۾ گنگا جو نئون روپ ڏٺو. هردوار، جتي ٿڌ سبب ماڻهن جي ڀيڙ عدم پيدا هئي.

صاف، شفاف ۽ نيري گهري پاڻيءَ جو، هر پٺي پل ٻهرين پل جيان ۽ اُڪري هر پل سندر ۽ زوردار پرواهه! انهن لڳو ته پرواهه جي اَنداز ۾ ڦيوو ايندو ۽ اَچانڪ، جيئن ڪڏهن ويچارن جي ڌارا ڪي روڪ يا

موٽڻ ايندو آهي، گنگا جو روپ بدلجي ويندو مگر اُها نه ٻـل ٻـل ساڳي، لهر مٿان لهر، لهر پاسي لهر ۽ لهر هيٺان لهر، لهرن وچ ۾ لهر ۽ لهر لهر جي ساڳي رفتار، زور ۽ اوچائي ۽ اِنڪري لهرن ۾ برابري، جنهن سبب ائين لڳو ته سطح تي گنگا تي ڪابه لهر ڪونهي، ٻن ڪنارن جي وچ ۾ ايئرپورٽ جي شاهي رستي جي سنوت آهي ۽ ائين به لڳو ته سطح جي هيٺان اَيڪ سطح آهن، جن مٿڙي ۾ سنوت آهي. گنگا ندي ڪونهي، رستو آهي. مسافر بيٺو آهي، رستو هلندو پيو وڃي.

ياترا ۾ منهنجو من ڀنيان ڏکيو هو. مگر هتي من اَڳيان وڌڻ ٿي چاهيو. جو اَڳيان آهي، ان جي اَڳيان، جو پريان آهي، ان جي پريان. سامهون پهاڙ هئا، جن جي چوٽين مٿان برف جا هلڪا ڇلڪا ٽڪيل هئا — ۽ اُن مٿان گول گول چنڊ — جو بمبئيءَ جي پيٽ ۾ ڪافي هيٺ جهڪيل نظر آيو. پيسا جي ميار جيان اَچانڪ ڦهڪو ڪائي هيٺ ڪرڻ جو ڀرم پيدا ڪندڙ — مگر گنگا ۽ چنڊ جي وچ ۾ ٿورا قدم ڪٽيندڙ بادلن جو دابو هو جن جي تهن ۾ چانڊوڪي اُلجهي ٿي پيئي ۽ اِنڪري گنگا مٿان ان جو عڪس لٿي پيو. چنڊ جڻ ڪنهن فنڪار جي ڪئنواس تي چٽيل اُنهن رنگن جو ڪرشمو ٿي لڳو جن ۾ روشني نه ٿيندي آهي.

ٿڌي هوا ۾ بدن جڻ حاتم طائي قصي ۾ ڏيکاريل

ڪنهن سراپيل شخص جيان برف جيان جمي پٿر ٿي ويو. جڙ ڪٿي هلڻو ناهي، ڪجهه ڪرڻو ناهي. بس، بيهي ڏسجي اُن گنگا کي، جا خود لٿي بيهي ۽ وهندي ٿي وڃي؛ شوّ جي جٽائن مان، پنهنجي وهڪ، زور ۽ ڦهلاءَ ۾ پريل، پرهور ۽ بيباڪ.

آها- مري وڃجي هتي ۽ مٿو پيو هجي. اوستائين مٿو پيو هجي، جيستائين من جا ڪپڙا ڌوپيا نه آهن. هردوار ۾ ماڻهو نه، ماڻهوءَ جو من پيو جنم ٿو وٺي. گولائي ۾ بيٺل پهاڙ، ٻن سان ۽ ٻن ۾ گهيريل! وچمان وهي ٿي گنگا، جنهن جي وهڪ جو آلاپ ايترو مڌر، جيترو ڪرشن جي نه ٻڌل بنسري. ايتري اُجول، جيتري پرڀات جي هير! ايتري سندر جيتري ڪير ڌارا. پوري ڪپ تي مندرن جون قطارون، ڪولابا ڪازوي جيان شاپنگ ڪامپليڪس، جتي موڪش جو سؤدو ٿيندو آهي.

ڪلاسيڪي فضا ۾ اُن شهري خيال هڪ ڪـن لاءِ منهنجي من کي ئي آرام ڪري ڇڏيو.

هڪ ڪسڪندڙ ڪن ۾ مون سوچيو: ڇا گنگا سچ پچ اَهڙي سندر آهي، جهڙي مان محسوس ڪريان ٿو يا اُها سندرتا، اُنهن سنسڪارن منهنجي اَکين ۾ ڀري آهي، جي سنسڪار مونکي ڪاليداس يا رويندرناٿ جي ڪوتا مان مليا آهن؟— جيڪڏهن ڪير مونکي

چوي ته هيءَ گنگا ناهي، وولگا آهي ته ڇا پوءِ به گنگا مونکي ايتري سندر لڳندي؟ مان نٿو ڄاڻان. مان ڪيئن قبول ڪريان ته مان ايترو محدود ٿي سگهان ٿو ۽ مان محدود آهيان. اهو ان مان ظاهر آهي جو ان هڪ پل جي ڪسڪندڙ ويچار منهنجي من کي بي آرام ڪري ڇڏيو.

هڪ ڪن جي بي آراميءَ منهنجي جذبات ۾ موڙ آندو ۽ مون پلڪون کڻي اڳيان بيٺل هڪ شخص ڏانهن نهاريو، جو ڪوئي آمريڪي هو. رنگين ڪپڙا، لنبا وار، وارن ۾ گل، ڪلهي تي لٽڪندڙ هڪ ڳوٿري، اگهاڙا پير. هاڻ منهنجو ڌيان ان شخص جي مرڪز ۾ وڃي ڄميو.

هن گلن سان ڀريل هڪ ڊولو ورتي، ان ۾ ڪافور جو ڏيئو ٻاري گنگا ۾ پرواهه ڪيو هو ۽ اهو ڊولو، پنهنجي چوڌاري روشنيءَ جو گهيرو ٺاهي اڳيان وڌندو ٿي ويو. سوچيم ته گنگا هڪ اتهاس آهي، جنهن ۾ اونده پيل آهي. ان اتهاس ۾ ڪي مهاپرش ٿين ٿا، جن جي چوڌاري آدرش جا گهيرا ٿين ٿا اهي جڏهن اتهاس جي پرواهه ۾ لڙهي وڃن ٿا تڏهن پاڻسان گڏ روشنيءَ جا اهي گهيرا به کڻي ٿا وڃن - وري سطح تي اونده طاري ٿي ويندي آهي.

پرواهه: اتهاس جو — سببن ۽ نتيجن جي روپ ۾

پلي پري جي ڪشمڪش!

گهيرا: شخصيتن جا — تياڳ ۽ قربانين جي عارضي روشني!

اَنڌڪار: زندگيءَ جو — جتي ڏک ۽ ڏک ۽ ڏک آهي ۽ هر سک ايندڙ ڏک جي تياري آهي.

پرواهه: گهيرن ۽ اَنڌڪار جو ڌهـرائُ — پرواهه ۽ اَنڌڪار آبدي آهن، روشنيءَ جا گهيرا، مستقل، مسلسل مگر عارضي آهن. اُهي سڀ جي پرواهه ۾ لڙهيو وڃن ٿا.

گنگا جي سعدرتا ۾ زندگيءَ جو ڪٺور روپ ڏسي مان اُتان هلڻ لڳس.

هوٽيل ۾ سامان لاهي رکي، چانهه جو پيالو چاڙهي مان وري جڏهن اُن ساڳيءَ جڳهه تي پهتس ته مونکي اُهو آمرڪي اُتيئي نظر آيو! هڪ ڪوڪلي اَيمان سبب منهنجي ڇاتي ٿولارجي ويئي ۽ مون تڪڙو رايو لاهيو ته گنگا ۾ سک جو اهو تصوف آهي جو ٻالر نٿو ڏيئي سگهي. زندگي بي رحم مگر گنگا ديـاوان آهي. گنگا کي ڏسڻ سان زندگي ڪٺور ۽ زندگيءَ کـي ڏسڻ سان گنگا سڪدائڪ لڳي ٿي، جنهن هڪ هپيءَ کي پنهنجي گرفت ۾ قابوُ جهليو هو.

اَهڙا هپي مون بمبئيءَ ۾ گهڻا ڏٺا آهن، جي مکيه رستن تي هري رام- هري ڪرشن پڪاريندا آهن. جي ويٽنام ۾ لڙائي بند ڪرائي نٿا سگهن اِنڪري جهانجهه

ڪٽي ناچ ڪن ٿا. هيءَ قبول ڪن ٿا ته دنيا کي بدلائي نٿو سگهجي. انڪري بهتر آهي ته پاڻ کي بدلائي ڇڏجي. مگر اهي باغي آهن جن جي بغاوت پنهنجن شخصن سان آهي. هنن کي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ ڪرشن نظر اچن ٿا، مگر هنن پنهنجو گانڊيو ڌنش ڦٽو ڪري ڇڏيو آهي.

هنن هپين مان ڪي زندگيءَ جي تلخين ۽ بي رحمين کان منڪر ٿيڻ ۽ چند گهڙين لاءِ نئون جنم وٺڻ لاءِ ايل- ايس- ڊي جي گورين، آفيم، چرس، ڀنگ ۽ حشيش جي اوٽ وٺن ٿا. هنن ۾ ڪي نفس جا ماريا ته ڪي آزاد واسنا جا اُپاسڪ به آهن. هنن مان اَڪثر گهٽا اهي ڪم ڪندا آهن، جي ٻيا نه ڪندا آهن. هڪ هپيءَ سان گڏ هڪ هپياڻي به هوندي. ڪين شانتي، شرافت، گلن ۽ گهاٽن رنگن سان چاهه آهي.

بمبئيءَ ۾ مون هڪ هپيءَ کان پڇيو هو، "توهين نوڪري ڇو نٿا ڪريو؟"

"نوڪري ٻيا ڪندا آهن."

"۽ جيڪڏهن ٻيا به هپي ٿي وڃن ته؟"

"ته اَسين وڃي نوڪرين تي لڳنداسين."

ان چست گفتگوءَ مونکي ان نتيجي تي پهچايو ته هي اُن زندگيءَ جا چاهڪ آهن، جا اَڳ۾ نه گذاريل ۽ اَڻ سوچيل آهي ۽ ماديت جي مدي ۾ بيمار مغربي

تهذيب، پنهنجي ضد ۾ ضرور اهڙا افراد پيدا ڪندي، جي هر نهيل نڪيل، سوچيل ڳالهه ۽ زبردستي مٿان مڙهيل آدرشن ۽ قدرن جي خلاف هوندا. پر مان ان نتيجي تي به پهتو هوس ته هو اڪثر انڪري چپ رهن ٿا ۽ اوسي پاسي جو خيال نٿا رکن، جو کين خبر آهي ته کين هر جڳهه ڄاچيو ٿو وڃي. هو آهن اجنبي پر ٻين لاءِ تماشو ۽ تماشائي، ٻئي آهن. هو هر ڀيڙ خلاف آهن مگر هو پنهنجي چوڌاري ڀيڙ ڪٺي گهمن ٿا. گنگا جي دولي جيان هو جتي وڃن اتي روشنيءَ جي گهيري جيان اها ڀيڙ هنن سان گڏ هلي.

پر شايد شهر کان ڳوٺ ڏانهن واپس موٽندڙ انهين سيپيتا جي پرواهه ۾ اها ڀيڙ لڙهي وڃي ٿي ۽ باقي دونو رهجي وڃي ٿو. پر آخر ان دوني جو ڇا ٿيندو؟ — لڙهي نه اهو به ويندو ۽ انهن بعد؟ — اهڙي پرواهه، گهيرا ۽ اندڪار؟

سوچيم ته مان ان هپيءَ سان ملهان ملهن ٿيندس ۽ انسان جي انهين روپ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندس. مان پنهنجي منهن ۾ ٿامو آٽي هن جي پر ۾ وڃي بيٺس ۽ لوهه جهڙي ڳوري نظر سان هن جو منهن تڪڻ لڳس.

شايد هو منهنجي مراد پروڙي ويو ۽ شايد ان ۾ دلچسپي نه هئڻ سبب هلڻ لڳو. مان به سندس پاڇي

جيان هن جي پنيان هليس. هو پل جي وچ تي وڃي بيهي رهيو ۽ مان به هن جي پر ۾ وڃي بيٺس ۽ چيومانس، ”توکي شايد اعتراض ٿئي ۽ انڪري شايد تون منهنجي ذهني بيعزتي به ڪرين، اهو ڄاڻي ته مان ڪنهن به قيمت تي توسان ڳالهائڻ لاءِ نهايت مجبور ٿي پيو آهيان.“

هن مونڏانهن نهاريو. جيڪڏهن چنڊ آڪاش مان پنهنجي جڳهه بدلائي هن جي پنيان ٿي بيهي ها ته مونکي ضرور اهو يقين ٿئي ها ته مان ڪنهن جديد ڪرانيسٽ سان وڃي گڏيو هوس: هن ۾ موهه پيدا ڪندڙ نرموهي چهرو. ڀاڪر لڳل ٻن جيان ڀرلدڙ اکيون جن کي گنگا جي عڪس جڻ سيتل ٿي ڪيو. نهار ۾ شڪار ٿي ويل پاونائن جا صليب، ڪروڪيٽر جي آشانت ماتاني.

”تون ڇا آهين، مان اهو ڄاڻان ٿو“ مون سياويڪ انگريزيءَ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”مگر جو تون آهين، اهو ڇو آهين؟“

منهنجي سوال جي جواب ۾ هن جي مانڪ مونکي بيٺل گهڙيال جيان ڪائڻ لڳي، انڪري مون پنهنجو سوال دهرايو، جيئن من جڏهن سان ۽ جڏهن وقت سان هلي.

هن آهستي چيو، ”ڪي آهڙا مندر آهن، جن ۾

سڻا وياڪياڻ ڏنا وڃن ٿا.”

“نه هاڻ” مون فضيلت سان مشڪيو، ”تون وياڪياڻ نه ڏي. هن ديش جي ٻولي ٻتي کان وٺي هڪ فقير تائين، هر قسم ۽ طبقي جو ماڻهو وياڪياڻ ڏيندو آهي. اسين ڪين ڪونه ٻڌون، جيتوڻيڪ اسين به وياڪياڻ ٿي ڏيندا آهيون. آهي سچ، جن کي ڄاڻڻ لاءِ هڪ شخص، جون ڏهه حياتيون ڪافي نه آهن، آهي اسان وٽ ڏوڪڙي، ڏڪڙ جي هڪ ٿال سان ٻڌائيندا آهن. هي ديش هڪ ٻرج آهي جتي صدين کان سچن کي محفوظ رکيو ويو آهي، ٻر جي زندگيءَ کي سونهن ۽ آرت عطا ڪرڻ کان محروم رهجي ويا آهن: اوم تت ست! اهو، آهي اسانجي سنسڪرتيءَ جو نچوڙ، ديش جي ٻرج ۾ سلامت... يا شايد مري ويل!”

“سماج” هن چيو، ”هڪ بس آهي، جا هميشه هلندي رهي ٿي. ان جي هلڻ جي راهه ۾ لوٽ مار، ان جي پهچ جي منزل عالمگير تباهي آهي. منزل ڪيتري پري آهي، مان نٿو ڄاڻان. پر پوري آدم جو رخ ان طرف آهي. ۽ مان ان هلندڙ بس مان ڪريل هڪ ماڻهو آهيان. آءِ ايم اي سوشل ڊراپ - آئوٽ.”

مون ان علامت جي معنيٰ سمجهندي پڇيو، ”تون ان هلندڙ بس مان ڪريل آهين، ڪيرايل آهين، يا تو سوچي سمجهي ان مان ٽپو ڏيئي پاڻکي ڪيرايو آهي؟”

"منهنجو 'شخص' (سيلف) اُن ۾ سمائجي نه سگهيو ۽ مان ڪري پيس."

هاڻ مان هيءُ لفظ جي معنيٰ صحيح پس منظر ۾ سمجهڻ لڳس.

"منهنجو پيءُ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ مري ويو ۽ منهنجي ماءُ پيٽ-اسڪل معاملي ۾ شيدين جي ٻچاءَ جي الزام ۾ زنده سنگسار ڪئي وئي."

"۽ پوءِ تو سوچڻ شروع ڪيو. پر دوست، ڇا ڪنهن طرح به زندگي بهتر ٿي سگهي ٿي؟"

"شايد نه — پر شخص ٿي سگهي ٿو" هن چيو، "عرصو اڳ، مون هڪ شيدي ڪاليج ڇوڪريءَ سان زبردستي ڪئي. پيار منهنجو ڪنهن ٻئي سان هو، پر الي آزاد اڇا جي منظوري ۽ تسليم ٿيل برابري هئي. اهو حوالو شيدي عورت سان لاڳو نه هو. هڪ ڪيسي ۾ وسڪيءَ جي بوتل ٻئي ۾ پستول!" هن لنبو ساهه کنيو، "نيويارڪ ۾ سراسري طور هر ٽئين منٽ پوليس اسٽيشن کي فون ايندو آهي ۽ سيور ڪٽڻ وارو سب انسپيڪٽر هيلو چوڻ کان اڳ، پڇندو آهي: يس، ايني ريپ آر مرڊر؟ (ڪائي زبردستي يا خون؟) اسان جي روزاني جيوت جي هڪ معمولي جهلڪ."

"پر تون هتي ڪيئن؟"

هن جڻ پاڻ سان ڳالهايو، "جيئڻ اسان جي هٿ ۾

ڪولهي ۽ اُن تي وس نه هلي. مري ڪٿي به سگهجي ٿو پر اُن لاءِ انتخاب جو حق اسانکي آهي."

"ته تون ڇا هتي هميشه رهندين؟"

"من هڪ ندي آهي، اُن جي ڪناري تان اسانجو شخص هلي ٿو. مان اُن ڪناري تان هلندو ويندس. ان راهه ۾ سک آهي، سوڀهن آهي، سنتوش ۽ آتمڪ آزادي آهي."

اهو وداعي جو جواب هو - مون ڪند ڪٽي هن ڏانهن نهاريو ۽ هن ڪان موڪلايو ۽ پوءِ مان خود به ان واديءَ ۾ پنڌ ڪرڻ لڳس.

عرصو اڳ مون گوداوري جي ڪنڌي تي گهمندڙ هڪ سادوءَ کي گردن کان جهلي پڇيو هو، "ڀڳوان ڪٿي آهي؟"

هن پنهنجي ڪلهي تان هٿ هٽائي رکو جواب ڏنو هو، "ڀڳوان ڪٿي ڪونهي." ۽ پوءِ مونتي چڙ ڏيا ڪائي ڇيو هٽائين، "ماڻهوءَ ڪڏهن به ڀڳوان کي نه، پر پنهنجي گم ٿي ويل شخص کي ڳولهيو آهي، جو سرشٽ ۽ مهان آهي ۽ هن، شخص کي ڀڳوان سمجهي، پوءِ اُن جي اڇا جي پوئواري ڪئي آهي."

اُن جواب جي پس منظر ۾ مان ان هپيءَ جي ڪردار کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس.

ٻئي ڏينهن صبوح جو مان رشيڪيش ڏانهن روانو

ٿي ويس. لڇمڻ جهُولا وٽ اٽڪل ڪلاڪ ويهي مان جڏهن گيتا ڀون ۽ سرڳ، آشرم ڏانهن وڃڻ لڳس تڏهن منهنجي عجب جي حد نه رهي جڏهن مون واٽ تي هڪ عجيب حالت ۾ اهوئي هپي ڏٺو.

پپر جي وڻ هيٺان هڪ ڪُنڊ ڪوٺيل هٽي، جنهن ۾ اهو هپي اکيون ٻوري ليٽيو پيو هو. هن جي ڀر ۾ ڪوئي پنڊت شايد گيتا جو ارڙهون اڌياءُ پڙهي رهيو هو، جو ڏسي، مان گهٻرائجي ويس. سڄو شرير، مٿان اَڇو ڪپڙو. ڪپڙي مٿان گُل. ڪي گُل مٿي کان رکيل. پاسي کان ڏيئو ٿي ٻريو.

ڇا، هي مري ويو؟ منهنجي اندر جڻ دک جو جبل ڦاٽي پيو ۽ منهنجي اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا. هوٽل جي بالڪنيءَ ۾ ويهي، گنگا ڏانهن نهاريندي مون لڳ ڀڳ پوري رات هن تي سوچيو هو. بس، ختم ٿي ويو داستان؟

مون ڪنڌ هيٺ ڪري اُن پنڊت کان پڇيو، ”ڇا هي مري ويو؟ ڪڏهن؟ ڪيئن؟ رات ته هو مونسان گڏ هو!“

پنڊت ڪو به جواب نه ڏنو. پر ڇو؟ ڇو هو مري ويو؟

مون وري سوال دهرايو، ”ڇا هي مري ويو؟“ پر وري به ڪو جواب نه مليو.

موت چاهيو مان روئان، پر ائين ڪري نه سگهيس ۽ دک جي بار سبب ڪمزور ٿي اڳيان وڌيس. اڄ رات هن چيو هو: موري ڪٿي به سگهجي ٿو. هن جو شايد اهو مطلب هو ته پاڻکي ڪٿي به ماري سگهجي ٿو. اهوئي جديد نظريو: آپگهات ٿي ڇوٽڪاري جو هڪ ڪليل رستو آهي. آزاد مرضيءَ سان مرو. ڪٿي به. وڻ ۾ نوڙي ٻڌي. گلي ۾ ٻڌي. پاڻکي باهه ڏيئي يا زهر پي. اليڪٽرڪ شاڪ ڏيئي يا بندوق هڻي! پر نه، مان ڪلاڻ نٿو. زندگيءَ جي اها ڪيڏي نه ٺهجدي آهي جا پنهنجي شان ۾ آپگهات جا گڻ ٿي ٻڌائي؛ جو هڪ فرد لاءِ صرف اِتي پنهنجي مرضيءَ جي مالڪي سلامت نظر اچي ٿي جتي هو مرڻ لاءِ يا پاڻ مارڻ لاءِ آزاد آهي. زندگي، زندگيءَ جي دشمن ۽ جنهن جي دشمنيءَ جو شڪار ماڻهوءَ جو پنهنجو شخص آهي!

گنگا، جنهن کي امرتا جو پد آهي ۽ جا رشيڪيش وٽان سنئون رستو وٺي هيٺ لهي ٿي ۽ ڪاٻي پاسي آڪاس کي ڇهندڙ جبلن جون قطارون ۽ انهن جي وچ ۾ آهي بن جتان گنگا رستو ڪولي رشيڪيش پهچي ٿي. ان جو الوڪڪ روپ منهنجي من جو دک گهٽائي نه سگهيو. مونکي ائين لڳو ته ان هپيءَ سان گڏ ٿورو ٿورو مان به مري ويو هوس.

۽ مان سڄو ڏينهن سرڳ، آشرم ۾ اداس ۽ خالي

خالي پيو رهيس ۽ جڏهن آخرين ٻوٽ جي وڃڻ جي پڌرائي ٿي تڏهن مان آهستي اُٿيس ۽ اچي ٻوٽ ۾ ويٺس. هردوار ۽ رشيڪيش ۾ مون اَڪثر عجب ڪاڏا هئا پر شايد هڪ عجب اڃا رهيل هو ۽ جو مونکي ڪاڻڻو هو. مون ڏٺو، ٻوٽ جي هڪ ڪنڊ ۾ اُهوئي هيٺ ويٺو هو، جنهن جو آخرين ڪرياڪرم مان لڇمڻ جهولا وٽ ڏسي آيو هوس. مون سوچيو: ڇا هيءُ اُهو شخص آهي جنهن لاءِ مون سڄو ڏينهن اُداس ۽ دک ۾ گذاريو آهي؟ جنهن جي دک سبب گنگا مان سونهن گم ٿي وئي آهي؟ پر هو نه مري ويو هو، پوءِ هو زنده ۽ هتي ڪيئن؟

هن به مونڏانهن نهاريو، پر ائين نه لڳو ته هو مونکي سڃاڻي رهيو هو. مان اُٿي هن جي پير ۾ وڃي ويٺس ۽ آهستي چيم، "تڏهن اِهو ڇا هو؟ — گلن جي سمادي؟ گيتا جو شلوڪ؟ اِهو ڪير هو جو مري ويو هو؟"

هن هلندڙ ٻوٽ مان هيٺ جهڪي ٻڪ ۾ گنگا جل پري پيتو ۽ پوءِ ٻانهن سان منهن اُگهندي چيائين، "اُهو منهنجو 'اَڳيون شخص' هو."

آپمان

گنو سامتاڻي

سچ-ڪوڙ، نيـاءُ-اَنياءُ، نيتي-اَنيتيءَ جو فيصلو ڪرڻ مان ڪونه ويٺو آهيان. مان صرف ايترو چوندس ته جيڪي آتم مريادا کڻي جيون جو سفر ڪن ٿا، تن جو لوڪ-مريادا موجب نرڻئه ڪيل بندشن سان ٽڪر ته لڳندو ئي. ڪيترا ان ٽڪر ۾ ٽٽي ويا آهن، ٽٽي ويندا؛ ليڪن ڪي ان سنگهرش ۾ پنهنجي آتم-مريادا جي اَپمان سان ڪنڌ اوچو رکي سگهيا آهن...

پر مان هيءُ سڀ ڇو ٻڌائي رهيو آهيان؟ منهنجي ڪهاڻي ڪهڙي راهه پڪڙي هلندي؛ جڏهن مان به نٿو ڄاڻان، تڏهن لوڪ-مريادا ۽ آتم-مريادا تي ڪجهه ڳالهائڻ بـه اَجايو ئي تـه آهي. ڇا، "ڇا" آهي، سو مان ٻڌائڻ جي ضرورت نـٿي محسوس ڇـو ڪريان؟ منهنجو گيان محدود آهي. مان ته اِهو به نٿو ڄاڻان ته اَگر ڪوئي، ڪنهن جو فـوٽو لاڪيٽ ۾ مڙهائي پائي ڇڏي، ته اها ڳالهه لوڪ-مريادا خلاف آهي يا نه... يا اها به ڪنهن جي آتم-مريادا آهي.

فوٽو ڪڍائڻ کان مان ڇرڪندو آهيان، ليڪن ڪاليج ۾ آئڊينٽٽي ڪارڊ (Identity Card) تي لڳائڻ لاءِ لاچار فوٽو ڪڍائڻو پيو هو. هڪ ڏينهن ڪارڊ گم ٿي ويو. پندرهن ڏينهن بعد جڏهن هڪ ڪتاب ۾ پيل مليم، تڏهن کولي جو ڏٺم ته فوٽي جو سر گم هو. پاسي ۾ ويٺل ٻن ٽن هم-ڪلاسين ڏسي ورتو. ڪن ۾ ٿي ڳالهه ڦهلجي وئي. ڪنهن چيو، "شري گڻيش جي فوٽي جو سر ڪٽي چنبڙائي ڇڏ. گڻيش جي جسم جي ته ڄاڻ هوندءِ."

ڪنهن چيو، "نه. هنومان جي شڪل هن سان مشابهت ٿي رکي."

خارن مان ڪيس چيم، "وس پڄي ته تنهنجو ئي سر ڪٽي ..."

"پوءِ ته نمبر ٥٥ لوڪي سڃاڻڻ کان ئي انڪار ڪندي."

تڏهن مونکي ڄاڻ نه هئي ته اها نمبر ٥٥ ئي هئي، جنهن ...

پر ان کي هيٺ رهڻ ڏيو.

پهرين ان نمبر ٥٥ جي ڪجهه سڃاڻپ ڏيئي وٺان.

نالو هن جو هو ساڌنا. ڪاليج ۾ فزيڪل ٽريننگ ملندي هئي، اتي هڪ ٻئي جي سڃاڻپ نمبرن سان ٿيندي هئي. هن جو نمبر هو: ٥٥.

هڪ دفعي ڪئپٽن چيو هو:

"55, You Walk like a queen"

هوءَ منهنجي پوسان بيٺي هئي. مون ڏانهن منهن ورائي، آهستي چيو هٽائين، "your queen".

ڪاٻه ڇوڪري فقط هم-ڪلاسڻ جي ناتي اهڙي ڳالهه نٿي چئي سگهي، سو نه هوڪو چاهي ٿو. ساڻس جو چئي سگهي هئي، نه ان جو ٻه هڪ اِتهاس هو.

چڱو، نه ٻڌو اهو اِتهاس:

هڪ راجڪماري هئي. روپ ۽ ڌن جو آيمان نه هن کي هو ٿي، ليڪن ان کان وڌيڪ گيان جو ٻه آيمان هو هن کي.

لڏهن هڪڙو "ساڌارڻ" ڇوڪرو ڪاليج ۾ داخل ٿيو. پهرئين ڏينهن ئي هن جو انگريزي ساهتيه جي پروفيسر سان جهڳڙو ٿي پيو. پروفيسر چيو، "شيلي ۽ ڪيٽس ۾ ڪيٽس بهتر شاعر آهي."

آشوڪ پڇيو، "ڀاشا سبب يا ڀاؤ ۽ وچار سبب؟

پروفيسر چيو، "مان نوٽس لکائي رهيو آهيان. نون لک."

آشوڪ لکڻ کان انڪار ڪيو. چيائين، "توهين پنهنجا وچار مڙهي شاگردن جي آزاديءَ سان سوچڻ کي Prejudice ڪري رهيا آهيو."

پروفيسر ٽوڪيندي چيو، "تون ڇا مونکان وڌيڪ جاڻين؟"

ڪلاس ۾ ٽهڪڙو مچي ويو.

تڏهن هن راجڪماريءَ ڳالهايو. پروفيسر کي مخاطب ٿي چيائين، "هن کي ڇڏيو ته پاڻ ئي ڪٿي اسانکي نوٽس لکائي."

ٽهڪڙو وڌي ويو.

اَشوڪ اَپمان جي وچ ۾ ٻه ساعت ويٺو رهيو. ڪل بعد ٽيندي ٿي چيائين، "اُڌارو گيان وٺڻ ٿي اسانجي ڪلاس-ميٽ شايد هوبل ٿي ڏسجي."

راجڪماري ساڌنا جي گيان جي اهڙي بيعزتي ڪرڻ جو خيال ٻه ڪوئي ڪري نٿي سگهيو. سيئي ڪنهن لکي جواب ملڻ جي انتظار وچان هن ڏانهن نهارڻ لڳا. ذرا ٽوڪ وچان ڳالهه آئي، "تون کهڙو ڪرٽڪ (Critic) پڙهي بحث ڪرڻ آيو آهين؟"

اَشوڪ چيو، "ڪرٽڪ پڙهيا گهٽيئي اٿم، ليڪن مڃيندو من جي اَندر واري آلوچڪ کي ني آهيان. ليڪن لڳي ٿو، تون ته اصلي ڪتاب به ڪون پڙهندي آهين. امتحان پاس ڪرڻ لاءِ نوٽس ئي ڪافي آهن."

ڳالهه پوري ختم نه ٿي، پر موڪل جي گهنڊ ڳالهه ختم ڪري ڇڏي.

ٻئي ڏينهن ڪلاس ۾ عجب جي هڪ لهر ڦهلجي

ويٺي. هميشه ڇوڪرين لاءِ مقرر ٿهرايل بينچ لي وهندڙ هوءِ 'آئيمانڻ'، ٻهراڻ ٻي دفعو پنهنجي جڳهه ڇڏي، پنيان هٿ 'ساڌارڻ' آشوڪ سان ويٺي هئي. عجب ڦري ايرڪا جو روپ ورتو. ڪنهن چيو، "Equality of Status" جي هلچل زور آهي. هن ڇوڪرين کي به ان مثال جي پوئواري ڪرڻ کپي."

ٻئي چيو، "Freedom for a woman"

ٽئين چيو، "Salvation From Sex"

آشوڪ چيو، "ٻڌين ٿي؟"

"ڪنهن کي؟ ڪرٽڪس کي؟"

"ها."

"من جو ڪرٽڪ نه ڪجهه ٿو چئي."

"ٻڌهن به ..."

"هنن آلوچڪن مان ڪنهن به هڪ سان ڳڏ وڃي وهان نه هو هڪدم پنهنجو رايو ڦيرائي ڇڏيندو. هنن جي آلوچنا ۾ سوارٿ ڀريل آهي، ان کي رهڻ ڏي."

آئم-مويادا من جي وڏان کي ٻي مڃي ٿي. ليڪن من جو وڏان ڪير ٿو ٻڌائي؛ ڪير ٿو مقرر ڪري ان جا قانون؟

ان کان پوءِ به هڪ گهٽنا ٿي هئي. جيڪو اِتهاس ٻڌائڻ وٽنو آهيان، سو هن گهٽنا ٻڌائڻ بنا مڪمل ٿي

نٿو سگهي. نہ ٻڌو.

ان ڏينهن ايڪسڪرشن تي وياسين، مشٽيران. مان ۽ ساڌنا سيٺ جي پٺيان هئاسين. رستو ڏکيو هو. ٻيا سڀ نہ معلوم ڪيترو اڳيان نڪري ويا. پٺيان ايندي، ڳالهيون ڪندي، خبر نہ آهي، ڪيئن اسين ڪنهن غلط پيچري تان اڳيان وڌي، رستو ڀلجي وياسين. ساڌنا چڙهائيءَ تان هلندي ٿڪجي پيئي هئي. هڪ پٿر تي ويهندي چيائين، "رڻ ڏي، هاڻي هنن کي وڌيڪ ڳولهڻ جي ضرورت نہ آهي."

ڪلپي چيم، "هنن کي نہ، ليڪن رستو تہ ڳولهڻو ئي پوندو."

"تون بہ سنڌي رستي جي ڳالهہ ٿو ڪرين؟ رستي ڀلجي وڃڻ جو آنند بہ تہ ڪا چيز آهي."

"ٻہ جڻ مٿون سان آيا آهيون، انهن جو خيال تہ رکڻو ئي پوندو."

هن ڪن پل لاءِ مون ڏانهن نهاريو. پوءِ چيائين، "لوڪ-مريادا رکڻ لاءِ جيڪي پنهنجي من جي آنند کي ڪچلي ڇڏيندا آهن، انهن مان تون نہ آهين. تنهنجي من ۾ شايد ڊپ ٿي رهيو آهي، نہ سياڻي سامهون ٿيندي ئي تون ڪهڙو جواب ڏيندين. نہ نہ مان تنهنجي من جي اڇا کي ڄاڻان ٿي."

"ڪهڙي آهي منهنجي من جي اڇا؟"

"هتي سڀ ڏينهن مونسان گڏ اڪيلو گذارڻ جي اڇا. ڏس، مونکان ڀلي لڪاءِ، ليڪن پنهنجو پاڻ کان ڪجهه نه لڪاءِ."

لوڪ-مريادا جي پردي ۾ لڪايل اڇا کي هن پڪڙي ورتو. تڏهن به ڪجهه انمنيو ٿي وهي رهيس. پڇيم، "نه سياڻي ڪاليج ۾ ڪهڙو جواب ڏيندينءَ؟"

"چونديس، ايڪسڪرشن آهي منورنجن. من جو جنهن ڳالهه سان رنجن ٿيو، سو ئي اسان ڪيو. ان ۾ ڪنهن کي اعتراض نه هئڻ گهرجي."

"تون ڇا صرف منهنجي من جي اڇا رکڻ لاءِ ائين ڪري رهي آهين."

هن جون نگاهون دور هيٺ ماٿريءَ ۾ جهڪي ويون. آهستي چيائين، "ڪڏهن ڪڏهن ٻن ڄڻن جي اڇا ساڳي هڪ ئي ٿيندي آهي. سو به هلندي هلندي، شايد پنهنجي ڄاڻ کان سواءِ ئي. تو منهنجو هٿ دٻايو هو تڏهن ئي ڄاڻي ويئي هئس ته منهنجي من ۾ جيڪا اڇا اٿي هئي، سا ئي تنهنجي من ۾ به جاڳي هئي."

سوچيان ٿو، جيڪا هٿ جي ڇهاءَ سان ئي من جي اڇا کي ڄاڻي سگهي ٿي، سا ئي من جي مريادا رکي سگهي ٿي. سا ئي من جي شڪتيءَ ڪارڻ مون ڏانهن منهن ورائي چئي سگهي ٿي: 'your queen'.

ان ساڳئي ڏينهن ڪاليج مان موٽندي مون چيو هو، "ٻڌو آتم، تون ڏاڍي ايماندار آهين. پوءِ سيٺھ ۽ ايمان ڪٺا ڪيئن هلي سگهندا؟"

جواب مليو، "ڇو، سيٺھ ٿي ڪوئي ايمان ڇا نٿو ڪري سگهي؟"

"ليڪن ايمان سان سيٺھ ڪيو ڪري ئي نه سگهندو."

"آتم-مريادا کي ڪوئي هٺ سمجهندو آهي، ته ڪوئي ايمان. ليڪن سنسار ۾ جن پنهنجي من جي سموري سچ سان پريم ڪيو آهي، تن لوڪ-مريادا جي چنتا ڪانه ڪئي آهي. هنن آتم-مريادا سان ئي نڀاهيو آهي."

مون چيو، "ليڪن سماجڪ بندن ۾ ته ڪجھ آهن."

"آهن. ليڪن سڀ نه. ڪي بندن جڏهن آتم-وڪاس جي آڏو اچن..."

"ته ڇا؟"

"ته انهن بندنن کي ٽوڙي مڪت رهڻو پوندو."

لڏهن نه ڄاڻان ڪهڙي احساس ڪان دل اُداس ٿي ويئي هئي. ڪوشش ڪندي به ان جهڪي، اَڻ چٽي اَحساس کي سڃاڻي نه سگهيو هوس.

پر ڪن ڏينهن بعد من جي ان پاڪ جي پرڇيه ملي ويئي. ان ڏينهن ساڌنا جي پيءُ جي مل جي سلور جبلي

هئي. مونکي ٻه ساڌنا طوفان نيند ملي هئي. هنن جي شاهي بنگلي جي لان تي سوسائٽيءَ جي ’ڪريم‘ اچي جمع ٿي هئي. مان ڪجهه دير سان پهتس. سامهون هڪ ننڍي سٽيج تي ويٺي ساڌنا ڪوئي گيت ڳائي رهي هئي. مونتي نظر پوندي ئي، اَچانڪ گيت اَڌ ۾ ڇڏي، هوءَ سٽيج تان جلدي ڊوڙندي آئي. مهمانن جي ولدر ۾ ڀنگ پئجي ويو. سڀني جون نظرون ڊوڙندڙ ساڌنا جي پٺيان ڊوڙي، مون تائين پهچي، جڻ زبردست ڌڪو کائي ڪري پيئون. ساڌنا منهنجو هٿ پڪڙي چيو، ”منٽ منٽ جو حساب رکندڙ ماڻهو اگر ايڏي دير ڪري ته جاڻين ٿو، پئي ڪنهن لاءِ ڪيڏي چنتا جو باعث بڻجي سگهي ٿو؟“

لڳم، جڻ هڪ ئي وقت ويڻل مهمانن مان ڪيترن جي نيڪناءُ جي ڳنڍ اَچانڪ سوڙهي ٿي هنن جو گلو گهٽڻ لڳي هئي، ۽ هو ڳنڍ ڍلي ڪرڻ ۾ لڳي ويا هئا. مونکي نيڪناءُ پسيل ڪانه هئي، تڏهن ٻه سنڪوچ وچان ڳلي ۾ جڻ ڪجهه اَٽڪي پيو. ٺيڪ تڏهن ان ڏينهن وارو اُٻاڇاتل ڀاؤ من ۾ پورو آڪار وٺي ظاهر ٿيو. چيم، ”ساڌنا هيءَ وايو منڊل ...“

”نه هل، باغ جي هن پاسي بلڪل سانت آهي.“

جڻ وڌيڪ سوچڻ جي ڪا گنجائش ڪانه هئي، ڪا هٽڪ ڪانه هئي، سنڪوچ ڪونه هو. هٿ پڪڙي،

هڪ ڪنڊ ۾ وڻ جي هيٺان اچي وهاريائين.

تڏهن اهو ڀاڱو لفظن جو روپ وٺي ٻاهر نڪتو: “ساڻانا، ‘your queen‘ چئي، تون ته پنهنجي آتم-مريادا سان نباهي، چئي ويندين. پر مان ’راڻا‘ ڪونه آهيان، ان حقيقت سان مونکي نباهڻو ئي پوندو.”

پل پر لاءِ هوءَ منهنجي منهن ۾ نهاريندي رهي. پوءِ چيائين، “هيئنئر جيڪو ڪجهه ڏسي آيو آهين، ڇا تون سمجهين ٿو ته ان سڀ سان منهنجو موهه آهي؟”

“موهه جي ڳالهه نٿو ڪريان. توهانجي سماج ۾ “اپٽيڪيٽ” نالي واري هڪ چيز آهي. آتم-مريادا جي زور تي، تون ان کي اورانگهي، منهنجو هٿ پڪڙي سگهين ٿي؛ ليڪن هڪ ’گليمر‘ (Glamour) نالي واري چيز به آهي، جيڪا ڪاٻه ’ڪئين‘ ڇڏي نه سگهندي آهي.”

هوءَ اڃا تائين وٺي نه هئي. هيئنئر هوءَ وڻ جو سهارو وٺي ويٺي رهي. ڪجهه ترڪي آواز ۾ چيائين، “تنهنجو ’ڪئين‘ جو تصور ’گليمر‘ تائين اچي ختم ٿو ٿئي؛ پر منهنجي آتم-مريادا ايتري محدود نه آهي. مان توکان سنيهه جو دان نٿي گهران. صرف هڪ سوال جو جواب ڏي: تون مونسان شادي ڪري سگهندين؟”

“مان توکي ’ڪئين‘ مان بڪارڻ نٿو بڻائڻ چاهيان. مونکي به پنهنجي آتم-مريادا آهي.”

"نباهي سگهندين؟"

"ڪوشش ڪندس."

هن پنهنجو هٿ وڌائي، منهنجو هٿ پڪڙي، ان کي اَٽلڪو ڏياري چيو، "چڱو، گڊ باءِ، آءٌ وس پُڄُ سگهيس."

ڪهاڻي پڙهائيندي، هڪ گهٽنا ۽ ٻيءِ گهٽنا جي وچ ۾ شايد ڪيترا خال رهجي ٿا وڃن. حقيقت ۾ اهي خال ٻه اَنيڪ ننڍين وڏين گهٽنائن سان پُريا پيا آهن. ڪهاڻي پڙهائڻ لاءِ اهي شايد غير ضروري هجن، يا شايد اهي گهٽنائون من جي انهن پرڻ ڀاوناُن سان جڪڙجي ٿيون وڃن جو انهن جو لفظن ۾ اظهار ڪرڻ ٿي دل نه ٿيندي آهي.

مثال طور- مسٽران ۾ مون ساڌنا کي هڪ گل ڏنو هو. هن اهو وارن ۾ لڳائي ڇڏيو. تڏهن چنچل بڻجي، ڪجھ هيٺ جهڪي، مون ان گل کي چميو هو. پوءِ هر روز مان هن کي گل ڏيندو هوس، هوءَ اهو وارن ۾ وجهندي هئي ۽ ڪاليج جي اوپر واري آنب جي وڻ جي آڙ ۾ بيهي مان ان گل کي چمندو هوس.

ان ڏينهن جڏهن گڊ باءِ چئي هوءَ وڃڻ لڳي، تڏهن مون چيو هو، "ٿورو ٿرس." پوءِ سندس ٿي بنگلي جي هڪ ٻاري مان گل چني مون کيس ڏنو هو.

هن اهو وارن ۾ وجهي ڪن پل لاءِ انتظار ڪيو هو. مان ليڪن اڳتي نہ وڌيو هوس. هوءَ هلي وئي.

اڄ جڏهن سوچيان ٿو، تڏهن ڪيترين ئي ڳالهين ياد اچي رهيون آهن. ليڪن ڪهاڻي ٻڌائڻ جي وچار کان جيڪي بہ ٿي گهٽنائون ضروري آهن، سي ئي ٻڌائيندس. ٻين جو موهہ ڇڏڻو ئي پوندو.

ڪجهہ سال گذري ويا.

هڪ ڏينهن اتفاق سان ساڌنا سان ملاقات ٿي وئي. هڪ ڪمپنيءَ جي سيلس مئنيجر جي حيثيت ۾ ديش ۾ ٽنڪڙو پوندو هو. ان ٽنڪڙ جي سلسلي ۾ هڪ ڏينهن آگري وڃڻ لاءِ جهانسيءَ جي اسٽيشن تي بيٺو هوس. گاڏي آئي. اڃا پوري پهتي بہ ڪانہ، ڪنهن سڏ ڪيو ”آشوڪ.“ منهن ورائي ڏٺم، هڪ گاڏي جي دريءَ مان منهن ٻاهر ڪڍيو، هٿ جي اشاري سان ساڌنا مونکي سڏي رهي هئي. گاڏي ڀڄندي ڀڄندي هن جو گاڏو اڳيان وڌي ويو. تڏهن چنچل ٻڻجي، ماڻهن جي ڀيڙ کي چيريندو، ڊوڙندو وڃي هن وٽ پهتس. ليڪن سامهون ٿيندي ئي، هن کي ڏسي؟ پاڻ ڏانهن نهاري مان سنڪوچ ۾ پئجي ويس. مل-مالڪ جي ڌيءَ، سڄ-ڌڄ واري ساڌنا سامهون ڪانہ هئي. هڪ سوٽي، سفيد، سادي ساڙهي ۾ ويٺي هئي ساڌنا.

۽ مان هوس هڪدم صاحبلوڪي ڊريس ۾، ڪمپليٽ گرم سوٽ، فيلٽ هيٽ...

تڏهن نمسڪار ڪان اڳ، پهريون لفظ منهنجي زبان تي ترِي آيو، "گليمر."

ساڌنا نمسڪار ڪري، کلي چيو، "ڪيئن داد ڏين ٿو نه؟"

پنهنجي سنڪوچ لڪائڻ لاءِ مون به کلي چيو، "چا تي؟ تنهنجي هن چينج (Change) تي؟"

هن هڪوار منهنجن ڪپڙن ڏانهن نهاري کلي ڏنو. چيائين، "هيترن سالن جي وچ، پنهنجي لاءِ هن اڻچائل ڊريس ۾ به مون توکي سڃاڻي ورتو، ان تي"

"سو به هيترن سالن بعد." مون هلڪي ٽوڪ مان چيو.

"تو نه شايد ان وقت اندر منهنجو نالو به پلاڻي ڇڏيو هوندو."

"هڪ دفعو مٽيوان جيان جيون جي راهه پنهنجي وچڙ چاهيم ۽ رستي پنهنجي وچڙ جو آنند پائڻ چاهيم. پنهنجي شايد ويو آهيان. ليڪن آنند پائي نه سگهيو آهيان، ساڌنا."

هوءَ سانت رهي. مان چپ چاپ هن جي پرسان ويهي رهيس. ڪاڏي هلي تڏهن هن ڳالهايو، "راهه پنهنجي وچڙ ۽ چاڻي ٻجهي غلط رستي تان هلڻ ۾ تفاوت

آهي، اَشوڪ. چنچل مَن اهو تفاوت سمجهي نٿو سگهي."

مون جواب نه ڏنو. پڇيم، "تون ڪيڏانهن وڃي رهي آهين؟"

"دهليءَ."

"دهليءَ ڇو؟"

"هاڻي اُتي ئي رهندي آهيان."

پڇڻ چاهيم: ڇا شادي ڪئي اٿيئي؟ ليڪن شايد اَيمان وچان يا ڪنهن ٻئي سبب پڇي نه سگهيس.

صرف پڇيم، "اَڪيلي؟"

ان هڪ لفظ مان منهنجي سوال جو مطلب سمجهي، هن کلي ڏنو. کل مان ظاهر هو ته منهنجو سوال اَجايو هو. تڏهن ٻيو سوال پڇيم، "ڇا ڪندي آهين؟"

"پروفيسري ملي وئي. مل-مالڪ جي ڌيءَ نوڪري ڪرڻ لاءِ گهر ڇڏي وڃي، ان تي ڏاڍي مخالفت ٿي هئي. پر تون نه ڄاڻين ٿو، مان هميشه پنهنجي هلندي آهيان."

گاڏي تيزيءَ سان هلي رهي هئي. ٻاهر وڻ، ٽڻ، ٽِپا وغيره اهڙيءَ ئي تيزيءَ سان پٺيان ڊوڙي رهيا هئا. منهنجو من به پٺيان ماضيءَ ڏانهن ڊوڙي ويو. هڪ ٽٽو ساهه ايندي روڪجي ويو. چيم، "نه 'ڪئين' گلشمر ڇڏي ڏنو."

هوءَ ٻاهر نهاري رهي هئي. ٻنا مهن ورائڻ جي ٽي سانتيڪي نوع ۾ چيائين، "توهين ٻڌوش، اسٽوپڻ ۽ گلشمر کي اَلبت، اَلبت، ڪري ڪجهه سوچي لڳا سگهو. هڪ ڏينهن تو ٻه اهڙي غلطي ڪئي هئي. ليڪن اسٽوپون نه، ٻوش ٽي گلشمر ڏانهن ڊوڙي ويندا آهن. گهر ڇڏڻ بعد ڪيترائي جهولا متو گڏيا آئم، همن جي هلت مان ائين لڳندو آهي ته گلشمر ٻنا هو جڻ مونکي سڃاڻي نٿا سگهن. ۽ هڪ ڏينهن اهي ٽي مونسان شادي ڪرڻ لاءِ آئا هئا."

مان چپ چاپ ڪجهه وقت خالي نگاهن سان ٻاهر نهاريندو رهيس. ٻوءِ چيم، "مان پنهنجي غلطي سڌاريان ٿو."

"ته مونکي خوشي ٿيندي."

"ته هلندينءَ مونسان آگري؟ ياد اَٿيئي، ڪاليج جي زماني ۾ تو چيو هو ته اسين تاج محل گڏجي ڏسنداسين."

"ني، وساريو ڪونه اَٿم. ليڪن تون هڪ غلطي سڌاري، ٻي غلطي ڪري رهيو آهين."

مان چپ رهيس...

آگرو اچي ويو. ٻنگ ڪٽي، هيٺ لهي، دريءَ کان اچي بيٺس. چيم، "ته جاڻان وري ڪڏهن ملڻ ٿيندو. پر هڪ ڳالهه ٻڌاءِ: مون ڪهڙي غلطي ڪئي؟"

پنهنجي هميشه واري سپاٽ آواز ۾ هن چيو، "توهين پرش جڏهن جيءُ چاهيو، غلطي ڪري، ڪنهن کي ڇڏي ڏيو، ۽ وري جڏهن جيءُ چاهيو، غلطي سڌاري ڪنهن کي اَپنايو. ليڪن منهنجي مريادا مونکي ڪنهن جو نه رانديڪو بڻجڻ ڏنو آهي، نه سمپتي."

گاڏي هلي وئي. مان اتان ئي ٻيءَ گاڏيءَ ۾ بمبئيءَ موٽي آيس.

مان ڪجھ ٻڌائي نه سگهيس هن کي.

ٻڌائڻ چاهيم: ساڌنا، تنهنجي لاءِ سک ميسر ڪرڻ لاءِ مان ڏينهن رات هڪ ڪري، ڌن ڪٺو ڪري رهيو آهيان.

ٻڌائڻ چاهيم: ساڌنا، تو مونکي 'your queen' چيو هو، مان توکي 'your king' چوڻ جي يوڳيه بڻجڻ لاءِ، توکي ڇڏي آيو هوس.

ٻڌائڻ چاهيم، ساڌنا...

ليڪن مان ڪجھ ٻڌائي نه سگهيس هن کي.

ڇو؟ ڇو؟

ڪهاڻي ٻڌائڻ لاءِ مان اهو خال پوري سگهان ٿو. پر ساڌنا جي جيون 'ڪهاڻي' ۾ اها ڳالهه اَڻ ڄاتل رهجي وئي، خال رهجي ويو.

ليڪن مان پنهنجي مريادا ڪيئن ڇڏيان؟ مان پنهنجي سنيهه کي بيڪاري بڻائي هن اڳيان هٿ ڇو ڦهلايان؟ هوءَ هاڻي مونکي سنيهه جو لٺي ڪري ...

ان بعد ٻه هن سان ملاقات ٿي هئي. اها ٻه اوچتو ئي ٿي هئي. مان دهليءَ ۾ هوس. ساڌنا جي ائڊريس جي ڄاڻ هوندي به مان ساڻس ملڻ ڪونه ويس. هڪ ڏينهن اڪيلو ئي قطب منار ڏسڻ ويس. مٿان لهي رهيو هوس جو ٻهرين منزل وٽ ڏٺم، ساڌنا ٻن ٽن ساهيڙين سان مٿي چڙهي رهي هئي. مونکي ڏسندي ئي ساهيڙين کي چيائين، "ڀائي معاف ڪجو، جهونو مٽر ملي ويو آهي. توهين مٿان ٿي اچو، تيستين مان هن سان هتي ئي ٻه چار ڳالهيون ڪري ٿي وٺان."

اهائي ساڳي ساڌنا!

ساهيڙيون هليون ويون.

ڪلهي چيم، "ڇا مان صرف جهونو مٽر آهيان! وڌيڪ ڪجهه به نه؟"

هن به کلي چيو، "ان کان به گهٽ. مٽر بمبئيءَ کان دهليءَ تائين مفاصلو طئه ڪري ڪانپوءِ پنهنجن جهونن مٽرن سان ضرور ڳڏجڻ ايندا آهن."

"پر تون نه لوڪ مريادا کي ميڃيندي ڪانه آهين."

"سنيهه جي مريادا کي نه مڃان ٿي."

"تو نه سنيهه ئي ڪڏهن ايمان ڪيو ئي ڪونه.

تون نه صرف پنهنجي آتم-مريادا تي ئي ايمان ڪندي رهي آهين.”

“منهنجو سنيهه ان مريادا جو حصو آهي، مونکي اڄ به ان تي ايمان آهي.”

مان هيٺ نهاري رهيو هوس. چيم، “ساڌنا، هوڏانهن هيٺ ڏس. هتي مٿي ويهي ڏسڻ سان هيٺ جون سڀ چيزون ننڍيون لڳي رهيون آهن. حقيقت ۾ اهي ڇا ننڍيون آهن؟ پنهنجي سنيهه جي ايمان لي ولهي ڏسڻ سان، پٺي جو سنيهه توکي ننڍو ۽ ٿيچ لڳي رهيو آهي. ليڪن سچ ڪجهه ٻيو آهي.”

“پر اهو به نه سچ آهي، نه هيٺ بيٺل ماڻهن کي اسين هيترو مٿي هوندي به ننڍا نظر ايندا اسين. پر ان کي رهڻ ڏي. سچ اهوئي آهي نه ٻاهران چيزن جي دوکي ۾ سچ کي پائي نٿو سگهجي. تون ئي ٻڌاءِ، مان پنهنجي من جي استرتا تي ايمان ڪريان يا تنهنجي من جي چنچلتا تي؟”

ياد آيم، هڪ ڏينهن مٿران ۾ منهنجي هٿ جي ڇهاءَ مان ئي هوءَ منهنجي من جي اڇا کي ڄاڻي وٺي هئي. ۽ اڄ ٻنا ڇهاءَ جي ئي منهنجي من جي چنچلتا کي ڄاڻي وٺي هئي. ڪيئن انڪار ڪريان، ان چنچل من ڪيترو پنڪايو هو مونکي؟

ان ڏينهن جو هن ڇيو هو: مونسان شادي ڪندين؟ ۽ مان جو اَپمان سان ڇڏي ويٺو هوس: مونکي به پنهنجي آتم-مريادا آهي، مان ان سان نباهيندس. تڏهن ته مَن استر هو. ان بعد ڇو چنچل بڻجي، پنهنجي اَپمان کي غلط ڇڏي بار بار هن کي پائڻ لاءِ پڪندو رهيو آهي هيءَ مَن...

ساڌنا کان موڪلائي، قطب منار جي ڏاڪڻ تان هڪ هڪ ڏاڪو لهندي، محسوس ڪيو هوم، ڄڻ ڏاڪي ڏاڪي سان گڏ مان هيٺ ڪرندو پيو وڃان.

پاڻ کي بچائڻو ئي پوندو...

۽ آخرين ڏاڪي تائين پهچندي پهچندي مون هڪ فيصلو ڪري ورتو.

ٽن مهنن بعد ساڌنا جو خط مليو. خط سان گڏ هڪ ننڍڙو پارسل به هو.

خط کولي پڙهيم. لکيل هو:

"پريه،

تنهنجي شاديءَ جو نيمنڊ پتر مليو. ڪاليج ۾ امتحان هلي رهيا آهن. اچي ڪانه سگهنديس. تون ته ڄاتل سڃاتل آهين. لوڀ آهي صرف تنهنجي پتنيءَ کي ڏسڻ جو. موقعو ملندي ئي هن کي ڏسڻ ضرور ايندس.

اَڄ ڪيس صرف هڪ سوکڙي ئي ٿي موڪليان. سنيه ۾ اَڌڪار ڏيڻ-وٺڻ جي ڳالهه ڪڏهن سوچي نه اَٿم. اِنڪري مهنجي جيڪا سڀ کان وڏي چيز آهي، سا ڀيٽ ڪندي، نه ڪوئي اَڌڪار ڇڏڻ جي ڳالهه من ۾ آيم، نه ئي ڪڏهن اَڌڪار پائڻ جو ويچار ئي آيم. ان سڀ کان پنهنجي سنيه کي مڪت رکي سگهي آهيان، ايترو ئي ڪافي آهي.

سوکڙي موڪلڻ کان اڳ، صرف هڪ ئي ڳالهه سوچي ڏٺم ته من اِسٿر ۽ شانت آهي يا نه؟ پوسٽ آفيس ۾ بيٺي هئس. آخرين دفعو هڪوار وري سوچيم، ڏٺم، من شانت ئي هو. ڪٿي به دک جو ڪوئي هلڪو اَحساس ڪونه هو. اِهوئي سڀاوڪ هو، اهوئي چاهيو هوم. تڏهن هٿ وڌائي ڪائونٽر تي ويٺل ڪلارڪ کي پارسل ڏنم.

تون چوندين: سوکڙي موڪلڻ، لوڪ-مريادا نڀاهڻ آهي. مان ڄاڻان ٿي. مان اهو به ڄاڻان ٿي ته لوڪ-مريادا نڀاهڻ لاءِ جيڪا سوکڙي ڏني آهي، ان جو روپين ۾ ملهه ڪٿي، ان تي اوترو اَپمان به ڪيو آهي.

مان اَپمانڻ نه آهيان ٿي. اِنڪري ايترو به چونديس، ته مهنجي ڀيٽ جو ملهه روپين ۾ ضرور ڪٿي سگهجي ٿو، ليڪن ڀاونا-سمپتيءَ جي حساب سان اها اَنمول آهي. ۽ اها سوکڙي ڏيندي، مان آتم-مريادا ئي نڀاهي

رهي آهيان، جو سمجهان ٿي ته جيڪا چيز جنهن جي آهي، سا تنهن کي ملڻ گهرجي. من جي ڪرڻ کي نظر انداز ڪرڻ جو ساهس مون ۾ نه آهي.

ساڌنا.

پارسل کولي ڏٺم، هڪ لاڪيٽ هو. ان ۾ مڙهيل هو، ڪاليج جي آئڊينٽيٽي ڪارڊ مان ڪٽيل منهنجو ني ڦوٽو.

پريا ۽ گرانڊي

ڪي. ايس. ٻالاڻي

کڙڪيءَ مان اُس اچي براهمڻي پريا کي ڇُهيو ته هن جو سارو سرير تجلا ڪرڻ لڳو. هن جي گول ڪراين ۾ ڪائي جون چوڙيون اُس جي ٽڙڪي ۾ سون جيان چمڪڻ لڳيون ۽ جڏهن هن جا هٿ ٻولڻ کي گول گول ڦيرائي کين مَلڻ لڳا ته. چوڙيون جهن جهن جو مڌر راڳ ڪڍي نچڻ لڳيون. اُن راڳ مان کيس رس اچڻ لڳو پر اندر واري ڇيس ته اهي ڪائي جون ڪڙيون ته لاهه ڇو ته اُن گيت مان توکي پنهنجي پتيءَ جي ياد ٿي اچي. پر ڇا ڪري؟ چوڙيون جو کيس وڏيون ٿي سو ٻانهن کنجي ڪٺي مٿيرو ڪيائين.

ڪرت ڪار مان فرصت پائيندي اُن منهن مٿي ڪيائين ته پنهنجي لوڙهي وارن جي هڪ ڇڳ جو اَحساس ٿيس. ڇڳ وڏي ڪٺي وارن ۾ اَٽڪايائين. پر ٻانوري الجهي ڪري پيئي. خيال آيس ته چلي کي ڪنگهيءَ سان ڪٺي ڇڏيان ۽ سچ پچ ڪنگهي ڪٺي ڊرسيءَ اڳيان ڪيائين ته اُن ۾ ونيه ڪمار جو

عڪس ڏسي هلڪو چرڪ ڀريائين.

"مها پاپ! سندر کي بگاڙڻ مها پاپ آهي."

چنل گل کي ڄڻ ڪنهن پٽ تان کنيو. ٻنڪڙين ۾ لرزش آئي. گل شرمائجي، پنکڙيون پاڻ ڏانهن سوري ڪٽي گهونگهٽ اوڍيو.

"هٿ ٻري ڪر، وڻيه ڪمار، اُن جو بار مان سهي نٿي سگهان."

"منهنجو وس هلي ته هوند ان هٿ کي ڪپي ڇڏيان."

"ڀورين ڀوڄن کائي وٺ. پوءِ جيئن تنهنجي مرضي."

"براهمڻي، ڏاڍي ڪا ڪنور آهين."

جنهن لئي هن وڻيه ڪمار جي منهن ۾ نهاري سوچيو، وڏوا جو آهيان. ڪنور نه ٿيان ته هوند وهه ۾ وهي وڃان. وڻيه ڪمار هٿ کان ڇڪيس ته ڇڏائي ورتائين.

"اَڙي ٻريا، تنهنجي دل ته ڇا ٻر هٿ به نردئي ٿي پيا آهن."

اَکيون ڦرڙائي اُتان کسڪي رنڌڻي ۾ ويٺي ته اُتي ڪنهن ڪتي جي پيرن جا نشان ڏسي سراپجي ويٺي. ٻاهر آئي ته ڏٺائين ته هڪ ننڍڙو ڪتو چائنٽ تي براجمان آهي، جنهن جا ڀورا ميرانجهڙا وار آهن، ڦاڪدار سرمائي اَکيون ۽ گبڪڙو بدن. ڪي گهڙيون ته ڪتي کي ڏسندي رهي ۽ ڪتو به ٻنا ڇُرڻ پُڇڻ جي

ٽڪٽڪي لڳائي جڻ ٻراهمڻيءَ کي مالڪ ٿيڻ لاءِ وينتو التجا ڪري. مگر هن کي مٿس ڪا ڪهل نه آئي. هن کي هڪالڻ جو نشچو ڪيائين. همٿ ۾ ساڙهيءَ جو ڪرنڊ ڦلو ڪٽي هن ٻيو سان ڪتي کي ڌڪي ٻاهر ڪيو ۽ پوءِ ٺڪين سر ڀنڊڻي کي ليپ ڏيئي ونيءَ ڪمار لاءِ روٽي پاڻي ڪڻي آئي ته ڏسي ته هو ٿهي ئي ڪونه. ڀريا ڇپن کي چڪ پائو. ٻاهر ونيءَ ڪمار وڃي رهيو هو. ڪيس سڏڻ جو ويچار آيس پر ائين نه لوڪ مريادا جو دائرو وڌندو ڪشادو ٿيندو. سو ٽالهي اُنين جو ائين ڀنڊڻي ۾ رکي آئي.

سندس معصوم منجهيءَ تي سمهيو پيو هو. ٻالڪ سان لپٽي اُن کي ڇاتيءَ سان لڳايائين. سندس سيني ۾ مثل طوفان جي رفتار کي گويا گهاتيءَ ۾ اسرندڙ درختن گهيرائي ڇڏيو. ٻار جي اکين، ڳلن ۽ نراڙيءَ کي منيون ڏيئي جاڳائي ڇڏيائين ته ڀريا جي اکين مان آنسون وهي هليا. ٻنهي اکين سان هن پٽ تي پتيءَ جي ٽنگيل تصوير ڏي نهاريو. ماضيءَ جي خوشيءَ کي غم جي پردي تي ڏسڻ لڳي. سمرتيون سرڪنديون ٿي آيون ۽ کسڪنديون هليون پئي ويئون. پتيءَ جو پريم، موهه ۽ پڇتائي هينئر آڪار جو روپ وٺي سندس آتما کي جڻ هن جي آتما ڏانهن ڇڪي رهيا هئا. هي سرليءَ ۾ هوءَ پٽ طرف وڌندي ٿي رهي.

هن جو سڄو ڪنڌ چقمق جي ڪشش تي ديوار طرف ڪڇندو ٿي ويو. هن جا هٿ ۽ پيرن جون ڪڙيون مٿي اٿنديون ٿي رهيون، ڪيس ساوڻ جي گهٽائن جيان ڪلهن تي ڦهلبا ٿي رهيا. هن جي بدن جو خون هن جي ڇهري طرف مڙندو، پيرڙا ۽ ويڏا ڪان سرخ لال ٿي ويو هو... ۽ اَچانڪ ڪراين جو تصوير تي ڦهڪو پوندئي ڇوڙيون ڇيهون ٿي ويون. تصوير جي ڪائي به ڏار ٻڌي ويا. پريا ڏڪي ويئي. دل دهه دهه ڪري وڄڻ لڳس ۽ سڄو به سوين سيون ڇيڻ لڳس ۽ ٿڌو ساهه کڻي مڃيءَ تي ويٺي ته مٿي به چڪر اچي ويس.

هيل توڻي هن اَن جل نه ورتايو هو. سو رنڌڻي ۾ آئي ته هلڪو چرڪ پوجي ويس جو ونيه ڪمار لاءِ جا ٿالهي پاڻي رکي هٿانين سا صاف لڳي پيئي هئي. هن ڏٺو ته ڪتو پوڄڻ جي سواد کان اڃا به منهن تي زبان ڦيرائي رهيو هو. هن کي ڪتي تي ڪروڌ آيو، پاڻ تي ڪروڌ آيو ۽ ونيه ڪمار تي ڪروڌ آيو. ڪتي کي ٻاهر ڪڍي، ٻي ٿالهي پائي ڪائڻ لڳي. هوءَ ڪائڻ لڳي ڦلڪي ۽ سبزيءَ جو ذرو ذرو، چانور ۽ دال جو ڪٺو ڪٺو — ڏندن ۾ چباڙي چباڙي، چاڙين ۾ پيسي پيسي، هن سمجهڻ ٿي چاهيو ته هن جي همٿ جو پوڄن ونيه ڪمار کي ڇو سوادي لڳندو هو. هو ڇو سدائين

دال جا ڀڪ ڀري چوندو هو، "ٻاهمڻي، تنهنجي دال جا ڀڪ ڀري ٻاڻ تي ٻاپ چاڙهيندو ٿو رهان، ٻه چار ڪريان، تنهنجو لذيذ ڀوڄن ٿو لالچائي."

ڏهڳڙن ۾ ڪاڌي جو ڪٽو ٻه ٽي ڀيو ته هوءَ اُٿي. گويا زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو هن پيٽ ڀري ڪاڌو هو. اَڄ ئي هن محسوس ڪيو ته هن جو ڀوڄن سچ پچ سوادي ۽ مسالو هو. هيل توڻي ته ٻين کي کارائي اُٿڻ ئي هن پنهنجو ڌرم سمجهيو هو. سوچيائين ان طرح هن ٻاڻ سان وڏو اَنياءُ ڪيو هو.

منجهند جو هن جو ٻيو پٽ اسڪول مان موٽيو ته ساڻس گڏ اُهو ڪتو ٻه در ڪلنديءَ اندر لنگهي آيو. ٻاهمڻيءَ سوچيو ته چڱو ان کي رهڻ ڏي اچي، ٻهرڻ چندر لاءِ روٽي ڪڍي اَچان. ٻه رڌڻي طرف ويندي ٿي هن جا پير ٻاري تي وڃا. ڏيڳڙا ته اَگهيا ٻگهيا پيا هئا سو ڪٽي چا اچي. پنهنجي هٿ ۽ ضد تي مٺيان لڳس، هوند پيٽ مان سمورو ڪاڌو ڪوري ڪڍي.

"چو اَمي، روٽي چو نه ٿي ڏين؟"

"تنهنجي روٽي هي ڪتو کائي ويو." ٻريا ڪليجي تي پٿر رکي وراڻيو.

"کائي ويو ته چڱو ڪيائين. مان هن کي پاليندس."

۽ جڏهن هو ننڍڙي ڪتي کي پيار ڪرڻ لڳو ته ٻاهمڻيءَ کيس ٻري ڪندي چيو، "نه پٽ، گندي جانور کي

نه ڇهي.” ڪتي کي هڪالي ڪڙو ڏيئي ٻاهر دڪائڻ لڳي ته در تي ڪڙڪو ٿيو. پڇيائين، ”ڪير آهي؟“

”ونيه ڪمار.“

... ...

ونيه ڪمار سڏيو، ”ٻراهمڻي.“ پر هوءَ اڃا به خاموش رهي. هن وري سڏيو، ”ٻراهمڻي در کول. چندروءَ لاءِ مٺائي آندي اٿم.“ مٺائيءَ جو نالو ٻڌندي ئي چندروءَ ڪڙو لاهي ورتو. مٺائيءَ جو ٻـڙو وٺي هوُ مـاءُ وٽ آيو ته چماٽ لڪاءُ ٿي ويس ۽ هٿ مان ٻڙو ڇڏائجي ويس. چندر جي معصوم اکين مان ڳوڙها وهي آيا. هوُ سمجهي نه سگهيو تـه کيس اڄ غير رواجي سزا ڇو ملي هئي. ٻريا جي اهڙي هلت تي ونيه ڪمار کي به حيرت لڳي. اتان هلي وڃڻ جو ويچار آيس پر ٻـوءِ خيال ڦيرائي چندر کي هٿ کان اچي ورتائين ته ڏسي ته ٻراهمڻي پنهنجا ڳوڙها اگهي رهي آهي.

”مان چندر کي بزار وٺي ٿو وڃان.“

ٻريا در تي آئي. ڏٺائين ته هوُ ٻئي بزار جي منهن تي پهچي چڪا هئا ۽ هن جي پٺيان لنڊڙو ڪتو ڊوڙندو وڃي رهيو هو.

رات جي مهل هئي. ٻاهر ڪافي ٿڌڪار هئي. ٻريا ۽ هن جا ٻه ٻار هنڌن تي ٿانئيڪا هئا، جيتوڻيڪ اڃا ڪير سمهيو نه هو. ٻريا سوچي رهي هئي ته ونيه ڪمار

کي استري نه هئي، ڪيس ٻچي نه هو ۽ هن ڪتڙي کي سنسار ۾ ڪير نه هو، ۽ جنهن کي ڪير نه هو اُن جو هن کي خيال ستائڻ لڳو. هوءَ اٿي لالٽين جي وٽ مٿي ڪري ڪتڙي کي ٻاهر ڳولڻ لڳي. پر اڱڻ ۾ يا ڪٿي آسپاس نظر نه آيس. ڪنهن ڪنڊ يا ڳڙکي ۾ سمهيو پيو هوندو. اهڙو آٿت پائي بتي جهڪي ڪري هيٺ رکيائين ته ڪپڙن جي هڙ ۾ سُر پُر معلوم ٿيس. وٽ مٿي ڪري ڏٺائين ته ڪتو آرام سان سمهيو پيو آهي. هن ۾ ممتا جاڳي اٿي. اوهه! وچاري کي سمهڻ ڏنس.

ٻئي صبح کي براهمڻيءَ لاءِ هڪ وڏو مسئلو پيدا ٿي پيو. مسئلي جو ڪارڻ هو هيءُ ڪتڙو. ٻـن ٽـن هنڌن تي وشٽا لاهي ڪمرو اَپوتر بڻائي ڇڏيو هئائين. جنهن هنڌ تي صرف ديوتائن کي پوڄڻ ڪـارايو وڃي اُتي هڪ ڪتي جي بي حرمتي براهمڻيءَ کي نهايت بري لڳي. هوءَ ڪيتري وقت کان چنتا، گهٻراهٽ ۽ ڪروڌ ۾ ٻرڄي رهي هئي. هن کان ٺاڪرن جي پوڄا جي سامگري نـاهڻ به وسري وئي. شرڌالـو جڏهن ٺاڪرن کي پرساد چڙهائڻ لاءِ ميوو وغيره کڻي آيا ته هن کي پنهنجا نيم ياد آيا. هوءَ اٿي. ڏٺائين ته ولي ڪمار بيٺو آهي. ٻي گهڙيءَ هو اُتان هليو ويو ۽ ٿوري دير بعد ڀنگيءَ کي وٺي آيو. هڪ اَپوتر آتما کي هڪ پوتر

آستان تي پير رکڻ جي اجازت مليل نہ آهي. پر ٻراهمڻيءَ لاءِ ڪو پيو چاڙهو نہ هو سو ڀنگيءَ کي آڻڻو ٿي پيو. ڀنگي وشنا ميڙي ويو تہ هوءَ گهر جي صفائيءَ کي لڳي وئي. ڪمبل ڪرڇ کي هن ڌوتو. ۽ بعد ۾ اشنان ڪري پوڄا تي ويٺي. اَڄ هن جي گلي منجهان مڌرتا وسي رهي هئي. شايد ديوتائن جو ناراضپو دور ڪرڻ لاءِ هن سمورو ميناج پنهنجي واڻيءَ ۾ ڀري ڇڏيو هو. پوڄا سماپتيءَ بعد ديوتائن تي ڀوڳ لڳايو ويو. جل ۽ پرساد ورهائڻ لڳو تہ هن ڏٺو تہ هڪ پاسي شودرن جي ٻنيان ڪٽرو چپ چاپ ويٺو هو. ڪٽي جڏهن ٻراهمڻيءَ جي گهوريندڙ اکين کي ڏٺو تہ هن پنهنجون اکيون ٻاهر ڦيرايون جٿي ونيہ ڪمار ويٺو هو. ٻراهمڻيءَ جون اکيون غصي کان لعل ٿي ويون. ڪٽي اهي اکيون ڀانپي ورتيون. اٿي ٻاهر هليو ويو.

پريا هاڻ اَڪيلي هئي. اڃا ڪجهہ پرساد بچيل هو. اهو ڪاغذ ۾ ويڙهي اَگڻ ۾ رکي آئي. بعد ۾ ڏٺائين تہ ڪٽرو پرساد کائي رهيو آهي.

ذرا عجب آ. ڪتو هن گهر جو ساٿ ڇڏڻ لاءِ هرگز تيار نہ ٿيو. ڏينهن گذرڻ لڳا. ٻراهمڻي ڪتي سان ٻيو ورتاءُ ڪرڻ لڳي. هوءَ کيس ڌڪاري تہ پاڻئي بہ. اَندر اچڻ ڏيس تہ ڌڪي ٻاهر بہ ڪريس. روٽي ٽڪر ڏيس تہ ٻڪ بہ ماريس.

ڪتو ڊوڙي اچي ويٺل ٻار جي گود ۾ منهن وجھي پيار پائڻ لاءِ ليٽڙي، اوُن اوُن ڪري ڳالھائي، گڏ هلڻ لاءِ پٺيان ڊوڙي، پيرن ۾ پوي؛ جڏهن رات ٿئي ته ٻاهر در تي پيرن جي لهن سان رهنبوڙا پائي "اوُن اوُن" جي روڄن سان ڌڙ ڌڙ ٿائين اندر اچڻ لاءِ مالڪياڻيءَ کي پيو پاڏائي. براهمڻي البت مرڪي، قياس ڪائي پر در کولڻ جي غلطي ڀيھر نه ڪري.

چوطرف سناٽو ڇانيل هو. ڪتي جي هلڪي ڀؤنڪ غائب ٿي ويئي هئي. نه هن کي ياد آيو نه ڪٿن نه هڪ رات جو در تي ڪرڪڙ پڌي هئائين. اول نه هوءِ خاموش ٿي ويئي هئي پر پوءِ سرو ڏيوٽائن وٽان مليل شڪتي ڪٺي ڪري هن پڇيو هو، "ڪير؟"

جواب آيو هو- "ونيه ڪمار!" تڏهن در کولي هڪ طاق پاڻ وٽ ڪري پڇيو هئائين، "هن وقت ڇو آيو آهين؟"

"پريا پاڻ کي اڪيلو نٿي پائين؟" هن هٻڪي وراڻيو هو.

"ٿهڪري ڇا؟"

"ٿهڪري، ٿهڪري..." هو جملو پورو نه ڪري وچڻ لڳو هو.

"ونيه ڪمار!" هن ڏبيل سڏ ڪندي چيو هو، "مون تي لوڪ پريشان ڪيو آهي، ڇو نه مان اڪيلي آهيان."

"پريا، مان چوان ٿو ته مون توکي پريشان ڪيو آهي ڇو ته مان اَڪيلو آهيان."

اَکين ۾ شور آڻي وراڻيو هئائين، "سوارٿي!"

"پريا، ساري سنسار کي ڳنڍيندڙ سوارٿ آهي. پراڻن ۾ تو اهڙي سکيا شايد نه پڙهي هجي."

"پراڻن لئي هلان ڪرڻ ڇو هليو آهين؟ نسوارٿ کي پڪڙي مان سنسار کان اَلڳ ٿيڻ ٿي چاهيان."

"اوهه، تڏهن ته اسان پارن سنساري جيون کان سهارو وٺندو رهيو."

"سوارٿ ۽ نسوارٿ جو ميلاپ ناممڪن آهي، ولي پاپو."

"پنهنجو در مون لاءِ پل بند ڪري ڇڏ ته مان تنهنجو تياڳ نٿو ڪري سگهان."

"تو مون مان پاتو ئي ڇا آهي جنهن جو تياڳ نٿو ڪري سگهين؟" براهمڻيءَ سوچيو ته ان سوال لئي ڪٿي نه پرڻ هوءَ خاموش ٿي وئي هو ۽ پوءِ آهستي آهستي ڪنڌ مٿي ڪري چيو هئائين، "پريا، هڪ پرش هڪ استريءَ مان جو پائڻ ٿو چاهي سو مان تو مان پائڻ ٿو چاهيان. تنهنجي اُجڙيل ويران ۾ باغ لڳائڻ ٿو چاهيان."

تڏهن پريا جي ڪومل سرير ۾ جوانيءَ جون لهرون اُٿيون هيون. گويا مها ساگر ۾ ڀونڪمپ آيو هو.

ڪم ديوتا سان لڙڻ لاءِ ھن اَنيڪ ديوتائن کي مدد لاءِ پڪاريو ھو ۽ اُنھن جي سھائتا سان ھن ڪم ۾ جيت پائي چيو ھو، "ونيہ بابو، وڌوا سان اھڙيون ڳالھيون ڪري سنڌس پتورتا ناس ڪرڻ ۾ ڇو سنيھوي آيا آھيو؟"

"پتيورتا صرف اَوھان نارين لاءِ آھي ۽ پرش لاءِ بہ ڪنھن استري ورتا جوڙيو آھي؟ مان ٻي شادي ڪري سگھان ٿو. ۽ ٿون نہ، ڇو؟"

"مھرباني ڪري ھتان وڃ تہ ڪي ماڻھو مڙيي نہ اچن." جنھن ۾ ڪجھہ نہ ڪڇي ھوءَ ٻاھر نڪري ويو ھو. ڏر بند ڪري ھوءَ پچار ڪاني اچي بستري ۾ ڪري ھئي. ھن کي ياد آيو تہ اُھا رات ھن پتيءَ کي ياد ڪري رنو ھو ۽ اَڄ رات ونيہ ڪمار جا اُھي لفظ "مان ٻي شادي ڪري سگھانٿو ۽ ٿون نہ، ڇو؟" ھن جي ڪنن ۾ ٻُرڻ لڳا ھئا. ھوءَ اُٿي ڪر موڙي ٻاھر آئي. ڏر وٽ پھتي تہ دل دڪ دڪ ڪرڻ لڳس. آھستي آھستي ڪڙو کولي ڏر پتيائين ۽ ٻاھر نظر ڊوڙايائين ۽ ونيہ ڪمار ڪٿي بہ نظر نہ آيس. نراس ٿي جنھن ڏر بند ٿي ڪيائين تہ ڪٿي ۾ نظر پيس جو ڪٿان ڊوڙي آيو ھو. ھن ٿڌو ساھہ ڪڍي چيو، "اوھہ! اِھو ڪٿو." ۽ ڏر بند ڪري ڇڏيائين.

سرد رات ھئي. گھر جا ھي ٿي پالي چولڪي ۾

رسوئي ورتائي رهيا هئا. ننڍڙو ٻار تہ اڃا ڪيرپياڪ هئو ۽ چندرو ٻن ڦلڪن کان وڌيڪ کائي نہ سگهندو هو. پر جڏهانڪر ننڍڙو ڪتو گهر ۾ آيو هو تہ هوءَ ٻن کان ٽن ڦلڪن جي گهر ڪرڻ لڳو هو. البت ماءُ کي کو خاص عجب نہ لڳو هو پر هن جڏهن چوٿون ڦلڪو گهريو تہ براهمڻيءَ چيو، "بس چندرو، تون اڃا ننڍڙو آهين." چندرو اٿي گهاگهر مان پيئڻ لاءِ پاڻي ڀرڻ لڳو تہ ٻريا جي نظر ڪتي تي پيئي، جو پنهنجن ٽنگن تي ويٺو هو. هن جون اڳيون ٽنگون هن جي ٻاهر ڪڍيل ڇاتيءَ کي آڌار ڏيئي گردن کي اونچو اٿائي سندس منهن کي گنڀير ڏيک ڏيئي بيٺيون هيون. سندس اکين ۾ قدرتي ڪاجل جي سرائي ڦيري ڇڏي هئي. سندس نراڙيءَ تي پيلي نشان مان براهمڻ ديوتا جي نراڙي ٻکي رهي هئي. هڪ عجيب ۽ ڏهڪائيندڙ خيال براهمڻيءَ جي من ۾ اچي واسو ڪيو. شايد شايد ... هن ڪتي ۾ سندس پتيءَ جي آتما موجود آهي. هن جي سرير ۾ سيات پنهنجي ويو.

ٻيءَ گهڙيءَ هن داٻلي ۾ همت وڌو. ڦلڪو ڪڍي ڪتي طرف وڌايائين تہ هن جي نظر ڪنڌ ۾ رکيل جوٺي ٿالهيءَ تي وئي جا ڪيترن ڏينهن لاڳو اتين پيئي هئي. ٿالهيءَ کي هن نہ مليو هو جو اها ڪتي جي جوٺي ڪيل هئي. هيئنر ڦلڪو ٿالهيءَ ۾ رکي

ڪتي جي اڳيان رکيائين. ڪتو ٿورو ڇرڪيو، ٻراهمڻيءَ جي منهن ۾ نهاريائين ۽ پوءِ ڪنڌ جهڪائي کائڻ لڳو.

آسمان ۾ ڪڪر ٿي آيا هئا. ٿڌي ۽ گهميل هوا گهوگهاٽ ڪري برسات جي اچڻ جو سنيهو ڏيئي ڊوڙندي ٿي ويئي. رکي رکي وڄ جا چمڪاٽ ڪري اونداهي رات کي ڀيانڪ روپ ڏيئي اَلوپ ٿي ٿئي ويئي. ڪوٺيءَ ۾ ٻٽي ڦڪو پرڪاش ڏيئي پٽين تي اُداس ۽ ٿورن جهڙا پاڇا اُڇلائي ڇڏيا هئا. پريا جون اکيون کليل هيون. ههڙي ڌڪائيندڙ رات جي ڀيانڪ سناٽي ۾ اَڪيلائيءَ جو احساس هن جي ڪليجي ۾ سوُر اُپائڻ لڳو. هنڌ تان اُٿي هوءَ جاري تان گيتا ڪڍي پڙهڻ لڳي. هاڻي برسات جا ڦڙڪارا دريءَ سان ٽڪرائجي ٻراهمڻيءَ جي هردي ۾ ڏڪڻي وجهڻ لڳا. ٻاهر ڪتي جي هلڪي ڀوُنڪ وارو منڊل ۾ درد ۽ سوز ڀري ڇڏيو هو. تڏهن اندر ۾ اهو آواز آيس: پريا، تنهنجو پتي برسات ۾ پسجي رهيو آهي. گهڙي کن هوءَ ٿنڀيءَ ۾ ٿڄي ويئي. ۽ پوءِ ڪتي جي پيرن جي آهٽ ٻڌي هيسجي ويئي. هوءَ در وٽ اچي بيٺي.

در کوليندس پريا، هي تنهنجو پتي نه سهين پر تون ڇا پسن تي دٻا ڪرڻ به نه سکي آهين. در کوليندي ئي تيز ۽ برفائين هوا ڪمري ۾ گهڙي ڦهلجي ويئي ۽ ڏٺائين ته ڪتو برسات ۾ پسجي ۽ ڏڪي رهيو آهي. ٻراهمڻيءَ

ڪي ڏسي ٻچ لوڏي ڪوٺيءَ ۾ هليو آيو ۽ هڪ پاسي ڪپ ڪوڙي پنهنجي جسم ۾ منهن لڪائي سمهي پيو. ٻڍا هڪ پراڻو ٽلهو وستر آڻي ڪتي جي مٿان اُڇليو.

صبح جو جڏهن هوءَ جاڳي ته ڏسي ته ڪتو پنهنجي جاءِ تي نه هيٺي ڪونه. رانڌي ۾، ڪٽڻ هيٺان، پيٽين پنيان، ميرن ڪپڙن ۾، جاري ۾ ڳولهيائينس پر ڪتو چوي نه مولڪي همت نه لاءِ. در بند هو، دري بند هئي، ٻي ڪا ڳڙڪي ڪانه هئي. براهمڻيءَ کي حيرت وٺي ويئي ته آخر ڪتو ويو ڪيڏانهن.

آخر هوءَ هند وڪوڙڻ لڳي. ۽ جڏهن پٽوڙي مٿي ڪيائين ته ڏسي ڪتو ننگون ڦهلائي واڏڻ طرف آرام سان سمهيو پيو آهي. عجب ۽ هراس وچان وات ڦاٽي ويس. جانور ۽ انسان هڪ ٻئي کي سمجهن سا ڳالهه ورلي ڏسبي آهي.

رفته رفته ڪتو براهمڻيءَ جي دل ۾ جڳهه ناهيندو ويو. هو مهل ڪمهل گهر ۾ داخل ٿي سگهي، ٻارن سان راند ڪري، روٽيءَ لاءِ انتظار ڪري نه. براهمڻيءَ کي وهم ويهي ويو ته سندس سرڳواسي پتي سندس گهر ۾ اچي ٿو، پنهنجي ٻارن سان پيار ڪري ٿو ۽ هوءَ ڪيس روٽي کارائي پرسن ڪري ٿي.

هڪ لڳا چندر سڪولي سبق ياد ڪري رهيو هو: ڪتو هڪ وفادار جانور آهي. هو انسان جو سچو دوست

آهي. ٻراهمڻي غور سان ٻڌي رهي هئي ۽ سوچڻ لڳي ته اهوئي سچ آهي ۽ ڪتي ۾ سندس پتيءَ جي آتما آهي، سو ٻسورو سندس وهم آهي. هن جي ڪتي تي نگاهه پيئي. هن خامخواه ڪتي کي ڪارائي پيئاري ڦلهو ڏنبو ڪيو هو. ڪيس ڪتي جي وفائيءَ ۽ سچائيءَ سان ڪهڙو مطلب. هن ته وسٽا لاهي گهٽيئي ڀيرا گهر خراب ڪيو هو. ڪٿ تي لڪي لڪي سمهيو هو، ۽ ايترا زيان ڪيا هئائين جو هو جنسي آزار هئو. اُن مان ڇوٽڪارو پائڻ جو خيال ايندي ئي هن ٻر ۾ رکيل ڪاٺي کڻي ٻر ڪري ڪتي طرف اُڇلائي جنهن هُو مار کائي ڀڄي ويو ۽ وري واپس نه اچي. چوٽ کائي ڪئو ڪئو ڪري ٻاهر ڀڄي ويو.

اُن جي ٻئي ڏينهن جڏهن ٻراهمڻي پوڄا بعد پرساد ورهايو ته هن ڪتي کي سيٺي جي پنيان وهنل ڏٺو. تڏهن هن ونيه ڪمار کي پرساد ڏيندي چيو، "توهين مهرباني ڪري هن ڪتي کي ڇڏي نه ايندا؟"

ونيه ڪمار وراڻيو، "ڪنهن کي ٻي گهر ڪرڻ جو پاپ مولڪان ٿي ڪرائين؟"

"ڇا هن ڪتي کي پالڻ جو ذرم مونتي ني آهي؟ توڪان ڀڄي ته تون ڪٽي ڪيس ڏار."

"مون وٽ هن جي ديک-ڀال ڪير ڪندو. چڱو، چئين ٿي ته ڪتي کي ٻئي پاڙي ۾ ڇڏي ٿو اچان."

پوءِ هن ڪتي کي ٻنهي هٿن ۾ قابو ڪيو.

ٻيءَ گهڙيءَ جي ٻاهرين پاسي وڃي ڪتي کي ڇڏيائين. ڪتو اتي ويهي رهيو. اَڪيلو ڇڏي ڏنل جنهن جي دنيا ۾ ڪا گهرج نه هئي. واپس ايندي ونيه ڪمار پٺيان مُڙي ڏٺو ته ڪتو ساڳيءَ طرح زمين ۾ نهاري رهيو آهي. شايد هيءَ ڌرتي ڪيس نرالي لڳي جتي چئني طرفن کان سرد هوا لڳي ٿي، جتي گرم ٿيڻ لاءِ ڪا ڪنڊ ڪانهي. جتي ٻڪ مٿائڻ لاءِ گهر ڏياٽي روٽي نٿي پچائي. ائين سوچيندي ونيه ڪمار جي اکين ۾ آنسو اچي ويا.

پريا کي، ڪتو پرئين پاڙي ۾ ڇڏي اچڻ جو ٻڌايائين ته هن سامت جو ساهه کنيو ۽ منهن تي اَحسانمنديءَ جو ڀاوَ آڻي چيائين، "توهين اَڄ مونکي گهر جي صفائي ڪرڻ ۾ نه وڻائيندا؟"

اَهڙيءَ پنهنجانيءَ واري حجت وليه ڪمار کي ٻوڌ ۾ آڻي ڇڏيو. هن چيو، "پريا، هن گهر کي سندر بڻائڻ لاءِ مان سڀ ڪجهه ڪري سگهان ٿو."

ٽڪون جاري تان هيٺ لاهڻ، ڪٽون اُپيون ڪري چنڊ ڦُوڪ ڪرڻ، هنڌ ٻاهر اُس ۾ سڪائڻ ۽ کوهه تان پاڻيءَ جا ڏول ڀري اچڻ جو ڪم پريا جي آڳيا پٽاندڙ ڪندو رهيو.

پريا فرش ڌوئي رهي هئي ته وليه ڪمار چيو،

"گهڻن ڏينهن بعد تنهنجي منهن تي مرڪ ٿو ڏسان، مونکي وهائڻ مان توکي ايڏو مزو ٿو اچي؟"

... ...

ونيه ڪمار هن جي قريب آيو. سندس ڪرائيءَ کي پڪڙي سڏيائينس، "پريا!"

پريا جي اکين ۾ جل ڀرجي آيو.

"ٻڌاءِ نه تون ايتري ۾ ڇو روئي ويٺينءَ؟"

ٽڏهن هن جهڪي آواز ۾ وراڻيو، "مان نه پنهنجي گذريل حياتيءَ کي ياد ڪري آنند ماڻي رهي هيس پر تو مونکان کهڙيون ڳالهيون پڇي منهنجو آنند کسي ورتو. ونيه بابو، مونکي پريا ڪري نه سڏيو. براهمڻي ڪري سڏيو يا ٻئي ڪنهن نالي سان ڪم هلي ويندو."

ونيه ڪمار جي اکين ۾ چمڪ اچي وئي. هوءَ هن جا ٻئي هٿ پڪڙي چيائين، "ڪرانتي!"

"مان توکي ڪرانتي ڪري سڏيندس." پريا شرمائجي وئي، هوءَ ڪيس ڇڪي مٿي ڏڻ لي هو نه براهمڻيءَ جو وڏو هٿ چندر ڪمري ۾ اچي ويو. هوءَ هتي فرش ڌوئڻ لڳي وئي.

شام جو هوءَ دروازي وٽ بيهي مندر سپنا ڏسي رهي هئي ته اوچتو ڪتي کي اڱڻ ۾ گهڙندو ڏسي ڇرڪ نڪري ويس. هٿ مان ڄڻ ڪجهه ڪري پيس، نڪر ۾ دروازو بند ڪري ڇڏيائين. دل ده ده ڪري

ٻـپا ڏيڻ لڳس، سوير ۾ ڏڪڻي وٺي ويس. اوهه! منهنجو سرڳواسي ٿي اچي ويو. منهنجي لوڪ پرلوڪ جو مالڪ منهنجي خيالن تي، منهنجي هر ڇڙپڙ تي پهرو ڏيئي بيٺو آهي. هوءَ ٺاڪرن جي مورتين اڳيان جهڪي ٻنشائڻ لڳي. اُپوتر ويچارن کي من مان ڪڍي پتورتا جو دان گهرڻ لڳي ته ذهن چنچل من وچي ساانت ٿيس.

اَڳـڻ ۾ پراڻين سون جون نديون پـتيون ڪٽي راهمڻيءَ ڪتي لاءِ گهر ٺاهيو. ڪٿو، ٿالهي ۽ وٽـو اُن گهر ۾ رکي ڇڏيائين ۽ چندر ڪتي جي ڳچيءَ ۾ لوڙهي ٻڌي ڇڏي.

هڪ ڏينهن وليه ڪمار چيو، "ڪرانتي! پاڻ کي ۽ مولڪي ايڏي سزا ڇو ڏيئي رهي آهين؟"

"هن ڪالپوهه براهمڻيءَ جي گهر نه اچڻو. سمجهو ته هوءَ مري ويئي."

"ڇو؟"

"مولڪي ڊپ ٿـو ٿئي. اسانجي ڪافي گلا آهي. منهنجا شڙالو گهڻجي رهيا آهن ڇاڪاڻ جو ڪين اسان جو سنبند ٽٽو سونهين ۽ ڇاڪاڻ ته مون هڪ ڪتي کي ڏاريو آهي."

وليه ڪمار کـلي چيو، "تنهنجي ڳـوٺ وارن وٽ شراب خوري، پرايون استريون پچائڻ، جوئـا کيڏڻ ۽

پرائو ڌن هضم ڪرڻ کانسواءِ ٻيو ڪهڙو ڌرم وڃي بچيو آهي؟ هنن اَڌرمين کان تون هلي آهين نياءُ ڪرائڻ؟"

"ذرا آهستي ڳالهاءِ. ڪير ٻڌي ته هوند منهنجو جيئڻ ذلت ٿي پوي."

"ان طرح منهنجي جذبات کي نه ڀڙڪاءِ، ڪرانتي."

پوءِ پريا جي نزديڪ وڃي هن چيو، "تون مونسان هلي هل. شهر ۾ مونکي ڌنڌو آهي ني. اسين پنهنجو گهر ناهي رهنداسين."

پريا ڏڪندڙ آواز ۾ چيو، "اهڙيون ڳالهيون نه ڪر. جهلي ٿي ڇڏيانءِ ته هٿ نه اچجو. سمجهجو ته هٿ توهانجو ڪير نه رهندو آهي."

وليءَ ڪمار جو ڪنڌ جهڪي ويو ۽ ٿڌو ساهه کڻي ٻاهر نڪري ويو. پريا هن کي ويندو ڏسندي رهي. هن ڪتي کي به ڏٺو جو پڇ لوڏي رهيو هو. اَچانڪ هن محسوس ڪيو ته ڪتو اَڳي کان وڌو ٿي ويو آهي. هن جي هڏين تي ٿلهو ماس ۽ ٻخملي کل چڙهي آئي آهي. هن کي هڪ خيال آيو. هن آهستي رڙ ڪئي، "وليءَ بابو."

هوُ بيهي رهيو ۽ پٺيان ڦري چيائين، "چئه."

"توهين هن ڪتي کي ڪنهن ڏوراهين ماڳ تي ڇڏي اچو. ائين ڪندا؟"

"جيئن چوين. ڇا هميشه تي ڇڏي اچانس."

"نه نه. ٿورو ترسي اچو."

هو ٻيهر آيو ته ڏٺائين ڪتو ٿالهيءَ ۾ پرسيل لذيذ ڀوڄن کائي رهيو آهي. ٿالهي جڏهن خالي ٿي ويئي ته پريا چيو، "هن کي هاڻي توهين بلاشڪ وٺي وڃو." ڪتي کي نوڙيءَ کان ڇڪيندو هو ٻاهر نڪري ويو.

ونيه ڪمار ٽي ميل پنڌ ڪري خانپور جي ڳوٺ ۾ پهتو. ڪتي کي اتي ڇڏڻ هن ٺيڪ سمجهيو. بازار جي ٻاهران هڪ وڻ هو جو هوا ۾ جهولي رهيو هو. اُن جي چوڌاري نوڙي ڦيري ٻڌي ڳنڍ ڏيئي ڇڏيائين ۽ پوءِ بازار ۾ هليو ويو. هن نارنگيون ۽ زيتون خريد ڪيا. ٿورو اڳيان وڌيو. اُتي ڪاسائيءَ جو دوڪان هو. اُتان هن ڪجهه گوشت ۽ ڇيڇڙا ورتا ۽ واپس اُتي آيو جتي هن ڪتي کي وڻ سان ٻڌو هو.

ونيه ڪمار ڪتي جي اڳيان گوشت رکيو. ڪتي ڪنڌ ڪڍي هيٺ ڪيو ۽ پوءِ ڪنڌ مٿي ڪڍي هن جي منهن ۾ گهورڻ لڳو. پنج منٽ، ڏهه منٽ، پندرهن منٽ ونيه ڪمار ترسيو پر هن گوشت نه کاڌو. ونيه ڪمار کي ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو. آخر واپس هلڻ لڳو. هن هڪ دفعو ڪتي کي ڏٺو. ڪتي جي منهن تي وڇڙ ۽ ڀيانڪ ريکائون نهي آيون هيون. اُداس ملول ۽ ٻوڙيندڙ اکيون، نڪ جي چوٽي مٿي کڄي ويل، ٽنگون پٺتي ڇڪجي ويل ۽ باقي جسم ٽاڪجي بيٺو

هوس. ڪٿي اونابو. گويا هو ڪيس دانهين ٿي چئي رهيو هو ته مونکي هت ڪنهن جي آسري ڇڏي ٿو وڃين.

جيستائين هو ٻهنجي ڳوٺ نه پهتو تيستائين هن ڪان ڪٿي جي اُها وچتر صورت نه وسري. ٻراهمڻيءَ کي هن زيتون ۽ نارنگيون ڏيئي چيو، "هي پرساد آڻي ديوتائن لاءِ."

پريا پرساد وٺي پڇيو، "ڪٿي کي ڇڏي آيا؟"

"ها، هوُ هاڻي واپس نه ايندو."

جنهن تي پريا ٿڌو ساهه کڻي چيو، "هاڻي مان اڪيلي جيان رهنديس."

سياري جي سرد هوا مان سيات لڪري ويو هو ۽ هاڻي بسنت رت جي فرحتي هير ٿن من ٺاري رهي هئي. موسم جي رنگينيءَ پريا جي دل تي پالا ۽ برچ کيرايا. يڪايڪ هن محسوس ڪيو ته هن گهر جون ديواريون ڦٽيون ڦاٽي ٿي ويون آهن، ڇتين ۾ سوين سوراخ پئجي ويا آهن، درن ۽ دروازن کي اُڏوهي کائي ڪمزور ڪري ويئي آهي. ڪاڪرن جون موريون پڇي ٽٽي ويون آهن، صدين جا سانديل ذرمي ٻستڪ سڙي خاڪ مثل ٿي ويا آهن. جڏهن هرطرف خوشبودار گل ٽڙي پيا آهن، وڻ ٻيلا ٻن ڇاڻي سبز ويس اوڍي رهيا آهن، ڏرتي بهاريءَ جو مڌر گيت ڳائي نچي رهي

آهي ته اهڙي سمي هن جي دل ٻڏڻ لڳي.

هيڏي هوڏي نهاري پريشان ٿي ويئي. در وٽ بيهي گهٽيءَ جي موڙ طرف ڏسندي رهي. ٻئي هڪ دنيا آهي — هڪ نرالي دنيا جتي خوشيءَ جا خزانا پيل آهن. هوءَ اندر آئي ۽ چندر کي چيائين، "وڃ ونيه ڪمار کي چئه ته توهانکي سڏي ٿي." ونيه ڪمار جو تالو ڳنهندي هن کي اندر ۾ ڪنڪناٽي ٿيڻ لڳي. هن جي ساڙهي هوا ۾ ڦڙڪڻ لڳي. منهن تي ڪرنڊڙ وار ٿڌڙا ڪيڻ لڳس. وقت وڌڻ سان هن جي دل جي ڌڙڪڻ تيز ٿي ويئي. جڏهن چندر اچي چيو ته ونيه ڪمار جي گهر تالو لڳل آهي ته هن جي تن من ۾ نراسائي ڇانئجي ويئي.

ان رات جو چندر کي ٻاٽ پڙهائڻ ڪالمس نه پڳو. هو ۽ پنهنجي منهن سبق دهرائي ننڍاڪڙو ٿي سمهي پيو. ننڍڙو ٻار ته گهٽي وقت کان ننڍرا جي گود ۾ هو، باقي ٻريا جاڳندي رهي هئي. ان وقت ونيه ڪمار شهر مان موٽيو هو. ٻئي ڏينهن هوءَ صبح جو سوير ڳوٺ ڇڏي وڃڻ جو فيصلو ڪري آيو هو ۽ جنهن وقت براهمڻي جاڳي رهي هئي ته هن اچي در کڙڪايو. کڙڪو ٻڌي هوءَ دهل پيرن سان ڊوڙندي آئي. پڇيائين، "ڪير؟"

"ونيه ڪمار."

"اوهه!"

در کولي هن چيو، "اچو اچو، اندر اچو" ۽ هوءَ پرپا جي پٺيان هلڻ لڳو. ان جي ٻن چئن منٽن بعد اهو ساڳيو ڪتو، پرپا جو پالتو جنهن کي وليه ڪمار چار ڏينهن اڳ خانپور جي ڳوٺ ۾ وڻ سان ٻڌي آيو هو، سو گهر ۾ گهڙيو ۽ ورانڊي ۾ هڪ طرف چپ چاپ ويهي رهيو.

"ڪرانتي، مان سياڻي هتان هليو ويندس. وڃڻ کان اڳ توسان ملڻ جي خواهش ٿي. ڪا غلطي ٿي هجي ته معاف ڪجـ چڱو." ۽ هوءَ وڃڻ لڳو.

"توهين ڪجهه ڏينهن ترسي نٿا سگهو؟"

ان التجا ٿي هن ڪرانتيءَ جي اکين ۾ پنهنجون اکيون کپايون، هن جا چپ ڦڙڪيا. هن جذباتي نوع ۾ وراڻيو، "تنهنجي جا اِڇا آهي ته مان پنهنجي دم پوسائيندڙ ڪوٺيءَ ۾ اڪيلو پيو رهان ۽ نڪمو گذاري پنهنجي حياتي برباد ڪري ڇڏيان..."

"وليه ڪمار!"

هن جا وڌندڙ قدم ٿمجي ويا. ڪرانتيءَ پٺيان وڃي سندس ڪلهي تي پنهنجو منهن رکيو. وليه ڪمار جي جسم ۾ بجليءَ جي لهر ڊوڙي ويئي. هن ڪرانتيءَ جي ڪلهي کي ڌوڏي چيو، "ڪرانتي، تون ڇا ٿي چاهين؟"

"ونيءَ!"

هوءَ اَواڪ رهجي ويو.

"ڇا، تون مونسان گڏ هلندينءَ؟"

"ها." هن پٽ پٽ ڪئي.

ونيءَ ڪمار لرزندڙ گرمائش محسوس ڪئي. گرمائش جا ورهين کان سانڍيل هئي، جا ڪرانتيءَ جي هر اَنگ کي ڇُهڻ جي خواهش رکي ويٺي هئي، جا نس نس مان اُڇلون ماري رهي هئي. جئن سمنڊر جون اَڇل لهرون ڪناري کي وري وري ڇُهڻ ۽ چُمڻ جي چاهنا رکنديون آهن. ونيءَ ڪمار هن کي آغوش ۾ آٽي دٻايو ۽ اچا ۽ ڪيس ڄڻ سيني ۾ سمائي ڇڏيندو، پاڻ سان جڙي ڇڏيندو. ڪرانتيءَ جا گرم سانس، هن جي سيني جي گولاين جو وڌاءُ ۽ گهٽاءُ سندس هر اَنگ مان نڪرندڙ جوڀن جي جلوي اَڳيان ونيءَ ڪمار جون اکيون اَنڌيون، زبان گونگي ۽ ڪن ٻوڙا ٿي ويا.

ڪرانتيءَ محسوس ڪيو ته ٿڌي هير هنجي جوانيءَ کي هوريان هوريان لوڏي رهي آهي. دور دور جهنگلن مان ڪويل جي "ڪهوُ ڪهوُ" ايندي ٻڌائين. ٻهنجي پيرن هيٺان سرشٽيءَ کي لتيڙ ڪندو ڏٺائين. آتم سنجم مان ڇڙڪارو ۽ نئين دنيا جي آنند ملڻ جي خوشيءَ وچان هوءَ ٻهڪي رهي هئي.

هاڻ هوءَ پرڪڻ لڳي، جئن ڪنهن آڳاٽي

خوبصورت عمارت جون ديوارون لڳي طوفان ۾ ڦرڪنديون آهن. هوءَ ليٽي پيئي — مدمست ۽ مدهوش — چپ اڌ کليل، جسم جا عضوا هيڏي هوڏي ڦهليل ۽ ڪارا گهگهرو وار مور جي پکن جيان چوطرف ٽڪريل. هن جون وڏيون گهريون اکيون پورجي رهيون هيون جو...

اَچانک هوءَ هڪ ڀيانڪ چيخ ڪري اُٿي. اکيون ڦاٽي ويس ۽ چهري تي هراس ۽ مردني ڇانئجي ويس. سامهون ڪتو بيٺو هو. هُو اَڳيان وڌيو ۽ ڇلانگ ماري ولهه ڪمار مٿان ٽپو ڏنائين ۽ اَک ڇنڀ ۾ هن جي ٽنگ ۾ چڪ وجهي فرش تي ڪيرايائين.

ڀريا جا وار ڪڙا ٿي ويا هئا، بدن ۾ ڏپ جون لهرون ڊوڙي رهيون هيس ۽ حيرت وچان وات تي هٿ ڏئي ڇڏيو هئائين. هوءَ سموري همت ڪٺي ڪري هيٺ لٿي ۽ ڪتي کي هڪل ڏيئي ولهه ڪمار جي ٽنگ ڇڏايائين.

هُو ٿڙندو ٿاٻڙندو پٽ پٽ ڪري ٻاهر نڪرندو چوندو ويو، ”ڪتا، تو مونکان بدلو ورتو.“ هُو جڏهن اونده ۾ غائب ٿي ويو ته ڀريا ڪتي کي چنبڙي پيئي ۽ هن جي اَکين مان ٻه قطرا پاڻيءَ جا ڪري پيا.

قرض جي درخواست

لعل پشپ

ليڪن اڃا تائين شايد هيڊ ڪلارڪ جي نظر هن تي نہ پيئي هئي. جنهن اهو سمورو وقت پٽين سان ڳالهائيندو رهيو هو.

"پليز سر،" هن وري نئين سر ڳالهائڻ شروع ڪرڻ چاهيو.

"هڪ منٽ ترس،" هيڊ ڪلارڪ چئي وري فائيل ۾ گم ٿي ويو. "ضروري ڪيس آهي."

هو فيصلو ڪري نہ سگهيو تہ اهي لفظ هن کي يا ڪنهن کي ٻہ) چيا ويا هئا يا محض هوا ۾ اُڇليا ويا هئا. ظاهر هو، ۽ جيڪڏهن هن کي اُن ۾ شڪ آهي تہ هوءَ ڇسو آهي، تہ هن کي اڃا ترسڻو پوندو. هن چوطرف نهاريو، سڀن کي ڏٺو ۽ جيتوڻيڪ ڪيس پڪ ٿي تہ ڪنهن جو بہ ڌيان هن ڏانهن نہ ويو آهي، هن جي ڳالهايل لفظن کي ٻڌڻ جي تہ دور جي ڳالهہ هئي، تنهن هوندي بہ ان نسبت هو نرتئہ نہ ڪري سگهيو تہ سڀن جي يا سڀن مان ڪن جي نظر مٿس هئي يا نہ-

۽ هن جي ان ڀڪ جي ڪاٿ ڪي اهو آئرنڪ جو ڪيترو ڪائيندو رهيو.

وقت جو هوش هن کي نه رهيو هو، هن کي لڳو ته جيڪڏهن اهو سمورو وقت ان سو درد ۾ ڦاٿڪي ته الجهائي رکي ها ته سيٺ جو پا سيٺ مان ڪن جو ڏيان مٿس هو پا نه. ته هوءُ ڀڪ ئي ڀڪ اهو اندازو لڳائي سگهي ها، اگر انهيءَ حالت ۾ چاهي ها ته، ته هيڊ ڪلارڪ اڳيان ٻيهڻدي ڪيس ڪيترو وقت ٿي ويو آهي.

”اڄ مان سخت ’بزي‘ آهيان.“

هن ٻڌو ۽ چوڻ چاهيو ته اگر اهو سچ آهي ته پوءِ صبح جو سڄو سارو ڪلاڪ ڪئنٽينيا جي هڪ ڪنڊ ۾ مسز ديشپانڊي سان چانهه جون چسڪيون ڪير پيئي رهيو هو ۽ ٽرڳيل واڄ مان واهيات مسڪراهٽ ڪير وهائي رهيو هو.

ليڪن هن ڪجهه نه چيو. هن کي سڌ هئي ته هو ڪجهه نه چوندو. ڪي ڳالهيون فقط ٻڌڻ لاءِ ٿينديون آهن. ۽ سوچڻ لاءِ. ائين ئي پلا هو هيڊ ڪلارڪ کي ٻڌائي ڪٿي ٿي سگهيو، انهيءَ ۾ ڪلارڪ ۽ هيڊ ڪلارڪ جو فرق نه آهي، سوال اهو آهي ته هو پاڻ ئي ته ’آن ڊيوٽي‘ هو ۽ ڪئنٽينيا جي سڀ ڪان ڀرينءَ ڪنڊ ۾ ويهي هيڊ ڪلارڪ جي واهيات مسڪراهٽ کي هن

جي واچ مان وهندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ٿوري دير کان پوءِ هڪڙي ماڻهوءَ پاڻ کي آفيس ۾ ڪلارڪ کان اول آيو هو ۽ دير سان نڪتو هو.

"توکي ڪجهه چوڻو آهي؟"

"هان، پنهنجي درخواست بابت آيو آهيان."

"ڇا جي درخواست؟"

"پراويڊنٽ فنڊ - قرض جي."

"درخواست ڪڏهن ڏني هيئي؟"

"سر، توهانکي اها ته سڌ آهي، هفتو اڳ توهان ڏي هو ته سپرنٽينڊنٽ جي سئڪشن وٽي اڪائونٽس آفيس ڏانهن موڪليندا."

"ته ڇا اڃا نه موڪلي اٿم!"

"سر، اڪائونٽس آفيس ۾ مان ڪالهه ويو هوس. انچارج ٻڌايو ته اهڙي ڪابه درخواست هن جي هٿن ۾ ڪونه آئي آهي."

"ڊسپيچ ڪلارڪ کان جاچ ڪرڻ ها."

"سر، هو ته مئٽرنٽي - موڪل تي آهي."

"ته هن جي جڳهه تي ٻيو ڪلارڪ هجڻ گهرجي. تون ائين ٿو چوڻ چاهين ڇا ته ڊسپيچ ڪلارڪ بنا ڪم هلڻ ممڪن آهي!"

"اهو برابر آهي سر، پر سڌ پيئي ته هوءَ اڄ کان موڪل تي ويئي آهي ۽ هن جي جڳهه تي ٻئي ڪنهن

ڪلارڪ کي مقرر ڪرڻ جو اجا آرڊر نہ ڪڍيو ويو آهي!"

"تہ ان کي مان ڇا ٿو ڪري سگهان، ٻڌاءِ؟"

"سر، توهان هفتو اڳ، انجام ڪيو هو تہ توهان ڏسندا تہ هفتي اندر مونکي قرض ملي رهيو آهي توهانکي سڌ آهي تہ منهنجي حالت ... منهنجو ڪيس بلڪل جينئن آهي ..."

"انڊمنسٽريشن جو انهيءَ ڳالهہ سان واسطو ناهي تہ تنهنجو ڪيس جينئن آهي يا نہ. مکيہ ڳالهہ آهي گهربل فارم پوري تنهن سان گڏ سرٽيفڪيٽ پيش ڪيو ويو آهي يا نہ، تنهنجي حالت ۾ ..."

"ها. سر، مون گهربل فارم پوري تنهن سان گڏ پنهنجي فئملي ڊاڪٽر جو سرٽيفڪيٽ پيش ڪيو آهي تہ منهنجي زال هن جي زير علاج آهي ۽ هن جي ڏنل دوائن وغيره جو بل اسانکي ڀرڻو آهي."

هيڊ ڪلارڪ چيس، "چڱو تہ تون ٿورو وقت ترسي اچ تہ تيسين مان هن فائيل مان فارغ ٿي وٺان."

هن چوڻ چاهيو تہ "سر، هفتو اڳ، بہ توهان ..."

ليڪن هن ڪجهہ نہ چيو. هن کي سڌ هئي تہ هو ڪجهہ نہ چوندو. کي ڳالهيون فقط ٻڌڻ لاءِ ٿينديون آهن. ۽ سوچڻ لاءِ.

جيتوڻيڪ کي گهڙيون اهڙيون آهن، جن ۾ هو

سوچيندو آهي، پوئين ڳالهه ته غير ضروري آهي- سوچڻ. غير ضروري. بي معنيٰ.

هو اُتان هئي ٻاهر نڪتو وقت پاس ڪرڻو پوندو. ڪيترو؟ 'ٿورو.' ليڪن اهو 'ٿورو' نه معلوم ڪيترو ٿيندو آهي. هر چوندڙ اَلڳ اَلڳ، پنهنجو پنهنجو حساب رکي ماپيندو آهي ۽ مزو اهو آهي ته هن کي به ان جي ماپ جي پوري سڌ نه هوندي آهي. ۽ پوءِ به اها شيخي ته هر لفظ جي، لفظ جي به، معنيٰ ٿيندي آهي! 'معنيٰ' ڪهڙي لفظ جي ٿيندي آهي؟ غور ڪرڻ سان، گهٽ ۾ گهٽ هن کي لڳندو هو، جڏهن هن وقت ان 'ٿوري' تي غور ڪيو هو ۽ ڪيس لڳو هو، جيتوڻيڪ هو اهو سڀ پنهنجي مرضيءَ خلاف ڪندو هو، اهو غور ٻڌڻ ڪرڻ هن کي بيڪار ڳالهه لڳندي هئي. اَصل ۾ ڪيس لڳندو ڪجهه نه هو، نه هر لفظ بي معنيٰ آهي - معنيٰ لفظ سوڌو. ليڪن اسان ڏسندا نه آهيون. روزمره جي جيئي جيون طرف اسان ايترو ايماندار آهيون جو انهيءَ اونداهين سڄ طرف بي ايمان بڻجي ويا آهيون.

هوَ، جتي نه ويٺو هوس، اُتي به ويو، نه جڏهن هيڊ ڪلارڪ جو اهو "ٿورو" پورو ٿئي. ويل وٽ به هو سڀئن تازين اخبارن جا وڏا سرا پڙهي ويو. جيتوڻيڪ اها ڳالهه هن کي اَڻ وڻندڙ، وقتي اُبتا ڏيارائڻ جي

حد ٽائين، لڳندي هئي. انهن خبرن ۽ آفيس جي فائيلن ۾ نه معلوم ڪٿي، نه معلوم ڪهڙي هنن کي هڪجهڙائي محسوس ٿيندي هئي.

هو جتي ڪٿي ويو ۽ هرهنڌ بيٺو. جيترن هنڌن تي هو ويو ۽ جيترو هرهنڌ بيٺو، ان مان هن يقين ڪرڻ چاهيو ته ڪافي وقت گذري ويو هوندو ۽ هيڊ ڪلارڪ جو اهو ”ٽورو“ ڪڏهن جو پورو ٿي ويو هوندو. ٻڪ ڪوڻ لاءِ جڏهن (هن ٻوءِ ڀاڻڪي پڪڙيو ته هن اهو سڄو وقت جاڻي واڻي پليٽفارم تي لڳل راڪاسي گهڙيال طرف نه نهاريو هو، شايد ان ڊپ کان ته پنهنجو اهو يقين ته وقت ڪافي چست رفتار سان اڳتي وڌي رهيو آهي، هو وڃائي نه ويهي ۽ پنهنجي ان يقين ۾ هن ڏار وجهڻ نٿي چاهي) هن انهيءَ راڪاسي گهڙيال طرف نهاريو (ان جي ٻن ڊگهن ڪانٽن جي هو هميشه هيڊ ڪلارڪ جي ٻن شارٽ ٽنگن سان ڀيٽ ڪندو هو!) ته هو اندر ۾ سڄو خالي ٿي آيو: فقط ڏهه منٽ گذريا هئا!

وقت فقط ڪئفٽيريا ۾ ئي گذرندو آهي. ان کان ٻاهر ڇرندو ۽ غلطي هن جي هئي، هن سوچيو، جو هو سڌو ڪئفٽيريا ۾ ڪونه ويو.

ڪافي پيڙ هوندي به هڪ ڪنڊ ڪئفٽيريا ۾ هن کي ملي وئي. هن جاڻي ٻجهي ڪافيءَ جو آرڊر ڏيو

سان ڏنو. جڏهن ڏنو ۽ ڪافي آئي ته هن ڄاڻي ٻجهي ننڍڙيون چسڪيون، وچ جون وقت جون وٿيون رواجي طرح کان وڌيون وجهي، پيئڻ لڳو.

اهو سڄو وقت هو پاڻ کي ان سوچ کان الڳ نه ڪري سگهيو ته درخواست سان گڏ ڊاڪٽر جو سرٽيفڪيٽ هن چڱيءَ طرح چنبڙايو هو يا نه، ڪٿي ٽاچڻي، جيتوڻيڪ هن چڱيءَ طرح ٽنبي هئي، ڪري ته نه پئي. ڇو ته ان حالت ۾ هن کي وري نئين سر انهيءَ ذليل قرض جي سر انجامي ڪرڻي پوندي. هونئن به (گويا اها ٽاچڻي ڪري به پئي هئي ۽ ڪري هن جي ديهه ۾ ٽنبجي وئي هئي) اها ڳالهه اڻ ٿيڻي ته نه هئي. ڪيترا ڀيرا ڪيترن کي ان ننڍڙيءَ ٽاچڻيءَ هيٺ مٿي ڪرايو هو. تازو مثال ڪپور جو آهي. ويچاري پنهنجي شاديءَ لاءِ قرض جي درخواست ڪئي هئي. مهيني ڪالپوءِ هن کي آفيشل ليٽر مليو، جڏهن شاديءَ ۾ باقي ڇهه ڏينهن وڃي بچيا هيس، ته تنهنجي درخواست واپس موڪلجي ٿي. گهربل سرٽيفڪيٽ سان اها وري پيش ڪر.

ڪپور به پڪو اڦٽ مار ثابت ٿيو. پڙهيل جاسوسي ناولن هن جي مدد ڪئي. هن وڏي آفيسر جي ٻاهران رڙو رڙ مچائي: اگر مون سرٽيفڪيٽ اٽيچ نه ڪيا ته پوءِ درخواست-فارم جي ڪنڊ وٽ ٽاچڻيءَ جا به نشان

ٽنگ ڪٿان آيا؟

نتيجي ۾ هيڊ ڪلارڪ کي حڪم مليو، هڪدم جاچ ڪري، سرٽيفڪيٽ "ٽريس" ڪري، منهنجي (يعني آفيسر جي) ٽيبل تي سرٽيفڪيٽ "سبمٽ" ڪري، سگهيچر وٺي پاڻ اڪائونٽس آفيس ۾ وڃ، دوٻرو قرض پاس ڪراءِ. مختصر ۾ ته مسٽر ڪپور کي ٢٤ ڪلاڪن اندر قرض جا پئسا ملڻ گهرجن. آفيسر پنيان اهو ٻه جوڙيو: هن راڻي ڪنٽريءَ ۾ شادي وري نه ٿيندي آهي (اگر قدرت ساٿ نه ڏي ته!) جو ڪنهن جي شادي- قرض جي درخواست هئي...

هن پاڻ کي ڦٽڪاريو ته هو ڪپور جهڙو سمارٽ ڇو نه ٿي سگهيو. سو ڪالڊ گهٽيا ڪتابن بجاءِ هن جاسوسي ناول ڇو نه پڙهيا ۽ سو ڪالڊ گهٽيا فلمن بجاءِ (جيڪي پنهنجو پيلو، چٽڙيل، بيمار ڇهرو نون نون رومانٽڪ گهونگهٽن سان ڍڪي ايندڙ آهن) هن ڪپور وانگر جيمس بانڊ جون فلمون ڇو نه ڏٺيون؟

ڪپور جي جڳهه تي جيڪڏهن هو هجي ها ته ايترو حوصلو ۽ ايتري دهشت گڏ ڪري سگهي ها؟ هجي ها ڇا، قرض ڪري هاڻ، هتان اٿڻ بعد ۽ آفيس ۾ هيڊ ڪلارڪ سامهون ڪڙو ٿيڻ بعد، ساڻس ساڳي حالت ٿئي ها ته ڪپور جو مثال قائم ٿيل هوندي به هو ايترو حوصلو ۽ ايتري دهشت ڏاري سگهندو؟

شايد.

شڪ آهي.

نه.

پڪ آهي.

نه.

اگر، انهيءَ حالت ۾، هو رڙيون ڪرڻ چاهيندو ته آواز نه نڪرندس، هٿ لوڏيندو رهجي ويندو، لوزندڙ هٿ. تمام گهڻو ڳالهائڻ چاهيندو ته خاموش رهجي ويندو، ٻيءَ حالت ۾ انت شمت ڳالهائي ويندو، تمام تڪڙو تڪڙو، ۽ پوءِ اوچتو روڪجي ويندو، راهه وڃائي ويهندو - جئن اسپيڊ ۾ ڊوڙندڙ ٽرين اوچتو پٽڙين تان لهي پوي ٿي وڃي... يا ڦوڪڻي ۾ گهڻس تڪڙي تڪڙي پرجندي وڃي ۽ ڦوڪڻو ڦٽندو وڃي، ڦٽندو وڃي، ۽ پوءِ اوچتو ڦس ڪري ڦاٽي پوي... يا...

وڌيڪ ويهڻ هاڻ ناممڪن آهي. هو اٿيو.

هيڊ ڪلارڪ هن کي ڏسي مشڪيو. ۽ جڏهن چيو، "ڇو ڏاڍي دير لڳايئه؟" ته هن جو چهرو چمڪيو، ڪي ناڻجي آيل ريکائون پيليون ٿي، سسجي، ڇمڙيءَ ۾ جذب ٿي ويون.

"تنهنجي درخواست لڌي آهي."

"اوه، ٿئنڪ يو سر!"

"هاڻ هڪڙو ڪم ڪر."

”يس سر.“

”توهان توهان مسٽر گجرال سان ڳالهايو.“

”گجرال سان؟ ڇو سر؟“

”جنهن مان ڇٽي رهيو آهيان، سر.“

”او ڪي سر.“

”هان وت، هيءَ پنهنجي درخواست هن وٽ کڻي وڃ.“

”سر...“

”جنهن ڇوان تو، سر. تنهنجي ڀلائيءَ لاءِ آهي.“

”درخواست ۾ ڪا غلطي ته آهي؟“

”نه، تنهنجي ڪا غلطي نه آهي.“

”سر، مونکي ڇڱيءَ طرح ڪولي ٻڌايو، درخواست ۾ ڪهڙي غلطي آهي ۽ ڪهڙي آهي، اگر ٻئي ڪنهن جي غلطي آهي نه، ٻئي ڪنهن جي انڪري تو ڇوان جو توهان پاڻ ڇيو ته غلطي آهي پر منهنجي نه آهي، پر هاڻ اهو نه ظاهر آهي ته ڪٿي نه ڪٿي ڪنهن نه ڪنهن جي ڪا نه ڪا غلطي آهي اوس، مڪيه ڳالهه اهائي آهي، منهنجو مطلب آهي ته غلطي آهي پوءِ چاهي ڪنهن کان به ٿي آهي، پر مان پاڻ ٿي دوش کڻڻ لاءِ تيار آهيان، پوءِ ڀل منهنجو ڪو دوش نه هجي، پر مونکي پئسن جي سخت ضرورت آهي، مان توهان کي اول ئي ٻڌائي چڪو آهيان، منهنجي زال جو علاج

ڊاڪٽر جو چوڻ آهي ، اڃا جاري رکڻ گھرجي ، اڃا هن کي وڌيڪ سيون لڳڻ گھرجن ... سيون، ڏوائون، گوريون ٽانڪ ... توهان هفتو اڳ ڇيو هو ...“

هن بند ڪيو ۽ بيحد پڇتايو. هن کي ڀورين ڳالهه سمجھڻ کپندي هئي ته هيڊ ڪلارڪ يا هن جو گجرال ڇا ٿو چوي. هن دفعي به، غلط يا صحيح، هن سمجھيو، سڀني جون يا سڀني مان ڪن جون نظرون ڏانهس هيون. ايتري بڪواس ڪرڻ وقت، پاڻ کي بيوقوف سڏيندي هن سوچيو، سندس چهرو بلڪل بگڙجي ويو هوندو. هن جي ذهن تي پنهنجو اهو چهرو چڙهي آيو جنهن کان هن کي حقارت ايندي ۽ تنهن سان گڏ هراس، حقارت ۽ هراس. هڪ دفعي پاڻيءَ جي تلاءَ ۾ هن تري پنهنجو پاڇو ڏٺو. اٿليءَ ڇهوي ۾ ڪا چرپر، ڪا حرڪت، ڪا هلچل نه هئي. بلڪل پاوهيڻ، بي جان. پاڻيءَ تي نه پيل، پٿر ۾ اُڪريل، پوءِ اوچتو اهو پاڇو ٽڪرا ٽڪرا ٿي عجيب وغريب نموني بگڙجي ويو هو. ڪنهن پاڻيءَ ۾ پٿر اُڇلايو هو. ضرورت کان وڌيڪ، وس وڃائي، ڳالهائڻ بعد، يا ائين ڳالهائيندي، وچ ۾ اوچتو بند ٿي وڃڻ بعد، هن کي لڳندو هو هن جو اهو چهرو بڇجي ويو هوندو.

مسٽر گھرال، گوري بدن وارو پنجابي، پان چٻاڙي رهيو هو.

"مسٽر گجرال -"

"يس مسٽر ... اچ وڃ."

"مونکي مسٽر شيٽ موڪليو آهي."

"ان واٽ ڪنيڪشن؟"

"منهنجي هن درخواست جي باري ..."

هن درخواست مسٽر گجرال اڳيان رکندي چيو، "مسٽر شيٽ شايد اوهان سان ان بابت اول ئي ڳالهايو آهي."

"مونکي ڪجهه ياد نٿو اچي. پر تون ٻڌاءِ مان تو لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهان؟"

"مهرباني ڪري گائيڊ ڪريو ته هن درخواست ۾ ڪهڙي غلطي آهي، غلطي آهي ضرور، مسٽر شيٽ مونکي ٻڌايو آهي، جيتوڻيڪ منهنجي ڪا غلطي ڪانهي، مسٽر شيٽ مونکي ٻڌايو آهي، پر پوءِ به غلطي آهي ضرور، خالي اها خبر نٿي پوي ته ان ۾ ڪهڙي غلطي آهي، ۽ ڪنهنجي غلطي آهي."

هو وري سهڪڻ لڳو ۽ کيس لڳو ته هو پنهنجي ڳالهه چڱيءَ طرح سمجهائي نه سگهيو آهي، جيتوڻيڪ سمجهائڻ جهڙو ان ۾ ڪجهه خاص ڪونه هو. اها اهڙي رواجي هئي، پر کيس لڳو ان لاءِ گهربل لفظ وري به هن کي نه ملي سگهيا آهن.

گجرال درخواست ڏسندي چيو:

"برابر هن ۾ غلطي آهي."
هن عاجزيءَ سان نهاريو.
"مسٽر شيٺ برابر آهي."
هن ڪجهه به محسوس نه ڪيو.
"هيءَ درخواست نه هلندي."
"مسٽر گجرال..."
"هيءَ فارم رد ڪيو ويو آهي."
"مونکي خبر نه هئي."
"ائڊمنسٽريشن انهيءَ قرض لاءِ نئون فارم نڪرايو آهي."
"ڪهڙو؟"
"ياني، اها نه مونکي به خبر ڪانهي."
هن هڪدم اُتان هلي وڃڻ چاهيو.
گجرال وري چيو، "مون اهو نئون فارم سچ نه ڏٺو به ڪونهي. مان چاهڻ ٿو چاهيان نه ڪنهن به ڏٺو آهي! پوءِ به مونکي پڪ آهي نه هن فارم تي درخواست نه هلندي. اڄا ڪالهه موڪليل سڀ درخواستون اڪائونٽس آفيس مان واپس آيون آهن. هرهڪ درخواست جي هيٺان فوٽ نوٽ هنيل آهي نه مهرباني ڪري نئون فارمن تي درخواستون موڪليون وڃن."
ڪو فائدو نه هو، هن سوچيو، ڪو به سوال اُٿارڻ سان - ۽ هن هڪدم اُتان هلي وڃڻ چاهيو.

نه مرڻ جو ڏک...

ايشور چندر

جڏهن ماڻس جي طبيعت اوچتو بگڙي پيئي، تڏهن به هن ان ڳالهه کي ايڏو گمڀير ڪونه سمجهيو. کيس بس لڳو ته هن موسم ۾ ته ائين ٿيندو ئي رهندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ٿورو بخار به محسوس ٿيندو آهي. ته ڪڏهن وري بخار تيز ٿي ويندو آهي. ۽ بخار ۾ ته اَڪثر گلي ۾ ڪوڙاڻ ۽ چڀ چڀ محسوس ٿيندي ئي آهي. ته کيس لڳو ته ماڻس جي گلي ۾ ٿوري چڀ چڀ محسوس ٿيڻ، ڪا نئين ڳالهه ڪانه هئي. پر پوءِ به ماءُ جي ڳالهه کيس رکڻي ئي هئي.

ٽانگي ۾ ماءُ کي هوُ اسپتال وٺي ويو. ڊاڪٽر کي هن ٿوري ۾ ٻڌايو ته گذريل ڪجهه عرصي کان سندس ماءُ کي گلي ۾ سور محسوس ٿيندو رهيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن روٽي کائڻ يا پاڻي پيئڻ ۾ تڪليف محسوس ٿيندي اٿس. پر اَڄ صبوح کان وٺي اُن سوُر سان گڏ بخار به تيز ٿي ويو اٿس.

شروعاتي جاچ جوچ کانپوءِ ڊاڪٽر کيس چيو ته سنو

ٽيندو، جي هوءَ ماءُ کي اسپتال ۾ ڀرتي ڪرائي وڃي. چاڪاڻ ته سندس ٽڪ ۾ ٿورو ٿورو رت نظر آيو آهي. ضروري ايڪس-ري وغيره بعد ئي هوءَ ڪنهن فيصلي تي پهچي سگهندا ته ٻڍيءَ کي سچ پچ ڪهڙي بيماري لڳل آهي.

ڊاڪٽريءَ جي ڪيس ڪا ڄاڻ ڪانه هئي. پر شخصي طور سندس اهو ويچار هو، ته چاڪاڻ جو ماڻس گذريل ڪجهه ورهين کان بيڙي ڇڪڻ شروع ڪئي هئي، انڪري ئي شايد اهو ڪجهه يا اهڙي ڪا بيماري لڳي هوندس.

هونئن بہ، هن ڏينهن ۾ ڪيس ائين محسوس ٿيندو رهيو هو ته ماڻس رات جو ڪافي دير تائين ويٺي ڪنگهندي هئي. ٿي سگهي ٿو ته ڪنگهندي ڪنگهندي سندس ڦڦڙ ڪمزور ٿي ويا هجن، ۽ انڪري ئي سندس ٽڪ ۾ ڊاڪٽر کي ٿورو ٿورو رت نظر آيو آهي.

ڊاڪٽر جي صلاح مڃي هن ماءُ کي ڀرتي ڪرايو. ويندي ويندي ماءُ کي آٿت ڏيندو ويو ته ڊڄڻ يا گهٻرائڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي. ڪا اهڙي خاص بيماري ڪانهي. ڊاڪٽر ٿورو ائين ئي چڱيءَ طرح جاچڻ ٿو چاهي. ڀلي جاچي. هونئن، سندس ڪپڙا وغيره کڻي هوءَ شام جو اسپتال وري ايندو. هٿون همت

هيٺئين ويندي ويندي، بزار مان هُو ٿرمس وٺندو ويندو. جيئن وقت بوقت چانهه- ڪير وغيره گهران ئي ڪٺي اچي سگهي.

رستي تي پنهنجي هڪ دوست جي دوڪان تان، اوڌر تي، هن هڪ ٿرمس ورتو. گهر آيو ته ڏٺائين، جوٽس آرام سان چانور سوني رهي هئي.

زال کي هن سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي ته، ڪيئن ماٽس جي ٽڪ ۾ ڊاڪٽر کي ٿورو ٿورو رت نظر آيو ۽ ڊاڪٽر کيس صلاح ڏني ته هُو ماءُ کي اسپتال ۾ ڀرتي ڪرائي وڃي. تڏهن ڳالهين ئي ڳالهين ۾ جوٽس کيس چيو ته "آمينءَ کي اِها مُوئي ٻيڙي ڇڪڻ جي عادت نه رکڻ کپندي هئي. چوندا آهن، تماڪ مان گهڻيون ئي بيماريون پيدا ٿينديون آهن."

کيس به لڳو ته جوٽس جي ڳالهه ٺيڪ آهي. پر ماٽس به ڪو چاڻي واڻي اِها عادت پاڻ ۾ ڪونه وڌي هئي. ٿن ڏينهين به ڪنهن بيماريءَ ڪارڻ حڪيم کيس تماڪ واپرائڻ جي صلاح ڏني هئي. تڏهن جي اُن بيماريءَ جو نالو کيس چڱيءَ طرح ياد ڪونهي. هونئن به تڏهن سندس پيءُ جيئرو هو. اِنڪري ماءُ جي ٿن ڏينهن واري بيماري يا ٻيڙي ڇڪڻ جي ڪارڻ ۾ هن کو چاهه نه ورتو هئو. ۽ اَڪثر ائين ٿيندو به آهي ته پيءُ جي حياتي هوندي، اولاد کي لڳندو آهي ته

اهڙيون ننڍيون وڏيون ڳالهيون هنن جي سوچڻ يا فڪر ڪرڻ لاءِ نه آهن.

پر هاڻي ته پتا حيات ڪونهي. ماءُ جي بيماريءَ جو علاج هاڻي سندس ئي فرض آهي.

تڏهن وري ويٺي ويٺي کيس لڳو ته ڪٿي ائين ۽ ڪونهي ته ماڻس کي به دم جي بيماري هجي. پڪ ڪرڻ لاءِ هن زال کان پڇيو- ”ڪٿي ائين ته ڪونهي ته امان کي به بابي واري بيماري لڳي ويئي آهي؟ بابا به ته سڄي رات پيو ڪنگهندو هو.“

جوڻس کي لڳو، ته- ها، ائين ٿي سگهي ٿو. امين هنجي شيوا ٽهل ڪندي رهندي هئي. ٻڍاپي ۾ ڪا به بيماري لڳڻ ۾ ڪهڙي ويرم؟

پر پوءِ سندس ويچار وري بدلجي ويو. جوءِ کي هن چيو- ”پر کنگهه ۾ مونکي ڪجهه فرق ٿو نظر اچي. بابا جي کنگهه ٻئي قسم جي هئي.“

جوڻس به ان ڳالهه سان سهمت هئي.

ڪجھ وقت تائين هو اهڙيون ڳالهيون ڪندا رهيا. بيمارين جي اَٽپوري ڄاڻ هئڻ ڪارڻ، هو ڪنهن صحيح فيصلي تي پهچي نه سگهيا. شام ٿي ته ٻار به اسڪول مان موٽيا. تڏهن وري کيس خيال آيو ته ماءُ لاءِ هو شام جي چانهه ته کڻي ڪونه ويو آهي. اَڪثر شام جو ڇٽين ساڍي ڇٽين کن ماڻس کي چانهه پيئڻ

جي عادت هئي. هيئنر سارا ٻه ورهيه ٿيا هئا.

جوءِ کي هن چانهه ٺاهڻ لاءِ چيو. جيسين جوٽس چانهه تيار ڪري، تيسين هن ٽومس مٿان لڳل ليبل پڙهڻ لڳو. ڪيس لڳو ته ٽومس ڪنهن سٺي ڪمپنيءَ جو هو. ڪئين ڀيرا ان ڪمپنيءَ جا اشتهار هن الڳ الڳ اخبارن خواهه مخزنن ۾ پڙهي چڪو هو. ڪيس ٿوري خوشي ٿي ته ٺيڪ آهي، ماءُ جي بيماريءَ ۾ گهر جي هڪ شيءِ ته ٺهي پيئي. ٻيا ته هو دوست کي ٻئين تاريخ ڏي ڏيندو.

ماءُ لاءِ چانهه کڻي هو اسپتال پهتو.

اُن پهچي هن ماءُ کان پڇيو - ”ڊاڪٽرن ڪجهه ڏنو؟“

رواجي طرح ماڻس چيو، ”ها!“

پر هنجي اتاوليءَ ڪيس چپ رهڻ نه ڏنو - ”هنن ڪجهه پڇيو هوندو؟“

”ها آآآ! ... گلي لاءِ پڇيائون پئي ته سور گهڻو ٿيندو آهي ڇا؟“

”پوءِ ... تو ڪهڙو جواب ڏنو؟“

”مون چيو - ها ٿيندو آهي ... ۽ ڪڏهن ڪڏهن ائين لڳندو آهي، ڄڻ گلي جي اندر ڪا سئي چڀي رهي هجي... يا وري ڄڻ ڪو ڪينئون اندر سرڪندو هجي ... يا ڪجهه ائين ئي... حقيقت ۾ مونکي ڇا ڇا

۽ ڪيئن ڪيئن لڳندو آهي، مان ٺيڪ طرح ٻڌائي
نه ٿي سگهيس.

تڏهن وري ڪيس لڳو، ڪا خاص ڳالهه ڪانه
هوندي. اَمان کي ٻيڙي ڇڪڻ جي عادت آهي،
ڪڏهن ڪڏهن وڌيڪ ٻه ٻيڙيون ڇڪيندي آهي.
اِنڪري گلو سڙ سڙ ڪندو هوندس، ۽ امان کي لڳي
ٿو، ڄڻ اَندر ڪو ڪينئون آهي.

هن وري ماءُ کان پڇيو- "پوءِ هنن ٻيو ڪجهه
چيو؟"

"اَلائجي!... اَول ته ڊاڪٽرن پاڻ ۾ ئي ويٺي
گٽ مٽ ڪئي. اِها مُئي اَنگريزي ته مونکي سمجهه
۾ اچي ڪانه... ها باقي، ويندي ويندي چئي ويا ته
سڀاڻي هوُ وري ڏسندا، پوءِ ئي ڪجهه ٻڌائيندا."

تڏهن اوچتو هڪ اَڻ ڄاتل ڊپ هن جي مـن ۾
اُٿيو، تہ شايد ڪا اهڙي جهڙي بيماري آهي، جو
ڊاڪٽر سڀاڻي ٻه ڏسڻ ٿا چاهين. نہ تہ گلي جي سڙ سڙ
کي پرکڻ ۾ ڊاڪٽرن کي ايڏي ويسرم تورِئي لڳڻي
آهي.

تڏهن کيس لڳو، تہ اَمان کي ڪٿي ڪئنسر تہ
ڪونہ ٿي پيئي آهي.

اِهو ويچار ايندي ئي سندس اَنگ اَنگ ۾ ڏڪڻي
وٺي ويئي.

گهر اچي هن جوءِ کي چيو ته - منهنجو انومان آهي ته اما کي ڪٿي ڪئنسر نه ٿي پيئي هجي.

اهو ٻڌي جوڙس کي به ٿورو جهٽڪو لڳو.

پر پوءِ ڪجهه دير سوچڻ ڪانپوءِ چيائين - "ٻڌو! ماڻهو چوندا آهن ته ان بيماريءَ جو اجا ڪو علاج ڪونه نڪتو آهي ... اهو سچ آهي ڇا؟"

هن چيو - "نه! هروڀرو اها ڳالهه به ڪانهي ... پر ها، اهو سچ آهي ته ان بيماري لڳڻ ڪانپوءِ ماڻهوءَ جي جيئڻ مرڻ جي ڪا پڪ نه رهندي آهي."

هن سوچيو ته اڻسڌيءَ طرح هن جيڪا ڳالهه چئي آهي، جوڙس اها سمجهي وئي هوندي. پر جوڙس شايد ڳالهه چڱيءَ طرح ڪونه سمجهي. شايد انڪري ئي چيائين - "جيئڻ مرڻ جي ته ڪنهنجي به پڪ ڪانه هوندي آهي."

تڏهن هن کي پنهنجي ڳالهه صاف چوڻي پيئي - "تو سمجهيو ڪونه. منهنجي چوڻ جو مطلب آهي ته ان بيماريءَ ۾ اڪثر ماڻهو مري ويندا آهن."

جوءِ به ائين چيو - "ها... مون به ته ائين ئي ٻڌو آهي."

هن ڪو به جواب ڪونه ڏنو.

جوڙس تڏهن سوچڻ لڳي ته ڇا آمين بس هاڻي ڪجهه ئي ڏينهن جي مهمان هوندي.

اتي ئي ويٺي ويٺي ڪيس هاڻي هڪ عجيب ڳالهه سُجهي. سوچيائين - اَجايو مان اَمينهءَ سان وڙهندي رهندي آهيان. ڳالهه ڳالهه ۾ ساڻس اُلڪي پوندي آهيان. حقيقت ۾ ڀُل منهنجي آهي. مونکي ئي سنجم کان ڪم وٺڻ کپي. هن جو ڇا آهي! ٻاراپو آهي. ٻاراپي ۾ ته ماڻهوءَ جو سڀاءُ چڙڻو ٿي ئي پوندو آهي.

تڏهن وري ڪيس پنهنجي ئي سوچڻ تي عجب لڳڻ لڳو، ته اَمينهءَ جي ٻاراپي جو ڪيس اَڄ ئي خيال ڇو آيو آهي، جيتوڻيڪ هن جو ٻاراپو ته ڪڏهن کو شروع ٿي چڪو هو.

صبوح تائين ٻئي ڄڻا گم سم رهيا. ٻنهي کي شايد چڱيءَ طرح ننڊ نه پئي آئي. رکي رکي جڏهن ٻنهي پاسو ٿي ورايو ته کين لڳو پئي ته ٻيئي ڄڻا رڳو ننڊ جو مڪر ڪري ليٽيا پيا هئا. حقيقت ۾ ٻيئي جاڳي رهيا هئا.

صبوح جيئن تيئن سنان ڪري هوُ اسپتال ويو. ٿرمس ۾ ماءُ جي لاءِ خاص ڪير ۾ ٺهيل چانهه کڻي ويو.

اسپتال ۾ وڃي ڏٺائين، ماڻس هٿ ۾ مالا کڻي، اَکيون پوري پلنگ تي ويٺي هئي. ان ڳالهه تي ڪيس ٿورو به عجب ڪونه لڳو. ماڻس جو اهو روزانو نيم هو. ڪجهه وقت لاءِ هوُ چپ چاپ پلنگ جي پرسان رکيل لوهه جي اسٽول تي ويهي رهيو.

تڏهن، ٿوري دير بعد هن ڏٺو ته ٻه ڊاڪٽر، ٻين مريضن کي ڏسندا، هن جي ماءُ جي پلنگ ڏانهن وڌي رهيا هئا. ويجهو اچي هڪ ڊاڪٽر ڪانئس پڇيو، "توهان پنهنجي ماءُ کي کائڻ لاءِ ڪجهه ڏنو ته ڪونهي نه؟"

"جي نه!" ڪيس خود ئي لڳو ته هن ڪيڏي نه نمرتا وچان جواب ڏنو.

تڏهن وري هن ڏٺو، ته سندس ۽ ڊاڪٽر جي وچ ۾ ٿيل گفتگو ٻڌي ماڻس اَکيون کوليون هيون. يا شايد ماڻس سندس آواز سڃاڻي اکيون کوليون هيون. هوءَ عجب مان ڪڏهن ڊاڪٽرن ڏانهن ته ڪڏهن ڏانهس نهارڻ لڳي.

تڏهن هڪ ڊاڪٽر ماڻس کي چيو ته، توهان کي، ضروري جاچ جوچ لاءِ، اسان سان گڏ، ٻاسي واري ڪمري ۾ هلڻو پوندو.

ڊاڪٽر ماڻس کي ٻئي ڪمري ۾ وٺي ويا. پٽس هڪ دفعو ڊاڪٽر کان پڇيو به- ته، ٻئي ڪمري ۾ سندس خاص رهڻ ضروري ٿيندو ڇا؟ - پر ڊاڪٽرن ڪيس اُتي ئي ويهي رهڻ لاءِ چيو.

هاڻي هن وٽ ڪهڙو ڪم هو. هو ائين ئي، بنا ڪنهن مطلب جي، هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو. ڪيترائي مريض ڪنجهي رهيا هئا. هڪ ته بلڪل ٻار جيان روئي رهيو هو، ۽ نرس ڪنهن ماءُ جيان ڪيس

پڪاري رهي هئي.

نرس کيس سٽڻ لڳي.

تڏهن کيس ياد آيو ته جڏهن اڃا سندس شادي ڪانه ٿي هئي، تڏهن هڪ دفعي، هن نرسن جي چرتر جي باري ۾ ڪجهه گهٽ وڌ ٻڌو هئو ۽ تڏهن ئي سندس دل ٿي هئي ته هو، ڪڏهن اهڙو بيمار ٿي پوي، جو کيس اسپتال ۾ پرڻي ٽيڻو پوي ۽ هو ڪنهن نرس جي عشق ۾ ڦاسي پوي، يا کيس پڇائي وڃي، يا اهڙو ئي ڪجهه ...!

پر اَج جڏهن هو ٻارن-ٻچن وارو اولادي ماڻهو ٿي ويو آهي، تڏهن اهڙيون ڳالهيون کيس ٻاراڻيون ٿيون لڳن. کيس کل ايندي آهي ته ماڻهو عشق-ٻشق جي چڪر ۾، بيماريءَ ۾ ٿيندڙ تڪليف کي به سويڪار ڪرڻ ۾ نٿا هٻڪن.

ڪافي دير تائين هو اهڙيون اَجايون ڳالهيون سوچيندو رهيو. تڏهن هن ڏٺو ته وارڊ بواءِ ماڻس کي واپس وٺي پئي آيو. وارڊ بواءِ ئي کيس اچي چيو- ته ڊاڪٽر صاحب توهانکي سڏي رهيو آهي. ماءُ سان ڪجهه ڳالهائڻ کان سواءِ ئي، هو ڊاڪٽر جي چيمبر ۾ هليو ويو.

ڊاڪٽر تڏهن کيس ٻڌايو ته ماڻس کي ڪئنسر ٿي پئي آهي، آپريشن ٿيندو.

تڏهن عاجزيءَ وچان هن ڊاڪٽر کان پڇيو- "ڊاڪٽر! ڇا ڪجهه وڌيڪ... يعني ڪو گهرو گهاءُ آهي ڇا؟"

ڊاڪٽر چيو، "ڏسو، اهو سڀ توهانجي سمجهه ۾ ڪونه ايندو. اسين آپريشن ڪنداسين- توهين پاڻ سمجهو ماڻهو آهيو. پڙهيل ڳڙهيل آهيو. توهان کان ڇا لڪل آهي. هن بيماريءَ مان ڇوٽڪارو ملي به ٿو سگهي. نه به ملي. ڪجهه چڱيءَ طرح چئي نٿو سگهجي... هونئن، اسين پنهنجي طرفان پوري ڪوشش ڪنداسين."

هڪ ڪن لاءِ ڪيس خوشي ٿي، ته هو ايترو سياڻو ته آهي ئي، جو ان بيماريءَ جو اَنومان هن پهرين ئي لڳائي ورتو هئو. پر ٻيءَ ساعت هو اداس ٿي پيو. ڊاڪٽر جي لفظن مان ڪيس ڪنهن به طرح اهو صاف نٿي لڳو ته ڪو آپريشن هرويرو ڪامياب ٿيندو ۽ ماڻس بچي پوندي.

ڊاڪٽر وڃڻ مهل هو سڌو ماءُ وٽ آيو. هن ڏٺو ته ٻه مريض، اُتي ئي ويٺي ماڻس سان ڳالهيون ڪري رهيا هئا. شايد اُهي ٻڍيءَ کان پڇي رهيا هوندا ته ڊاڪٽرن ڇا ڇا ڏٺو، يا ڪهڙي نموني جاچ جوچ ڪيائون.

پر هن کي ايندو ڏسي، ٻئي مريض پنهنجن پنهنجن پلنگن ڏانهن هليا ويا. تڏهن ماڻس کانئس پڇيو- "ڊاڪٽرن ڇا چيو؟"

هن بيماريءَ جو نالو لڪائڻ چاهيو. چيائين، ”ڊاڪٽر چيو آهي تہ ڪجهہ ڏينهن توکي هتي اسپتال ۾ رهڻو پوندو. چيائين تہ آپريشن ٿيندو. تو چيو پئي نہ، تہ کاڌو کائڻ وقت يا پاڻي پيئڻ وقت توکي گلي ۾ ڪجهہ تڪليف ٿي ٿئي ۽ توکي گلي ۾ ڪيٽين جهڙي ڪا چيز سوڪندي محسوس ٿي ٿئي، سو شايد اُن ڪيٽين وغيره کي ڪڍڻ لاءِ آپريشن ضروري هوندو.“

ماڻس پڇيو- ”اَڇا؟ ... تہ ڊاڪٽر بہ چيو تہ ڪو ڪينٽون-پينٽون آهي؟“ ڪيس لڳو تہ اها ڳالهہ پڇندي ماڻس جي شڪل لهي ويئي هئي.

تڏهن هن چيو، ”نہ! ڊاڪٽر تہ ائين ڪونہ چيو. پر مان سمجهان ٿو تہ شايد ائين ئي هوندو. نہ تہ ڀلا آپريشن جي ڪهڙي ضرورت هئي!“ تڏهن وري ڪيس لڳو تہ هاڻي ڪيس ڪجهہ ڳالهہ جو رخ بدلائڻ کپي. انڪري وري چيائين- ”چڱو!... مان وري شام جو ايندس. تنهنجا ڪپڙا بہ کڻندو ايندس. هينئر تہ مان انڪري ڪونہ کڻي آيس تہ متان هو توکي ڀرتي ڪرڻ ضروري نہ سمجهن... پر خير، هاڻي تہ ڊاڪٽر ئي چيو آهي تہ آپريشن ٿيندو. جڏهن آپريشن ئي ٿيندو تہ توکي ڪجهہ ڏينهن هتي ضرور رهڻو ئي پوندو... تہ هينئر تہ مان گهران ٿيندو سڌو آفيس ويندس. شام جو وري هتي ايندس.“

ايترو چئي هوءَ گهر هليو ويو. گهر اچي هن زال کي چيو، "ڏنئه نه! اهوئي ٿيو، جنهن جو مونکي ڊپ هئو."

جوڻس به ڳالهه سمجهي ويئي. چيائين، "ڇا، ڊاڪٽر به چيو ته ڪئنسر اٿس؟"

"ها!"

"پوءِ؟"

ڪيس لڳو ته ٻاڻ به اهوئي سوال پڇڻ ٿي چاهيائين، پر جوڻس اڳ ۾ ئي پڇي ورتو آهي.

جواب ۾ هن چيو- "پوءِ ڇا؟ تنهنجي يا منهنجي هٿ ۾ ڇاهي؟ آپريشن نه ٿيندو ئي."

پوءِ ڪجهه دير لاءِ ٻئي چپ رهيا. وري سندس زال ئي ڳالهايو- "هڪ ڳالهه چوان؟ ... دل ۾ نه نه ڪندا؟"

"ڇا؟"

"مون ... مون سوچيو پئي ته هيءَ بيماري ڪا اهڙي جهڙي ته آهي ڪانه. ۽ اهو به ضروري ڪونهي ته آپريشن ڪو هرويرو ڪامياب ٿئي ئي. سياڻي ٿي سگهي ٿو ته اميرءَ کي، پگهار نه ڪري، ڪجهه ٿي پوي، ته ٻاڻ وٽ ڪريا- ڪرم لاءِ نه پئسا به ڪونهن."

تڏهن ٿورو موڪي هن چيو، "سچ نه اهو آهي ته اهڙو ويچار منهنجي من ۾ به آيو هو. پر مون اها ڳالهه

صرف اِنڪري زبان مان نہ ڪڍي، تہ متان تون ائين سوچين تہ پنھنجي ئي ماءُ لاءِ مان ڪھڙيون ڪھڙيون اَشڀ ڳالھيون ٿو سوچيان.“

جوڌس چيو، ”پوءِ ڀلا؟“

وري چڻ خود ئي مسئلي جو حل ڳولھيندي چيائين، ”توھان ھيئن ڪريو... جيسين علاج ھلي ۽ آپريشن وغيره ٿئي، تيسين توھان پنھنجي پي. ايف مان ڪجھ پئسا ڪڍائي رکو... اُن گھڙيءَ ڪنھن جي سامھون ھٿ ڦھلائڻو تہ ڪونہ پوندو.“

زال جي اِھا ڳالھ ٻڌي، ھوُ ڪجھ دير لاءِ چپ چاپ سوچيندو رھيو.

ھونئن ھر سال ھوُ پي. ايف مان پئسا صرف تڏھن ڪڍائيندو آھي، جڏھن اسڪول ڪلھڻا ھوندا آھن. تڏھن ٻارن جون اسڪولي ڊريسون، فيون ۽ ڪتابن وغيره جو ايترو تہ خرچ نڪري ايندو آھي، جو پگھار مان تہ اُنھن خرچن جي پورت پوندي ڪونھي. اِنڪري ھوُ پي. ايف مان پئسا ڪڍائي، انھن ضروري خرچن کي منھن ڏيندو آھي.

پر ھاڻي کيس لڳي ٿو تہ جوڌس جو سوچڻ بہ ٺيڪ آھي. اُن عين موقعي تي ھوُ ڪنھن جي سامھون ھٿ ٽنگيندو؟

مونجھاري ۾ کيس ڪجھ سُجھيو ئي ڪونہ ٿي.

آفيس اچي هن پي. ايف مان ڪجھ پئسا ڪڍائڻ لاءِ فارم ڀريو.

شام جو هو ماءُ جي لاءِ ڪجھ ڪپڙا ۽ ٿرمس ۾ کير کڻي اسپتال ويو. ماڻس اکين تي چشمو چاڙهي ڪو ڌرمي ڪتاب پڙهي رهي هئي.

هُو چپ چاپ ماءُ جي ڀرسان وڃي ويهي رهيو. تڏهن ماڻس چيو، "هيڊ نرس آئي هئي. چيائين پئي ته ٻهراڻ هفتو کن ڪجھ ٽانڪ - ٻانڪ وٺڻو پوندو. ٻه ٽي شيون ٻيون به پئي چيائين. ۽ ٻڌايائين ته اُن ڪالپوءِ تي آپريشن ٿيندو."

پٽ ڪو به جواب ڪونه ڏنو. تڏهن ماڻس وري چيو، "پٽ! اِن ۾ خرچ ته ڪافي ٿيندو. في الحال ڪنهن دوست - ٻوست کان ڪجھ پئسا کڻي وٺج."

انهن تي، ماءُ جي دل رکڻ جي خيال کان هن چيو، "پئسي - ڏوڪڙ جو فڪر تون ڇو ٿي ڪرين؟ تنهنجو هيءُ پٽ جو ويٺو آهي. سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. پي. ايف مان ڪجھ پئسا ڪڍائي ٿو وٺان. مڙيئي وقت نڪري ويندو."

تڏهن پٽ کي لڳو ته ٽانڪ يا طاقت جي دوائن وغيره تي جو خرچ ايندو، اُن لاءِ ته هن سوچيو ئي ڪونه هئو. هاڻي انهن اجاين خرچن تي ته سؤ - ٻه سؤ ته ضايع ٿيندا ئي.

تڏهن وري کيس لڳو ته ماڻس ان ڳالهه تي بيحد خوش ٿي رهي هئي ته پٽ سندس ڪيڏو نه خيال ٿو رکي. ۽ هونئن اها حقيقت به هئي ته پي. ايف مان پئسا هو ماءُ جي بيماريءَ جي علاج خاطر ئي ڪيائي رهيو هئو.

وڃڻ کان اڳ هن ڊاڪٽر کان انهن سڀني چيزن جي فهرست لکائي ورتي، جن جي آپريشن کان اڳ ضرورت هئي.

رستي ۾ هو سوچيندو ويو ته ماڻس ڪيڏي نه ڪمزور ٿي وئي هئي. گهر ۾ رهندي هن ڪڏهن به ماءُ جي سرير ڏانهن، ان خيال کان، يا ايترو ڌيان سان ڪونه نهاريو هئو. پر اڄ اسپتال ۾، ٻين مريضن کي ڏسندي، جڏهن هن ماءُ کي به هڪ مريض جي روپ ۾ غور سان ڏٺو، ته کيس لڳو ته ماڻس جي چمڙيءَ ۾ ڪيڏا نه گهنج پئجي ويا آهن ۽ ان چمڙيءَ مان هڏيون ڪيئن نه صاف ڏيکاري پيون ڏين. تڏهن وري کيس لڳو، ته شايد ڪمزوريءَ جي حالت ۾ ڪنهن جو آپريشن نه ڪندا هوندا، يا وري شايد ڪي طاقت جون دوائون ڏيئي پوءِ ئي آپريشن ڪندا هوندا.

پي. ايف مان هن پئسا ڪڍائي ورتا.

پوءِ هن جي لاءِ اهو ڄڻ هڪ روزانو نيم ٿي ويو

هو، ته هوءَ روز ماءُ لاءِ ضروري شيون کڻي ويندو هو. ماءُ سان ۽ ڊاڪٽرن سان ڪجهه ڳالهيون ڪندو هو، ۽ واپس گهر هليو ايندو هو.

تڏهن، هڪ ڏينهن ڪيس محسوس ٿيڻ لڳو ته ڌيري ڌيري هاڻي هوءَ پي. ايف جي پئسن مان ڪجهه پئسا ڪڍندو ٿو رهي. ڪيس هاڻي ان ڳالهه جي ڳڻتي اچي لڳي هئي، ته ڪٿي ائين نه ٿئي ته پيسا ائين ئي ماءُ جي علاج-ٻلاج ۾ ختم ٿي وڃن، ۽ جنهن ڪم لاءِ هن پي. ايف مان پئسا ڪڍايا هئا، ان وقت، ان ڪم لاءِ، وري ڪيس ڪٿي ڪنهن جي سامهون هٿ ڦهلائڻو پوي.

جوڻس به وچ وچ ۾ ڪڏهن اسپتال ويندي هئي. تڏهن ڪيس لڳندو هو ته گهر ۾ ته سسڻس روز ڪنهن نه ڪنهن ڳالهه تي ساڻس اَٽڪي پوندي هئي، پر، هتي اسپتال ۾ هوءَ ڪيڏو نه مٺو ٿي ڳالهائي. تڏهن وري هڪ ٻي ڳالهه ۾ ڪيس سچائي محسوس ٿيڻ لڳي، ته ماڻهو جڏهن مرڻ وارو هوندو آهي، تڏهن مٺو ٻوليندو آهي.

۽ ائين هئڻ جو شڪ، پڪ ۾ بدلجي ويو ته ٻڍي هاڻي بچندي ڪانه.

ڪجهه ڏينهن بعد آپريشن ٿيو. ان ڏينهن، صبوح

کان ٿي وٺي پٽ ڏاڍو اُداس هئو. ڊاڪٽر هڪ ڏينهن اَڳي، ڪائنس لکائي ورتو هئو تہ آپريشن جي دوران، جي ماٽس کي ڪجهہ ٿي پيو تہ هو اُن ڳالهہ لاءِ ذميوار نہ رهندا تڏهن کيس پنهنجو چور ڪانڻ لڳو، تہ ڄڻ هو خود ئي لکي ڏيئي آيو هو، تہ کيس ڪو اعتراض نہ ٿيندو، جيڪڏهن سندس ماءُ مري ٿي پوي.

جوٽس بہ اُن ڏينهن اُداس هئي. کيس ڄڻ ائين محسوس ٿيڻ لڳو، تہ هاڻي سندن ڪٽنب مان هڪ پاڙي گهٽجي ويندو. يا وري، اَڄ کان پوءِ، هڪ ڇاتل سڇاتل آواز هميشه لاءِ هنن کان اَلڳ ٿي ويندو.

آپريشن ڪامياب ٿي ويو. ڊاڪٽرن پٽس کي بس ايترو ئي چيو، "آسانجي طوفان تہ آپريشن ڪامياب ئي سمجهڻ کپي. پر هيءَ بيماري توهان کان لڪل ڪانهي. پرهيز چڱيءَ طرح رکجو. هن بيماريءَ ۾ مريض جو پتو نہ پوندو آهي تہ ڪڏهن تہ ... !"

هو سمجهي ويو تہ اَڻسڌيءَ طرح ڊاڪٽر ڇا ٿي چوڻ چاهيو.

ماءُ کي ڊسچارج ڪرائي، هو اُن کي رڪشا ۾ ويهاري گهر ڏانهن وڃڻ لڳو. رستي ۾ ڏٺائين تہ ماٽس ڏاڍي خوش هئي. هوءَ ڄڻ موت سان جنگ جوٽي، بازي کٽي آئي هئي.

ماءُ کي خوش ٿيندو ڏسي، نهال ٿيو ڪيس ڪا خاص خوشي ڪانه ٿي. ڪيس لڳو ته سندس گهر ۾ وري پراڻو ماحول شروع ٿي ويندو. وري جوٽس ۽ ماڻس جي وچ ۾ ڳالهه ڳالهه تي ڪٽ پٽ شروع ٿي ويندي. تڏهن وري ڪيس لڳو ته هن ڀي. ايف مان پئسا ڪڍائي سٺو نه ڪيو. ماءُ کي نه ڪجهه گهٽ وڌ ٿيو ڪونه ۽ گرهستي نه هڪ ڪوهه آهي. پئسا نه گهر ۾ ئي خرچ ٿي ويندا.

هن وري سوچيو، ڪٿي پئسا گهر ۾ ئي خرچ ٿي ويا، ۽ ان بعد ئي امان کي ڪجهه ٿي پيو- نه پوءِ؟... پوءِ هوءَ پئسا ڪٿان آڻيندو؟

تڏهن ڪيس لڳو نه ماءُ جي نه مرڻ جو ڪيس بيحد ڏک ٿي رهيو هو.

سنگمرمر ۽ ريشم جي ڪپهه

وشنو ڀاٽيا

سنگمرمر هوندو، سخت ۽ ڪٺور. آڱريون الجهنديون ۽ ڇلجي پونديون، رتو رت ٿي پونديون، ناحق درد خريد ڪري وٺنديون. زخم رهجي ويندا. سڪندي به نه سڪندا. مون اهو درد نٿي چاهيو. پوءِ به سنگمرمر سان آڱريون الجهائي ورتم. منهنجو ڀرم ٽٽو. ڪجهه نٿي ڄڻ منهنجي اندر جڙي ويو. سنگمرمر نه هو ڪپهه هئي، بلڪل ريشم جي ڪپهه. هٿن مان ترڪي ترڪي ٿي وئي آڱريون بلڪل نٿي ڄميون. برف تي اسڪيٽنگ ڪندي ڄڻ ترڪبو هجي. ڪپهه هئي جيڪا هٿن ۾ نٿي آئي. چونڊي چونڊي مان ٿڪجي پيس. ريشم جي ڪپهه بنا اڪرڄڻ، بنا ڇلجڻ جي، ڄڻ جو تڻن برقرار رهي.

گلاب جي ٽاري ٽنگن ۾ ڇيپي درد ڏني ها. ڪنڊا ڇيپي ڇيپي نشان ڇڏي وڃن ها. اُڻ منجهندڙ نشان ڏسي، سڄي زندگي اُن جي دوا لاءِ ڀٽڪندو رهان ها. هر شهر، هر ڳوٺ، هر ديش.

اها چين ٻه نه ملي. درد جو اهو ڪوڙو زهر ٻه نه مليو جو منهنجي اَنگ اَنگ ۾ چڙهي وڃي. شايد منهنجي سرير ۾ چڙهيل زهر اَلي لٿو هو.

ڪوڪي ۾ ٽنگيل سوٽ، اَڌ سڙيل سگريٽ جا ٽڪرا، خالي جام، خالي ڪيسو... ڀڳل ڪل، ٽٽل ٺڪرا... بلڪل ڀڳل جهنجهڻ جيان.

الجهن ٻانهن جون چوڙيون ٽوڙيون. ڀورين اهي وڃي رهيون هيون. جهيڻي ۽ مڌر سنگيت جو سرجڻ ڪري رهيون هيون. سرود جيان.

مون اهو سنگيت لٿي چاهيو. زندگيءَ ۾ ڪو به سنگيت ڪونهي. پوءِ اهو سرود ڇا لاءِ؟ ڪجهه ڪدن لاءِ پاٽڪي دوکو ڏيڻ ۽ پاٽڪي نڳڻ! بس اسين پاٽڪي نڳيندا رهيا آهيون، پاٽڪي دوکو ڏيندا ۽ پاٽڪي لڪائيندا رهيا آهيون.

اهائي آدم ننگائپ مون چاهي ٿي. منهنجي من جي اورنگزيب ساز ٽوڙي ڇڏيو. نه، هاڻ سرود جو جهيڻو ۽ مڌر سنگيت ڦوهارن جيان وهي نه نڪرندو. من کي ڪ سٽرب نه ڪندو.

مان هينئر ٻه بلڪل ننگو آهيان. سريو جا ڪپڙا ٻه منهنجي ننگائپ نٿا لڪائي سگهن. ٻيا اَندا آهن. پنهنجو پاٽڪي نٿا ڏسي سگهن. يا ڏسن ٿا، ته اَکپوت ڪن ٿا. مون پنهنجو پاڻ ڏٺو آهي ۽ پاتو آهي، مان

بلڪل ننگو آهيان، ننگو. هر انسان ننگو آهي ۽ صدين کان ننگائپ لڪائڻ لاءِ نقاب چاڙهيندو آيو آهي. ڀانئو اس، تڏهن برسات جو آهي، بلڪل بڪواس. هن جو من ننگو آهي. هو اها ننگائپ نٿا ڏسڻ چاهين. ڪپڙن جو سهارو وٺن ٿا. ننگي سيتا جي لاش کي گهڻن ڏينهن تائين ڍڪيندا؟ گهڻن ڏينهن تائين پردو ڪندا؟

چوڙين جيان اهو به ڏسڻ گهرجي. ڪابه ضرورت ناهي انهن جي. هڪ پيرل بازار ۽ ڀيڙ منجهان لنگهي رهيو آهيان ۽ بلڪل ننگو. ڪجهه ٽڪون ۽ ڪجهه پٿر منهنجو پاڳ آهن. ته، مان اهو پاڳ نٿو چاهيان. انڪري منهنجي سرير تي ڪپڙا آهن. مجموعي مذاق جي پٿرن جا ٽڪرا مان پنهنجي سرير تي پوڳڻ نٿو چاهيان. در اصل مان ڪجهه به سهڻ نٿو چاهيان. ڪجهه سهڻ منهنجي سهڻ کان ٻاهر آهي. ڪجهه پوڳڻ منهنجي پوڳڻ کان ٻاهر آهي.

مان سهان به ٿو، هر پل هڪ تير آهي. ان بعد چين آهي، چوٽ آهي.

ليڪن مون لاءِ ڪو وقت، وقت ناهي. ڪو پل، پل ناهي. ڪا ڪن، ڪن ناهي. وقت جي وهڪري جو گيان مان نٿو چاهيان. مان وقت ۾ جيئندي به وقت کان ٻاهر جيئڻ چاهيان ٿو.

دَر اَصل وقت ۾ دنيا مونکان پوڳيا نٿا وڃن، سٽا نٿا وڃن.

ٽريسن جا، دور دور تائين هليا ويندڙ، ساڳيئي مفاصلي وارا پٽا! پٽن وچ ۾ سمجهوتو آهي. اِنڪري هو ٽٽا ناهن. دور دور تائين هليا ويا آهن. زندگيءَ ۾ پٽن جهڙو سمجهوتو آڻي، اُن کي جي سگهجي ٿو. پر جيڪو سمجهوتو نه چاهي؟ اهو؟ اَندي ٽرين جي سيٽيءَ هن جي زبان بڻي، اُن زبان جڻ ڪجهه چيو هو، جو اُن هڪ ڪن ۾ مون ٻڌو ۽ ڪنڌ پٺي تان ڪيو هو. نه رهي ها اِهو ڪنڌ، اِهو سريو، اِهو انگائپ جو اَحساس. زندگي شايد مونکي ٻانهن ۾ ڀرڻ چاهيو هو. نه، اُنهن ٻانهن ۾ نٿو وڃي سگهان.

موت جي گود به کلي ناهي.

ڏور پيل سئنڊلن جو جوڙو، پهرين مون اِهو هڪ جوڙو سئنڊلن جو ٿي ڏٺو. وري زمين کوٽيندڙ آڱوٺي کي، جنهن ۾ چانديءَ جو ڇلو پيل هو.

لامحدود ريتيءَ جي اُن ننڍي حصي جي ننڍي ٽڪري ۾ هڪ کڏ ٿي آئي هئي. آڱوٺي سان هن منهنجي دل جي ريتي کوٽي کڏ ٺاهي هئي.

شايد اُن کڏ کي ڀرڻ لاءِ مان ڀٽڪيو آهيان. نه، کابه کڏ ناهي منهنجي اَندر ۾. ڪجهه به ناهي ٽٽو.

ريتيءَ ۾ اُهو آڱوٺو هاريل ڪير جيان لڳي رهيو هو.

نه آڱوٺو نه هو، هاريل ڪير هو. جيڪو ريتيءَ ۾ جذب ٿي، هڪ ٿي ويو هو. مون چاهيو اهو ڪير جهڙو آڱوٺو چمان. پر چپن تي ريتي لڳي ويندي. سوچي، نه چميم.

ڪنهن سينٽ جي خوشبوءِ! نه، مان نه سهي سگهندس. خوشبوءِ جو تاب مونکان سٺو نه ويو، مان اها خوشبوءِ ڀوڳي نه سگهيس.

سينٽ سان ڀريل لفافو نه هو، خوشبوءِ هئي! ڪجهه خط! انهن خطن جو مضمون! نه، مان انهن خطن جو مضمون سمجهڻ نٿو چاهيان. ياد ڪرڻ نٿو چاهيان.

منهنجي اکين ۾ باهه آهي، سرير ۾ باهه آهي، آتما ۾ باهه آهي. هڪ ئي وقت ٽي ٽي باهيون. ٽنهي جي چنبن ۾ آهيان. ڪا به هڪ باهه نٿي وسامي.

خوشبوءِ جلي وئي. خط جو مضمون جلي ويو... سڀڪجهه جلي ويو. نگاهون به، چهرو به.

دراصل مونکي ڪو به نالو ناهي، ڪو به چهرو ناهي. هن ساري ڀيڙ مونکان منهنجي هستي کسي ورتي آهي. مان پنهنجو چهرو ياد ڪرڻ چاهيان ٿو ته مونکي آئيني جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. مان پنهنجو نالو ياد ڪرڻ چاهيان ٿو ته مونکي ٻين جي زبان جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. منهنجو ڪو چهرو هو، ڪو نالو هو. ياد نٿو پويم. مان سوٻر آهيان.

آئنا آهيان؟ ڪير آهيان؟ ڇا آهيان؟ ڪجهه به ناهيان. ليڪن ڪجهه ضرور آهيان جو هو ڪن موتڪي ٻنهنجي ڪجهه هئڻ جو احساس ٿوڙي رهيو آهي. مون ۾ ڪجهه آهي. ڪجهه آهيان، جنهنڪري لڳي ٿو، ڪجهه آهي. اهو ڇا منهنجو ننگو سرير؟ منهنجو ننگو من؟

مان ڇا آهيان؟ ڇا ٿي ٿيڻ چاهيو؟ فقط هڪ ڇهرو؟ هڪ نالو؟ ان کانسواءِ ڪهڙي هستي آهي انسان جي؟ ڇهري ۾ جيئڻ، نالي ۾ جيئڻ. موت هو موت بعد به نٿو چاهي.

زندگي ڇا آهي؟ جيڪا، هو موت بعد به جيئڻ چاهي ٿو؟ مري به نٿو مري! ڇا اها زندگي آهي؟

اليڪٽرڪ ٿنڀي جون تارون نوڙيون ٻڌجي سوير سان الجهي ويون آهن. مان شاڪ ڪاڌل ڪبوتر يا ڪانءُ ٻڌجي ويو آهيان. شاڪ جو سويرو سڪائي ڇڏيندو. منهنجي هڏن کي سڪائيندو، منهنجي ڇهري کي سڪائيندو، نالي کي سڪائيندو.

ٿنڀي تي وينل ڪبوتر، ساڌوءَ جيان سماڌيءَ ۾ آهي. گهري سوچ جي ساگر ۾ هليو ويو آهي. موت جو ڊپ ڪيس آهي يا ناهي، ڪنهن ڇنجي!

موت ڇا آهي؟ زندگيءَ جو انت؟ زندگي ڇا آهي؟ موت جي منزل ڏانهن ڀاڙا؟ هيڏي ساري

زندگيءَ جي ياترا جي منزل موت؟ موت وٽ اونده آهي. نہ زندگيءَ وٽ بہ روشني ڪونهي.

روشني ڪو بہ نٿو چاهي. اسين سڀ چمڙن جيان روشنيءَ کان ڀڄندا، اونده ۾ سک حاصل ڪرڻ لاءِ پنڪي رهيا آهيون.

ڪهڙو سک؟ ڇا لاءِ؟ سرير لاءِ؟ آتما لاءِ؟ ڪنهن جو سرير؟ ڪنهن جي آتما؟

ڪهڙو دک؟ ڪهڙو سک؟ ڪهڙو آهي ان جو ورهاڱو؟ سيما-ريکا دک بہ اونده، سک بہ اونده. سرير اونده، آتما بہ اونده...

نہ، مان دک سک، سرير-آتما کان مٿي نٿو اٿي سگهان. انهن ۾ نہ رهڻ چاهيندي بہ رهيو پيو آهيان.

اِها رهڻ جي مجبوري! منهنجو 'رهڻ'، منهنجو 'هئڻ' آهي. مان نہ رهندس، نہ هوندس.

مان ڪجهہ ۾ بہ 'رهڻ' نٿو چاهيان. ڪجهہ ۾ بہ 'هئڻ' نٿو چاهيان. ڇا شونيہ؟

شونيہ شايد هڪ خال آهي. خال هميشہ پراڻ چاهيندو آهي. شونيہ کي پراڻ ملندو. شونيہ، شونيہ نہ رهندو.

ليڪن هي ساهہ جي گرمي، دل جي تيز ڌڙڪڻ!... هڪ احساس، شايد سمجهوتو! سرير جو؟ آتمائن جو؟...

هڪ جان، ڪجهه ساهه جو ٻار. اها آهي زندگي؟ اُن جي هستي...

موت ڇا آهي؟ زندگيءَ کان ڇوٽڪارو؟... مڪتي ڇا حل آهي؟ جيون جو مسئلو ان سان ڇا حل ٿي ويندو؟ جيون، جيون نه رهندو؟ موت، موت نه رهندو؟

ڪو به وجود نه رهندو.

پر اَڄ به منهنجو ڪهڙو وجود آهي؟ ناليءَ کانسواءِ؟ ڇوري کانسواءِ؟ جڏهن مان ناليءَ لاءِ زبان ۽ ڇوري لاءِ آئيني جو محتاج آهيان.

ڇورو ۽ نالو پيڙ جي درياهه ۾ وهي ويا آئم...

ڊاڪٽر، انجنير، وڪيل. اِنسان نه، ٻدارت بڻجي ويا آهن. جيڪي هر ڪنهن پنهنجون لياقتون ۽ قوتون وڪڻندا نظر اچن ٿا. جن کي خريد ڪري ۽ وڪڻي سگهجي ٿو. ڊگريون وڪامن ٿيون، انعام وڪامن ٿا، دليون وڪامن ٿيون. سڀ ڪجهه وڪامجي ٿو. جو ڪجهه اِنسان جو آهي، اهو سڀ ڪجهه وڪامجي ٿو. اِنسان پاڻ به. سؤدو ٿئي ٿو، وڪرو ٿئي ٿو، خريد ٿئي ٿو، واپار هلي ٿو.

مان ان ۾ ناهيان. اِن کان مٿي به ناهيان، هيٺ به ناهيان. ڪجهه به ناهيان. 'ڪجهه به نه' بڻجي رهڻ چاهيان ٿو. بڻجڻ مان ناهيان، ٽٽڻ مان ناهيان.

شايد قبرستان ۾ ويندڙ روح منهنجو پاڙيسري آهي. مان مري ويل آتمائن جو ساٿي آهيان. ساڪي آهيان.

ليڪن زندگيءَ جي چرپر - حرڪت لاشن جي چرپر ۽ حرڪت آهي. لاش آهن جيڪي ڏينهن جو هلندا آهن ۽ راتين جو پنهنجين قبرن ۾ بند ٿي ويندا آهن.

اونداها بند ڪمرا، روشنيءَ لاءِ جن ۾ ڪو به لنگهه ڪونهي.

ڍڪ ۽ پردو

۽ نقاب

۽ اونده

روشنيءَ سان ڪو به سمبنڌ ڪونهي.

بيست بس جو گول گول شاهي قيٽو جڻ منهنجي سيني تان لنگهي ويو آهي. تنهن بعد به مان جيئرو آهيان. قيٽو ڦرندو رهندو آهي، ڦرندو رهندو آهي. فاصلو ڪٽبو رهندو آهي، دوري ڪٽبي رهندي آهي. موت طرف اسين وڃون، تمام وڃهو پوندا آهيون. شايد اهوئي اسانجو ڀاڳ آهي. شايد انڪري ئي اسين 'هٽڻ' ۽ 'رهڻ' چاهيون ٿا.

سوين بسين جا سوين قيٽا منهنجي سيني تان گذري ويا آهن. ان بعد به مان نه مئو آهيان. مري به زنده رهيو آهيان. موت منهنجي مجبوري آهي ۽ جيئڻ ڪانئرتا.

شايد اِن ڪانئرتا جو نالو زندگي آهي. ڪانئرتا ئي هن جو چهرو آهي، ڪانئرتا ئي هن جو نالو آهي.

سنگمرمر منهنجي آڱرين جي اُلجهاءَ ۾ ريشم جي ڪپهه ٻڌجي ويو آهي. ڪابه ڪنورتا، ڪابه سختي ناهي.

ساهن جو ڇهاءُ! ...

ڀڳل چوڙين جا ٽڪرا!... اليڪٽرڪ تارن ۾ اُبتو لٽڪيل مان ... اونداهين قبرن ۽ ڪمرن ۾ بند مان ... نه روشني، نه هوا... ڪليءَ ۾ لٽڪايل ڪپڙا ...

مونکي ڪجهه به ياد نٿو اچي. نه هن جو چهرو، نه هن جو نالو. نه پنهنجو چهرو، نه پنهنجو نالو.

گلاب جون ٽاريون منهنجي ٽنگن ۾ آهن. مونکي لٺيون ڇڏين. ڪابه پيڙا ناهي. ڪوبه درد ناهي. ڪي به ساهه ناهن، ڪابه ڌڙڪڻ ناهي. ڪوبه سرير ناهي، ڪوبه ڇهاءُ ناهي. ڪجهه به ناهي، ڪجهه به ناهي.

سگريٽ جو دونهون، ڀڳل ٽڪڙا، اَڌوڳي ڪل... سرير جي بوءِ... ڪجهه به ناهي!

نومبر جي آخري رات

آنند کيماڻي

هن دفعي سردي اڃا شروع مس ٿي آهي. هلڪي هلڪي سرديءَ ۾، هن جي تن تي ٿڌي موڳي رنگ جو فل - سليويز سوئيٽر ڏسي، منهنجو من خوش ٿي ٿو وڃي. هيٺ وارا ٻه ٻٽڻ پاتال اٿس ۽ مٿي وارا پنج ٻٽڻ کليل، جن مان سنهي بلائوز مان، پار نظر ايندڙ، صفا ٿڌي گلابي رنگ جي ريشمي برازيئر جي حفاظت هيٺ محفوظ سندس اُڀرن جون هماليي بلنديون، جڻ نگين هڻڻ جو ڀرم پيدا ڪري رهيون آهن. جڏهن ته سچ اهو آهي ته اهي ڍڪيل آهن، پردي پٺيان، پردي ۾. پردي جي هنجي وچ سان ڇهاءَ جي ڀڙڪن جا ٻه هجي، ليڪن پردي ۾ هوندي، اندازي جي لذت ڪجهه اهڙي آهي، جنهن کي هن وقت، گيٽ وٽان شروع ٿيندڙ ٽن - چئن ٽيبلن کي اورانگهڻ بعد، صرف مان ئي محسوس ڪري رهيو آهيان. هڪ وشال مشڪ، جا چپن جي ڪنڊن کان جڻ ڇلڪندي نظر ٿي اچي، منهنجي سواگت ۾ ائين

ڦهلجي ويئي آهي جڻ... ۽ ان آئوماٽ جي ٽنيان، اَڄ جو، صرف اَڄ جو، نئين، اڄا ۽ نئين، احساس (نه، سلسلو) آهي... ته جيڪڏهن اَڄ، ڪجهه فيصلو ٿي ويو ته، ته، ته، ته، ته، ته، ته، ته، ته هن جون هماليي بلنديون، منهنجي هٿن جي پهچ کان ٻاهر هونديون، هميشه، هميشه لاءِ، ته اسين ٻئي هن ديش (يعني مهان) جا پراڻي، يگ-يگ جا، يگ-يگ کان، يگ-يگ تائين، هن جنم ۾، ٻئي جنم ۾، ٽئين جنم ۾، چوٿين جنم ۾...

by the way ڪالهه تائين، جو ڪجهه هو، اُئين ئي هو، هو، ان ۾ صرف اَسانجي سوڪري هٿي، اَسانجي مٿون جي سوڪري هٿي، مٿر جي ساجهيدار رهيا هئا... جڏهن ڪ اَڄ ڪالپوءِ، انهن ڪانسواءِ ۽، ٻين جي سوڪري رهندي، ساجهيداري ختم ٿي ويندي، جي ڪنهن قرار تائين پهتاسين ته، نه ته لڪ چپ رهندي، ان جا نتيجا، هڪ ٻئي جي وقتائتي رچيءَ اَنوسار، اَسالکي ٿي پوڳتا پوندا، رحم ڪنهن ۽ طرف کان ملي ۽ سگهي ٿو، نٿو ۽ ملي سگهي.

فيصلو —

لڪجي ويئي آهي. اَڄ ٿي ٽيرڻ کپي. اَڄ جي شام، زندگي ۽ موت جو سوال آهي. انين اسان جا ڪٿين موت ٿيا آهن، ڪٿين زندگيون جڙيون آهن،

حوالا پيل پيا، ۽ ٻين جا هجن. ليڪن اڄ جي شام جو، صرف اڄ ٽائين جي آخرين زندگيءَ ۽ موت جو سوال فيصل ٿي ويندو. مبادا شام ٿيڻ کان اڳ، آفيس جي تمام immediate فائيلن کي گهر روانو ڪندي، ٽڪرو ٽڪرو، ٻهه ٽڪرو، گيت کان شروع ٿيندڙ ٽن - چئن ٽيبلن کي پار ڪندي، ان منزل جي راهه تي آهيان، ۽ هن هلڪي مسڪراهٽ ۽ هن جا اُرهه ۽ هن جا...

— "ڏاڍي دير ڪيئه؟" چاڪاڻ ته مان سوچي ڪجهه نه سگهيو آهيان — شايد ٽائيم نه مليو اٿم. شايد چوڻ جي شڪتي نه اٿم. شايد اٿم، ليڪن لڳائڻ نٿو چاهيان. شايد لڳائڻ کان اڳ هڪ وار وري. انڪري چوان ٿو — "ها، معاف ڪجِ. اڄ ڏاڍو پريشان رهيس. ڪارڻ نه پڇين نه سٺو، جي پڇين نه اهو نه تون پريشان ڪندي رهينءَ، خيالن ٿي خيالن ۾."

خوش.

وري غمگين.

وري خوش.

وري — مان خود پريشان رهيس.

— ڪجهه ڪاڌو اٿئي، ڪجهه پيتو؟

— ها. هاٽ ڊاگ. ڪوئلي جهڙي ڪاري ڪافي.

دل ٿي ڪوئلو ٿي وئي آهي.

— جليل؟

— نه ٻجهيل.

مان ٻجهجهي ٿو وڃان — ڪاڻ؟

— اُون.

۽ مان خوش.

غمگين.

وري خوش.

وري غمگين.

— تون responsive آهين.

— هميشه رهندينس. يقين ڪر. هيل تائين، جا ٻه هئس، انڪري جو تنهنجي نه هيس. ٿي وڃان، ته ڏسج، هميشه responsive رهندينس، هميشه، هميشه، هميشه الا! هميشه. الا!! ... ۽ سوچڻ جا مٽيان بنڻ بند ٿي ڪري ڇڏي. — House wife ٿيڻ جو مزو ڪهڙو ٻه هجي، ليڪن مونکي ڏاڍو ايندو. قسم سان، سڄي سونهن، سموري جواني، سمپورڻ ادائون، سڄو سرير، ساري آتما (آتما لفظ جي اچارڻ ٻدا هن ڏيس جي سڄي عوت ڪيڻن سڌ ٿيندينس — ڪُل) ڦڙڦڙائي، ڦٽڪندي ٿي رهي، چاهيان ٿي ڪا ٻوڪ اچي، وحشي، قاتل جو منهنجا سڀ سلسلا ڪپجي وڃن، هڪ هنڌ روڪجي وڃان، سدا سدا لاءِ، سڀ ڪجهه هڪ هنڌ ڪيندرت ٿي وڃي. ڏيٺر بليو مي. مان ڪوڙ ڳالهائي ٿي نٿي سگهان، بليو مي، اونلي بليو مي، ييس ڏيٺر، ييس، ييس...

ڪاش! — مان آهه تو ڀريان.

— ڇو؟

... ... (ڪجهه به نه)

... ... (ڇو؟)

... ... (ڪجهه به نه)

... ... (ڇو؟)

... ... (ڪجهه به نه)

... ... (ڇو؟)

... ... (ڪجهه به نه)

... ... (ڇو؟)

... ... (ڪجهه به نه)

... ... (ڇو؟)

... ... (ڪجهه به نه)

... ... (ڇو؟)

... ... (ڪجهه به نه)

۽ مان اچانڪ چلائي ٿو اُٿان — ڪجهه به نه، آس - پاس جي ٽيبلن تان، ذرا هلڪڙو ٽهڪڙو.

*

*

*

مون چاهيو آهي، اڄان به چاهيان ٿو ته ڪا ٻريڪ اچي، سدا سدا لاءِ. معملي ئي خوب گهمپيرتا سان

سوچيو اٿم، ڀرپور هلڪڙائيءَ سان بہ سوچيو اٿم، گنڀيرتا ۽ هلڪڙائيءَ کي ملائي بہ سوچيو اٿم، پر بريڪ نٿي اچي، شايد اچي ئي نٿي سگهي، شايد اچي سگهي ٿي، ليڪن ...

۽ مان پنهنجو اصلي چهرو ڏسي نہ سگهندو آهيان. ٻيا چهرا وٺندا اٿم، تڏهن، جڏهن زندگيءَ لئي سوچڻ جو سلسلو في الحال رڪيل هوندو آهي. اُن اڻ‌اميدڙ ڪڻ ۾، گومانش وٺي بہ سگهندو آهيان، ڏيئي بہ سگهندو آهيان، ليڪن اڳتي ۽ پوءِ ...

۽ هن وقت هوءَ اُٿي ويئي آهي. اچي ٿي تہ سندس ۾ آلو رومال آهي. مان انسان جي بيوسيءَ لئي من ئي من ۾ بي وس ٿي ٿو وڃان. من ۾ گهرٽا جا جهرٽا اُمڙي ٿا پون، بي وسي، بيزاري ۽ something terribly scornful.

مجبوريون ئي مجبوريون آهن — جوڙ، ڪٽ، ضرب، ونڊ، ٻاڇي —

باٿ روم جون،

بيڊ روم جون،

ڪچن جون،

مجبوريون ئي مجبوريون، بي وسيون، اڃا بہ الائي ڇا ... هوءَ ٻاڦ کي خوبصورت ٿي سمجهي. هوندي. شيشي ۾ ٻاڦ کي پسند هوندي، شيشي کان ٻاهر ٻين

کي پسند هوندي. ليڪن ــ ڪان اڳ ۽ ڪان پوءِ ــ سفيد ڇهري تي (چاندني ـ يعني چاند به سهڻو آهي، گــاڙهو تلڪ. Bloody rascality) اف! پدو، گندو، بي روماني. سڄو سريو وارن، ننڪن، سوراخن، پورن، گهوڙاجنڪ گندن سان پــريل. عجيب و غريب ڪنڏ ـ گهيرا ـ اُڀار ـ لاهه، ڪجهه به سميٽريڪل نه. ان جنگهن تي بهندڙ ـ هلندڙ ـ جڻ ڪو چوپايو جانور، پوز بدلائي هلندو هجي. ڇهرو ـ ڇهري جي اڳـــ ۾ لڪيجي ويٺل نڪ، ڇهري ۾ چنبيل اکيون، ٻــن طرفن ڪــان پڪائي ڪن... ڇهرو نـــ آهي جڻ ڪنهن زبـون عمارت جا ڇاپوڙا لٽڪيل، لٽڪي آيل.

مان پنهنجي نڪ سان اَنــدازو لڳائي ٿــو وڃان نه آس ـ پاس ڪنهن موري ڪاڏي آهي.

بڪواس! اَچانڪ مان چٽي تو اُٿان. جڻ ڪا سزا پوڳي رهيا آهيون اسين.

هوءَ ڪجهه ڪائي رهي آهي. عجيب ڳالهه آهي، مان به ڪائي رهيو آهيان. مٿن ۾ ڪب ٿا پون، الهن ۾ ڦوندڻ تي اچي، لبڙ لبڙ جو هلڪو آواز. چپن جي ڪلڻ تي، ڏندن جي اَلگـــ ٿيڻ تي، چيڄي ايندڙ ڪـاڏو لار ۾ پسيل، لار ٿيل، ۽ مان پنهنجي وات مان ڪجهه ٿوڪاري ٿو ڇڏيان.

ــ ڇو؟

— مڪ هڻي.

— اَڇا!

— ... ...

— ٻڙا.

— رهڻ ڏي. ۽ هوءِ. رهڻ ٿي ڏئي. ۽ اها سڀ بدصورتي صرف هن جي نہ آهي. مهنجي بہ آهي. سڀني جي آهي. ان معنيٰ اَندر، هوءِ وري بہ وڌيڪ خوبصورت آهي، خوبصورت آهي، ائنڊ آءِ لو هر.

*

*

*

ماں چوان ٿو —

"ڊيٽو آءِ لؤ يو. سچ. هڪدم سچ." ۽ هوءِ مهنجو هٿ ٿي ڇڪي — "پر ڪڏهن بور نہ ڪج."

— نہ.

— ڪڏهن بہ نہ ڇڏج تہ صرف مهنجو آهين.

— نہ. مهنجو بہ نہ رهندين نہ؟

— ڪڏهن بہ اهو نہ ڇڏج تہ ڏينهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ دفع "آءِ لوَ يو" چؤ.

— نہ.

— ڪڏهن بہ اهو نہ ڇڏج تہ "نہ خالص انگريزي ڳالهاءِ ۽ نہ خالص ديسي ڀاشا ۾. گڏي-سڏي ڳالهاءِ.

— نه.

— ڪڏهن به منهنجي سامهون اهو نه چئج ته تون مونکان وڌيڪ ڪنهن کي پيار ٿي ڪرين.

— نه.

— ڪڏهن به اهو نه چئج ته ”رات جو ديـر سان نه اَچ.“

— نه.

— ڪڏهن به...

— نه، نه، نه... ۽ اسان ٻئي هڪ اينٽي - رومانٽڪ نُهڪ ٿا ڏيون.

مذاق، هان؟

ها، مذاق.

*

*

*

فائيلن ني نظر وجهندي، مونکي لڳي ٿو ته بوجهه محسوس ڪري رهيو آهيان. سڀ ڪپڙا لاهي ڦٽا ڪـيان. (هميشه وانگر) گهڙي سايڊ ٽيبل تي رکيل آهي. شيشو پڪاري ٿو. بلب پاور فل تي ٿا وڃن. آکين جي جوت وڌي ٿي وڃي. ۽ مان نوڪاري ٿو اَٿان — نانسينس.

هيءَ به زندگي آهي! اهو به روپ آهي!!

"هيءُ..." (ذلالت آهي، شايد)
"هيءُ..." (زهر آهي، شايد)
"هيءُ..." (سزا آهي، شايد)
— هيءُ بڪواس آهي،
بڪ،
بڪ،
بڪ،
بڪواس.

*

*

*

در تي ٺڪ ٺڪ، منهنجا ڪن ٻڌن ٿا. در تائين پهچڻ کان اڳ، پير، مونکي سچائل ڏوڙي ڏين ٿا. حقيقت کان اڳ، ڪلپنا مونکي سات ڏئي ٿي.

۽ مان هڪدم دروازو کولي ڇلايان ٿو — ڪون!؟ سامهون، سامهون ٿاءُ، گرد-اوڌ جي، ڪجهه به نه آهي. صرف پيرم، گهايل ڪلپنا، ننگي حقيقت. جڻ منهنجي ٻوڏ ۾ هٿن مان، جيون-درشن ڪري پيو آهي... ٽڙا... ۽ پاس-آس جي ٻاٽي هيٺ ٻوڪريءَ جي ڪنهن به ذري ۾، اهڙي به تميز نه آهي، جو هٿن مان ڪري پيل شيءِ کي، ڪٽي، چنڊي-ڦوڪي، وري هٿن ۾ پڪڙائي، جئن:

اَسهاءِ
بي آسري،
مجبور،
وڪش.
(پاڻ لي نظر ورائڻ بعد، پاڻ کي "الف" پانئيندڙ)
پڄهيل بدن — مان
... ...
... ...

غوراب

شيام جئسنگهاڻي

"شير خان!" ٻهرين ماڙي تان، دريءَ وٽ بيهي، چمپا بائيءَ جو سڏ.

"اڃهو آيس، بائيجي" - جواب ۾ شير خان جو هيٺان آواز.

بائيجيءَ بجاءِ جواب ۾ ڪيس 'چمپا بائي' سڏڻ جي ڊگهي مدت کان ساڻيندو آيو آهي، پراڻو چوڪيدار، شير خان، ليڪن سندس زبان هر روز 'بائيجي' ئي اُچاريندي آهي ۽ ان معاملي کي هو روز هر صرف وڏيڪ هڪ ڏينهن لاءِ ملتوي ڪندو آهي.

چمپا بائيءَ کي سندس سڏ جو جواب ڏيڻ شير خان پنهنجي مڙني جي نوڪن کي خبردار ۽ نهايت ملايم ڇهاءُ سان لساڙيندي هڪ ڊگهو ساهه کنيو ۽ پوءِ پنهنجن قدمن جي ڀاري آواز کي گهٽ ڪرڻ جي اُجائي ڪوشش ڪندي مٿي چڙهي ويو ۽ چمپا بائيءَ جي ڪوٺي وٽ بيهي دستڪ ڏنائين-

"بائيجي."

چمپا بائيءَ جي ڪاري مدراسڻ داسيءَ منهن ٻاهر ڪڍيو. شيرخان نظرون هٽائي ٺي رهيو هو ته پنيان چمپا بائي ظاهر ٿي.

”شيرخان.“

”ها، بائيجي.“

”ها، هان وٺ،“ چئي هن شيرخان ڏانهن پئسا وڌايا. پئسا وٺندي شيرخان، هڪ نظر، هميشه جيان چمپا بائيءَ ڏانهن نهاريو، سندو. ترتيب وار يا بي ترتيب ويس وڳو، ڇهرو يا زلف شيرخان لاءِ ڪا معنيٰ نٿا رکن. ان هڪ نظر ۾ مکيه طور هو چمپا بائيءَ جون اکيون ٺي ڏسندو آهي. پئسا وٺي شيرخان واپس مڙڻ لهڻ شروع ڪيو. دروازو بند ڪندڙ مدراسڻ داسيءَ جي وڏين اکين سندس مضبوط بدن جو ڪجھ قدمن تائين پيڇو ڪيو. شيرخان کي ان داسيءَ کان نفرت آهي - ڪباب جي هڏي!

هو چمپا بائيءَ لاءِ روز پان آڻيندو هو. ائين ته هوءَ سموري ڏينهن لاءِ گهل انداز پان پاڻ وٽ رکندي آهي، ان هوندي به رات جو ڪيس تازي پان کائڻ تي دل ٿيندي آهي. شيرخان نه صرف نيڪ وقت جاڳي ٿو بلڪ اهو به جاڳي ٿو ته سندس آندل پان چمپا بائيءَ کي خوب پسند به هوندو آهي!

شيرخان - چمپا بائيءَ جي مڪان سامهون گدام جو

چوڪيدار. چمپا بائيءَ جي مڪان جي ٽري ۾ پيگل لفٽ مٿان رکيل کٽ کڻي رات جو گدام ٻاهران وڇائي ڀرو ڏيندڙ يا لفٽ ۾ سمهندڙ مڪان مالڪ جي گماشتي جي ڳوٺاڻي ڇوڪر ڪاشيءَ سان گپا هڻندڙ. ساڻس گڏ واهي چلم ڇڪيندي گدام جي ٽالي تي نظرون کپائيندڙ - شير خان!

چمپا بائيءَ جو پان آڻڻ سندس سموري ڏينهن جو واحد روماني شغل هوندو آهي؛ جنهن جي ڪٽڪتائيءَ کي وسارڻ سندس وس ۾ ڪونهي. ان پان بدولت چمپا بائيءَ کي منهان ڏسڻ جو ٻه دفعا موقعو جو پنائيندو آهي. پئسا وٺندي ۽ فرمان ٻڌندي سندس نظرون چمپا بائي جي خوبصورت ڊگهين آڱرين سان چنبڙڻ چاهينديون آهن. ٻئي دفعا هو نظرن کي ويڙهي سيڙهي چمپا بائيءَ وٽان پاتل مرڪ تي ٽڪندو، جهومندو، مڇن جي لوڪن کي ملايم ڇهاءَ سان لساڙيندو، صدريءَ ۾ پيل آئيني کي ٻاهر ڪڍڻ بنا پنهنجي جوان چهري جي ڪلپنا ڪندو، سلامت هيٺ پهچندو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن کٽ تي ويٺي ويٺي، چلم ڇڪيندي، جڏهن هو سوچ ۾ غلطان هوندو آهي، چمپا بائي، سندس جواني، شروعاتي جهار ۽ بيشو ٻه سندس خيال جو حصو بڻجي ويندا آهن. بيشو! اڪيلي ۾ سچ پچ پنهنجا ڪن پڪڙي هو آسمان ڏانهن

نهاريندو آهي گويا لڪي ڇپي چمپا ٻائيءَ کي ننگو ڏسي ورتو هجيس.

شيرخان تي چمپا ٻائيءَ جون وسايل مسڪراهٽون مفت ڪونهن؛ اهو راز صرف ٻگل لفظ ۾ سمهندڙ چوڪر ڪاشي ڄاڻي ٿو ته شيرخان چمپا ٻائيءَ کي ٻيٽڻ پئسن جو پان آڻي ڏيندو آهي ۽ هڪ حصو پئسا پنهنجي کيسي مان وجهندو آهي. پان واري کي ته هن خاص اُچي تمباڪوءَ جي دٻي جا پئسا اَڳواٽ ڏيئي ڇڏيا آهن.

اَڪثر شيرخان مقرر وقت کان اَڳ ۾ چمپا ٻائيءَ جي مڪان تي پهچي ويندو آهي. ليڪن جڏهن ڏينهن ۾ واري فلم اسٽوڊيو جو چوڪيدار قادرخان اچاڪ هو، شيرخان سندس خدمت ۾ مصروف رهيو.

ان رات تيز بارش ۽ اونده جي گهاٽن ٿهن ۾ چمپا ٻائيءَ جي مڪان جي ٻاهرين ٻتي نهايت جهڪي لڳي رهي هئي گويا لاٽينٽي اوجاڳي مٿس زردي هاري ڇڏي هئي.

قائل ڇٽيءَ جي اَيڪ سوراخن مان آسمان جون اَڻيڪ جهلڪون پائيندي، وارن ۾ پيل پاڻيءَ کي ڪنڌ ڏوٽي ڇنڊڻ جي ڪوشش ڪندي، بوٽ ۾ جمع ٿيل گپ کان بيزار، ڪاشي مڪان وٽ پهتو. اَندر ويندي ۽ ڇٽي بند ڪندي وڏيڪ پسي ويو.

ٻت تان پاڻي ڇنڊي، قميص لاهي، مٿو اگهي، قميص ڇنڊي، لفٽ جي ڪنڊ وٽ ٽنگي، لفٽ مٿان شيرخان جي اُڀي پيل کٽ مٿان رکيل پنهنجو ٻسترو لاهي لفٽ جي ڀت کي کيسي ۾ پيل اخبار ٽڪر سان اُگهي، ڪاشيءَ ٻسترو وڇايو ۽ ٻي بيڙي دکائي خان جو انتظار ڪرڻ لڳو.

بارش جي ٽال ٻڌ آواز ۾ هن زناني آواز جي مڌر ليه کي جذب ٿيندو ٻڌو ۽ ڪن سرلا ڪيائين. ٻرابر، چمپا بائي شيرخان کي سڏي رهي هئي. ٻيڙيءَ جي ٻڙل مٿهن کي زمين سان گسائي، قميص اوڍي، ڪاشي مٿي پهتو. چمپا بائيءَ جي ڪوٺيءَ جو دروازو کليل هو. تاڪن کي جهلي ڪاري مدراسڻ بيٺي هئي.

“شيرخان نہ آيو آهي ڇا؟” اَندران چمپا بائيءَ جو آواز. ڪاشي وانڱي جيان صرف نهاريندو رهيو.

“اي ڇوڪرا، شيرخان ڪٿي آهي؟” مدراسڻ داسيءَ جي هڪل.

“اڃا آيو ڪونهي.

“منهنجي لاءِ پان وٺي ايندين؟” هينئر چمپا بائيءَ جو چهرو ظاهر ٿيو. ڪاشيءَ هاڪاري ڪنڌ لوڏيو. چمپا بائيءَ پئسا سندس تريءَ تي رکيا.

“ڪلڪتہ سادو، سيڪيل سوپاري، قوام، تمباڪو ۽ الاچي. ڇا سمجهين؟”

"سادو ڪلڪتو، تماڪو، الاچي، سيڪيل سوپاري ..."

"۽ قوام. هان قوام ياد رک."

"ها۔ قوام." ڪاشي واپس موڙيو. بند مٺ ۾ سڪا ڳڻائيندو هيٺ لهڻ لڳو. اَتِ ڏاڪڻ ۾ سندس پير کسڪي ويو ۽ عين وقت تي ريلنگ پڪڙي پاڻ کي ڪرڻ کان بچائي ورتائين ۽ ڏاڪڻ طرف نيڪ توجہ نہ ڏيڻ جي غلطي محسوس ڪيائين. سندس سمورو بدن ائين ڪنبي رهيو هو جڻ سچ پچ ڪريو هجي ۽ پنهنجي بيوقوفيءَ تي چمپا بائيءَ ۽ مدراسڻ داسيءَ کي کلندو ڏٺو هجائين.

ڪنبندڙ پيرن کي آهستي آهستي رکندو هو هيٺ لهي آيو. لفٽ پنيان، ڪن ڪوٺين مان روشنيءَ جو اولاءُ پئجي رهيو هو. آواز ۽ کل. لفٽ وٽ پهچي، اَتِ کليل حالت ۾ ڇني جهلي، ڪجهہ پل هن خان جو انتظار ڪيو ۽ پوءِ ٻاهر نڪري ويو.

پان وٺي موٽيو. خان لاءِ هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين ۽ پوءِ مٿي چڙهي ويو.

چمپا بائيءَ جي ڪوٺيءَ جو دروازو کليل هو. اندر آئيني وٽ بيهي هوءَ پنهنجو سينگار درست ڪري رهي هئي. آهٽ پائي هن پٺيان نهاريو. ڪاشي هڪدم پٺتي هٽيو.

"شيرخان نه آيو اَڄ؟" چمپا ٻائيءَ هٿ ٻگهيڙيو. انڪار ۾ ڪنڌ لوڏي ڪاشيءَ ڏانهنس پان وڌايو. چمپا ٻائيءَ ٻيڙو منهن ۾ وجهي جيڀ سان گول ڦيرائيندي، هلڪو چٻاڙي، ذائقو محسوس ڪيو.

"واهه، خوب!" ڪاشيءَ کي ڪلهي وٽ ٿپڪي، خوشيءَ جي لهجي ۾ چيائين، "بلڪل ساڳيو، ڪو به فرق ڪونهي!"

ڪاشي چپ چاپ ٻاهر آيو. تمام آهستگيءَ سان ڏاڪڻ لهڻ لڳو. ڄاڻائين ٿي ته هن پيري پير ڪونه کسڪندو. آهستي لهندي به هو ائين محسوس ڪري رهيو هو جڻ ڏاڪا سندس هيٺان اچي ٽڪڙا ٽڪڙا مٿي چڙهندا هجن. آخري ڏاڪو پورو ڪري 'ٽپ' جي آواز سان سندس پير اچي پٽ سان لڳو، جڻ اڃا به وڌيڪ ڏاڪن کي خيال ۾ رکي هن قدم کنيو هجي.

سامهون شيرخان سهڪي رهيو هو، جڻ ڪٿان ڊوڙي آيو هو. شيرخان کي ڏسي، چاهيندي به، ڪاشيءَ جي چپن تي مرڪ جنم وٺي نه سگهي؛ صرف سندس زبان ٿرڪ ۾ آئي.

"اَڄ ايتري دير؟"

"منهنجو يار قادر بيمار هو." چئيءَ هوندي به شيرخان ٻسي ويو هو. لفٽ مٿان رکيل پنهنجي کٽ لاهيندي هو چوندو رهيو، "سمورو ڏينهن پڪيو آهيان.

ڪڏهن ٻاڪڙ ٻنيان ته ڪڏهن..." نڪ جي ٻنهي پاسن کان، اکين جي ڪنڊ وٽ، آڱوٺو ۽ وچين رکي، ڪن لاءِ اکيون بند ڪري پٽڪيائين، "خدايا!"

"ٽوڪي چمپا بائيءَ ڪوٺيو هو، خان."

"سچ!" شير خان ڪنڌ رکي مٿي وڃڻ لڳو.

"شير خان."

"چئه."

"پان لاءِ ڪوٺيو هو، بائيءَ ٽوڪي."

"ڄاڻان ٿو."

ان وچ ۾ ڳالهائيندي ڳالهائيندي شير خان ٻه ٽي ڏاڪا چڙهي به ويو هو.

"پان بائيجي وٽ پهچي ويو، شير خان." شير خان مڪمل ريت رڪجي ويو.

"پهچي ويو؟"

"مون پاڻ آڻي ڏنو بائيءَ کي."

"سچ؟" ڏاڪا واپس لهي آيو، شير خان.

"ها."

"ڪٿان؟"

"جتان تون وٺي ايندو آهين..."

"سنو ڪيئه، دوست." شير خان ڪنڌ ٽي واهي، پڳڙي لاهي، هٿ ۾ جهليل ڏنڊي کي پاسيرو رکيو. ٽنگون ڦهلائي، مٿي تي هٿ ڦيريندي ڪاشيءَ کان

پڇيائين، "ڪهڙا ٻئا ڏنا ٻانيجيءَ؟"

"ٻه ڏهن،" لفٽ ۾ ويندي ڪاشيءَ جواب ڏنو.

"ڪهڙي وارو پان آندءِ؟"

"ٽيهن وارو. تو جو ٻڌايو هو."

ٽيهن جي متعلق ٻڌي، خان جو هٿ ٻاٽمرادو مٿن اسارڻ لاءِ کڄي ويو، ليڪن مٿن ٽائين پهچندي پهچندي رڪجي ويو، ڇو ته سندس منهن مان نڪرندڙ لفظن کي وڏيڪ تڪڙ هئي ۽ لفظ سندس سمورو ڌيان کڄي ڪٽي ويا.

"ٽيهن پئسن وارو؟"

"ها، ٻه ڏهن مون ٽنهنجا شريڪ ڪيا."

خان ڪجهه پل سوچيو. سندس پيشانيءَ جا گهنج سجاڳ ٿي هڪ ٻئي ڏانهن وڌي ويا. صدريءَ مان ٻاهر ايندي سڪا آلدر پيل آئيني سان ٽڪريا.

"هان وٺ ٻه ڏهن پئسا." خان پئسا ڪاشيءَ ڏانهن وڌايا. ڪاشي، ناڪار ڪرڻ لاءِ هلڪي لوڏ کندي، خان جي چهري ڏانهن نهاري، ٽنهنجي ٻيوسي ڀانپي ورتي.

"ٻانيجيءَ ڪجهه چيو؟"

"تنهنجي لاءِ پڇيائين ته اڳيئر ته، ٻوءِ ته." ٻڌي شيرخان جون اکيون چمڪڻ لڳيون.

"توکي ڪجهه چيائين؟"

"پان منهن ۾ وجهي ..."

"ها، ها... ؟"

"... شاباس ڏنائين."

خان اُٿي ويٺو. پڇيائين، "ڇا چيائين؟"

"چيائين ته ڪجهه ڪونه، صرف ڪلهي تي ٿپڪي ڏنائين." جواب ڏنئي، ڪاشي لفٽ اندر ٿورو پريرو ڪسڪي ويو جڻ خان جي نئين سوالي گهوڙي جي سنبن کان بچڻ جي اَڳواٽ تياري ڪندو هجي. مٿئين چپ سان هيٺئين چپ کي دٻائي رکڻ سبب شيرخان جي ڏاڙهي ڪڙي تي بيٺي هئي. ڪاشيءَ جي بدن ۾ ڪنڪناٽ جهڙو ڪجهه ٿي رهيو هو.

"تنهنجي عمر گهڻي آهي ڙي ڪاشي؟" خان جو اوچتو سوال.

"عمر؟ اَرڙهن، اُڻويهه."

"اُڻويهه. اُڻويهه! هان؟" خان جا ڏند وڏيڪ پيڪوڙجي ويا. لفٽ طرف وڌي وڃي ڪاشيءَ کي ٻاهر ڇڪيائين. "اُڻويهه! دنوس!" ۽ ڪاشيءَ کي ٻاهر ڇڪي مارڻ شروع ڪيائين. رات جي وڳڙ. ڪاشيءَ جون رڙيون. هراس ۾ آس پاس جا ماڻهو نڪري آيا. خان کي روڪيندي هرڪنهن ماجرا دريافت ڪئي. خان جواب ڏيڻ بجاءِ ڪاشيءَ تي اَلر ڪرڻ لڳو.

"ڇا ٿيو شير خان؟" سنڌس ڀائين ۾ زنانو هٿ ٻيو.

"ڪمبخت منهنجو نقصان ڪري ڇڏيو آهي، ڇمپا ٻائي!" خان جو هٿ رڪجي ويو ۽ ڀائين هيٺ ٿي وڃي.

سيٺي ڪاشيءَ ڏانهن نهاريو. هو بلڪل خاموش ويٺو هو. ان سيڪنڊ ملاح جيان، سمنڊ کي جاڳڻ ۽ سمنڊ ۾ گهڙڻ کان اڳ، جنهن جو ننڍو ٻيڙلو شاهي غوراب جي ڪنهن ڪنڊ سان ٽڪرجي ڪپر وٽ ئي دٻجي زمين دوز ٿي ويو هجي.

سلسلو

هريش واسواڻي

هن ڪان اڳ هن ڪڏهن ڪونه سوچيو هو ته سنڌس ۾ پتا جي وچھ ڪا سمانتا آهي. ان خيال اَچانڪ ئي ڪيس بيحد ٻيچاري ڇڏيو هو. هوُ، جو شاور باٿ وٺي گنگنائي رهيو هو، گونگو ٿي ويو ۽ سنان ڪرڻ ڇڏي سامهون پيل ڪرسيءَ تي اچي ويٺو. شاور بند ڪرڻ جو اُنساھ منجهس ڪونه هو. پاڻيءَ جون ورچيل بوندون فرش تي ڪري ڇند مير ڪوتا وانگر ليه بڌ شور ڪري رهيون هيون. ٻر هو انهن ڏانهن هيئنر ٻوڙو ٿي ويو. ڪرسيءَ تي ويهڻ سان ڪيس ڪو سنتوش ڪونه ٿيو. هو اُٿي بيٺو، ۽ سامهون آئيني ۾ نهاريندي هن پنهنجي شرير کي موڙي هڪ پوز ناهڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪامياب ڪونه ٿيو. ٿنهن هوندي به ڪيس اهو وشواس هو ته ڪن اڳ هن پاڻ ۾ پنهنجي پتا کي ڏٺو هو. سنڌس سڄي شرير مان پاڻي ڳڙي رهيو هو. ٿنهن ڪان وٺي چوٽيءَ تائين سنڌس وار سرير سان چپڪيل هئا. مٿي تي گويا ڪارو پلاسٽر

لڳل هو ۽ اُن ڪان هيٺ ننڍا ننڍا وار پاڻيءَ جي ڍباءَ ۾ جهڪي ويا هئا. هن جي پرش انگ تي ٻه وار حاوي ٿيڄي ويا هئا. ڄڻ ان جي مٿان ڪا ڪاراڻ ڪونئرو سان چنبڙي پيئي هجي. هن چاهيو ته هو جهٽڪو ڏيئي ان کي اَلڳ ڪري ڇڏي پر ڪيس همٿ ڪونه ٿي. هو جڏهن ٽاول کڻڻ لاءِ ٿورو اَڳتي وڌيو ته ڪيس لڳو سندس چال بدلجي ويئي آهي ۽ جيئن ئي هو ڪليءَ مان ٽاول ڇڪيندو تيئن ئي باٿ روم جو دروازو کلندو ۽ هڪ ننڍو ٻار ڏانهس ڀل لاءِ گهوري نهاريندو، سندس وات مان نڪرندو "هش" ۽ ڦٽاڪ سان دروازو بند ٿي ويندو. جيتوڻيڪ اهڙو ڪجهه ڪونه ٿيو ته به باٿ روم ۾ سندس دم گهٽجڻ لڳو ۽ جلدي جلدي هو جڏهن ڪپڙا پائي ٻاهر نڪتو تڏهن سندس من ۾ اهڙائي شنڪا هئي ته هو پنهنجي ڪنهن ٻار ڏٺاران ننگو ڏٺو ويو آهي، گو هو اڃا ڪنوارو هو.

اٽيچڊ باٿ واري پنهنجي ڪمري کي ڇڏي هو ٻاهر ڪاريڊار ۾ ٻيل موڙي تي اچي ويٺو ۽ سگريٽ دکائڻ لڳو. سامهون ننڍيون ننڍيون ٻهاڙيون هيون، غير سلسليوار. نيم زرد ۽ نيم سبز درخت هئا. رستن جا ڪنڊيل ٽڪرا ۽ کليل آڪاش هو ته به هن پاڻ کي قيد محسوس ڪيو. هو ائين اَنيؤ ڪري رهيو هو ته اڃا باٿ روم آهي ۽ سندس ڊريسنگ ٽيبل جي آئيني جي

بجاءِ قدرتي نظاري وارو وڏو چتر لڳل آهي. باٿ روم واري خيالي وهم کان هو اڃا به آجو ڪونه هو. سندس پتا سرڳواس ٿي ويو هو ۽ پاڻ زنده هو. هن کي لڳو ته هو پاڻ سرڳواس ٿي ويو آهي ۽ سندس پٽ زنده آهي. پيا جي هو پاڻکي زنده به ڪٿي مڃي ته به سندس پٽ کيس زنده مڃڻ کان انڪار ڪري رهيو آهي. ٺيڪ ائين جيئن هن پنهنجي پتا جي زندگيءَ ۾ سندس وجود کي ڪو مهتوُ ئي ڪونه ڏنو هو. سندس پتا کي سڄي عمر اِها شڪايت رهي هئي ته سندس پٽ، پٽ نه آهي ۽ موت ۾ هو کيس ائين جتائيندو رهيو هو ته سندس پتا، پتا نه آهي. جيتوٽيڪ هن جي مري وڃڻ کانپوءِ هن ڪيترا دفعا ائين محسوس ڪيو هو ته سندس پتا، پتا نه هو، پر ان کي زنده ڪري هو کيس اِهو ٻڌائي ڪونه ٿي سگهيو ته ڪو سندس پٽ به پٽ آهي. اَڄ جڏهن باٿ روم ۾ ننگو ٿي سنان ڪندي هن آئيني ۾ پنهنجي شرير ۾ پتا جي جهلڪ پسي هئي، ان پل کان کيس ائين لڳي رهيو آهي ته هو پنهنجي پتا جي زندگي جي رهيو آهي. هو جڏهن ننڍو هو، هڪ دفعي پتا سنان ڪرڻ وقت پنهنجو ٽاول ڀلجي ويو هو ۽ کيس سڏ ڪري ٽاول گهريو هئائين. ٽاول ڏيڻ وقت دروازو کلڻ تي هن پنهنجي پتا کي ننگو ڏٺي ورتو هو، جنهن جي سڄي سرير

مان پاڻي ڳڙي رهيو هو. ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين
سندس وار سرنهن سان چهڪيل هئا. مٿي تي گويا
ڪارو پلاسٽر لڳل هوس ۽ ان جي پوش آنڪ تي پڻ..
هو پل لاءِ گهوريندو رهجي ويو ته سندس پتا جي وات
مان نڪتو "هش" ۽ دروازو ڦٽاڪ سان بند ٿي ويو.
ان بعد سندس من تي پتا جي اهائي تصوير چٽجي
وئي هئي. هو جڏهن به پتا جو تصور ڪندو هو،
سندس اڳيان اهوئي روپ اچي بيهندو هو. ايتري قدر
جو ڪانئس وسري ويو ته ڪو سندس پتا جي ڪا ٻي
شڪل به آهي. هيئنر هڪ دفعو وري ڪانئس پنهنجي
صورت وسري رهي هئي. بار بار سندس اکين جي
اڳيان اهائي تصوير اڀري ٿي بيني. هن کي اها پڻ
شنڪا ٿيڻ لڳي ته شايد ڪيس به ڪا ٻي شڪل نه
آهي.

هونءَ هن ۽ هن جي پتا جي وچ ۾ وڏو فرق هو.
سندس پتا نهايت جذباتي ۽ ڪمزور دل جو شخص هو.
انڪري ئي هو ڪيس پيار به ڏاڍو ڪندو هو. جڏهن
هو وڏو ٿي نوڪري ڪرڻ لڳو ته به سندس پتا ڪيس
ٻاڪر ۾ ڀري چميون ڏيندو هو. هو اَلائي ڇو هن پنهنجي
پتا جي ٻاڪر ۾ هميشه ڪوفت محسوس ڪئي. ننڍي
هوندي پتا ڪيس ڳڻي چميون ڏيندو هو. وڏي هوندي
هو پتا جون چميون ڳڻيندو هو. ۽ جڏهن انداز ٽورو

وڏي ويندو هو نه هو چلائي اُٿندو هو- هاڻي بس ڪريو. پتا چماٽ ڪاڏل ٻار جيان هيسجي ڪيس ڇڏي ڏيندو هو. ٻر وري جڏهن هو ساڻس ملندو هو ته ڪيس چمڻ ڪونه ڇڏيندو هو.

ڪيس ياد ڪونهي ته پتا کو ڪيس ڪڏهن ڌڪ هنيو. ڌڪ دراَصل هو ڪنهن کي ڪونه هڻندو هو يا هڻي ڪونه سگهندو هو. جيتوڻيڪ هن ڪانسواءِ گهر جا سڀ ڀاتي ساڻس وڙهندا هئا. ايتري قدر جو گهر جو ننڍي ۾ ننڍو ٻار به ٿوري سمجهه اچڻ تي سندس ڏانهن بيپرواهه ٿيڻ شروع ڪندو هو. سڀ ائين ئي سوچيندا هئا ته پتا هڪ هلڪي درجي جو جيو آهي جيڪو سڀو ڏينهن محنت ڪري ڪٽمب جي پرورش ڪري جاڻي ٻر ان ڪانسواءِ ڪجهه نه جاڻي. انڪري سڀ ڪيس لٽڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ۽ هو آسانيءَ سان سڀني کان لٽائي به خوش ٿيندو نظر ايندو هو. خاص ڪري ٽڏهن جڏهن سندس ڀڃس مان ٻار کو ٽول وٺي ٽوهڻيءَ سان ڪائيندا هئا. سندس ۽ ڀين جي وچ ۾ اهوئي رشتو هو ورنه هو جڏهن آفيس مان نڪل گهر موٽندو هو ته ٻار ڪيس چانهه وٺي ڏيڻ ۾ به آناڪاني ڪندا هئا. پتا جي گرو نانڪ ۾ گهري شرڌا هوندي هئي ۽ هو ائين چوندو رهندو هو ته جيڪو ڪائهي ٻارن سان گڏ ڪائجي. ٻارن کي ڪائيندو ڏسي

سندس اکيون ڳساڻ واڱر ٿي وينديون هيون ۽ هو پاڻ نه کائي ٻه اوڳاري ٿي سنتوش ڪندو هو. سندس ڀئسي مان جي ڪا ڪاڏي پيٽي، ڪپڙي لٽي يا ڪا ڪم جي شيءِ ايندي هئي ته هو خوش ٿيندو هو پر جي ان مان ڪو فلم ناٽڪ يا ميلي تماشي تي پئسو وڃائيندو هو ته هو ناراض ٿي ويندو هو.

سندس پتا سادو هو؛ پر سول ڪونه هو. سوارٿ منجهس هـو انڪري هـو ڪڏهن ڪوڙ به ڳالهائيندو هو پر هو ڪجهه به لڪائي ڪونه سگهندو هو. انڪري ڪي مٿس کلندا به هئا. هو پنهنجي پتا تي جڏهن به ڪنهن کي کلندو ڏسندو هو ته سندس سيني ۾ زهر پوجي ويندو هو. ۽ پوءِ سڄو زهر گهر اچي پنهنجي پتا جي مٿان هاريندو هو. گهر جو ڪو پاليي سندس بچاءُ ڪونه ڪندو هـو ڇاڪاڻ ته وهنوار جي لحاظ کان هو صاف صاف غلطيون ڪندو هو. جا ڳالهه ننڍي ٻار کي سمجهه ۾ اچي ويندي هئي سا سندس پتا کي سمجهه ۾ ڪونه ايندي هئي ۽ پڇاڙيءَ ۾ پتا جي حالت قياس جوڳي ٿي ويندي هئي پر مٿس ڪو ديا ڪونه ڪندو هو. جيترو وقت هو پتا سان گڏ رهيو سڏيل پور وڇوٽ ليڪن وانگر رهيو. ٻه رستا، جي پاڻ ۾ گڏ هلندا رهيا پر پاڻ ۾ مليا ڪونه.

هـڻ وري هيمنت رستن ڏانهن نهاريو. پهاڙي رستا.

ڏنگين ليکن جا ننڍا وڏا ٽڪرا. ڪٿي ٻه سئوان سڌا ڳنڍ ڪونه ٿي هليا. جتي ڪٿي مليا ٿي، ملي سمائجي ٿي ويا. سمائجي جدا ٿي ٿي ويا. انهن مان هڪ سنهڙي رستي جي ڪنڊ وڏالدي سنڌس مستڪ ۾ لوڪ وانگر چيچي ويٺي. هو زخمي ٿي ويو. ڪيس ڪنتيءَ جي ياد آئي. جنهن کي اڄان ڪلهه هن ڀوڳيو هو. هن جي ڏنگين ليکن سان هو سڌي رستي وانگر مليو هو. ملي سمائجي ويو هو. سمائجي جدا ٿي ويو هو. ڪنتيءَ جي خيال سان ئي سنڌس خون گرم ٿيڻ لڳو. ڪيس لڳو ته هڪ دفعو وري هو شاور باٿ وٺڻ لاءِ ننگو ٿي رهيو آهي ۽ هن دفعي مٿان گرم پاڻي ڪري رهيو آهي جو لڳن کي ساڙيندو ڦرڪندو ٿو وڃي ۽ شرير تي وارن جي بجاءِ ڪنتيءَ جي ڪومل سپرش ڇنڊڙيل آهي. هو من ئي من ڪلهوڪي اُنڀو کي وري تصور ۾ دهرائڻ لڳو. ڪنتيءَ جو سنهڙو صندلي بدن. ڇاتين جي سخت ماس مٿان مخمل. ٻانهون، ٽنگون. لڄ جو لڪ ڇپ کيل ۽ ترپتي جي ٿڪاوت، بند اکيون. ان بعد واعدو. واعدو اڄ جي ملڻ جو. وري ملڻ جو، هميشه ملڻ جو. اڄ هو ان لاءِ تيار ٿي رهيو هو پر ڪنتيءَ ڏانهن نه وڃي موڙي ئي ويٺو آهي. اڃا ٻه ويهندو، شايد ويٺو ئي هوندو.

پل لاءِ سنڌس مستڪ ۾ پتا بجاءِ ڪنتي هئي.

جنهن سان سندس اَفيئر اَڃا پراڻو ڪونه ٿيو هو. رستو ڳولهي هو ڪيس هٿي وٺي آيو هو. پر قانون کان هو ڊنو ٿي انڪري پاڻ ٽورسٽ بنگلي ۾ رهيو هو ۽ ڪنتيءَ کي گرلس يوٿ هاسٽل ۾ رهايو هئائين. ڪنتيءَ جو خيال هو ته جڏهن هو موٽندا ته سندن شاديءَ جو پلان بلڪل تيار هوندو. پنهنجن مائٽن کي هوءَ اڳين ئي چٺي آئي هئي. انڪري ئي هوءَ ڪلهه ان لاءِ تيار ٿي وئي هئي ۽ ترت ان بعد هن کان واعدو ورتو هئائين. هن به بي رخي ڪونه ڏيکاري هئي جو ڪنتي هن کي آخري طور پسند اچي وئي هئي. هونئن به شادي لئي هن ان کان اڳ ڪڏهن گنڀيرتا سان ڪونه سوچيو هو، ۽ نه ئي هن ڪانپوءِ سوچي سگهي ها. جيتوڻيڪ شادي به هن جي ۽ هن جي پتا جي وچ ۾ اتفاق جو هڪ نڪتو بڻي رهي هئي. جڏهن به اُن تي سوچڻ لاءِ ڪيس چيو ويو تڏهن هن بلڪل انڪار ڪري ڇڏيو. ڇو جو هو اهو سويڪار نٿي ڪري سگهيو ته ڪيس اُن لئي سوچڻ لاءِ ڪو ڇو چوي، ڀلي پوءِ اهو سندس پتا ئي چونه هجي. پر چاڪاڻ ته سندس پتا ئي ڪيس ان لاءِ گهڻو چوندو هو انڪري هن ان جو ورود ڪرڻ پنهنجو سهج ڌرم سمجهيو. اها سندس پتا جي لڳ ڀڳ "آخري" اڇا هئي. پر ان جي پوري ڪرڻ پا ٿيڻ جو ڪو سوال ئي ڪونه

ٿي پيدا ٿيو. ان بعد سندس پتا موت جي سزا مليل ان قيدي جيان ڏينهن گذارڻ لڳو جنهن کي موت جي سزا ڏيڻ کان اڳ، اُن جي آخري اِڇا به پڇي ڪونه ويئي هئي. جيتوڻيڪ هن بي شرميءَ وچان پنهنجي حق (!) جي گهر ڪئي هئي پر ڪنهن ڌيان ڪونه ڏنو. نتيجي طور هو قيد خاني اندر بيمار ٿي پيو. اِنڪري سندس موت ڪجهه ڏينهن مهمل ٿي ويو، جو ڦاسيءَ جي قيديءَ کي به علاج ڪرائڻ بعد موت جي حوالي ڪيو ويندو آهي.

۽ ڊاڪٽرن چيو ڪيس چنتا آهي. هن جڏهن کان چنتا لفظ ٻڌو تڏهن کان پتا کي وڪوڙي ويو ۽ ضد ڪرڻ لڳو ته هو چنتا نه ڪري. گويا چنتا هڪ شرت هئي جا سندس پتا هن کي ڏسي ڪيس خوش ڪرڻ لاءِ ٻهوڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندو. سندس پتا ائين ڪونه ڪيو. هن ان کي به پتا جي وروڌ جو هڪ ڪارڻ سمجهيو. پر پتا وڌيڪ چنتا ڪئي ۽ هڪ هڪ ڪري انهن سڀني بيمارين جو شڪار ٿيندو ويو جيڪي چنتا مان ٿي سگهنديون آهن. هو آخرين دفعو جڏهن پتا سان ملڻ ويو هو تڏهن بيمار هوندي سندس پتا سٽيشن تي وٺڻ آيو هو. پر ايترو ته ڪمزور هو جو پليٽفارم جي بينچ تان ئي اُٿي ڪونه سگهيو هو. جڏهن ڪيس ڏٺائين ويو ته پتا پليٽفارم جي بينچ تي

سندس انتظار ڪري رهيو آهي، تڏهن هو پتا کي ڳولهڻ ويو هو پر ڳولهي ڪو نہ سگهيو هو. بيمار پتا ايترو نہ ڏورو تي ويو هو جو سندس پرسان گذرندي بہ هو کيس سڃاڻي ڪو نہ سگهيو هو. جيتوڻيڪ پتا کيس چڱيءَ طرح ڏسي ورتو هو. پنهنجي پٽ کي نہ سڃاڻندو ڏسي پتا کي ائين لڳو هو تہ هيءُ ٻيهرون دفعو آهي جڏهن سندس پٽ سڀ کان صحيح ورتاءُ ڪيو آهي. ان کان ٽن ڏينهن بعد سندس پتا سموريون دوائون ٺوڪاري ڦٽي ڪري ڇڏيون هيون ۽ وقت کان اڳ ئي پنهنجي سزا قبولي ورتي هئي.

هن کي هر درخت تي هڪ چهرو ٽنگيل نظر آيو جيڪو درخت جي پاڙن تائين لٽڪي رهيو هو. هن ڀانيو تہ اهي درخت آهستي آهستي وڌي وٽس ايندا ۽ هو اَچانڪ هڪ قبرستان ۾ گهيرجي ويندو. سندس دماغ ۾ مٽڪبيت ٽائڪ جو نظارو گهمي ويو جنهن ۾ سپاهي وڻن کي اَڳيان رکي اَڳتي وڌي رهيا هئا. هينئر بجاءِ ان جي وڻ سندس پتا جي لاش کي اَڳيان رکي اَڳتي وڌي رهيا ها. سندس مٿو ڦرڻ لڳو. هو اُٿي کڙو ٿيو. کيس لڳو تہ هو بيهي ڪو نہ سگهندو، ڪري پوندو. اِڪري رڙهندو روم ۾ پلنگ تي وڃي ليٽيو. نرم گدي جي باوجود لوهہ جي پلنگ جون شيخون سندس شرير ۾ چڀڻ لڳيون. ٻئي پل کيس لڳو تہ هو پلنگ تي نہ

آهي آپريشن ٽيبل تي آهي ۽ ڊاڪٽر کيس بيهوش ڪرڻ کانسواءِ سندس دماغ جو آپريشن ڪري رهيا آهن. بي پناهه درد سان سندس دماغ ڇرجي رهيو آهي پر ڊپ وچان ڪا رڙ نٿو ڪري سگهي. سندس اکين اڳيان سندس دماغ مان روڳ نڪري رهيو آهي جو ختم ٿيڻ تي ئي ڪونه ٿو اچي. الائي ڇو کيس وشواس ٿي ويو ته اهو روڳ بند ڪونه ٿيندو. ۽ نه وري ڪڏهن سندس دماغ جڙي سگهندو. سڄي عمر هو ٽٽل دماغ سان روڳ وهائيندو رهندو. ڪو به انسان سندس ويجهو ڪونه ايندو، ڪتيءَ کان سواءِ.

ڪتي هڪ دفعو وري سندس دماغ ۾ اچي ويٺي هئي. پر هينئر اُن جو ننگو بدن کيس رڳي ماتر به روحانيت ڪونه ڪري سگهيو. اُلٽو ڪتيءَ جي ڳجهي عضوي جو خيال ڪري کيس ٻچان اچڻ لڳي. هن انهن ۾ محسوس ڪيو ته رات ۾ هن هڪ قسم جو روڳ وهايو هو. گو اهو دماغ جو روڳ ڪونه هو. ڪتي جي ساٿس گڏ رهي ته هو اهو روڳ وهائيندو رهندو ۽ ڪتي اُن کي ڌارڻ ڪندي رهندي. اُن مان هڪ اهڙو انسان پيدا ٿيندو جو ٽٽل دماغ ۽ وهندڙ روڳ جو سلسلو ڪٽي ايندو جو شروع کان هن جي هستيءَ کي ناڪاريندو ايندو ۽ هڪ ڏينهن جڏهن ڏهري سوير سان هو سندس انتظار ڪندو ته اُهو کيس سڃاڻڻ

ڪان ۽ انڪار ڪري ڇڏيندو.

هن سمجهيو ته هو ٻاڪ مان نڪري ويو آهي ۽ اُن ۾ ڀتا گهڻي آيو آهي. هو ڀتا وانگر آنيدي ۾ پنهنجي ڪمزوري ڏسي ڏسي هيٺ زمين تي اوڪڙون ويهي رهيو آهي ۽ گوڏن تي هٿ رکي درد جي دانهن ڪري رهيو آهي — درد، جڏهن اَزحد ڪان وڌي ويندو هو ته هو رڙ ڪري چوندو هو اَڙي، موڪي ڪٿي منهنجو درد ڪيو. هن ڪاسائن کي جانورن جو ماس ڪٽيندي ڏٺو آهي. ڪيئن نه تکين ڇرين سان ڪلون ڪٽي سڏيون ڪيندا آهن. هن پنهنجي خيالي درد سان وقلندڙ شريو لاءِ ٻرڪ انين چاهيو. تسون ڇيري اُن جو درد ڪيهو وڃي. پوءِ اَلڳ اَلڳ مرده ٽڪرا هٿ هٿ لٽڪايا وڃن جيئن اُهي ڪڏهن درد محسوس نه ڪن.

دروازي تي کٽ کٽ ٿي. ڪانئس ڇرڪ نڪري ويو. هن ڀانيو هو اُٿيو ته سندس عضوا ڪري پوندا. ڪير هوندو؟ ڪنتي هجي نه؟ نه ڪنتيءَ کي هو پنهنجا عضوا ميڙڻ لاءِ ڪونه چوندو. ٻر اُن جي اَڳيان هو ٻاڪ ۽ ميڙي ڪونه سگهندو. ڪنتيءَ جي اڳيان اڇڻ جي منجهس بلڪل همت ڪونه هئي. ٻيو جي ڪنتي هوندي ته هو ڪانئس ٻچي ۽ ڪونه سگهندو. پوءِ ڪنتي واعدي جي ياد ڏياريندي ۽ واعدي کي

ٻورو ڪرڻ جي سڪيم ناهيندي ۽ هر موڙ اسٽريءَ وانگر چوندي "اسانجو پنهنجو هڪ گهر هوندو، تون هوندين، مان هونديس ۽ ... ۽ ..." ۽ "ڪجهه ڪونه هوندو"، هن کان اوچتو رڙ نڪري ويئي ۽ اُٿي وڃي هن در کوليو.

ٽوسٽ بنگلي جي ڪمپنيءَ جو ويٽر هو. لنچ لاءِ آرڊر وٺڻ آيو هو. هن دريءَ مان چيو "ڪجهه به نه." پوءِ ڏڪندڙ آواز ۾ چيائين، "منهنجو سامان ٻڌڪ ڪر. مان — هيٺڙو ٿي —."

"ڪهاڻيڪارن جي واقفيت"

١- رام پنجواڻي : سنڌي جاتيءَ جي هڪ نياري هستي. هڪ گوناگوني شخصيت. ساهتيه جي هر شاخ- ڪويتا، ڪهاڻي، ناٽڪ، مضمون ۾ يوگ دان. رچنائن جو هڪ وڏو تعداد. 'اُنوکا آزمودا' تي ساهتيه اَڪادمي انعام.

٢- گوبند مالهي : ترقي پسند دؤر جو هڪ نمائينده ڪٿاڪار. ناول جي کيتر ۾ ڪنهن به ناول نويس کان وڌيڪ لوڪ پريتا حاصل ڪندڙ ليکڪ. ڪجهه مضمون ۽ تنقيدي ليک به لکيا آٿائين. ٻه درجن کن ڇپيل ڪتاب. 'پيار جي پياس' تي ساهتيه اڪادمي انعام.

٣- سگن آهوجا : روايت ۾ رهي روايت کان اَلگ پنهنجي فن ۽ شخصيت جي سڃاڻپ پيدا ڪندڙ انسان پرست ڪوي- ڪهاڻيڪار. ڪهاڻين ۾ منو وگياني بوجهه. ڪهاڻين جا مجموعا : 'عيش جي قيمت'، 'ٻي آگ'، جلن تا پروانا'.

٤- اي. جي. اُتم: ساهتيه ۾ ترقي پسند نظريي جي ترجماني ڪندڙن مان هڪ. ڪهاڻيڪار، مضمون نويس ۽ آلوچڪ. پترڪارتا جي کيتر ۾ مخصوص خدمتون. عرصي تائين 'نئين دنيا' ۽ 'سنڌو سماچار' جو سمپادڪ. سوويت لئنڊ نهرو انعام حاصل ڪندڙ ليکڪ. ڪهاڻين جي مجموعي 'ڪشمڪش' کان سواءِ اَڌ درجن ڪتاب.

٥- آنند گولاڻي: آزاديءَ بعد جي سنڌي ڪهاڻيءَ کي اوج ڏيندڙن مان هڪ. ڪهاڻين ۾ سنڌي جيوت جا کي زوردار چٽ ۽ پڻ طنز جي ڪامياب اُڻت. ڪهاڻين جي هڪ وڏي انداز سان گڏ هڪ ناول 'مچو' به لکيو اٿائين.

٦- کيرت ٻاٻاڻي: ترقي پسند نظريي وارو شهرت يافته مضمون نويس، نقاد ۽ ڪهاڻيڪار. کي شاعراڻيون رچنائون به. 'سنڌو ڌارا' جو سمپادڪ. سنڌيت جي

ڪندڙ ليکڪ، سمپادڪ. ڪن معياري ڪهاڻين جي ڏين. لوڪ ساهتيه تي اٽڪل ڏيڍ درجن ڪتاب. ڪهاڻين جو انتخاب 'دستاويز'.

١٣- موهن ڪلپنا: سنڌي ڪٿا ساهتيه ۾ هڪ اهم نالو. ڪهاڻيءَ کي نئون موڙ ڏيئي جديديت جي سرحد تائين پهچائيندڙ ليکڪن مان هڪ. ڪهاڻيءَ کانسواءِ ناول، ڪويتا، تنقيد، جيوني ۽ ادبي بحث ۾ سنجيده يوگدان. سنڌ جو هر دل عزيز اديب. ڪهاڻين جا مجموعا: 'موهي نرموهي'، 'چانڊني ۽ زهر' ۽ 'فرشتن جي دنيا'.

١۴- گنو سامتاڻي: شهرت يافته ڪهاڻيڪار. 'اَپراجتا' تي ساهتيه اڪادمي انعام.

١٥- ڪي. ايس. ٻالاڻي: ٿورو پر ملهائتو لکي ادبي تواريخ ۾ جڳهه جوڙيندڙ ڪهاڻيڪار، چترڪار. ڪهاڻين ۾ گهري منوگياني اوک ڊوک. ڪهاڻين جو انتخاب: 'پويا ۽ ڪرانتي'.

١٦- لعل پشپ : سنڌي ڪهاڻيءَ ڪي اتروڪي ڏسا
ڏيندڙ وچين پيڙهيءَ جو اهم
ڪهاڻيڪار جنهن هر نئين پرواهه
جو ساٿ ڏنو آهي. ڪٿا ساهتيه-
ڪهاڻي ۽ ناول جو وياپڪ سرجن.
ويهارو ڪتاب شايع ٿيل. 'هن جي
آتم جو موت' تي ساهتيه اڪادمي
انعام.

١٧- ايشور چندر : نئين ڪهاڻيءَ جي دؤر جو هڪ
نهايت ئي پختو ليکڪ. وچولي ۽
هيٺين وچولي طبقي جي زندگين
جي ٽٽندڙ حوالن جو پارکو چترڪار.
هندي ڪهاڻيءَ جي همعصر
ڪهاڻيڪارن ۾ سريکي ساک.
راجستان ساهتيه اڪادميءَ طرفان
انعام. ڪهاڻين جا مجموعا: 'ٽڏا چپ'
'مٿل ماڪوڙو'، 'پنهنجي ئي گهر ۾'.

١٨- وشنو ڀاٽيا : نوجوان پيڙهيءَ جو بي باڪ ليکڪ
جنهن عمومن پنهنجي ڪهاڻين ذريعي
واد وواد کي جنم ڏنو آهي. ڪهاڻين

۾ شهري زندگيءَ جي ويچارگين ۽
لعنتن جا تکا عڪس. ڪهاڻين جا
ڪي چونڊ مجموعا: 'دل جي بستي'
'چندرمکي'، 'ٽٽل عڪس جو جوڙ'،
'سج جا ٽڪر' وغيره.

١٩- آنند کيماڻي: جديد ڀاو ٻوڌ جي هلچل جو هڪ
زوردار ليکڪ. ٽيئين ليکڪن (ڪهاڻي
ڪويتا ۽ ناول) ۾ تجرباتي ڀومڪا.
ڪهاڻين جا مجموعا: 'لڇي'، 'نومبر
جي آخري رات' ۽ پڻ ٽيئين ڪويتا
جو مجموعو: بيمار پيڙهي.

٢٠- شيام جيسنگهاڻي: همعصر دور جو هڪ باشعور
ليکڪ. ڪٿا ساهتيه ۾ ذهنيت ۽
اظهار جي سطح تي نين سمتن جي
تلاش ڪندڙ ڪلاڪار. ڪهاڻين
جي مجموعن 'ننگو آسمان'، 'ٽونگو'
ڪانسواءِ 'ڪچا ڌاڳا' ۽ 'ڪاهيءَ جي
چوطرف' ناول.

٢١- هريش واسواڻي: نئون ڪوي، ڪهاڻيڪار ۽
آلوچڪ. چيهل ڪتاب، ڪويتائن
جو مجموعو: '٧٦ - ٤٠'.

PARMANAND GHANSHYAMDAS
PRIVATE LIBRARY
Book No. 2117
BOMBAY 77